لوڪ ادب سلسلي جو ستون ڪتاب

هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا

مرتب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
صدر شعبه تعليم، سنڌ يونيورسٽي
۽
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
ڪراچي - حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
١٩٦١ع

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سوره· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

ڇاپو ٻهريون   جولاءِ ١٩٦١ع   ڪاپيون ٢ هزار

سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم

قيمت ٥-٠-٠

هيءُ ڪتاب مئنيجر، سنڌ پرنٽنگ پريس گڊس ناڪو، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي ۽ حيدرآباد سنڌ پڌرو ڪيو.

مهاڳ

سنڌ جي 'لوڪ ادب' کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز سنه ١٩٥٥ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي سامهون رکي وئي، جا ١٩٥٦ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ١٩٥٧ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ذيل هدايتن موجب، ڀهراريءَ سان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 'سنڌي لغت آفيس' سان گڏ لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيٽي صاف ڪري ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، ١٩٥٧ع ۽ ١٩٥٨ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اتاريو، ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري، سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي، جو ان جي

Soorih Mirani

آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر پاڱي بابت، نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٽيه اکريون، ڪافيون وغيره؛ مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينه 'فوڪلور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ جي شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو، يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حدفاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي؛ ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سچو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ جڻ ته اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ جي برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس ۾ بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب

اميد ته آئينده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جي تحريڪ جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي، مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلص جون ڪوششون شامل آهن، اول ته 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي، جن هن تجويز کي ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو، ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسوّدا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي پاڻهن پيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ، ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

هي ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو **ستون** ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو، سڄي مواد کي چڪاسي، مختلف روايتن کي پيڻي، ترتيب ڏيئي، نومبر ١٩٦٠ع ۾ ڪتاب جو مسوّدو تيار ڪيو ويو، ۽ اپريل ١٩٦١ع ۾ مسوّده جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني وئي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد يوسف شيخ ۽ محترم اسدالله شاهه "بيخود" هن ڪتاب جي مواد کي اتاري، يڪجاءِ ڪرڻ، مختلف روايتن کي پيڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، ۽ محترم شيخ محمد اسمٰعيل ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي، ۽ ڪتاب جي مسوّده تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

محترم اختر علي، مئنيجر سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪتاب کي

Soorih Mirani

جلد ۾ سهڻي نموني سان ڇاپڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پروف ولي محمد طاهرزادي پڙهيا.

حيدرآباد سنڌ
۱۰- جولاءِ ۱۹۶۱ع

خادم العلم
نبي بخش

Soorih Mirani

عنوانن جي فهرست

هفتا (ص ١—٦١)

عنوان	شاعر	صفحو
هفتو: سسئي	بخش علي جتوئي	١
هفتو: سسئي	ولي ولهاري	٥
هفتو: سسئي	ڀيڙل فقير	٦
هفتو: مارئي	عبدالله ڏکڻ	٨
هفتو: مارئي	علي محمد جسڪاڻي	١١
هفتو: مارئي	احمد خان "آصف"	١٣
هفتو: مارئي	احمد خان "آصف"	١٤
هفتو: مارئي	مرزا گل حسن "احسن" ڪربلائي	١٦
هفتو: مارئي	نوح ڀنور	١٧
هفتو: مارئي	سالار ڀلي	٢٠
هفتو: مارئي	قاضي احمد	٢٣
هفتو: سلوڪ	حمل فقير لغاري	٢٨
هفتو: سلوڪ	محمد فقير ڪنڀار	٣٠
هفتو: رامڪلي	حسين بخش "خادم"	٣٢
هفتو: رامڪلي	عارب فقير	٣٥
هفتو: ڪاپائتي	صوفي آسورام	٣٧
هفتو: ڪاپائتي	... ...	٤٠
هفتو: سينگار	وٽ باڪڙو	٤١
هفتو: مجاز	شيخ ابراهيم	٤٣
هفتو: مجاز	شيخ ابراهيم	٤٣

هفتو: مجاز	نم مگنهار	۴۵
هفتو: مجاز	ملا بخش سومرو	۴۷
هفتو: مجاز	رمضان واڍو	۵۰
هفتو: مجاز	عبدالرحيم دارو غو	۵۲
هفتو: مجاز	... ...	۵۴
هفتو: مجاز	... ...	۵۶
هفتو: مجاز	شبير علي شاهه "هاتف"	۵۷
هفتو: مجاز	امداد علي شاهه "امداد"	۵۹
هفتو: ڏڻ وار	يوسف	۶۱

ڏينهن (ص ۶۲—۹۷)

چهه ڏينهن : سسئي	پريل ڪالرو	۶۲
ست ڏينهن : سلوڪ	عارب فقير چتوئي	۶۶
چوڏهن ڏينهن : مارئي	چام خان چانڊيو	۶۸
چوڏهن ڏينهن : رامڪلي	... ...	۷۳
ٽيهه ڏينهن : سسئي	پڌل فقير	۷۶
ٽيهه ڏينهن : مارئي	عبدالمجيد "ماجد"	۸۳
ٽيهه ڏينهن : رامڪلي	شاهه عبداللطيف ڀٽائي	۸۷
ٽيهه ڏينهن : رامڪلي	غلام حيدر "تيرهو"	۹۳

راتيون (ص ۹۸—۳۹۱)

نَو راتيون : سسئي	گل محمد کوسو	۹۸
ڏهه راتيون : سسئي	شيخ سنگر	۹۹
ڏهه راتيون : ڪيڏارو	صالح علي شاهه	۱۰۰
ٻارهن راتيون : مناجات نبي صلعم	عبدالله ڏڪڻ	۱۰۳
پندرهن راتيون : سسئي	سجاول ورڙ	۱۰۶

پندرهن راتيون : سسئي	چام خان چانڊيو	١٠٨
پندرهن راتيون : مارئي	... ...	١١١
پندرهن راتيون : مارئي	مانجهي	١١٨
ويهه راتيون : سسئي	چام خان چانڊيو	١٢١
ويهه راتيون : مارئي	ڪانهيو مينگهواڙ	١٢٦
ويهه راتيون : مناجات نبي صلعم	عبدالله ڍڪڻ	١٣٢
ٻاويهه راتيون : مجاز	اويس جت	١٣٧
چوويهه راتيون : مارئي	رمضان	١٤١
ٽيهه راتيون : مارئي	عارف ڪلهوڙو	١٥٠
ٽيهه راتيون : مارئي	شير محمد لغاري	١٧٨
ٽيهه راتيون : مارئي	علي اڪبر جوکيو	٢١١
ٽيهه راتيون : مارئي	حاجي حقير	٢٤١
ٽيهه راتيون : مارئي	شير محمد چغدو	٢٧٤
ٽيهه راتيون : مارئي	محمد اعظم هگورو	٢٩٠
ٽيهه راتيون : مارئي	حافظ حامد ٽکڙائي	٣٠٢
ٽيهه راتيون : مارئي	ملا محمود ٻلي	٣٠٧
ٽيهه راتيون : مارئي	ملا محمود ٻلي	٣١٥
ٽيهه راتيون : مارئي	زمان شاهه "ساقي"	٣١٧
ٽيهه راتيون : مارئي	رستم فقير رند	٣٢٤
ٽيهه راتيون : مارئي	رستم فقير رند	٣٢٥
ٽيهه راتيون : مارئي	محمد شريف جوکيو	٣٢٩
ٽيهه راتيون : مارئي	صاحبڏنو شاهه	٣٣٣
ٽيهه راتيون : مارئي	محمد خان غني	٣٤١
ٽيهه راتيون : مارئي	ٻانڌي آريسر	٣٥٠
ٽيهه راتيون : مارئي	طاهر پير	٣٥٤
ٽيهه راتيون : مارئي	محمود ٽالپر	٣٥٨
ٽيهه راتيون : مارئي	... ...	٣٦١

ٽيهہ راتيون : سلوڪ — صالح علي شاهہ — ٣٦٥
ٽيهہ راتيون : مستي — زمان شاهہ ”ساقي“ — ٣٧٢
ٽيهہ راتيون : مستي — آچر فقير — ٣٧٩
ٽيهہ راتيون : مستي — صوفي آسورام — ٣٨٥
ٽيهہ راتيون : سورٺ — ملان بخش سومرو — ٣٩١

مهينا (ص ٣٩٨—٤٢١)

ڇهہ مهينا : مارئي — ”مونس“ هالائي — ٣٩٨
ٻارهن مهينا : لولي — رمضان واڍو — ٤٠٠
ٻارهن مهينا : نصيحت — صوفي آسورام — ٤٠٤
ٻارهن مهينا : مجاز — هدايت علي ”تارڪ“ — ٤٠٧
ٻارهن مهينا : مجاز — مخدوم محمّد زمان ”طالب المولى“ — ٤١٢
ٻارهن مهينا : — رستم رند — ٤٢١

ام للانسان ما تمنى ○ فلله الاخرة والاولى

مقدمه

’هفتا‘، ’ڏينهن‘، ’راتيون‘ ۽ ’مهينا‘ جي هن ڪتاب جو موضوع آهن، سي هڪ خاص قسم جا عنوان آهن جن جي سري سان شاعرن پنهنجا شعر جوڙيا آهن؛ هيئت جي لحاظ سان اهي جڻ سانچا يا قالب آهن جن ۾ شاعرن پنهنجا بيت ۽ بند سموهيا آهن. انهن عنوانن ۽ قالبن جي انهن نالن جي ھوندي احساسن ۽ ڪيفيتن جو داستان پنهان آهي، جنهن جي اثر سببان ئي انهيءَ قسم جا شعر آسريا ۽ رائج ٿيا.

اصلي مضمون

فراق، سڪ ۽ وڇوڙو انهن شعرن جو اصلي مضمون ۽ محرڪ جذبو آهي. عاشقن، سالڪن، ۽ سڪ وارن جي زندگيءَ جون گهڙيون ڪيئن گذرن ٿيون، ڏينهن ۽ راتيون ڪيئن لنگهن ٿيون، هفتا ۽ مهينا ڪيئن پڄن ٿا، مندون ۽ سال ڪيئن پورا ٿين ٿا — اهو عشقيه شاعريءَ جو مکيه داستان آهي. هر وقت ۽ ويلي سڄڻ ياد اچن، ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون سڄڻ کي سارڻ سچيءَ محبت جو هڪ ادنيٰ ڪرشمو آهي. ڪنهن سڪ واري جي زبان بيان ڪجي ته چئبو: ”ڪالهه ساڳيءَ هن گهڙي گڏ هئاسون؛ سڀاڻي ملڻ جو وعدو آهي؛ سومر ڏينهن نه ته من اڱاري ڏينهن اچي؛ هيءُ ٻيو هفتو وڃان گذري ويو آهي؛ من ايندڙ مهيني ملاقات ٿئي.“ اهڙيءَ طرح ڪالهه، اڄ ۽ سڀاڻي، ڏينهن ۽ راتيون، سومر ۽ اڱارا، هفتا ۽ مهينا محبت جي سلسلي جون ڪڙيون آهن، يادگيرين جا آثار ۽ اهڃاڻ آهن. ساڳيا وقت ۽ ويلا، ساڳيون ملون ۽ مندون، ساڳيا ماڳ ۽ مجلسون — سڄل

Soorih Mirani

يادگيرين کي جاڳائين ٿيون، گذريل گھڙين کي جيارين ٿيون ۽ اڳين اوقاتن کي اڀارين ٿيون. ٻور ۽ اوقات يادگيرين جا قاصد آهن ۽ سڪايل دلين جا سوار آهن: ڪڏهن لهن ٿا ته ڪڏهن چڙهن ٿا، ۽ جڏهن چڙهن ٿا تڏهن سُتا جاڳائين ٿا، بلڪ مُئا جيارين ٿا.

محبت ۽ مجاز واري شاعريءَ ۾ هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا مقبول عنوان آهن، ڇاڪاڻ ته اهي الفت جا اهڃاڻ آهن، يادگيرين جا نشان آهن ۽ سڪ وارن جي تمنائن جا داستان آهن. انهيءَ قسم جا عنوان سنڌي کان سواءِ ٻين ٻولين جي عشقيه شاعريءَ ۾ به مروج ۽ مقبول آهن. خاص طرح مهينن جو عنوان پاڪستاني ٻولين مان سنڌي، بنگالي توڙي پنجابيءَ ۾ عام آهي. مغل دور جي مشهور بنگالي شاعر قاضي دولت "بارا ماشا" (ٻارهن مهينا) ڇيا جي بنگالي شاعريءَ ۾ اهم درجو رکن ٿا. پنجابيءَ ۾ به "باره مانهه" صنف عام آهي؛ انهيءَ کان سواءِ پنجابي شاعرن 'آٺ وارا' ڇيا آهن، جي سنڌي 'هفتن' جي برابر آهن. البت سنڌيءَ ۾ هفتن ۽ مهينن کان سواءِ، 'ڏينهن' ۽ 'راتين' کي جنهن هنرمنديءَ ۽ تفصيل سان نباهيو ويو آهي، اُن جو مثال ٻين ٻولين جي شاعري ۾ نٿو ملي.

سنڌي شاعريءَ ۾ اهي عنوان غالباً اول اول محبت جي ماجرا بيان ڪرڻ خاطر استعمال ٿيا، هن مجموعي ۾ به ڏهه هفتا (۱۴–۵۹) هڪ راتين جو عنوان (۱۳۷) ۽ ٽي 'ٻارهن مهينا' عنوان (۳۰۷، ۳۱۲ ۽ ۳۲۱) محبت ۽ مجاز متعلق آهن. بعد ۾ اهي عنوان عاشقانه قصن جي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا، ڇاڪاڻ ته انهن قصن- مثلاً سسئي پنهون، عمر مارئي، سورٺ راءِ ڏياچ وغيره- ۾ به وڇوڙي، سڪ ۽ فراق جو مرڪزي پهلو موجود آهي. هن مجموعي ۾ هفتن، ڏينهن، راتين ۽ مهينن جي چُونڊ عنوانن مان گھڻي ۾ گھڻا عشقيه قصن جي تاڃي پيٽي ۾ آڻيل

آهن. ڪن صوفي شاعرن، سلوڪ جي نُڪتن ۽ نصيحتن کي ورجائڻ خاطر بہ انهن عام مقبول عنوانن کي استعمال ڪيو. جيئن تہ هن ڪتاب ۾ بہ ڪي هفتا، ڏينهن، راتيون توڙي مهينا جيڪي سلوڪ، رامڪلي، ڪاپاٽي يا نصيحت جي مضمونن سان نروار ڪيل آهن سي تصوّف ۽ سلوڪ جي رنگ ۾ رتل آهن. بهرحال محبت ۽ مجاز، داستان ۽ قصا، سلوڪ ۽ نصيحت تي مکيہ مضمون آهن، جن تي 'هفتا'، 'ڏينهن'، 'راتيون' ۽ 'مهينا' چيا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ هڪ 'ٻارهن مهينا' عنوان، چوٽيءَ جي لحاظ کان "لولي" آهي (٤٠٠) پر ان جو مضمون عاشقانہ آهي.

اندروني سٽاءَ

هر عنوان هيٺ چيل بيتن ۽ بندن ۾ شاعرن پنهنجي هنربندي سان عجب قسم جي مٺ مٺ ڪري رنگيني پيدا ڪئي آهي، جنهن جي هيٺ مختصر طور وضاحت ڪئي وڃي ٿي.

(الف) هفتا: عموماً هفتا ڇنڇر جي ڏينهن کان شروع ٿي، جمعي جي ڏينهن تي ختم ٿين ٿا. پر ڪن شاعرن، مختلف ڏينهن کان پنهنجا هفتا شروع ڪيا آهن. عارب فقير (٣٠)، هڪ نامعلوم شاعر (٤٥)، شبير علي شاهہ (٥٧) ۽ يوسف (٦١) جا چيل هفتا، ڇنڇر بدران جمعي کان شروع ٿين ٿا؛ صوفي آسورام جو چيل هفتو (٣٧) آچر کان شروع ٿئي ٿو؛ ٻئي هڪ نامعلوم شاعر (٤٠) ۽ امداد علي شاهہ (٥٩) جا چيل هفتا خميس ۽ سومر کان شروع ٿين ٿا.

اڪثر شاعرن، هڪ ڏينهن لاءِ هڪ بند يا بيت چيو آهي، پر ڪن شاعرن هڪ جي بدران ٻہ بند يا بيت چيا آهن، جيئن تہ نوح ڀنور (١٧) هر ڏينهن لاءِ ٻہ بيت چيا آهن. ٻيلي جي شاعر وٽ ٻاڪَڙي جو چيل هفتو (٤١) مضمون توڙي سٽاءَ جي لحاظ سان انوکو آهي: شاعر هڪ يڪي بيت ۾ هفتي جي سٽاءَ توڙي سينگار جي مضمون کي سهڻي نموني ۾

نباهيو آهي، هن ٻهرين ٻنجن مصراعن ۾ هفتو ٻورو ڪري، باقي بيت محبوب جي سونهن ۽ سينگار بابت چيو آهي. قاضي احمد (۲۳) هفتي ٻڃاڻا، ٽيهہ راتيون بيان ڪيون آهن. عارب فقير (۳۵) هر ڏينهن واري بند جي آخر ۾، ايندڙ ڏينهن نهايت خوبيءَ سان نروار ڪيو آهي. مثلاً:

ڪري سُرت سنيار، چوها "چنڇر" ڏينهن تي.

—

چوها "چنڇر" ڏينهن تي، ويا مٺي ماڳ مڪان.

(ب) ڏينهن: هن عنوان هيٺ اُن شاعرن جو ڪلام شامل ڪيو ويو آهي، جن مان ڇهن شاعرن، ٻيدل فقير (۷٦)، عبدالمجيد 'ماجد' (۸۳)، شاه عبداللطيف رح (۸۷) ۽ غلام حيدر تيرهي (۹۳) مڪمل ڏينهن نظم ڪيا آهن، ۽ باقي شاعرن سلسليوار ڇهہ، ست ۽ چوڏهن ڏينهن چيا آهن.

(ج) راتيون: گهڻو ڪري شاعرن هڪڙي رات لاءِ هڪڙو بند يا بيت چيو آهي، ٻر گل محمد ڪوسي (۹۸) ۽ شيخ سنگر (۹۹) هڪڙي ئي بيت ۾ نَوَ ۽ ڏهہ راتيون چيون آهن. مارئيءَ جي عنوان واريون راتيون گهڻو ڪري ڏکيون ۽ خاص نوعيت واريون آهن؛ مثلاً عارف ڪلهوڙي (۱۰۰)، شير محمد لغاري (۱۷۸)، علي اڪبر جوکيي (۲۱۱) ۽ حاجي حقير (۲۴۱) ٻنهنجي چيل راتين ۾ ٻهريائين تمهيد طور ڪي بيت چئي، ٻوءِ راتيون چيون آهن، ۽ انهن راتين ۾ هڪ بند يا بيت ۾ مارئي جو سوال آهي تہ ٻئي بند ۾ عمر جو جواب آهي. رمضان واڍي ٻنهنجي چيل راتين (۱۴۱) ۾ ٽيهہ اڪريءَ کي ٻڻ شامل ڪيو آهي، ۽ ٻهريون بند رات جو تہ ٻيو ٽيهہ اڪري جو چيو اٿس. مثلاً:

ٻهريون بند: عمر آيس "ٻهرين" رات...الخ.

—

ٻيو بند: الف آسيدان منهنجي سن...الخ.

مل محمود ٻلي (٣١٥) هر بند ۾ ٻه راتيون چيون آهن، جيئن ته:

ٻس رات "ٻهرين" ٻرين ڪان ٻري،
آئي ٻاڦ "ٽيءَ" تي سا دونهان ڪري.

(د) مهينا: هن عنوان هيٺ ڇهن شاعرن جو ڪلام شامل آهي، جن مان مونس هالائي جا چيل ڇهه مهينا (٣٩٨)، رمضان واڍي (٤٠٠) ۽ رستم رند (٤٢١) جا چيل ٻارهن مهينا هجري سال جي مهينن مطابق آهن، ۽ صوفي آسورام (٤٠٣) ۽ هدايت علي تارڪ (٤٠٧) سنبت جي مهينن کي منظوم ڪيو آهي. مخدوم محمد زمان "طالب المولا" (٤١٢) وري عيسوي سال جا ٻارهن مهينا چيا آهن جنهن ۾ مجازي مضمون کي سهڻي نموني ۾ ادا ڪيو ويو آهي.

مواد جي نوعيت ۽ ترتيب

هن ڪتاب ۾ سلسليوار جملي ٣١ 'هفتا'، ٨ 'ڏينهن'، ٣٧ 'راتيون' ۽ ٦ 'مهينا' شامل آهن. اهو سڄو شعر ٦٢ شاعرن جو چيل آهي، جن مان ٽيهه فوتي، سترهن زنده ۽ ڇهه گمنام آهن. انهن ڇهن گمنام شاعرن کان سواءِ، باقي ٥٦ شاعرن مان ٣٧ شاعرن جون سوانح عمريون ڪوشش ڪري هٿ ڪيون ويون آهن ۽ اهي مختصر طور متن ۾ ڏنيون ويون آهن. ڪتاب جو گهڻو مواد سڄو نئون آهي ۽ ٻيهريون دفعو شايع ٿي رهيو آهي، فقط هڪ 'هفتو' (٦)، هڪ 'ڏينهن' جو شعر (٨٧)، ٻه 'راتين' جا شعر (٩٩ ۽ ٣٠٧) ۽ هڪ 'مهينن' جو شعر (٣٩٨) اڳ ڇپيل آهن.

هن مجموعي ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽو ڪلام، رامڪليءَ جي سُر مان شاه عبداللطيف (وفات ١١٦٥ ه) جا چيل 'ٽيهه ڏينهن' آهن (٨٧)؛ آڳاٽي ۾ آڳاٽا چيل 'هفتا' شيخ ابراهيم (وفات ١٢٣٠/١٨٠٠؟) جا آهن (٤٣)؛ آڳاٽي ۾ آڳاٽيون چيل 'راتيون' غالباً سورٺ جي سر مان چيل ڇهه 'راتيون' آهن (٩٩) جي

شاھہ جي رسالي جي قلمي نسخن ۾ ملن ٿيون، ۽ آڳاٽي ۾ آڳاٽا ’مھينا‘ رمضان واڍي (وفات ١٣٣٠ھ) جا چيل آھن (٣٠٠). انھيءَ معلومات جي بناء تي چئبو تہ انھن عنوانن تي چيل شعرن جو سلسلو گذريل سوا ٻن سؤ ورھين کان وٺي جاري آھي.

شعر جي ھنن ڇهني صنفن تي عام سنڌي شاعرن توڙي نون پختہ مشق شاعرن طبع آزمائي ڪئي آھي، ۽ شامل ڪلام ۾ نج سنڌي بيتن ۽ بندن وارا شعر توڙي بحر وزن تي چيل شعر شامل آھن. بيتن ۽ بندن ۾ چيل شعرن جو عدد ٥٣ آھي ۽ بحر وزن جي سانچي ۾ سموھيل شعرن جو تعداد ٢٩ آھي. ڪن شعرن ۽ شاعرن جي صحت تحقيق طلب آھي. صفحي ١٣١ تي شروع ٿيندڙ ’ٽيھہ راتيون‘ غالباً رمضان واڍي جون چيل نہ آھن، بلڪ ٻئي ڪنھن رمضان شاعر جون چيل آھن. صفحي ٥٠ تي درج ٿيل ’ٽيھہ راتيون‘ محمّد عارف ڪلھوڙي جون چيل آھن پر تحقيق سان چئي نٿو سگھجي تہ اھو محمّد عارف بن عبدالنبي يا ڪو ٻيو محمّد عارف آھي. صفحي ٣٥٨ تي ڏنل ’ٽيھہ راتيون‘ محمود ٽالپر جون چيل آھن پر محمود ٽالپر جا حالات بہ تحقيق طلب آھن.

ن. ب.

متن

هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا

هفتو: سسئي*

(بخش علي جتوئي)

[فقير بخش علي پٽ مراد علي جتوئي، ڳوٺ ٽنڙي چنڻي واري تعلقي لاڙڪاڻي جو ويٺل هو. سنه ١٢٣٣ھ/ ١٨١٨ع ڌاري ڄائو. شهدادڪوٽ ۾ ڪنهن بزرگ کان تعليم حاصل ڪيائين. ان بعد ڳڙهي مبارڪ ۾ هڪ خانگي مدرسي ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏيڻ لڳو. ان کان سواءِ عالم هئڻ سان گڏ طبابت به ڪندو هو. درازن جي درگاهه ۽ پاڳارن پيرن جو وڏو معتقد هو. هڪڙي مصرع ۾ هن طرح چيو اٿس:

"منصبدار معلىٰ مسند، دوست دلبر درازي"

سؤ ورهين جي ڄمار ۾، سنه ١٣٣٧ھ/١٩١٨ع ۾ وڏي بيماريءَ وگهي وفات ڪيائين.]

ڇنڇر ڏينهن ڇڳلي، آئي هلي سسئي محبت ماري:
'جاڳيس تان نه ڏٺم جت، جيڏيون! هئا هوت هزاري،
پنهل پيارو ڏير وٺي ويا، ڏار ڇڏي هيءَ ڏاري،
ڪٽڪيا ڪين ڪشيندي ڪرها، ننڊ نهوڙي ناري،
ٽر بر لڪ لنگهي ويا لانگها، ترت ڪري تياري،
پير ڪٿي مون ڪڍ ڪاهينديس، موٽان ٽيان مياري،
ڪنديس ڪيئن، آهيان اڻ سونهين، بر ٻجهن ٽا باري،
ٻاءِ پيادي پنڌ پٽر جا، واٽن تي ٻي واري،
شوق پنهل، جو پار لنگهائيندو، تار منجهؤن اڻ تاري،
ڏاڍ ڪري ويا ڏير ڏکيءَ سان، زر ٽيا ظالم زاري'.

آچر وار مڙي ساهيڙيون، سسئيءَ کي سمجهائين:

* هيءَ روايت آتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

’هيڪلي مشڪل هاڻ حين جو، ٻاهڻ ٻير پڇائين،
گورکن جا گوڙ گسن تي، ممان‘ ماهه سڪائين،
بگهڙ، ٻلائون، باندر، ٻولا، ڇوواڻان واجهائين،
شڪرا، باشا، لغڙ اکن سان، ڪاڻ شڪار ڪنائين،
نڌن نڌن نانگ، چرن ۾ چيتا، لحم لڱن جو ڪائين،
دشتي ديو راڪاسن راڙيون، لڙ لنگور مچائين،
وجهه ڏسي واسينگ وڙهن ٿا، ڊوڙي رڃ رنجائين،
گرڙ پکين جون گوڙيون جاتي، ڏينهو جان ڏکائين،
ڪيئن ڪرن رڃ روهه رڻن ۾، آب ملي نه آچاين‘.

سومر روز ڇٺي مرتين ڪي: ’ويهي ور نه وساريان،
ڪاڻ ڪاف ڇپر جو چاهي، ڏوري ڏونگر ڏاريان،
پيچ پريت پنهل جو پاتو، ساعت ساعت ساريان،
پينر! پوءِ نه ڏيو، من پهچي ٻودا جهلي ٻيهاريان،
ٻاهه برهه جي ساڻ ٻلائون بر جون مڙيئي ماريان،
لوچي لهنديس لعل لاڪيڏو، گهڙي نه هتڙي گهاريان،
پورهيت هڪ پنهل جي آهيان، وهم ڪلي ٻيا واريان،
لهندي اکين آکير، ملوڪ سان جو نت نيڻ نهاريان،
اٿم آميدان ملندو آري، صد الحمد گذاريان،
پاڻي ٻل ٻراٽيون گڏجي، هنجهون خبر ڏئي هاريان‘.

اڱاري يوم يقين سهيلين جا سڻ سخن سڄايا:
’خام خيال خارج تو خطرا آهن اصل اجايا،
ڇو ٿي حال وڃائين ورلئي، تو سان جنهن لڪ لايا؟
وسن سڪيون ور واريون، تو ڪيئن ور ڪوڻ ڏک وڌايا؟
ستي ڇڏي ويا سسئي! توکي، ڏئي سور سوايا،
ڇو وهلور وڃين تن لئي، جن چوريءَ آڻ چلايا؟
ويهه ڪيلي خوش خانگي پنهنجي، ڪر نه سنبت جا سعيا،
ٻئيءَ پٺو نه انهن جي، جو تين پنهنجا ڪين ٻرايا،

جت جُٺ جاڙ ڪري وهٺي جوڙي، او ئي اٺ مُڪلايا،
سڀ ستم اهي سسئي! تو تي، سمجهه تہ ڪانڌ ڪرايا‘.

اربعا ڏِن ٿي راهي رڙندي، ڪري وڏا وجهه وارا:
’ڳلا ڪيو نہ پنهل جي، ڳاهي دعا ڪيوس دوبارا،
ڇڏيم اباڻو ملڪ اديون! ٻن ٻون متيون مونجهارا،
ڪندي وجي وڪ وڪ ويچاري، ووءِ ووءِ پهچ پيارا!
جهاڳي پٽ پهاڙن پهتي، جاچي چاڙهين جا چارا،
وڏڙي وڪڙ، وراٽا، ويرا، گهيڙ، جبل، گهٽ، گهارا،
سخت سموم، ڏونگر ڏڪاري، ڪوهه ڪمينا ڪارا،
ٿڪيءَ ڪان پنڌ ڪين پڄي، ڪوڪ ٻنڌج ڪوهيارا!
ڏنگ ڪري ويا ڏيرڏهيرا، هيٺيءَ ساڻ هچارا،
ڏيان ڏوراپا ور ڪي، ويهي سور سٺائي سارا‘.

خميس وار ڪنيو هٿ هڪلان ڪري دڪايل دانهان:
’آءٌ پنهل! ڏس پير پاهڻ ڪيا ڇولهي ڇيتيون ڇاهان،
ڳوليندي وٺڪار وندر ۾، واليءَ ڪيڙس واهان،
صبا سلام سنيها آندس، پهڳڻ ڏيندءَ ٻانهان،
ماڳ انهيءَ تي موٽي ملندءَ، ڪيچي ڪاهون ڪاهان،
آيس هوت هاڙهي ۾، جو ٿي روز ڏٺائين راهان،
ملڻ بعد وٺي ماندائي، اڳهيون اياڻيءَ آهان،
پارئون ٻرهه بلوچ ڳيءِ، ٻن ٻردي ساڻ پناهان،
ويس وڳا پهري پوشاڪان، خوب خوشيءَ مؤن خواهان،
ور جي آئي غم ويا، ٿيون سدا سهاڳ صلاحان‘.

جمعي ڏينهن جبل ۾ جاني، دوست مليو دل جاني،
سڄ، چنڊ مٿ نہ ملائڪ فلڪي، سمرقندي نا ثاني،
ارم، عراق، عدن، عجمي، ڇا امرتسر، ايراني،
چين، چنگل، ماچين، مصر گهٽ ترڪستان، توراني،

بلخ، بخارا "بخش علي" ٿيو شام، شيراز نہ ثاني،
روسي، روم، يونان، يمن ۾، ڪُجا ڪابل ڪنعاني،
گڏجي وڃ تي ور ويو، وڙنيدي وات ويراني،
هادي هوت هلايو اڄ، ويون خبران ڪيچ خيراني،
صاب سفر ٿيو ٿرن برن جو، لڳي هنئين حيراني،
ڪلمون طيب پرم پڙهايو، مٺي نبيءَ نُوراني.
لا اله الاالله محمد رسول الله

هفتو: سسئي*

(ولڻ ولهاري)

[فقير ولڻ ولهاري معارفاڻي چانڊيو، ڳوٺ ڳاڙهي جاگير تعلقي وارهه جو ويٺل هو. سنه ٧٤-١٨٧٥ع ڌاري ڄائو. فقط قرآن شريف پڙهيل هو. ڪيتروئي ڪلام چيائين جن ۾ ڪافيون، ڏوهيڙا، معجزا، مداحون ۽ بيت مشهور آهن. سنه ١٩٥٣ع ڌاري وفات ڪيائين.]

وارن تي وصال، ڏسو اچي ڏو اديون!
چڏ چنچر چو ڪرين؟ ڪر صاحب ڪي تہ سوال،
آچر ڙي! ايندم، بيشڪ سو برحال،
سومر سڏڙا ٿي ڪيان، شل ڏسي هيڏيءَ سندو حال!
اڱاري ايندوم شل، نُور ننگي ننگپال،
ايندم ڏينهن **اربعا** جي، ڪندو **خميس** تي خيال،
پوءِ پلو ڪندم پال، جيڏيون! ڏينهن **جمعي** جي.

---

* هيءَ روايت آنڊ (تعلقي وارهه) ۾ غلام رسول جتوئي کان ملي.

هفتو : سسئي*

(بيدل فقير)

[بيدل فقير ولد فقير عبدالواسع، ڳوٺ بخشي انڙ (جنهن کي هاڻي "بيدڙي فقير جو ڳوٺ" ڪري چون ٿا) تعلقي شڪارپور ۾ ١٨٦٥ع ڌاري ڄائو. کيس 'بيدڙو فقير' به ڪري چوندا هئا. ننڍپڻ کان ئي مجذوب هوندو هو ۽ سندس سڄي زندگي مستيءَ جي حالت ۾ گذري. مرشد پير سائين پاڳاري حزب الله شاهه جي مريديءَ مان ڪافي فيض پرايائين. ١٢- آڪٽوبر ١٣٥٨ھ/١٩٣٩ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪلام "رسالو بيدل فقير" جي نالي سان ڇپيل آهي، جنهن مان 'هفتو' هتي ڏجي ٿو.]

ڇنڇر ڏينهن ڪيِ، وينگس ڇوڙيا وار،
سڏي ۽ سڏڪا ڀري، پِر لئي ڪڍي پار،
پڇي روئي پنڌ ۾، پوربي لئي پتار،
سونهارا سردار! ڏين ڪي ڪاهي ڪيچ رسائين.

آچر ڏينهن ڪيِ، ٿي منجهان خيال ڪَڙي،
هوت نه ڏٺائين هند تي، هيس جنهن سان جيءَ جڙي،
"قل هو الله" ڪَهي ڪري، هن ساري سيٽ پڙهي،
اوري ڪين آڙي، وئي ڪَهندي ڪيچ ڏٿيءَ ڏي.

سنيري سومر ڏينهن ڪيِ، ڪيائين گهور گهٽي،
ڀيني ڪين ڀنيور ۾، هلي هيڪل هڪ ڇٽي،
هن ڪي قت فراق جي ڪيو حيران هٽي،

* "بيدل جو رسالو" مطبوع ڀارت پريس جيڪب آباد، سنه ١٩٤١ع تان ورتل.

رضا منيائين ربّ جي، جيڪا واحد ڪي تہ وڻي،
ميلين شال ڏ ڏئي! هن کي ٻاروچل "ٻڍو" چئي.

سِڪ ڏنا هئس ساهہ ۾، **اڱاري** آڏ مات،
جارئون جا ڳيي جل ڪري، هلي ور لئي وڻي وات،
هڪڙو جهولو جهنگ ۾، ٻـي آج اتي اوسات،
پتوڙي پيرن سان، ڪيائين جبل هڪڙي جهات،
لس لنگهي پئي لات، ڏولاوا ڏونگر جا.

اٿي **اربعا** ڏينهن کي، ڪيائين سچيءَ دل سان سوال:
’جاني ريءَ جهان ۾، مونکي جيئڻ آهي تہ جنجال،
ڏيند يس باهہ ٻنيور کي، ويند يس مڏيون ساڙي مال،
معلوم تو کي مصطفیٰ! هن هيڻيءَ سندو حال،
ڪر ٻلا يون ٻال، مدايون ميٺي ڏٺي.‘

ٿي ڪڙي ڏينهن **خميس** جي، ٿيس البت روح اداس،
ريءَ قريبن ڪا نہ هجي، توڙي پلنگين لائي پاس،
ڏاريءَ سندو دل ۾، ڪونہ ڪيائون قياس،
هاڻ ڪاهينديس ڪيچ ڏي، توڙي مرون ڪائن ماس،
سندو لوڪ لباس، وڌي ڪين وجود کي.

ڏيئي جذبو **جمعي** ڏينهن کي، نرتئون هلي نار،
سا ويهي ور ۾ ڪينڪي، اچيس ڪين قرار،
ساڻ صفائيءَ ساهہ جي، هن کي بَر ٿيو بازار،
لڳيس ٻاڻ ٻروچ جو، پيس جيءُ جئي ۾ جار،
ڪاهہ سا تہ ڪنوار، ٿي رواني روهہ ڏي.

هفتو: مارئي*

(حاجي عبدالله دَ ڪڙ)

[حاجي عبدالله پٽ محمد فقير سومرو دَ ڪڙ، ڳوٺ الهرڪيي جلباڻي، تعلقي نصيرآباد، ضلعي لاڙڪاڻي جو رهاڪو هو. سندس جنم اٽڪل روءِ سنه ۱۲۸۷هه/۱۸۷۰ع ۾ ٿيو. روهڙيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ کان واقف هو. راڳ جو به چڱو ڄاڻو هو. هن مداحون ۽ ٽيهه اکريون گهڻي انداز ۾ چيون آهن. سنه ۱۳۴۹-۴۷هه/ ۲۸-۱۹۳۰ع ڌاري وفات ڪيائين.]

ڪريان حمد حڪيم سندو، راحم رب رحيم سندو،
نُور نبي ڪريم سندو، جنهن سِر آهي تاج ڪلاهه،
مارو مڙا ميل الله!

ڍنڍچر ڏينهن ڪيون مون آهون، غم دک درد سنديون مون دانهون،
روئندي روز نهاريان راهون، ڪئي مون عاجز اندر جي آهه،
مارو مڙا ميل الله!

آچر ڏينهن عمر جي پيش، عرض گذاريو مون دلريش،
ڪرڻ حڪايت جا ڪم و بيش، مون سان ڇڏ ٺڳيءَ جا ٺاهه،
مارو مڙا ميل الله!

سومر ڏينهن سڪان ۽ ساريان، مارن لئي ٿي هنجهون هاريان،
ساڙين منجهه گهڙيون ڪيئن گهاريان، پانيان آتش جا آڙاهه،
مارو مڙا ميل الله!

ڏينهن اڱاري عمر چام! تنهنجا طرح طرح جا طعام،

* هيءَ روايت آنر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان ”آصف“ کان ملي.

ڏوڙا ڏيب، عجيب انعام، سي سڀ ناقص نا دلخواه،
مارو منڙا ميل الله!

اربعا ڏينهن ڏيئي پُڌ گوش، فرق فراق فنا ڪيو هوش،
جهانگيڙن جو جيءَ ڪي جوش، راتيان ڏينهان سنجهه صباح،
مارو منڙا ميل الله!

ڪرڪوڙ ڏينهن **خميس** جي خيال، عمر آمير! پُڌي هيءَ حال،
جيئڻ آباڻن ريءَ جنجال، ڪانهي ربّ بنان ٻي راهه،
مارو منڙا ميل الله!

ڏينهن **جمعي** جي جيڏين ساڻ، شال مان رلنديس پنهنجو پاڻ!
گهمنديس گڏجي وطن وٽاڻ، پوندا نيڻ ٺري ناگاهه،
مارو منڙا ميل الله!

ڪيم تمام هي **هفتو** هاڻ، ملڪ ملير حقير آماڻ،
مارن سان ٿم ريجهه رهاڻ، منصف ٿي ڪر نيڪ صلاح،
مارو منڙا ميل الله!

عمر! پيا پڻ تنهنجا پاڳ، سهسين سک ۽ سهنج سهاڳ،
منهنجي ساهه سيباڻا ساڳ، پيرم پسند پڻن جا گاهه،
مارو منڙا ميل الله!

بيشڪ بيوس هيءَ بندي، تنهن سان مير! نه ڪرتون مندي،
غفلت واري لاهه گندي، جلد ڦٽي ڪر جنگ جنگاهه،
مارو منڙا ميل الله!

عمر ادا! رک شرم حياءُ، تو ۽ منهنجي، هڪ آهي ماءُ،
مان آهيان پيڻ تون منهنجو ڀاءُ، ننگ وڙ جي ڪا ڪر نگاهه،
مارو منڙا ميل الله!

ماري نفس ميڻي كر ميڻ، عمر ادا! مان تنهنجي پيڻ،
آچ نہ مونکي اوكا ويڻ، طلب خدا كان پاند پناه،
مارو منڙا ميل الله!

ناد ر! نرسيءَ ساڻ نهار، رت روئان تي زارو زار،
سانگين جي سك تن ۾ تار، محبت من ۾ ماه بہ ماه،
مارو منڙا ميل الله!

سرور ڄام سچا سلطان! عربي آحمد عاليشان!
منهنجا معاف كريو عصيان، تون آن وير! ولهين جي واه،
مارو منڙا ميل الله!

كيم كچا كل ڏوه گندا، كامل كوتي كرم كندا،
"حاجي عبدالله" سندا، كلمي ساڻ پڄائي پساه،
مارو منڙا ميل الله!
لا اله الاالله محمد رسول الله

هفتو: مارئي*

(علي محمد جسڪاڻي)

[علي محمد جسڪاڻي، تعلقي جوهي ۾ جو ويٺل هو. تعليم کاتي ۾ ملازم هو، ساڳئي تعلقي پيئُون ۾ هو. سندس
جمڻ توڙي وفات جا سنه معلوم نه ٿي سگهيا آهن.]

ڇنڇر آيم ڏينهن ڇَلِيءَ، ڏک ڏولائي ۾ پيس ڏُلي،
ورهه وڇوڙي واءُ گهُلي، قسمت آنديس قيد پَڌي،
مارن منهنجي ڪل نه لڌي!

آيو ٻيو آچر ڏينهن آڇي، پلپل مارن پور پڇي،
نڌر نماڻي ٻنڌ پڇي، عمر ادا! تون لاهه بندي،
مارن منهنجي ڪل نه لڌي!

آيو سومر ڏينهن سوير، عمر! رکيو ٿئي واڌو وير،
ربّ بنان پيو لاهي ڪير، سچ چوان ٿي صاف سڌي،
مارن منهنجي ڪل نه لڌي!

آڳ اڱاري ڏينهن اندر، پانيان تنهنجا ڪوٽ قهر،
طعام تنهنجا آهن زور زهر، عمر ادا! ڇڏ خان خودي،
مارن منهنجي ڪل نه لڌي!

آيو اربعا ڏينهن آسير، ضعف گهٽو ٿيم زور ظهير،
قيد ڪنبايس ڪوهه ڪثير، ٿر ٿوهر جي ڇانوَ ٿڌي،
مارن منهنجي ڪل نه لڌي!

---

* هن هفتي جون ٻه روايتون آتر مان غلام رسول جتوئي (تعلقو وارهه) ۽ احمد خان "آصف" (تعلقو ڪڪڙ) كان مليون.

ڏاڍو ڏينهن **خميس** خيال، جسم ورتم زور زوال،
مارن جو مت، ڪونہ مثال، ور ورتم ڪانہ ڪندي،
مارن منهنجي ڪل نہ لڌي!

جمعي جاڪون ڏينهن جلان، يار پرينءَ جي پاس پلان،
ڪايو لنبون ڪير ڪلان، ياءُ! تنهنجي مان پيڻ ادي،
مارن منهنجي ڪل نہ لڌي!

هنڌي ڏينهن نهاريان راهہ، منڙا مارو ميل اللّٰه!
ساري جن ڪي دم دم ساهہ، نيڻين وهايم نوڪان ندي،
مارن منهنجي ڪل نہ لڌي!

ملان ملان وجي ملڪ ملير، آس لاها ڻم اندر آڪير،
پڪا پسان! ٿي ساهہ سڌير، جن سان آهم حال هدي،
مارن منهنجي ڪل نہ لڌي!

نوَ لک نياپا نوان نياز، مارو منهنجا فيض فياض،
رحم پريا آهن رحمت راز، "جسڪاڻي" چئي ڪلمي ڪندي،
مارن منهنجي ڪل نہ لڌي!

لا اله الا الله محمد رسول الله

هفتو: مارئي*

(احمد خان "آصف")

[احمد خان "آصف" پٽ محمد اسماعيل مصراڻي، ٨- جولاء سنه ١٣٤٠هه/١٩٢٢ع تي ڳوٺ منوهر تعلقي ڪڪڙ ۾ ڄائو. ١٩٣٦ع ۾ فائنل امتحان پاس ڪري تعليم کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هن وقت ڪڪڙ ۾ ماستر آهي. عربي، فارسي ۽ اردو جي به چڱي ڄاڻ اٿس. شاعري ۾ سندس استاد حافظ محمد "احسن" آهي].

(١)

چنچر ڏينهن چني، آئين عمر چام! تون،
روئندي ريدارن لئي بَري آهه پني،
لوئي لاهيان ڪينڪي ڏوٿين ڏاج ڏني،
ڪنديس ڪانه ڪني، اچي عمر ڪوٽ ۾.

آچر ڏينهن آپاڪ، آيم اباڻن جا،
چڙڪَن چِڪَن چيت ۾، چوڙيلين جا چاڪ،
مارو "مصراڻي" چئي، اٿم پيچ پياڪ،
آڏين پکا پٽ تي، ڏکن ڏسي ڏاڪ،
آهن آهي ڪينڪي هندن جا هيراڪ،
غمن ڪيس غمناڪ، ڏُکن ڏيل ڏڪايو.

اڱاري ته اڱَر، جلي منهنجي جان ٿي،
سمايا اٿم ساهه ۾ سهڻين سُور سڄر،
آڏن ٿا آڏما ڏيو، اندر مان اوپر،
مارن "مصراڻي" چئي ڪانه لڌي ڪَر،

* هيءَ روايت خود شاعر کان ملي.

مون ڏي مارو ئڙن جي ڀتي ڪانہ ڀڄ،
ادا مير عمر! موڪل ڏي تہ سڀئين وڃان.

آربعا ڏينهن اداس، آهيان ٻاندي ٻند ۾،
آئــــــي ارادي هتي قـابـو قيد ڪياس،
پنهنجي پيڪاڻن جـــي پلپل آهي پياس،
مـارن سان ملند ياس، ڏکيا ڪاٽي ڏينهڙا.

ڪلي ڏينهن خميس جـي عمر مير! آماڻ،
ملي مــــاروئڙن سان، ڪيان روح رهاڻ،
سڳين سانگين ساڻ، سان ڳل لڳي ڳالهيون ڪيان.

جمعي ڏينهن جهانگي، شل! ملندا مون مسڪين ڪي،
اچي ويهندم اوڏڙا، جي سفر ويـــا سانگي،
"احمد" آبـاڻن ٻنان هـت گهاريان آٽانگي،
وطن جو وانگي، اچــا آيـــم ڪينڪي.

•

(٢)

چڱ يم ڏينهن چنڇر جي مـارو منا،
اڄ م هت عمر ڪوٽ ۾ ڏک ڏٺا.

اچي ڏينهن آچر ڀم ڀور ڀڃ،
ڌمن نيڻ منهنجا ڏئي ڏاڙهم ڏهہ.

سڀئم ڏينهن سومر جي صدما هزار،
وهي آب اکين مان زارو قطار.

اڱاري اندر مان ٿا آڌما آٿن،
ٻري ٻاهہ جنهن ۾ ٿا جيرا جلن.

اڄي آءٌ **آربعا** تي آتي ٿيس،
هٿي قيد قسمت جي قابو ڪيس.

خميس ڏينهن تي مان ٿي ڪامان جلان،
اٿم آس مارن مان هيڪر ملان.

جمعي ڏينهن جهانگي مٿيءَ مان ملن،
سڀئي درد، غم، وهم، دل جا وڃن.

الاهي! اباڻن مان مونکي ملاءِ،
نماڻيءَ سندو عرض آگا! اگهاءِ.

———

هفتو: مارئي*

(مرزا گل حسن "احسن" ڪربلائي)

[ميرزا گل حسن "احسن" ڪربلائي ١ - مارچ ١٨٩٧ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ ڄائو. فائينل پاس ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ ۾ ملازم ٿيو. انهي زماني ۾ سندس شاعريءَ جي ابتداء ٿي. نثر ۾ سندس مضمونن کي اهم حيثيت حاصل آهي.]

ڪيو هڪ ڏينهن هيئن مارئي ٿي بيان:
ڪريان پنهنجي سورن جو هفتو عيان.

ڪيو قيد قسمت مون ڇنڇر جي ڏينهن،
مگر من مان مارن جو نڪتو نه نينهن.

پيس ڏينهن آچر جي آزار ۾،
هيم جيءُ جنجال ۾ جار ۾.

لنگهيو روئندي روئندي سو سومر جو وار،
چتا پنهنجا چوڙي چڏيم سر جا وار.

اڱاري جو آيريو سو سورن جو سج،
عمر چيو ته مون ڀانءُ کي پرت ڪج.

۽ اربعا جو ڪوٺن ۾ قابو ٿيس،
عمر جي اچي قيد ۾ مان پيس.

خبر ڪانه مارن جي آندي خميس،
وسارو ميڻن مونکي سمجهي خسيس.

جمعي ڏينهن سانگي جدا ٿي ويا،
سيئي مارئي کان خفا ٿي ويا.

انهيءَ طرح ڪئين هفتا گذري ويا،
نه ماروئڙن مان ڪي پيرا ٿيا.

اها مارئي نيٺ آزاد ٿي،
ملي مارئين شاد، ناشاد ٿي.

هفتو: مارئي*

(نوح پنهور)

[نوح پٽ محمدالله عمر پنهور ١٣٣٧ھ/١٩١٨ع ۾ ڳوٺ غلام پنهور تعلقي دادو ۾ ڄائو. ھو ٽي درجا سنڌي، ڪجهه فارسي ۽ قرآن شريف به پڙهيل هو. پني پارو ڪري پيٽ گذر ڪندو هو. مسدس مداحون ۽ ٽيهه اکريون وغيره چيل آهن. ١٥- آڪٽوبر ١٩٤٢ع/١٣٦١ھ تي وفات ڪيائين.]

ڇنڇر رات عمر ڇينو، ڏکڙو مارن ڏاج ڏنو،
حيلو ڪنهن ڪوٺ ڪونه پنو، ظالم ڪيڙو زور ظلم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

ڇنڇر سنڌو آيريم سڄ، آيم سر تي ڏولو ڏجھ،
ڪونه ڏسان پئي ڪوئي وجھ، ماري مارن جو ڏو مرم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

آچر رات آباڻن پري، اديون! آيم عمر ڪري،
جيءُ جڏو جند جان ڳري، وڏو الٽيو بار الم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

آچر آيريو شمس سڏير، تن ۾ لڳڙم تڪڙو تير،
ساريم سرتيون! ملڪ مليرن، پانيان مٽ نا باغ ارم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

سور سمايا **سومر** رات، طلب تڪي ٿي تن ۾ تات،
ورد وظائف وائي وات، ديس نه وسري هڪڙو دم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

---

* هيءَ روايت آتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان "آصف" کان ملي.

سومر آيم سرسا سُور، ٻلبل پيڙم ٻڪن ٻور،
ڪين وٺن ٿا انب انگور، ڳُٽين ڳاريو هيءَ لحم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

آئي رات اڱاري هلي، ڪانءَ ڏسان پئي ڪائي ڳلي،
قسمت قيد ۾ آئي جهلي، قيدن ۾ آ سخت ستم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

ڏينهن اڱارو اوندهه پانيان، واهه نه ويجهي ڪاڏي ڪاهيان؟
ويٺي سانگين سانگ پچايان، لکيو لوڙيان لوح قلم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

اربعا شب ٿي جيءَ ۾ جهوري، آهيان سرتيون نحس نڌوري،
عمر ڇڻو آ چوري زوري، سگ سندو نا پيس شرم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

اربعا ڏينهن آباڻي پچر، قاصد آئي ٿو نه خبر،
ڪيئن وساريان پُسيون "پنوهر" ننڊ ڦٽي، ويو فڪر فهم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

ڪيڙم رات خميس صدا، مارو ميليندم خدا!
صدقي ڪيان جند جان فدا، گهوريان تن تان جند جسم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

ڏينهن خميس اِها گفتار، ٻلبل ٻڪن جي ته پچار،
ماري مارن جي به ميار، ويڙهيچن جو اٿم وهم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

رات جمعي جي عرض اهي، هجرت دل ٿي ڪين سهي،
ڪوڙن ۾ هت ڪير رهي؟ ساڙيان سهٽا هنڌ گهم،
قادر ڪندو شال ڪرم!

ڏينهن جمعي من عرض اگهائي : ٻرور! سانگي ميل سگهائي،
مارن اوريون تار پڄائي، "نوح" ڏسي من، ڪن ڪو رحم!
قادر ڪندو شال ڪرم!

هفتو: مارئي*

(سالار بلي)

سومر رات سنگهارن کان، ڏکجي ٽيس ڏور،
آيس عمرڪوٽ ۾، سامهان ٽيم سور،
سک نہ آهي سرتين ري، ماڙين اندر مور،
آڏيءَ آباڻن جا، مونکي پلٽيو پون پور،
سمهان تان سور گهڻا، ويهان تان وهلور،
جهانگياڻيءَ سان هڙو آهي قسمت ڪيو ڪلور،
ڏکجي ويس ديس کان، ٽيس ڏاڏاڻن کان ڏور،
ساٿيهہ ري "سالار" چئي، آهن سورن مٿي سور،
وطن جي وڇوڙي جا، مونکي اندر ۾ انبور،
جڏهن ٽيندو راضي رب غفور، تڏهن لهندو لوهہ لڱن تان.

آچر رات اچي ڪري، ٽي قابو منجهہ ڪوٽن،
ساريو سنگهارن کي، روئي رت ورن،
اچي، پچي، لُوهُون ڏي ٽي، جهجي لئي جهانگين،
وسرن نٿا ويچاريءَ کي، مارو مٿان من،
ٽاڪ ٽاريلين جا، ٽا هينئين منجهہ هُرن،
ساريو سات ساهيڙين جا، آڏميو سور آٽن،
هو ٽيون ڏوڙيون ڪن ڏهرن ۾، آءَ بيوس منجهہ بندن،
سرتين جا "سالار" چئي، پلپل پور پون،
ٽا دل تي درد دکن، جهوريءَ ۾ جهانگين جي.

اڱاري رات اتهين، ٿميا نماڻيءَ جا نار،
ڳوڙها وَهي ڳلن تان، ڪري هليا قطار،
دردن جا دونهان دُکي ٽيا ڪکر ڪارونيار،

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمرڪوٽ) مان "معمور" يوسفاڻي کان ملي.

سورن اچي سڱڪا پڌا، جئن گوڙيون ڪن گجڪار،
ڏونگر ڏڪن جا وريا، جبل وڏا جهونجهار،
تهڪن مٿي تنهه چڙهيا، اچي اوڪن جا انبار،
سانگين ري "سالار" چئي، لوهن ڪئي لاچار،
جڏهن ڪرم ڪري ڪلتار، تڏهن نڪري بنديائي بند مان.

اربعا رات اوچتيون، سڙي آيون ميڙيون،
'تہ ميٺي چڏ تون من تان، پنهنجا ويڙهيچا ويڙهيون،
ڪر تون عشق عمر سان، مچ محبت جون ميڙيون،
پرچي ويهه پلنگ تي، چڏ تاڻ اهي ٽيڙيون،
ڪيئن ٽي سارا هين تن سرتين کي، جي آهن پرتن سان پيڙيون؟
تنهنجون سيئي ساهيڙيون، آهن سورن ۾ "سالار" چئي.'

خميس رات خوشيءَ جا، آيا طرحين طرحين طعام،
موڪليا ماڻهن هٿان، عمر ڪئين انعام:
'تہ ڪر قبول قرب مان، هي تحفا سڀ تمام،
ڪلي اچي ويهه ڪٽ تي، تون سمجهي محبت مام،
خوشي اچي خريد ڪر، چڏي دانهن جا دمام،
بگڙيل پاڳ بنائي چڏ، ويهي ماڙين منجهه مدام،
ٽي تون راڻي راڄ جي، هڻ حاڪماڻي هام،
سوين تنهنجا "سالار" چئي، ٽين گولا ۽ غلام،
اچيو صبح ۽ شام، نمن توکي نياز سان.'

چنچر رات چوهه مان ڪيو اهو عرض عمر:
'تہ مچ تون منت منهنجي، چڏ گهڻي ۽ گسر،
هڻ تون ٽڪون ٽر کي، جت آهي سڃ ثمر،
پاڻي ليپي نہ پاءَ کو، رکو آسرو آبر،
اڪيون آسمان ۾، آهن ڏانهن آتر،
وسي تہ واهه! نہ تہ سري جيت جانور،

اهڙي سڄي ملڪ کي، ٿي وا ڪاٿين ڏيو ور؟
ماٺهو پڇن بر ڪان، تون پڇين ڏانهن بر!
سُرت ڪر ''سالار'' چئي، مچ عمر جا اڪر،
ٿي سياٽي سڌر، مرڪي ويهه ماڙيءَ تي.

جمعي رات جوش مان، پڏي اهي پول،
آڪيم ائين عمر کي: ڪٿ هي ٽپڙ تول،
اسين تنهنجي امُلهن کي، پانيون ڪوڏا ۽ ڪچڪول،
اسان جو سيل سچ سان، اسين ڏاتي آهيون ڏول،
تون ڏيئي لالچ لعلن جي، وجهه نه هينئين کي هول،
مونکي سک نه ايندو ''سالار'' چئي، تون پڇي چڏ هي پول،
آءٌ ويندس پنهنجي وطن ڏي، ڏچندس نه ڪنهن ڏول،
مارو منهنجا ملير ۾، ڪن آباڻا الول،
ڪاهي ايندا ڪست ماز، پڇندا ڪمند ۽ ڪڙول،
مون جهلي آهي جهول، پناهه جي پرور اڳيان.

—○—

هفتو ۽ ڏيهه راتيون: مارئي*

(قاضي احمد)

ڪيان حمد حنّان هادي ۽ سندو،
مارن ساڻ ميلو مون قادر ڪندو!

اچي هت عمرڪوٽ ۾ قيد ٿيس،
ويڙهيچن جي ويچار ماري وِڌيس.

مارو مير مختار محشر جا مَل،
پيان پلر آن جي هٿان هر مهل.

ڀون ڀُور پلپل مٺي مير جا،
پَهنوارن سندي پير مَنگير جا،

عمرڪوٽ ۾ آ آسر قيد ڪيو،
قلم جو قضا جو ائين ئي وهيو.

ويڙهيچن بنان مان ويڳاڻي وتان،
ڏکن ۾ ڏکوئي نماڻي وتان.

چڱ يم ڏينهن چنچر جي مارن سڪان،
پاڙيچن پهنوارن جا وَنهيان وَٽاڻ.

اپر ڏينهن آچر ٿيس مان ڀري،
قضا جي قلم قيد قابو ڪري.

سندي ڏينهن سومر سون ڏورڻ ٿيو،

---

* هن سواد جو مدار آڌر سان غلام رسول جتوئي (تعلقو وارهه)، احمد خان "آصف" (تعلقو ڪڪڙ) ۽ محمد عمر راڄپر (تعلقو فيض گنج) کان مليل تن روايتن تي آهي.

لکيو لوح جو نيٺ لوڙڻ پيو.

روئان رت ڦڙا ڏينهن **اڱاري** اکين،
پهنوارن سندا پور پلپل پون.

اڄ ڏينهن **اربعا** تيس مان اسير،
نه ڏوٽي ڏسان ٿي نه مارو ملير.

گهڻو ڏينهن **خميس** جي آيو اهنج،
جهڄڻ ۽ جهوري پيو ريهاڙو ۽ رنج.

جمعي ڏينهن جلدي ويا جيرا جلي،
پرين کان پيس مان هتي هيڪلي.

پيم رات **ڇنڇرين** جدائيءَ سندي،
ٿئي کانه شل مون جيان کا بندي!

پري رات **پيجهي** اندر آڳ مون،
سوين سور ٿيئڙا سفر سانگ مون.

اندر محل مارڙين نه **ڏينءَ** مون تکان،
پکي لئي پهنوارن سکيو ٿي سکان.

چوٿين رات پرڀات تائين تمام،
سهلين سوا ٿي سون کاري قيام.

پنجين رات سون تات سانگين سندي،
بنان منهن مارن جي هيءَ کيئن کندي!

ڇڄي ڇه پيا مون **ڇهين** رات ڇه،
ٿيو ماه سختيءَ جي سکرات ڇه.

سنياليم **ستين** رات سانگي سويل،

کيو واءِ ويلا، کيو واءِ ويل!

اٺين کونہ اوٺي اوڏاهون آئيو،
جنهين ساڻ سون آ جنبُ جاليو.

اکين مان اڇي آب **نائين** نيو،
بادل جان پيچي جيئن کوٽين کنيو.

ڏنم کونہ ڏوٿي **ڏهين** رات تي،
پڻيندي کُٽيندي سون پرڀات تي.

آکاسيم **اکارهين** آباڻن اوطاق،
کيو قيد قابو اندر طاق.

هنيون رات **ٻارهين** فراقن ڦٽيو،
مارن آهہ سون کان چو سُنهڙو مٿيو!

تکا تير سون رات **تيرهين** لڳا،
عمر جي کيا آڄ مونکي وڳا.

چوڏهين رات چاکن اچي چوريو،
اباڻن سندو مون اچي پور پيو.

ٻچارون ڀهنوارن تي **پندرهين** کيون،
چڱيون سحل ماڙيون جي مارئي وٽيون.

سانگي جي اچي حال **سورهين** ڏسن،
نہ مهٽا ۽ طعنا مون هرگز ڏين.

سهيلين کئي رات **سترهين** صلاح،
پيا پيٽ مارئي جي پاپڙ، پلاءَ.

آباڻا جي **ارڙهين** پسن حال هي،

ڏوراپا نہ ڏين هوند مارو مونکي.

آباڻن جا **اوڏوهين** ڏني آ بندي،
عمر ساڻ مارئيءَ کا لاوان لدي.

قسم آهہ واحد جو **ويهين** آديون!
عمر سان اصلئون مون نہ لائون لڏيون.

ايڪوهين رات آيو ڏوراپو ڏکن،
هُجئي حيف مارئي! وساريئي وطن.

مارو جي منهنجي آهہ **ٻاويهين** ٻُڌن،
وساريو نہ مون آهي "حُبُّ الوَطن."

ٽمن نيڻ **ٽيويهين** ٿا ٿهہ ٿهہ کيو،
مارن کاڻ من منهنجو ماندو ٿيو.

چرن چاڪ **چوويهينءَ** مون پارڻ پريو،
ڏئي ڏينهن ٽيئڙا، ٽيم چت چريو.

ٽڏن ٿوهرن جي مون **پنجويهين** پياس،
ملڻ کاڻ مارن جي ٽيس مان آداس.

ڇويهين رات مان شال مارن ملان!
سهئي سور سختيون مان سرتين سلان.

سنڀاليم **ستاويهين** سانگي سگهر،
پري جا پيس مان ندوري نذر.

اٺاويهين آهي هيٺو حال مون،
کيو آهي قادر کهڙو کال مون!

اپر **اُوڻٽيهين** مونکي ٽيو اندوهہ،

لکيو لوح جو آهه مون کاڻ لوهه.

نه ڏٺوهون ٽکان هت عمرکوٽ ۾،
وڃان شل وري مان پنهنجي ڳوٺ ۾.

گذاريم سڄو ماهه ماتم ڪندي،
ڏٺم ڪونه اوٺي اوڏاهون ايندي.

اڃهو عاصين جو "احمد" آئيو،
ڪندو ڪاهلن تي سڄڻ سائيو.

مارن ساڻ ميلو انهن جو ٿيو،
جنهين قلب سان پاڪ ڪلمون پڙهيو.

لا اله الا الله محمد رسول الله

هفتو: سلوڪ*

(حمل فقير لغاري)

[حمل فقير ولد رحيم خان لغاري، سنہ ۱۲۲۵ھ/۱۸۰۹ع ۾ ڄائو. حمل فقير جا وڏا اصل خيرپور رياست جا رهاڪو هئا، پر پاڻ لڏي اچي ڳوٺ ميرخان لغاري لڳ تعلقي سڪرنڊ ضلعي نوابشاهہ ۾ رهايش اختيار ڪئي هئائين. هن ڪي ننڍي هوندي کان چڱي تعليم ۽ تربيت ملي هئي ۽ پاڻ بہ پڙهائيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. وقت جا خاندان ٽالپر جهڙوڪ مير علي مراد خان، مير شاهنواز خان کيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. هو لواري وارن بزرگن جو مريد هو. حمل فقير وڏيءَ عمر ۾ ۲- صفر سنہ ۱۲۹۶ھ/۱۸۷۸ع ۾ وفات ڪئي. سندس قبر ڳوٺ محمود لغاري (تعلقي سڪرنڊ) اڳيان "ابراهيم شاهہ واري مقام" ۾ آهي.]

"ذات صرف" کي **ڇنڇر** ڄاڻ،
"وحدت" کي تون **آچر** ڄاڻ.
"احديت" آهي **سومر** سارو،
"روح" چون ٿا آهي **اڱارو**.
اربعا کي تون ڄاڻ "مثال"،
"شهادت" آهي **خميس** خصال.
"جَمَعُ الاَجمع" آهہ **آدينو** (۱)،
ڇا ڄاڻي تنهن جو قدر ڪمينو.
ستني کي تون حق سڃاڻ،
يعني سڀ ئي حق سان آڻ.

---

* "ڪليات حمل" مطبوع سنڌي ادبي بورڊ پريس حيدرآباد سنڌ، سنہ ۱۹۵۷ع تان ورتل.

(۱) آدينو = آدينہ = جمعي جو ڏينهن.

آن ستن کي جنهن کنهن سڃاتو،
حق کـي ڄاڻـج حق سڃاتو.
آن ستن کي تون هڪ کري ڄاڻ،
يعني ٻيـو نـا ڪج گـمـان.
هرهڪ ۾ ڏيو تنهنجو ديرو،
آهـ ستن جـو سڀ جاء ڦيرو.
تن کي تون سمجهج منجهہ صبوح،
ستني جو آهي هڪڙو روح.
ست مـراتـب، ستئي سـات،
ستئي آهــن حق جـي ذات.
مطلقئون ٻيـو اجـمـال، تفصيل ارواح مـثـال،
"شهادت حسن" ۽ "جمع الاجمع" ان ريءَ ٻيو خيال.

—◡—

هفتو: سلوڪ*

(صوفي محمد فقير ڪنياڻ)

[فقير محمد خان ولد حيدر خان، ذات جو ڪنياڻ، ڳوٺ بوداڻي ڪنياڻ تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ سنه ١٨٨٤ع ڄاري ڄائو. هو پاڻ پير صاحب پاڳاري جو مريد هو. تصوّف جي ميدان ۾ گهڻن درويشن سان خاص صحبتون ڪيائين. خصوصاً نواب فقير ولي محمد خان لغاري ۽ پوءِ مخدوم غلام محمد صاحب سان پرت جا پيچ پاتائين. فقير جو راڳ سان خاص شوق هو. سنه ١٩٣٩ع ۾ وفات ڪيائين.]

چنچر ڏينهن چاتيءَ ۾، چيرين جا چمڪار،
سنڌ سنڌ سرندا سارنگيون، سنڌ سنڌ ساز ستار،
احمدي احوال سان، آوازي اذڪار،
"محمد" تي مهندار، سرودي سينگار ڪيو.

آچر ڏينهن عجب ٿيو، اويسي اوقات،
رڳ رڳ رقص راڳ رنگ، رموزي رسمات،
حُسن جي هُبڪار سان، حاضر حال حيات،
"محمد" جي مصلات، معنوي مذڪور ڪيو.

سومر ڏينهن سماع جو، سهڻو ٿيو سهاڳ،
سڳورو سهڻين پرين، پلو ڪولي پاڳ،
وصالي وهنوار سان وحدت واري واڳ،
"محمد" منوّر ماڳ، مقابل مقبول ڪيو.

اڱاري ڏينهن رات جو، الاهي احوال،
جلوه گر جسمات سان، جاري جوش جلال،

---

* "منطوق محمدي" مطبوع الزمان پريس هالا تان ورتل.

ڪولي ڪيل ڪيو ٿي، خوبان خوب خيال،
"محمدﷺ" بيمثال، مثل جو مسجود ٿيو.

اربعا عناصرن جو، سمجهي سارو سر،
پريمي پالوٽ سان، پي پي پيالو پُر،
ڳَڳن جي گلزار ۾، گهمن گياني گُر،
ثُريا نہ هڪڙو مر، پسڻ ڌاران پسڻ جي.

خاصو ڏينهن **خميس** جي خماريل خوشنود،
سر تي نر تي وچ ۾، مصوري مقصود،
بيصورت جي بيڪ سان، صورت صاف سرود،
"محمدﷺ" مُلڪ معبود، مظهر ۾ موجود ٿيو.

جمعي ڏينهن جسم جا، جوڙي سوال جواب،
خيالي خصلات سان، ڪولي خود خطاب،
"الانسان سري و انا سره" انوري القاب،
ميم واري مهتاب، احمد "محمدﷺ" احد ٿيو.

"و نحن اقرب" ويجهڙو، واحد جو وصال،
بيرنگ بيمثال، مثل ۾ موجود ٿيو.

هفتو: رامڪلي*

(حسين بخش "خادم")

[حسين بخش "خادم" ولد پير بخش ٻَنگر، ڳوٺ آراضي تعلقي سيوهڻ ۾ ۱۴- شعبان ۱۳۴٦ھ/۱۹۲۷ع ۾ ڄائو. فقط چار درجا سنڌي پڙهي مرحوم سردار حبيب الله شاهه آراضيءَ واري جي پوين جي ملازمت ڪيائين. جلدئي هالن ۾ مخدوم غلام محمد صاحب جي صحبت جو شرف حاصل ٿيس ۽ بعد ۾ مخدوم صاحب جن جي ملازمت اختيار ڪيائين. ننڍپڻ کان ئي فقيريءَ ڏانهن مائل هو ۽ گهڻن فقيرن ۽ درويشن سان صحبتون ڪيائين، مثلاً علي بخش هوت عرف گورک فقير، سيّد گل شاهه مست وغيره. آخر ۾ مخدوم صاحب محمّد زمان "طالب المولیٰ" جي هٿ تي بيعت ڪري سروري فقراء ۾ شامل ٿيو. ننڍپڻ کان ئي ڪلام چوندو هو، مگر "طالب المولیٰ" جن جي صحبت حاصل ٿيڻ بعد سندس شاعريءَ جو نئون دور شروع ٿيو. سندس ڪلام نظمن، غزلن، ڪافين، بيتن ۽ ٻيهراڪرين تي مشتمل آهي.]

سوهر سنامين ڪـــي، ساهه سدا ساري،
ائي پهر دلـــڙي، گوندر گـــذاري،
ڪنيو نيڻ نماڻـــي، پئي نت نهاري،
اچن عاشق اويسي، شل منهنجي اوتاري!
تہ "خادم" ڪيڪاري، جايون ڏيان جيءَ ۾.

اڱاري ڏينهن اندر ۾، ڪئي عشق اوساڻ،
واقف نہ آهي ويچاري، وجي ڪهڙيءَ واٽ؟
نڪريو نهاري نياز سان، گهيڙ مڙئي گهاٽ،

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان اسدالله شاهه حسيني کان ملي.

سيني ۾ سڄڻ جو، سوز ڪري سڙاٽ،
ڪاهوڙين جي ڪاٽ، "خادم" ڪائي ڇڏيو.

اربعا ڏينهن اچي ڪندا، شل بري ءَ وٽ پيرو!
اڄــاري اچـو ڪندا، مـــن سندم ميرو،
دل ۾ درد فراق جو، دردن ڪيو ديرو،
نـڪـري نهاري نياز سان، ساجهر سويـرو،
وحدت جو ويرو، من ولهيءَ کي وري ملي.

خميس ڏينهن خمار، لهي نه لاهوتين جو،
وساريان نـــه وسري، پرين سندو پيار،
گهڻو لڪيس جيڏيون! پر نينهن ڪيو نروار،
ويهڻ سمهڻ وهـــم ٿيو، عشق سندو آزار،
ڪيئن ڪيان ڪيڏي وڃان! پيو ٻاري برهه ٻار،
وٺي نه ويڇو وار، "خادم" آهي خيال کي.

جمعي ڏينهن جهوري، اندر آديسين جي،
مون لاءِ آهي جيڏيون! ڳالهه اها ڳوري،
هر هر هيئڙي ۾ آهي هوري ۽ ڪوري،
چئني ڪيئن ڇڏيندا، هيءَ نرمل ندوري؟
جهڙي تهڙي تــــن جي، پينر! آءُ پوري،
ڏکن جي ڏوري، ڏاڍي ٻڌي ويا ڏيل ۾.

ڇنڇر ڪيئن ڇڏيان، آءٌ پرين جو پاڙو!
ست ستسورن سيڪنهن، مون سان ورهه جو واڙو،
تيئن تـڪـي پيو تن ۾، جيئن ٽٽي پيو تاڙو،
"خادم" منهنجي روح جو، آهي لالڻ ڏي لاڙو،
سند سند سوز فـراق کان، سورن ڪيو ساڙو،
برهه جو پاڙو، جـــن چکيو سي چريا ٿيا.

اديون! **آچر** ڏينهن، عجيب شل ايندا!
مونکي اهي مبارڪون، شل ڏيهه اچي ڏيندا!
ساڻي سڄڻ يار شل، ٽڪيءَ سان ٽيندا!
وڇوڙا ويندا، پسڻ ساڻ پريں جي.

—○—

هفتو : رامڪلي*

(عارب فقير)

[عارب فقير جتوئي، ڳوٺ احمد خان جتوئي تعلقي دادو جو ويٺل هو. سنڌي ۾ چار درجا پڙهيل هو. سندس عقلي نُڪتا ۽ گفتا مشهور آهن. تصوّف سان سندس خاصي دلچسپي هئي. راشدي بزرگن جو معتقد هو. سندس ڪلام گهڻو ڪري صوفيانہ رنگ جو آهي. سندس ڄمڻ ۽ وفات جا سنہ معلوم نہ ٿي سگهيا آهن، پر مڪاني روايتن موجب ١٩٣٠ع ڌاري وفات ڪيائين.]

ڄمعي ڏينهن جوڳيڙن ڪئي، پورب سندي پچار،
هلي ويا هنگلاج ڏي، نيڻ ٿمائي نار،
رکي رضا روح ۾، ٿيا صبر جا سردار،
آديسي الله جا، نڪري ٿيا نروار،
ڪري سُرت سنڀار، ٿيا ڇوها **ڇنڇر** ڏينهن تي.

ڇوها **ڇنڇر** ڏينهن تي، ويا مَٿي ماڳ مڪان،
وڃي اَڏيائون عرش تي، طنبُو ۽ طولان،
سچائيءَ صحبت جا، ساري ڪنيائون سامان،
آديسين کان ”عارب“ چئي، ويا اندر جا ارمان،
نسري ٿيا نيشان، آسري **آچر** ڏينهن تي.

آسري **آچر** ڏينهن تي، ڀُرجهي ڪيائون پنڌ،
هستي هوڏ هٺ جو، هي نہ وڌو هنڌ،
شاهي شُڪر شوق مان، اوريائون ’الحمد‘،
رَسي ورتائون رنڌ، ٿي سونهان **سومر** ڏينهن تي.

* هيءَ روايت آتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان ”آصف“ کان ملي.

سونهان **سومر** ڏينهن تي، و يا خوديءَ کي کائي،
راتيان ڏينهان روح ۾، وات هکا وائي،
آديسين اندر مان، کڍي پوڙي پيائي،
کري کمائي، آتيا **اڱاري** ڏينهن تي.

آتيا **اڱاري** ڏينهن تي، سامي کٿي سچ،
کاٿي کڍيائون قلب مان، کوڙائيءَ کچ،
سدا آديسين اندر ۾، ٿو رهي محبت مچ،
لاهي چڏيائون 'لا' سان، خودي وارو خرچ،
کٿي کپل گچ، آسريا **اربعا** ڏينهن تي.

آسريا **اربعا** ڏينهن تي، و يا چوٽ چڙهي،
'لاحد' کان لنگهي و يا، 'لا' جي پاس لڙي،
لگي لاهوتين کي، کا جا عشق آڙي،
پائي قرب کڙي، کسکيا ڏينهن **خميس** تي.

کسکيا ڏينهن **خميس** تي، ساميڙن کئي سرت،
نيک هليا نانگا ڏري، ناهه واري نيرت،
هردم حقيقي حال سان، کئي کاملن کيرت،
کري پکي پيرت، آجا ٿيا "عارب" چئي.

———

هفتو: ڪاپائتي*

(صوفي آسورام)

[آسورام پٽ ڏاندومل ويٺل هالا پراڻا ضلعو حيدرآباد، سنہ ١٢٧١ھ/١٨٥٤ع ۾ ڄائو. سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٿوري گهڻي عربي ۽ فارسي بہ پڙهيو. سڄي عمر تعليم کاتي جي ملازمت (ماستري) ۾ گذاريائين. ننڍي هوندي کان وٺي فقيرن جي صحبت ۾ رهندو هو ۽ آخرڪار صوفي طريقو اختيار ڪيائين. هن فقير ڪيترائي سلوڪ ۽ بيت وغيره چيا آهن، جن ۾ نبي صلعم جي مناجات، ٿيهہ راتيون سسئي بہ شامل آهن. سنہ ١٣٦٠ھ/١٥ فيبروي ١٩٤١ع ۾ هالن پراڻن ۾ چالاڻو ڪيائين.]

اَچر ڏينهن آرت ڪي، اوڳي! نا آلوڻ،
ساڇا، مونا، پَنڪ، ڳُجهہ، مڪڙي جهلي موڻ،
ڏاڍو وٽي ڏور ڪي، جوتا چڱا جوڙ،
ساري سائين، سنئين تَڪ ڪر، چڱي ڇهڻي ڪوڙ،
سنهڙو ڪتڻ نا سِکينءَ، تان رنڊا رڳي روڙ،
’الف‘ ’لام‘ جي ’ميم‘ سان، ويهي جڇج اوڙ،
تہ تنهنجو وڪر توڙ، پهچي پار پريت مان.

سومر ڏينهن سوير جو، سعيو ڪر ڪتڻ،
ڦرين ڪپهہ ڪي ڪڍي، ڪرڪا ڪار ٻيجڻ،
جوڙي پها پُوٽيون، آءٌ اندر آتڻ،
آرس ڇڏي انگ مان، تسيو تَنَ ڏيڻ،
ڪَنبي ڪنبي قرب مان، سنهي تند ڪڍڻ،
گهُنڊيون، ور وڪڙ، سڀ پِڙا هَوَ ڀيڄڻ،

---

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد صالح سپئي کان ملي.

اهڙو سٺت وتڻ، جو ذرو ضايع نه ٿئي.

ڪٺج توڪل ترهو، **منگل** مور نه وار،
اٿئي پهر عجيب لئي، چوري! تند تنوار،
ڪيتيو ڏينئي سرتيون، ٿئين نه شرمسار،
ٻنان پنهنجي ڪم نه اچي، اوڳي ڪين آڌار،
منهن مرڪٺي ڪيئن، اڳيان صرافيءَ سرڪار؟
چاٽي پڄهي چو رهئينءَ غافل ٿي گينوار؟
آتڻ آڏي آجار، روئي رت اکين مان.

ٻڌر ڏينهن ٻئي، تون ٻنهون ڪُنج ڪٽي،
ويهي آتڻ وچ ۾، پسوري ڪر ڇٽي،
ڀهڙي ويل وڃاءِ م! جم ڪو هٿ هٽي،
ڪتڻ ڪارڻ تو مٽي، آهي گهرج گهٽي،
ٻيوس ٿي وجود ۾، تو ڪا ڳالهه ڳٽي،
پنهنجي وس آهر تون، ٻوري ٻيهه ٻٽي،
واحد حا وٽي، رک رضا تي راضپو.

ٻين واريو ڪينڪي، ويهي **وسپت** وار،
توکي آهي اوجهڙڻ، ڪيو خود خوار،
آئينءَ ڪٽي ٻاڻ تي، باري بوجو بار،
مايا موهه ۾ نکي، ساري ڪا تو سار،
وٽجي وڏءِ ٻاڻ ۾، وشين جو وڪار،
ڪندو ڪرم ڪيترا، ڪانڌ ڪلادار،
جن جو نينهن نيبار، سي ئي ورَ سهاڳڻيون.

جمعي ڏينهن ذوق مان، زودئون آرت آڻ،
تهدل تاري توهه مان، تندون طلب تاڻ،
وجهه م وچ ويساند ڪي، جم ڪا پوئي ڪاڻ،
ناڙيون اوٻڙي ڪر اچيون، ساڻ هدايت هاڻ،

ٻَن ۾ ڏيهي ٻيائي، پنهنجو پاڻ پڇاڻ،
ڏاهپ ڇڏي ڏيل جي، اوڳي ٿي اڄاڻ،
پوءِ تون مزو ماڻ، مشاهدو محبوب جو.

ڇنڇر ڏينهن ڇوهه مان آئي، ٿي آوير،
سڏ صرافن جا ٿيندءِ، صبح سنجهه سوير،
روليا نفس نجس، سڀ مانجهي مرد مٽير،
سمهڻ واري سَدَ جي، هاري! ڇڏج هير،
ڦِڪي! تون ڦند ڦٽا ڪر، پوري پيا پير،
ٻڌ متيا جو سندرو، جاڳي منجهان مهير،
ڪير چوندءِ ڪير، ڪيرت بن ڪاپائتي.

هفتو ويم سڀ هڇي، ڪٽيم نه ٻورو ٻاٺ،
ڪم اچي ٿو ڪونه ڪو، اڳيان ٻيٺ نه ڀاٺ،
اچي سڪ سرير کي، جنهن کي لڳو تاٺ،
پيرڻ مُٽ پلي ٿي، آهنئي لاٺ نه ساٺ،
ڪنجڪ وٽ ڪريم جي، در در ڌڪ نه ڪاٺ،
حُبَ منجهان رام نام جپ، واري ڀيو واٺ،
"آسو" مونکي ماٺ! آهي وڏو آسرو.

ڪاڪيون! مونکي ڪانڌ جو، آهي آسرو،
مُرڪي ڪنيم مٺي تي، مڙيئي مامرو،
ڪٽڻ لئي ڪاپار تي، ٿلي ٿاڪرو،
تهدل ڪيجي تند کي، اوڳي! نه اڇاترو،
اولاڻ نه آرٽ کي، ڪر سدا ساڪرو،
مٿان اچي مهل ڪنهن، ڀوئي ڀاترو،
پوءِ "آسو" آکرو، سُٽ ٿئي صرافن وٽ.

هفتو: ڪاپائتي*

ڪتي ڪين **خميس** ري، وڃي **اربعا** وارپائين،
جمعي سندا ٻه پهرڙا، گهر ويهي گهارپائين،
ڇنڇر وار ڇنڇري، آهه ڏوئي لاٿائين،
آچر وار آڪانڊڙي، وڃي ماٽ سارپائين،
سومر وار ٿي سڱون، سيرن ۾ ڏنائين،
اڱاري جي عيد ٿي، آتي روح ۾ ڏنائين،
سرتين ٿي سينگار ڪيو، ٻيٺي ڏٺائين،
ٻر جي پنهنجو ڪتيائين، ته هوند ٻهري ها پنهنجا.

---

* هيءَ روايت آتر (تعلقي خيرپور) مان رحمت الله ونڊير ڪان ملي.

هفتو : سينگار*

(وٽ ٻاڪڙو)

[وَٽ ٻاڪڙو، ويٺل ڳوٺ جمن ٻاڪڙو، تعلقو وندر، نزديڪ جبل پب نوراني، علائقي ناراضيءَ جو ويٺل هو. سندس شاعري ۽ وڌيڪ احوال لاءِ ڏسو ڪتاب "پيلاين جا پول".]

ڇنڇر ساريم سپرين، **آچار** مان اچن!
سگوري **سومار** جي، گهٽو مون گهرجن،
اڱاري پرين اچيا، **اربعا** محب ملن،
خاصو ڏينهن **خميس** جو، سئون سُپيرين،
جمعي جانب جُٽي مان، وير نه وسرن،
اکيون عجيب عجيبن جون، ٽاندا جيئن ٽمڪن،
ڏند ته لائق ڏسڻ آن جا، جهڙا موتي جهرڪن،
نڪ نماڻو تن جو، چٽونءَ چهنب چون،
چپ چتايل آن جا، من پرين مُرڪن،
هٿ هلڪا هوتن جا، پَنڌَوا پير سندن،
سينو سُونهٽو سڄڻين، ڪَرَ اوچو قريبن،
ڏٽ ڏئي گهانءِ ڏسجي، پيشاني پرين،
سٽ ڪاتيءَ نؤن (١) سنهڙي، چابڪ
چيلهه هين،
سيسيءَ نراڙ ۾ سونهٽا، واسينگ وار سندن،
ميل ٻان ڪتوريءَ نؤن مٽي هٽي، انگ جي
چٽ اهاين (٢)،
لونگ ڦوٽا لائق تن جو، جهڙو واس وٽن،
تهڙيءَ صورت سُونهٽا، جنديءَ جوڙ سندين،

(١) نؤن = ڪؤن. (٢) اهاين = اها + هين.

سِرڪن ڏار سانُبيت، جڏهن ٿا گل گسن،
عطر ڪيڙو آڻيو، جڏهن ٿا پاڻ ۾ پاڻ وجهن،
جهڙو واس وڻن، تهڙي هَمِپَ سهڻي هوتن،
صدق نبي ؑ جي سَرجَهانين، مر پيا سِينهن وسن،
جوپ پاڙون جر جر مان جر ٿيون، پيو پوچ چن،
تر ڪورين پيرين ڪڪريون، سي ٿيون
پُور ڪريو پهڪن،
جال وڻ جهنگين جا، سي ڏا ٻر ۾
بودون (١) ڪن،
جر ٿيون پپ منجهان پيدا ٿين، تر جي
ڏسيو واس ولين،
ليکيان ليکي ڪين پڇان، ساري جي سگهجن،
تہ آن ويچار سين "وت" چئي، اهڙا ٻہ
جهنگ جهڙجن،
پوءِ اڪر جن آهن، تن سلا سونهن سترا.

---

(١) بودون = خوشبويون.

هفتو: مجاز *

(شيخ ابراهيم)

[شيخ ابراهيم پٽ شيخ حمن، لس ٻيلي ۾ شيخن جي ڳوٺ جو رهاڪو هو. ڄام ميرخان اول (١٧٧٦—١٨١٨ع) جي دؤر حڪومت ۾ ٿي گذريو آهي. پٺائي بزرگ جو همعصر هو. مختلف روايتن موجب سندس ڄم ١٧٣٠ع ۾ ٿيو هوندو. ڪهنه مشق شاعر هو. هن جي بدولت لس ٻيلي جي شاعريءَ کي عروج ۽ شهرت ملي. وقت جي حاڪمن وٽ سندس قدر هوندو هو ۽ وقت بوقت ڄامن جي دربار ۾ ڪيس گهرايو ويندو هو، جتي هو پنهنجو ڪلام ٻڌائي، انعام اڪرام حاصل ڪندو هو. ڪبير شاهه سان سندس مشهور مقابلو به ڄام مير خان جي دربار ۾ (١٧٧٨—١٧٨١ع ڌاري) ٿيو. سندس ڪلام بي انداز آهي. سندس سنڌي شاعريءَ ۾ انوکي سٽا، قافين جي پختگي ۽ مضمون جي جدت سبب ڪيس لس ٻيلي جي "شاعرن جو سرتاج" چئجي ته بجا آهي.]

(١)

چنڇر ساريم سپرين، ايندم شال آچار،
پير پُڄان ٿي پرينءَ لئي، سگوري سومار،
اڱاري ايندا پرين، دلبر ديس دوار،
اربعا آساتي اک ڦري، ڪٽي نينهن نهار،
خوش من ڏينهن خميس جي، "براهم" برقرار،
گهر گهر ڪيرون چار، جمعي جانب آئيا.

* "ٻيلاين جا ٻول" مطبوع الوحيد پريس ڪراچي سنه ١٩٥١ع تان ورتل.

(۲)

چنچر ساريم سپرين، ايندم **آچر** عجيبن،
سڳوري **سومار** جو، ڏنو ڏينهن پريَن،
اڱاري ڏينهن آس ٿي، منهنجي محبوبن،
اربعا سڄڻ سارئيان، خوشيءَ نيڻ ڪلن،
ڪيرون ڏينهن **خميس** جي، واڌايون ورتن،
ڪيو دلاسو دوسن، **جمعي** جانب آئيا.

(۳)

جمعي جانب آئيا، ٿي بعد **جمعي** برجاءِ،
وِ يَڙا سُور ورهين جا، ساجن جي ساڄاءِ،
مليم مارو مهت ٿيو، لٿم جهوري جاءِ،
وريم بخت "براهم" چئي، منهنجي دل نہ دوکاءِ،
عجب جهڙي آءِ، صورت سپرين جي.

—○—

هفتو: مجاز *

(نم مگڻهار)

[نم پٽ ڪنڊ و مگڻهار، شهر آٿل (لس ٻيلي) ۾ برفتن جي پيڙهيائتن مگڻهارن جي قبيلي مان هو. چون ٿا ته ڪيس درويشن جون دعائون هيون، جن جي ڪري ڏٽيءَ ڪيس وڏي حياتي بخشي هئي. مرڻ وقت سندس عمر ١٤٠ ورهيه هئي. لس ٻيلي جي ڄامن حاڪمن جي ابتداء توڙي عروج ڏٺو هئائين. ڄام ميرخان ثاني جي دور (١٨٨٨-١٨٩٦ع) ۾ سندس شاعري عروج تي هئي. بنيادي مگڻهارن جي قبيلي مان هئڻ ڪري ڪيس منگتن ۽ مگڻهارن وارو سڄو ڳڻ ياد هو. نسب ناما، جنگيون، سگهڙپائي جا نڪتا، قصا، ڪهاڻيون، پروليون، هنر، ڏهس ناما وغيره بي انداز ياد هئس. ازانسواءِ پاڻ به لس ٻيلي جي وڏن شاعرن مان هو. سنه ١٨٩٦ع ڌاري وفات ڪيائين.]

(١)

چنڇر ساريم سپرين، **آچر** شل ايندام،
سومر سيج بندن تي، ويجها ٿي ويهندام،
اڇي **اڱاري** ڏينهڙي، مرڪي موهيندام،
اربعا افضل اوجلا، پاند پلٽي پوندام،
خوبئون ڏينهن **خميس** جي، اچي ڪيلي خوش ڪندام،
عقلوند اشراف گهڻو آهن، سهڻا دوست سندام،
تن وري پڏا مون وعدا، ڪي قربئون قول ڪيام،
جمن اڪ آساتي ڦري، ايئن سچي سونڻ ٿيام،
منهن ڏوٽيءَ ڪانءَ لنوي، ٻولي ايءَ پڏ يام،

* ”پيلاين جا ٻول“ مطبوع الوحيد پريس ڪراچي، سنه ١٩٥١ع تان ورتل.

وسڻ وڙياس وجود ۾ تہ محب سڄڻ ملند يام،
حڪم ساڻ حڪيم جي، اهڙ عيد ٿيند يام،
سا سٺيندي سرهي ٿي، تہ اڄ هرين ايندام،
ڪٺي نينهن جو نظر ”نم“ چئي، نافع نگهيندام،
ڏينهن **جمعي** ڏيندام، دردر ڪيرون دوست جون.

(٢)

ڇنڇر ساريم سپرين، **آچر** ايندم شال،
پڇيم **سومر** سپرين لاءِ، فيض فضل جا فال،
ڏينهن **اڱاري** ارٿ جي ٿي موٽيو ڪُلي مال،
سگهو ايندم سپرين، مونکي ڪانگي چيو ڪال،
سڀ نينهن جي خبر ”نم“ چئي، **اربعا** تي احوال،
ٿي خوش دل ڏينهن **خميس** جي، مون سان ڪيا پلي پلا يون پال،
جمعي ڏيندم جال، اچي مبارڪيون محبوب جون.

(٣)

ڇنڇر ساريم سپرين، محب مٺا! مئي مت،
آچر شال اچي ڪندا، مون سان ڪا مروت،
پياريندم پرت جا، **سومر** سي شربت،
وڏي واهه! وجود ڪي، تن جي طبيعت،
اڱاري عجيبن جي، ڪنديس خوب ڪُلي خدمت،
ناميا نرمل ”نم“ چئي، ڪندا نيڪ چڱي نصيحت،
ڏيندا دوس دلاسو دل ڪي، **اربعا** تي البت،
ٿي خوش دل ڏينهن **خميس** جي، مليا خوب ملڻ جا خط،
مڙن ڏانهن پرين، موڪليا ساڻ پلي برڪت،
واچيندي وسهيس گهڻو، ٿي جٺي ڪي جميعت،
ڏنم سرتين ڪيرون ست، منهنجا **جمعي** جانب آئيا.

—○—

هفتو: مجاز*

(ملا بخش سومرو)

[مُلا" بخش مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس اصل نالو 'بخشو' هو مگر شعر ۾ "بخش" تخلص طور ڪم آندو آئس. 'مُلا' انهيءَ ڪري سڏيندا هئس جو ڪنهن مسجد ۾ پيش اِمام هو. هي شاهه محمد ديدڙ جو همعصر هو، هن جا بيت سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن. سنه ١٣٠٨هه/١٨٩٠ع ڌاري وفات ڪيائين.]

پرچائڻ پريـنءَ کـي، **جمعي** ڏينهن جڳاءِ،
عجيبن جي عشق جي، توکي ڪل نـه ڪاءِ،
دوستـاڻي در تـي ويـهـي پـاڻ پـڇـاءِ،
ويهي ويچارن جـان، سور منهنجون سـپـڏاءِ،
بنان رَند رفيق جي وات نه ڀي واجهاءِ،
تنهين جي تـات طلب تـي، جـيءَ جُـٺو ڪـر جاءِ،
هٿئون حيلا پانهنجي، جيڪي اڳـن سي لاءِ،
پوءِ هڪ پاند ڳچيءَ پاءِ، پيون زاريون ڪر زبان سان.

چوڏ نـه **چنچر** ڏينهن تـي، درس پـريان جو در،
قـريـبـاڻـي ڪـر تـون وڃـي ڳام ڳذر،
آئي پهر عجيب جي، ڳـلـيءَ تي پيو ڳـر،
هڪ ثابت رهه صبر ۾، پيو مرد! سـٽيءَ جان سر،
پتنگ پڇي هڪ پيرو، تون ٻارهن پيرا ٻـر،
اٿين خـاڪ ڪـنـڊي وڃـي جـٺن پٺـي ۾ ٻـر،
اٿين لاهه عقل سـان وڃـي، ڏاڍي ڪان ڏمر،

* هن مواد جو مدار آتـر (تعلقي قنبر) سان فتح محمد ء (تعلقي ڏوڪري) سان غلام نبيءَ کـان مليل ٻن روايتن تي آهي.

پوءِ دوست پرين دلبر، من ريجهي انهيءَ ريت سان.

آچر وار اچي گهڙو ٿيو، سهيريان جو سهير،
راڻو پنهنجيءَ راند جو، وڃي ننهہ نبير.
صلح جي صلاح ۾، دم نہ گهرجي دير،
قربائي قول تي، وڃي هنيون هاتڪ! هير،
اوڏانهون جي اچن، سي ڪاٿ نہ ڇاٽان ڪير،
هٿ ٻڌي حاضر ٿي، وڃي پؤ تن جي پير،
پوءِ تن جي تپير پٽير، وڃي آگهہ ڪن عجيب ڪي.

پوندي کو پرچاءُ جو **سومر** ڏينهن سماءُ،
معلوم اٿيئي محبوب کي، ايها ڳالهہ اڳياءُ
تہ عاشق ٿو آهون ڪري، سڪايو سهجاءُ،
پرپر پاڏائي گهڙو، هر ويلي هر جاءِ،
مرچي ساڄن سو ڪندو، ٿل صلاح واري ساءِ!
ڏسي ڏوڪيا ڏور ٿين، ٿيندو چشمن چاءِ،
پوءِ ريجهي رانول راءِ، ٿل مهڙ ڪندو مشتاق ڏي.

اِهو **اڱاري** وار تي، ڪر صاحب در سوال:
'اڳڻ آڻ عجيب تون، جنهن مان خفت خيال،
تنهن جي قدمن تؤن قربان ڪر، مايا، مُلڪ، مال،
هنڌ جوڙائي هيج مؤن، ڪري ويهہ ڪمال،
جائي جانب جو ڏسين، هوند جيڏي جوڙ جمال،
پرچي پورهيائت ڏانهن، ٿل ساڄن ٿيندو سال!
لالن لائق لال، ايندم سنجهہ سڀاڻي.'

پيو پور پرينءَ جو، اچي **اربعا** وار،
ساڄن! تنهنجي سڪ جي، مونکي تار اچي ٿي تار،
هٿي ناوڪ نينهن جي، تون وجهي وئين جار،
هو جي قول ڪري وئين، سي پرين! پنهنجا پار،

هن نوڪر ڏي نيڻ ڪٿي، نازڪ يار نهار!
محب مٺا! مشتاق کي، تون ماڻن سان نہ مار،
پوءِ آهي اوهان جي اختيار، ساهہ منهنجو سپرين!

مجلس تي محبوب سان، **خميس** ڏينهن خاصي،
جنهن لئي جليو گهڻو تي، عاشق آداسي!
تنهن دلبر دلڙي دست ڪئي، پيارل پياسي،
لٿا غم غلام جا، آجو ٿيو عاصي،
اُنءَ لُنءَ لحظي لعل تي، ويهل تنهن واسي،
پوءِ چکايو چاسي، برهہ پريان جي ”بخش“ چئي.

پرينءَ پياريو مون، رات **جمعي** جي جام،
جفائن جي جيءَ تؤنؔ، ويئي تاس تمام،
پرين ڪوٺي پانهنجو، ڪيو گڏ غلام،
دلبر گهرائي دوست کي، ڪٿي دوست وڏو دام،
ملي مانؔ مدام، بند هينئڙي جو ”بخش“ چئي.

هفتو: مجاز *

(رمضان وادو)

[فقير رمضان پٽ شهمير پٽ صالح شهميرائي لاکو وادو، پنجموري تعلقي هالا جو رهاڪو هو. هو هڪ وڏو سگهڙ شاعر ۽ ذهين شخص هو. مڪتبن جي تعليم حاصل ڪئي هئائين. هن ڪلام سان گڏ ڪافيون ٻه گهڻيون چيائين، پر سندس مولود ۽ معجزا سڄيءَ سنڌ ۾ مقبول پيا. سندس پنهنجي تحرير موجب مداحون، معجزا ۽ مولود چيائين جي ملڪن ۾ مشهور ٿيا. پنڌرهن ٻولين ۾ غزل چيائين ۽ آسي (٨٠) کن **ڪتاب** پنهنجا تصنيف ڪيائين. سنه ١٢٩٩ھ کان وٺي سنه ١٣٢٥ھ تائين سندس هٿ جا لکيل ڪتاب ملن ٿا. اندازي موجب سمجهجي ٿو ته رمضان فقير سنه ١٢٧٠ھ يا ان کان ڪجهه اڳ ڄاول ۽ سنه ١٣٣٠ھ ڌاري وفات ڪيائين.]

چا لکان **چنچر** ڏينهن تي، آيا نه اسان وٽ،
پرت واري پنڌ مان، ڪي آهي ٿي گهٽ،
هو ته دلبر دادلا، پر تون ته منهن نه مٽ،
رهج هڪڙي رات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لئه ڪانگا! ڪا مٺي لات.

آچر ڏينهن اچڻ جو، ڪيو هئائون قول،
پکيڙا! پرين جو، آهي سچو ٻول،
هر هر ياد هنئين ڪي، ڏاڻي منهنجو ڏول،
عمر ڪي پرڀات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لئه ڪانگا! ڪا مٺي لات.

* هيءَ روايت آتر (تعلقي وارهه) مان غلام رسول جتوئي کان ملي.

سُخن **سومر** ڏينهن تي پنهنجا پاڙيندا،
جيڪي دشمن دل جا، مڙيئي ماريندا،
مون سان قرب واريون، گهڙيون گهاريندا،
ٽيندن هت قسمات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لئه ڪانگا! ڪا مٺي لات.

اڱڻ **اڱاري** ڏينهن تي، شل ڪو پائين پير!
ڪن نه ريت رسڻ جي، سڳها اچڻ سوير،
مونکي سچي سڪ آهه، من ۾ ناهه ميرُ،
هوءَ جي ويم ولات(١)، ڪڏهن ايندم پرين؟
لئه ڪانگا! ڪا مٺي لات.

اربعا ڏينهن عجيب کي، کولي سجڻ آڻ،
ته پيهي پرچون پاڻ ۾، ڪريون ريجهه رهاڻ،
تو تئون گهورون گهوريان، سون سندي مان ڪاڻ،
جواهر ۽ جواهرات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لئه ڪانگا! ڪا مٺي لات.

هو خيال **خميس** تي، اچڻ ايرادو،
ڏاڍو دلاسو دل کي، هينئڙي هيڪاندو،
من منهنجا مات ڪر! مٺان ٿئين ماندو،
اچا به آهه حيات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لئه ڪانگا! ڪا مٺي لات.

جمعي ڏينهن جانب لئي، وڏا ڪيڙم وس،
کوليو ٿي مون کوڻ ۾، گهيڙ، گهٽيون ۽ گس،
جيءَ ۾ جوش پرينءَ جي، ٽيڙم هل هنس،
من ٿئي ملاقات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لئه ڪانگا! ڪا مٺي لات.

---

(١) ولات=ولائت.

هفتو: مـجـاز*

(داروغو عبدالرحيم)

[داروغو عبدالرحيم ويٺل لعلورانئڪ تعلقي وارهہ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. چون ٿا تہ ڪيس في‌البديهہ شعر چوڻ ۾ ڪافي ملڪو حاصل هو. سندس ڄمڻ ۽ مرڻ جا سنہ معلوم نہ ٿي سگهيا آهن، مگر مختلف روايتن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ پاڻ ڪافي جوان هو.]

ڇنڇر ڏينهن ڇـڪن ڪيو، ڀهڳڻ وجهي ڀنگ،
ديـدان ديدن سان ويـــو، اڙائـي آڙهنگ،
نُور نزاڪت ناز منجهان، نـايـو نينهن نسنگ،
چوري تنهن چنگ، چوٽيءَ تائين چُور ڪيو.

آچر ڏينهن عجيب جو، ٿيو اچڻ جو ارشاد،
دل دکايل درد جي، ٿي شهد انهيءَ سان شاد،
ويو رُڃايو، روح مان، ٿيو ويرانو آباد،
اڄ سِيان امـداد، ٿيندي واهـہ وصـال جـي.

سومر ڏينهن سرير مان، سُـورن سڏايو،
پروانو پرچاءَ جـو، اچي پانڌيءَ پهچايو،
لائق پـريـن لاڏلـي، تنهن لالن لـڪايو،
عاشق رڪ اللّٰه تـي، چاڻ اتـي آيو،
"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد" سمجهي ڪر سعيو،
درد منهنجي دل تـي، تنهن ويـتـر وڌايـو،
تاب انهيءَ تايو، ميل تہ ماندائي لهي.

* هيءَ روايت آتر (تعلقي وارهہ) مان غلام رسول جتوئي کان ملي.

آءُ **اڱاري** ڏينهڙي، تون پرين! پري پيئي،
واسي هن وڻڪار کي، ڪر سرها اگهڻ سير،
رُلئي رڪ رقيب کي، مُنهن ۾ وجهي مير،
مر ڪامي خر خنزير، جنهن ولهيءَ پاتا وير،
شمليدار چڱيرا، ميل تہ ماندائي لهي.

اربعا ڏينهن عاشق جي، اچ اوتاري،
پيو راتيان ڏينهان روح ۾، سڏڪيو ٿو ساري،
باقي تنهنجي برهہ ۾، پويان دم پاري،
اِشاري "اِذ ني" جي، وڃ جاني! جياري،
هو جو پارڻ وئين پاري، سي اچي يار! آجهاءِ تون.

خميس ڏينهن خوشيءَ مان، آيو خاطي خط ڪٺي،
تہ بنان تنهنجي برهہ جي، آهي واهہ ٻٽي،
هت ٻہ تنهنجي حال جي، ٿي ڳاڙهن ڳالهہ ڳٺي،
"فذڪروني اذڪرڪم" اِهــا عشق آٺي،
ڪٺي ڪهہ خاطيءَ جي سندي پير پٺي،
لايان لوڻ لڳن کي، هر هر هٿ هٽي،
ڏاتر ڏيهہ ڏني! اچ صبح عيدان ڏيان.

محب اچي مون سان مليو، جان ڏينهن **جمعي** جاني،
نڪو مٽ محبوب جو، نڪو سهڻل جو ثاني،
جوت پسي جنسار جي، ٿيو فهم فڪر فاني،
ناهہ اِدراڪ عقل کي، جو ڪري ظاهر زباني،
"عبدالرحيم" عبرت ۾، ڪئي سارهہ سبحاني،
ڪو گوهر گياني، سمجهي هن سلوڪ کي.

Soorih Mirani

هفتو: مجاز*

وهنجي ويئس ويس ڪري، ڏينهن جمعي جاني!
نه ڪو تو مٽ ڀانئيان، نه ڪو تو ثاني،
آئي ڪم آساني، پر منٽ مٿ منهنجا پرين!

منٽ مٿ منهنجا پرين! توکي الله هٿ آڏي،
ڇنڇر ڏينهن چوهه مان، تنهنجي طلب رکيم تاڏي،
اگ نه هئين اهڙو مٺا! ڪنهن سبق ڏنئي سياڻي،
وسرين نٿو ولهيءَ کان، تو الله، پرين! ڇاڏي،
تنهنجي ماريو آ ماڻهي، اچ منٽ مڃي پنهنجي ماڳ تي.

اچ منٽ مڃي پنهنجي ماڳ تي، چڏ آچر جو اولو،
ريهي سهڻا! رمز سان، وڌ روح اندر رولو،
ڀائي ڏتم پاڻيهي، هي چاهه سندو چولو،
اکين ڪي آرام ناهه، وڏي خوش نه ڪنولو،
هاڻي پل، لڳم پولو، اچ سومر تي ڪا سٽ ڪري.

اچ سومر تي ڪا سٽ ڪري، ڇڏي عيب ۽ اوڻايون،
مرشد منهنجي من جون، مڙيئي پهچايون،
وچڙيل ڪي وهه واهه! مليون اچ ويتر واڌايون،
تنهنجون ڪوڙين ڪايائون، وڃ لکڻ ليکي ڪان ٿيون.

وڃ لکڻ ليکي ڪان ٿيون، آيو آڏت اڱارو،
مرڪي سڪ جي سرڪي پيتم، رکيم قرب نه قرارو،
وسوڙل ڪي ورهه، لڳو جيءَ ۾ جالارو،
اهو چاهه سندو چارو، وڙي ورتم پاڻيهي.

* هيءَ روايت آتر (تعلقي پني عاقل) مسان محمد حسن "مشتاق" کان ملي.

وڏي ورتم پاڻيهي، ڪري **اربعا** تي اِقرار،
تن ۾ تنهنجي طلب رکيم تات سچن تڪرار،
تون ئي تُرهو، تون ئي توڪل، تون ئي آنَ آڌار،
دل ۾ درد اچي آ لاتي، عشق سنده آزار،
نيڻهن جون نوڪان تکيون تفنگان، لڳن ليل و نهار،
دل تان دلبر ڪين لهي ٿي، تنهنجي دُرس ڏُتار،
ڪاڻڻ پيڻڻ، ويهڻ وِهڻ آهه، ننڊ ڦٽي نروار،
راهون رند پڇايان تنهنجا، ڇوُطرفي چوڌار،
اهي اصلوڪا اقرار، آءٌ پاڙ اچي پريت جا.

پاڙ اچي پريت جا، ڪري **خميس** تي ڪنڪو،
اولا لاهه اندر جا، ڇڏي لالچ جو لنڪو،
نظر نشانبر ڪين اچي ٿو، محب! سنده مَت ڪو،
ڇنڪو لائي چوري وِيَڙهه، ڇُرچ ڏيئي ڇنڪو،
سُرهُر سر ۾ سڪ جو ويڙهو، سَرس سچڻ سنڪو،
هيءُ گوندر جو ڳنڪو، وڃ هيڪر لاهي حبيب! تون.

هفتو: مجاز*

ڇنڇر ڇم ڄرين جي، **آچر** ٿيم آڪير،
سومر تي سنڀاريان، ٿي مارو مڪڙ ميرَ،
اڱاري ڄرين اڇٽا، ويٺي ڦوڇيان ڦير،
اربعا وار آ جانب جو، سنهنجا اولا لاهه امير،
خاصو وار آ **خميس** جو، من ڦيرو ڪرن فقير،
هاڻي ڪـليو ڄيان ٿي ڪير، جو **جمعي** جانب اڇٽا.

---

* هيءَ روايت آتو (تعلقي اباوڙي) مان محمد عالم "شور" خانپوري کان ملي.

Soorih Mirani

هفتو: مــجــاز

(شبير علي شاهہ "هاتف")

[سيّد شبير علي شاهہ "هاتف" ولد سيد الله بخش شاهہ موجوده ٽکڙ ۾ تاريخ ٢٨- صفر ١٣٥٩هہ/مطابق ٦- اپريل ١٩٤٠ع ۾ ڄائو. ٽکڙ جي مشهور عالم ۽ شاعر علامہ اسد الله شاهہ "فدا" جو پوٽو آهي. سندس اڪثر ڪلام غزلن تي مشتمل آهي. هن وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ متعلم آهي. سندس چيل هفتو هتي ڏجي ٿو.]

جمعي جانبن سان اکيون انڪيون،
ٻلارن ٻلي ڏينهن ٻلايون کيون،
ڀرين ڀرت جا ڀيچ ڀختا وڏا،
محبّت جون من منجهہ ميخون کتيون.

سوين ٻول ٻانهيءَ سان ڀڳڻ ٻڌا،
سيئي سڳ سياڪا سي **چنچر** چنا،
الائي ڪٿان اهڙو ورٻو ڪو واءُ؟
ذرو ڪين زابر جڏيءَ وٽ جُنيا.

مون ٻانيو تہ **آچر** تي ايندا ضرور،
ڏکيءَ کي اچي ڏڍ ڏيندا ضرور،
ٻري پرت پيالا پياريندا پاڻ،
وري محب سان ميلا ٿيندا ضرور.

آڏايام ڪوڙين ڪبوتر ڪلاب،
مکو ڪونہ **سومر** تي سهڻن جواب،
ڪي خاطو نيا خط، ڪي ڀانڌيءَ پيام،
انهن جو الائي ٿيو ڇا حساب؟

اڱاري تي اکيون بنهہ بيقرار،
عجيبن اچڻ جون اميدون اپار،
گهڙي ڪانہ گوندر ۾ گهاري ٿئي،
الائي ڪڏهن ٿيندا پيڙا پتار!

اندر ۾ ٿي **اربعا** تي ڏاڍي آداس،
پرينءَ کي پسڻ جي هئي پاپل پياس،
ڪُجهي ڪانهلي ڪانہ، روئي گهڻو،
وڪوڙي ويو ويسليءَ کي وماس.

اميدن پري آئي خاصي **خميس**،
متان اڄ اچڻ منهنجا نازڪ نفيس،
اڳهه کي اکين سان بهاريان پٿي،
اچهو تا نوازين خادم خسيس.

—○—

هفتو - مجاز

(امداد علي شاهه "امداد")

[سيد امداد علي شاهه "امداد" ولد سيد فضل محمد شاهه ٽکڙائي، ٽکڙ جي مشهور عالم ۽ شاعر علامه اسدالله شاهه "فدا" جو پوٽو آهي، شاعري کيس ورثي ۾ ملي. سنڌس شاعريءَ جي ابتدا چوڏهين درجي سنڌي کان ٿي. بيت، غزل، نظم ۽ ڪافي وغيره تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. هن وقت سچل ڪاليج ۾ انٽر آرٽس جو شاگرد آهي. ٣- مارچ ١٩٤٠ع تي ٽکڙ ۾ ڄائو.]

سومر سچو سورن ۾ سچڻ تو گذري،
ناسور نئين ڏينهن نئون ٿو نسري،
محسوس ائين مونکي ٿئي ٿو هر وقت،
هي ساهه سنڌ ۾ چڻ ته اِجهو ٿو نڪري.

آڏمان ٿا اڱاري تي سڀ اندر مان آٿن،
اکين مان آٽ ٿي پهر پيا مينهن وسن،
سيني ۾ اميدن جا جنازا آهن،
سچ تنهنجي محبت جا سنڌ ۾ من ۾ مچن.

اربعا تي سڀ آزار اچيو آڏا ٿين،
پيت جيڻ ٿي رهي چُپ، ائين چَپ چُپ ٿا رهن،
جي عمر سچي پيار وفادار رهيا،
اکين ڪي اهي لڙڪ ۽ چڙيو ٿا وڃن.

سيني لئي خوشي آئي ڪٿي خوب خميس،
هر دل کي ڏسي خوش، ٿئي مونکي ۽ تي ريس،
هر ڪنهن سان گڏ آهي هتي هڪ چوندُ حسين،

ٽڪرو ٻه هنن ۾ نه سنڌي جوڙ نه جيس.

جمعي تي جلي جان وئي هيڪاري،
اڄ، نُور جو سُنهن آهه اسان دل هاري،
تون دل تي رکي هٿ اي پرين! ڀاڻ چئو،
ڪا ڳالهه ڪيل ڪنهن سان ڪڏهن تو ڀاري.

ڇنڇر تي ڇنا ڀاڻ هٿاسين دلبر!
تنهن ڏينهن کان هن دل تي ڪُليو درد جو در،
اکين مان وهي خون جا ڳوڙها هليا،
ڪنهن سيني ۾ هاري وڏو دل جو ساغر.

آچر اها اميد تہ ايندين جاني!
ايندين تہ وري موٽي نہ ويندين جاني!
خوشين جا وري دل کي خزانا ملندا،
"امداد" کي آئت اچي ڏيندين جاني!

هفتو ڏينهن وار

(يوسف)

مانجهي ۽ جيو مرتضيٰ هاتڪ هيٺن حيدر،
جمعي هلڻ جور ناهه، آلهندي **آچر**،
ڇنڇر اوپر ناهه ڪو، **سومر** سود سفر،
اڱاري نه آڪاسجي، **اربعا** پاس آتر،
ڏڪڻ ڏينهن **خميس** جي، ڪشي ڪون ڪمر،
هي ۽ ڪٿن نصيحت ڪر، يقيناً "يوسف" چئي.

ڇهين ڏينهن: سسئي*

(پريل ڪالرو)

پهرئين ڏينهن "پريل" چئي: مونکي محب مليو،
ڏکـــ سيوئي ڏيل جو، تنهن دم ويو،
مير محمد مصطفيٰ، اچي حامي هوت ٿيو،
ڏاڍا ڏونگر لڪيون، لنگهي پار پيو،
ڪامل ڌڻي ڪيچ نئي، پنهنجي رانول رلايو،
مرشد جو سايو، ڪندو مير محمد مصطفيٰ.

ڪندو مير محمد مصطفيٰ، ايندو هوت هلي،
تو بنان هن نماڻيءَ جي، ناهي ڪا ٻي ڳلي،
هوت! اچ هلي، ته وڃن سُور سنڌو ڪري.

ٻئي ڏينهن پاروچل، ڏنو دوست دلاسو،
ويا غم غريب ڪؤن، جن ڪوڙيو هو پاسو،
مير محمد مصطفيٰ، لاٿو اندر ئون اوراسو،
مرشد ڪان ماسو، پري ناهه "پريل" چئي.

پري ناهه "پريل" چئي، مونکي آهي سڪ سچي،
توڙي آهيان آءٌ ڪچي، ته به هوت نه ڇڏيندو هيڪلي.

ٽئين ڏينهن "پريل" چئي، مون سان ڪئي محب مدار،
ڪٽ وئي قلوب تؤن، جيڪي هئڙا غم غبار،
ويا سڀ وير ڪؤن، ڏور پڇي ڏهڪار،
مرشد سان مصطفيٰ، اچي ساڻي ٿيو سردار،
ڇڏهن محب ڳڏيو منٺار، تڏهن ويا غم غريب ڪؤن.

* هيءَ روايت آتر (تعلقي قنبر) مان غلام قادر ڪان ملي.

ويا غم غريب ڪؤن، جڏهن روشن ڪيون راهون،
لطف سان لطيف جي، منهنجي وير ڪيون واهون،
"پريل" جون آهون، پيون ڪنَ ڪريم جي.

چوٿين ڏينهن چاهه مان، مون سان ڪئي محب مدار،
چمن سڀ چنبيلين، ڪُليا ڏونگهين ڏار،
صوف، تـوت، سنگترين، ليما، آنب، آنار،
اِلاچي، آشرفيون، لونگن جي للهڪار،
آءٌ ڳڻيندس ڪيترو، آهن لڪين منجهه شمار!
ڳڻ ڳڻيتيون ناهه ڪو، توڙي لکان سڀ چمار،
سڪ گهڻي آهي ساهه کي، پسنديس پاڪ پيار،
پارت ائٿي "پريل" چئي، توکي دوست ميئا دلدار!
مرشد سان مصطفيٰ، ڪيا ڪامل قرب قرار،
هوت اچي هيڪار، لاٿا غم غريب جا.

لاٿا غم غريب جا، جنهن روشن ڪيون راهون،
عشق جي عليل جون، پڙڪيون هي باهيون،
مرشد جون واهون، ڪندو مير محمدﷺ مصطفيٰ!

پنجين ڏينهن "پريل" چئي، ساڻي نبيءُ ستار!
تون وسيلو وڏڪار ۾، هوت! اچ هيڪار،
مون ۾ عيب عميق، تون باري! ڪٽيندين بار،
مرشد سان مصطفيٰ! گڏ هوندي گلزار،
"پريل" جي وهار، ڪندو مير محمدﷺ مصطفيٰ.

ڇهين ڏهاڙي ڇپر ۾، اچي ڪانڌيءَ لڏي ڪر،
مير محمدﷺ مصطفيٰ، آهي اڙين جي آڌر،
ڏيندو پاند پناهه جو، اڳيئن باري ٻُجهن ٻـَر،
لنگهائيندو لڪيون، هـوت اچـي هيڪر،
لڪين لڪن ۾ آهن، نانگ ٻئي گهڻا نر،

ڏاڍا ڏينهو ڏونگرين، پيا وجهن وسيهر وَر،
مِتان ملڪن ۾ گهٽيون، پي هاٽين جي هَونگر،
شينهن سناٽا سچ ۾، پيا آهن گرڙ پکين جا گهر،
ڳورپٽ، ڳجهون گهٽيون، پي واسينگن واهر،
پيٽيون "پريل" چئي، ٽيون پيئن ساهه سَجر،
سَوين سوپاريون سُجهن، پيا آهن ڦيڪارين جا ڦر،
پَدمان پيليون گهٽيون، پيون ڪٽن ڪوڙين ڪر،
ڪيهر ڪيڏن ڪوڙين، پيا نور گهٽا آهن نر،
ماڪڙ ٽيو مستان وتي، پيا آهن ڏانٽين جا ڏر،
اچا آهن ڪيتريون، ڪي بلائون ۾ بــر،
ور وسيلا ويجهڙا، ڪر وِلهن جـــي واهر،
هوت! آهيان هت هيڪلي، پيا ڀاري اهن بر،
هن اُچيءَ جي لَڪن ۾، اچي ڪانڌ! لهي وچ ڪر،
پيئي ڪَنَ ڪريم جي، اها دانهن وڃي دلبر،
چڙهي چئن يـــارن سان، ڪئي وسيلي واهر،
لڪين بلائن برن جـــي، ڪيا سلام سڌر،
پکين آتي "پريل" چئي، ڪئي چانڌوَ چپر،
پکين ذڪر زبان ۾، آ 'هَوَ' سندي هونگر،
"لا اِلٰه" سنديون لاتيون، پُڌي ڏرن ٿا ڏونگر،
ايڏا شرف شفيع جا، ڪيا پاڪ ڏٺي پرور،
سختيءَ ويل سڪرات ۾، ڪئي وسيلي واهر،
"ڪالرو" جي قبر ۾، اچي ڪانڌ لڌي آ ڪَر،
"فاذ ڪروني اذ ڪرڪم" جنهن ڪي آهي سِڪ سِپر،
"لاخوفٌ عليهم ولاهم يَحزنُون" لڌا خوف خطر،
سيراڻي سا سپرين! ڏيندي هام ڏينهن حشر،
ڪلمون جن قلوب ۾، آهي بانڪا لنگهن بر،
فرض، واجب، سُنتون، اهي پروڙ ج پر،
ذاتي جي ذڪر جا، متان وسارين گهر،

لڳا غم گوندر، لڇيءَ جا لڪن ۽.

لڇيءَ جي لڪن ۽، پاڻ رکيائين پت،
حضرت شاهہ جي هڪل سان، جنهن ڀؤ سان ڀڳي پيڙي پت،
ذاتيءَ جي ذکر جي، اچي محب ڏني آ مت،
متان گولين گوٺ ۽، اٿي هوت تنهنجو هت،
ستي ڇڏ شيطان کي، ڏئي اولا نبو البت،
مرشد جي پت، پرور رکي "پريل" چئي.

ست ڏينهن: سلوڪ*

(عارب فقير جتوئي+)

پهرئين ڏينهن پيرَ جي، ڪئي پُورِيئن پچار،
ساڻ رهي تـو روح ۾، ويجهوئي وڏڪار،
لوچي لذائون لعل ڪي، هردي منجهه هڪوار،
سڀئي سڀ سنسار، هليا **ڏوجهي** ڏينهن تي.

ٻيجهي ڏينهن ٻَهي، ڪئي گويا هي گفتار:
اسان پاڻ اهوئي، ناهي دليؤن ڌار،
هستي، هوڏ، هٺ ڪان، نڪري ٿيا نروار،
هيءُ سَوا نه هَن ري، آ اولي منجهه اسرار،
اهڙي دم ديدار، ”جتوئي“ آيا جُوءِ ۾.

ٽيجهي ڏينهن ٽلي، آيا ٽهليا ٽڪاٽي،
جپ تپ، پوڄا پنگتي، ڪئي خاصي خوءِ ڪلي،
ويڇو واري نه وار جو، ويئا محبت منجهه ملي،
هردم رهيا ”هـُو“ ۾، هي پڻ هت هلي،
دانه داد دلي، ٿي هونگ پِريان جي هڪڙي.

چوٿين ڏينهن چوڏار، آيا ڌري نيڪ نرت،
ڪوري ڪڍيائون قلب مان، ڪوڙي سڀ ڪرت،
سنگ رهيا ساسهون، سالم رکي سرت،
پائي پورن پرت، ريجهي ويئا روح ۾.

پنجين ڏينهن پُرجهي، ڪَيئون پنهنجو پاڻ ٻٽي،
ڪا جا لڳي لاهوتين کي، عجب عشق آٽي،

* هيءَ روايت آتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان ”آصف“ کان ملي
+ سوانح عمري لاءِ ڏسو ص ٣٥

سرت سوا سرّ جي، اي ناهي بات بٺي،
ڪاهوڙين ڪٺي، پيائيءَ پارڻ پاريو.

ڇهين ڏينهن ڇوهه مان، هليا ڇڏي هند،
"اهدنا الصراط المستقيم" رمي ورتائون رند،
مڪر موهه مجاز جا، ڦٽا ڪيائون ڦند،
دانه پوءِ دلبند، وڃي لٿا لامڪان ۾.

ستين ڏينهن سري، وڃي ساميون ڪيو سجود،
سام سلي تن محبتي، ميثاقي موجود،
وڏڙي لذائون ور ڪي، ويجهو منجهه وجود،
معنوي مقصود، حاصل ٿيو تن حال ۾.

چوڏهن ڏينهن: مارئي*

(چام خان چانڊيو)

[چام خان ولد محمد رحيم خان چانڊيو، تعلقي بدين ۾ ڪيڏڻ لڳ ڳوٺ ٻيڙي خان چانڊئي ۾ سنه ١٣٠٩هه ٩- جون ١٨٩١ع ۾ ڄائو. پنهنجي ڳوٺ ۾ سهوليت نه هئڻ سبب پڙهي نه سگهيو. جوانيءَ ۾ سلهه جي موذي مرض حملو ڪيو، جنهنڪري سدائين اڪيلو گذاريندو هو. سڄي عمر شادي نه ڪيائين. چام خان شيعه فرقي سان تعلق رکندڙ هو، تاهم سيني اصحابن سڳورن لاءِ ڪيس عزت هوندي هئي. چام خان سنه ١٣٧٤هه/٢٣- سيپٽمبر ١٩٥٤ع ۾ وفات ڪئي.]

قادر جي ڪرم جو، پرو پار نه آهه،
بندن ڪان سو ڀاري، ڏاران ڏار نه آهه،
عمر! ڪوٺ تنهنجي ويهڻ ڪار نه آهه،
ادا! تو تي منهنجو ڪو اعتبار نه آهه،
وري ويڙهه ويندس وصل وار نه آهه.
سڙي هڏ جويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
ٻوي ٻاجهه توکي ڪا من ٻاجهه وارا!

ڪنهن ٽيون ڪنواريون، دانا! تنهنجي دڙڪي،
نه ڪو ميٺ مارين، ويڙهيچن مان وڙڪي،
سڪي ساهه سدائين، ٿاريلين لئي ٿڙڪي،
اولي ڪونه آيو، پنوهارن جي پارا.
سڙي هڏ جويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
ٻوي ٻاجهه توکي ڪا من ٻاجهه وارا!

ڇهرڏهين ڏينهن تن لئي ڪي اڏما اٿن ٿا،

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي بدين) مان مقبول احمد بلوچ کان ملي.

۽ سونهي ۾ ساڳي چڱايون چون ٿا،
ڪوڙين ڪانگ اڏايان، ڏيو لاتون لنون ٿا،
ڪپي جند، خوشيون ويون، اندر ۾ اوپارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ڀاڄه، توکي ڪا من ڀاڄه وارا!

ٻيو ڏينهن ٻڌان ٿي عمرڪوٽ ۾،
چڱا سڀ مارو ڏسان چوٽ ۾،
محبن سان سيڙائو ٿيندو سوٽ ۾،
اونائي نہ آهون ڏٺي تنهنجي ڏارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ڀاڄه، توکي ڪا من ڀاڄه وارا!

ٽيون ڏينهن ٽولاڪا، ڏسان ڪونہ ڏيهي،
لاڪيٽا لڏي ويا، وٽان رات ويهي،
چنو سگ سنگهارن، ٿم ارمان ايهي،
ودي درد دل کي، لڳن ۾ لابارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ڀاڄه، توکي ڪا من ڀاڄه وارا!

چوٿين ڏينهن ڪيان ٿي، مان سومرا! صدائون،
چوري هٿ چڏي ويا ڪاهي ڪالهہ ڪاهون،
انهيءَ درد جون هاڻ ڏيان ڪنهن کي دانهون،
وڃي پار پچنديس هٽي نيٺ نعرا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ڀاڄه، توکي ڪا من ڀاڄه وارا!

پنجين ڏينهن ڀانڊي وڃن پيرڙا،
پلي او پلي سان ٿين پيرڙا،
مَڪي جا مسافر جيئن جيرڙا،

چُمن چانڊاڻ چڱن جي، پلي پاڪ وارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ڀاڄهه، توکي ڪا من ڀاڄهه وارا!

ڇهين ڏينهن ڇتن ۾، مارن ڪيا جي ميڙا،
ستائين سڙيءَ کي، جهلين ڪين جهيڙا،
منديا سي ته مانجهي، نبيءَ کي ٿيا نيڙا،
سهٽي تنهن سيدؐ جا ٿيا سرڪن منارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ڀاڄهه، توکي ڪا من ڀاڄهه وارا!

ستين ڏينهن سڏائون، ڪوهن تان ڪٽي ويا،
ڪٽيءَ کي قيدن ۾ ڏڪاري ڏٽي ويا،
اهي داغ دل تي هٿن سان هٽي ويا،
رويو رات وهايان تڪيندي سي تارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ڀاڄهه، توکي ڪا من ڀاڄهه وارا!

اٺين ڏينهن اوٺي ٿيا اچن عام ۾،
لکين ڪروڙين گڏيا گام ۾،
سونهن ڍول ڍاٽيي جبل جام ۾،
همه ڏين حاجي ٿيا سجدا سُوارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ڀاڄهه، توکي ڪا من ڀاڄهه وارا!

نائين ڏينهن نمازون پڙهن جي نصيبئون،
مديني ۾ مولا! مونکي نئي نصيبئون،
پراندي پرين جي ٿئي يا نصيبئون!
سيڻي ڏوهه ڏاتر بدين جا بارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،

پوي ٻاجھ، توکي ڪا مَن ٻاجھ، وارا!

ڏهين ڏينهن ڏوٿي ويا مينا مٿي،
آتي مال مبارن ڪيا صدقا سٿي،
ڏي اضحيٰ جو احوال قادرا! ڪٿي؟
ٿيا ڪوس ڪيڏا جي ملڪن متارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ٻاجھ، توکي ڪا مَن ٻاجھ، وارا!

يارهين ڏينهن مونکي پون ياد جي،
ڪندا اگر منهنجو هي آباد جي،
ڦريلن جو داوَر ڪندو داد جي،
ته مٺيءَ ڪي مبارڪ ڏيندا ڏيھ سارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ٻاجھ، توکي ڪا مَن ٻاجھ، وارا!

ٻارهين ڏينهن مَن تي ٿو مچڙو ٻري،
قادر ڪوٽ تنهنجي مان قسمت ڪري،
ڪٿيون خاص ڪاهڙ مان پهريان ٻري،
ڀيڄان ٿي ٻنگن لئي، ٿا ڪن محل مارا.
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ٻاجھ، توکي ڪا مَن ٻاجھ، وارا!

ٽيرهين ڏينهن نه آهي طلب طعام جي،
ڪني آءٌ جا آهيان نه ڪنهن ڪام جي،
صرف سڪ آهيم نبيءَ نام جي،
تون ڏاتر! ڏيکارئين، او جلدي جبارا!
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
پوي ٻاجھ، توکي ڪا مَن ٻاجھ، وارا!

چوڏهين ڏينهن "چانڊيو" هيءُ گولو گدا،

چئي "چام" چاڻي، عمر ڪئي ادا،
هميشه نہ هلندو وڏو اي وڏاڻ،
پڙهان پاڪ ڪلمون مان مرسل موچارا!
سڙي هڏ حويلين، ڪڙهي ٿيا جي ڪارا،
ٻوي ٻاجھ توکي ڪا من ٻاجھ وارا!
لا اله الا الله محمد رسول الله

—○—

چوڏهن ڏينهن: راسڪلي*

پهرئين ڏينهن پريت جي، ڪا جوڳين چاتي جُوءِ،
ويڙهي خيال وجود جا، خوش وتائون خوءِ،
رمبا سڌي راهه سان، مڙيا نه حق موءِ،
باس تنهين جي بوءِ، اچي ويچارن کي واسيو.

ٻئي ڏينهن جو، ڪا سٽي سُڌ سچي،
ڪري ويڙهه وجود سان، سي ٻيئا مرد مچي،
اورين اور عجيب سان، ڪڍيائون ڳالهه ڪچي،
تن جي عشق اچي، ويچارن کي واسيو.

ٽئين ڏينهن جو، سي سَڌَن کي ساڙين،
هڪ سڌ تن کي سڪ سندي، سا سدائين سارين،
لايون لعل لنگوٽيا، محبت مچ ٻارين،
تن جي تواين، اچي ويچارن کي واسيو.

چوٿين ڏينهن چئي هليا، سي تڪي ڪري تار،
هٿي ٻيٽڪ ٻراتي، ٿيا مانجهي مٽيادار،
وٺي په پرينءَ سندو، جوڙ ڪرن جنسار،
تن جي پرت پچار، اچي ويچارن کي واسيو.

پنجين ڏينهن پريت جا، دل ۾ وجهي دام،
رويون رلايون روحڙو، گل پرن ٿا گام،
پرت پاڙن پاڻهنجي، جي "الستي" انجام،
مخفي تن جي مام، اچي ويچارن کي واسيو.

ڇهين ڏينهن ڇڳير سي، ڪا رهيا ڇپر رات،
ماري من متا سي، اٿن وائي واحد وات،

* هيءَ روايت آتر (تعلقي ڏوڪري) سان غلام قادر ڪان مليءَ.

اڪيو لالن لوڪ ڪوُن، جوڳي ھائين جھات،
بيشڪ تن جي بات، اچي ويچارن کي واسيو.

ڏينھن ستين محبت سندي، اٺين عشق آٺي،
عشق تن کي ”الف“ جي، ڪيو پٽڙي آھ، پٺي،
سامين پنھنجي سور جي، ڪا ڳجھي ڳالھ ڳٺي،
تن جي خيال ڪٺي، اچي ويچارن کي واسيو.

ڏينھن اٺين آڏو تيا، تا پورب وات وٺن،
ڪاھي نئي سي ڪاپڙي، تا ڪوري ڪنڌ ڪپن،
وز وھائي رت پنھنجو، ڪنيو عشق اچن،
تن جي صاف سچن، اچي ويچارن کي واسيو.

نائين ڏينھن نياز سان، نيوڙن دربدر،
ڳجھي رکن ڳالھڙي، سڪ جي سراسر،
نينھن ھٿي نابود ڪيا، وٺجن عشق وڪر،
تن جي نُور نظر، اچي ويچارن کي واسيو.

ڏينھن ڏھين ڏک سندا، بارين مچ مٿير،
دوئي جلائي جان مان، من جا ڪڍن مير،
پرڙ ڪڍيون تنھين ۾ پون، غازي ساڙين غير،
پرت تنين جي پير، اچي ويچارن کي واسيو.

يارھين ڏينھن سي يار جي، رويو نھارين راھ،
آڪڙين منجھان آب جا، ويھي وھائن واھ،
ھرھر ھينئڙا ھيج مؤن، تا صدقي ڪرن ساھ،
تن جي صاف صلاح، اچي ويچارن کي واسيو.

ٻارھين ڏينھن ٻنگڇي وياسي، جوڳي جاءِ بجاءِ،
ھٿي نينھن نوائيا، ڪن پر ريءَ ڳالھ نہ ڪاءِ،
پانجھين پورب ويا، سا سارين ست سداءِ،

انهن جي راءِ، اچي ويچارن کي واسيو.

تيرهين ڏينهن تيتر، سي برهه مان جڳائين بان،
بيشڪ ڏَونڪَن بَر آتي، تن نانگن جا نيشان،
سامي سنبهيو سيج اندر، سي رميو ٿين روان،
تن جي قرب ڪمان، اچي ويچارن کي واسيو،

چوڏهين ڏينهن چوغان ۾، سي کيڏي ويئا خان،
جي گودڙيءَ گلزار ڪيا، سي ڪٽن ڪيئن خزان،
ويڙهي خيال وجود جا، ڪن بر ۾ برهه بيان،
تن جي سڪ سامان، اچي ويچارن کي واسيو.

ڏيهہ ڏينهن : سسئي*

(بيدل فقير+)

هن ڪوُن رات رسي ويا، ڪري ڏير ڏمر،
سا **ڇهرڻين** ڏينهن اٽي پنڌ پيئي، پڏي سڪ ثمر،
ريلا روئي رت جا، ڪيائين پاٽي سپ پٿر،
ڪڏندي وڃي ڪيچ ڏي، لايئون ڏم ڏچر،
وينگس! پنهنجو ور، آءُ وڙينديس وٽڪار ۾.

ڇئي ڏينهن ٻاروچل ڏي، گهمندي ڪيائين گهور،
ڏيو ڏير ڪري ويس، ماري تنهن مذڪور،
ڪيائين عشق بورائو اگ ۾، ساٽ ڪنيائين سور،
سڪ ته سانول يار جي، ڪيس اندر ۾ انگور،
ٿيءُ راضي ربّ غفور! مونکي پنهون ميلج پنڌ ۾.

ڏٺين ڏينهن روئي رت جا، ٿي نيڻين وهائي نار،
سا ٻيبي وتي بر ۾، سڏ ڪيون سڏڪار،
ڳاڙهو رائو روهہ ۾، ٿو وسيون ڪري وسڪار،
چوتو چوڙيليءَ جو، لڙ ۾ لڙيس وار،
دوست پرين دلدار! هن تي ڪر ڪا ٻاجهہ "بيدو" چئي.

چڙهي **چوڏين** ڏينهن ڪي، ڏسي ڏونگر جا ڏاڪا،
پنڌ اٺاوا پنيون، جبل ڪي جهاڪا،
هٿو ته آڏيءَ رات آئي ويا، ٻار پڏي ٻاڪا،
جنهن سان لعل لهي ونان، سرتيون! سڏ ڏيو سا ڪا،
ڪوڪ منهنجي ڪا ڪا، من ٻاروچل پڏي اچي.

* "بيدل جو رسالو"، مطبوع "يارت پريس جيڪب آباد" سنہ ١٩٣١ع تان ورتل.

+ سوانح عمري لاءِ ڏسو ص ٦

اڇي رسيس روح ۾، موٽي **پنجين** ڏينهن کو پهه،
تنهن تان هٽي وار پٽي، ڪيا، ڪونه ڇڏيائين ڳهه،
عشق ته آريءَ ڄام جي، جيڪا ڪئي هئي محبت محو،
جيڪي لکيو لوح قلم ۾، سو ساهه برابر سهه،
روح رضا ۾ رهه، ته ملنئي پاروچل "پڊو" چئي.

ڇهين ڏينهن ڇٽي پيس، موتي ڳاڙها مٿي ڳل،
سا هلي هوت بلوچ ڏي، پلي نه ڪنهن جي پل،
عشق ته آريءَ ڄام جي، ڪيس ريءَ سيراهيءَ سل،
اڇي جاڳيس جيءَ ۾، جوراڻا ۽ جل،
هڪڙيءَ ساڻ هڪل، پيئي پهڻ کي پرزا ڪري.

چادو لڳيس جان ۾، ثابت **ستين** ڏينهن،
سورن شاخان ڪڍيون، نسري ٻيڻس نينهن،
اڇي تان آلئيس آب اکين مان، جيئن برسي ساونڻ مينهن،
هن تي شوق چڙهي ٽيو شينهن، باري برهه بلوچ جو.

اٺين ڏينهن آهون ڪيون، ٽي سپ نهاري سير،
پهه ڪيون پڇندي وتي، گهر، گهٽيون، گهٽ، گهير،
جانسيءَ ڪاڻ جبل ۾، پٽيون ڪنديس پير،
ڏمر ڪري ويا ڏير، وٺي ڳل غريب جو.

ذائين ڏينهن نينگر جو، اڇي جهوريءَ ٻيڙو جيءَ،
عشق اٺانگو اديون! رکي نه ڪنهن جو ريءَ،
هت ته نڪا سهيلي ساڻ هيم، نڪو ماءُ نه پيءُ،
پرورش ڪندم پنڌ ۾، قادر ربّ قويءُ،
ساهه صبر ۾ ٽيءُ، ته ملنئي پاروچل "پڊل" چئي.

ڏهين ڏينهن ڏکن جا، ورق کُلي پيس واهه،
سا پڙهي پروڙي پاڻ ۾، اندر منجهه آراهه،

رمندي وڃي روح مؤن، ڪيون ڪستئون ڪاهہ،
گهوريان گهر پنهل تؤن، هي مڏيون، مال، متاع،
حاضر حضرت شاهہ! هن تي ڪر ڪا ٻاجهہ ”ٻليو“ چئي.

ٻارهين ڏينهن يقين سان، ڪيو ويچاريءَ وارو،
اچي پرتي پنڌ ۾، نار هڻي نعرو،
جاتي سنگتي نہ هٿس سيج ۾، تاتي ڏکن ڏنس ڏيکارو،
سورن لاتس ساهہ ۾، اچي دهہ دهہ دهڪارو،
هيءُ سير سڄو سارو، آءٌ بہ رتيون ڪنديس روهہ ڪي.

ٻارهين ڏينهن ٻروچ جو، اچي ٻيهر لڳس ٻاڻ،
نڪو پاڻي پنڌ ۾، نڪو ثمر ڪنيائين ساڻ،
وري ور وسائيندو، هن ٻوريءَ سندو ٻاڻ،
جيئن بجلي باران ۾، تيئن ٻريس محبت ماڻ،
اڳ نہ چاتم چاڻ، تہ ڪو پوندس ڦٽ فراق جو.

ڏيرهين ڏينهن تڪڙي هلي، رضا مڃي رحمان،
اچي رسج روح ۾، تون سولي ڪج سبحان!
سا پڙهي حمد حبيب لئي، زاري ساڻ زبان،
ترهو توڪل جو ٻڌي، وڙي لهنديسان،
دل مقابل دان، ڏو هادي هر ڪنهن کي ڏي.

چوڏهين ڏينهن تان چاڪ چڪي ٻيس، هاي روج ٻڌي راڙو،
ڏير ڏکيءَ کي ڏک ڏيئي، ڪيائون ڏوهہ سان ڏاڙو،
عقل، مت کسي ويس، اتهين ڪيس عشق اگهاڙو،
سور ٻنيندي سيج ۾، سرتيون! تن سڪي وتيس تاڙو،
جاني ڪؤن دم جدا جالڻ، آهي ڏکيو ڏهاڙو،
پنهل ڪؤن پاڙو، شل جيئري جدا نہ ٿئي.

پنڌرهين ڏينهن پرينءَ جا، روئي نهاري رند،

خان پنهل جي ڳڻتي ڳاري، سڪ ورتا هئس سَنڌ،
جهوريءَ جيءَ جهُنوڪيس، جهوري برهه وڌا هئس بند،
پاڻ هنيو ٿي پٽ تي، سا روئي هئي هئي ڏسيو هنڌ،
پنهل خاطر پنڌ، مان ڪندس ڪشالا ڪيچ ڏي.

سورهين ڏينهن سجڻ جا، سرتيون! چڪي پيڙس چاڪ،
سا چڙڏي پيڪا پنهنجا، هلي هيڪل هٿي هاڪ،
پنهل جي پيزار جي، آءٌ ڪٽي چمنديس خاڪ،
جهنڪي ساڻ جبل ڪي، ڪنديس تاڙيون تڪا طاق،
پرورڏني پاڪ! هن ڪي ميلين پاروچل! ”پدو“ چئي.

سترهين ڏينهن سجڻ جو، سرتيون! باري آيس بار،
رڻ ڪاري تنهن روهه ۾، ٿي روئي زاروزار،
هئو ته آڏيءَ رات آئي ويا، هن جاڳي ڪيو نه جار،
ڪرها ڪاهي ڪيچ ڏي، ٿيا تنهين ويل تيار،
منهنجا سڌ سڻي سردار، شل ڪندو پاجهه ”پدو“ چئي.

ارڙهين ڏينهن انهن سان، ڪيائين سورن ساڻ صلاح،
دل ۾ ڳٽي ڳالهڙي، چلي منجهارون چاهه،
ته اِجهو ٿي آئن ڪي پڇان، رمي ورتائين راهه،
ور خاطر وڻڪار ۾، وجهنديس ڏيهن ۾ ڪا ڏاهه،
هن ويچاريءَ جي واهه، اچي ڪندو محمد ڪارڻي.

اوڻيهين ڏينهن عشق ڪيا هئس، اچي ناز نوان،
جيئن جمي وڻ واڪو ڪري، تيئن ٿيس آيري سور سنوان،
پنهل جو پرديس ۾، مان ڪنهن ڪي حال چوان!
هينئڙي پولي حق جي، مان پي نه لات لنوان،
شال! قبول پوان، وڃي ديري دوست جي.

ويهين ڏينهن ويڙهي ويس، تن ۾ سڪ تمام،

سور وڇايس سرتيون! اڱڻ جو آرام،
ڪڍندي وڃي ڪيچ ڏي، ڪيو هُن هنگام،
اچي پيو اٿڻ کي، ديدن سندو دام،
ازل ڪئون انجام، منهنجو ٻول ٻروچ سان.

ايڪيهين ڏينهن عشق آمارو ڪري، ويس چوٽيءَ ٻرچڙهي،
ويڙهي واسينگن جان، ڪئي هئي خيال ڪڙي،
ٻڌي ٻاروچو ويس، اندر جيءَ جڙي،
پيس نازڪ ڏاگو نينهن جو، قابو منڊ ڪڙي،
جنهن جي دل آڙي، سا ڪندي ڪشالا ڪيچ ڏي.

ٻاويهين ڏينهن ٻروچ جي، مَن ۾ لڳيس ميخ،
ساڙي ساهه مُئيءَ جو، سور ڏنا هئس سيڪ،
عشق تہ آريءَ ڄام جي، ڏنس روح اندر ۾ ريڪ،
تنهن کي ڪاف جهليندا ڪينڪي، آهي جنهن جي نظر نيڪ،
جيڪي لکيو منجهه ليک، سا هر ڪا ڀاڙي ڀانهنجو.

ٽمڪيس **ٽيويهين** ڏينهن کي، اچي درد سندا دونهان،
اچي سنگتي سُيج ۾، سور ٽيس سونهان،
جنهن جا عضوا عشق آليڙيا، ٽيس ڦٽن جون ڦُوهان،
لڱ لڱ ۾ لُوهان، سونکي آهن اديون! آريءَ ڄام جون.

چمڪي **چوويهين** ڏينهن کي، ڪيو شمع شعاع،
ڏکي سي ڏونگر ويو، پيو ٻڪين ۾ ٻڙلاءَ،
دانهون ٻڌي دهليون وڃي، ٽو جبل جلدي ڪاءَ،
عشق جي عليل جو، جيءَ کي آيم گهاءَ،
ڪل نہ ٻئي کي ڪاءَ، جن لڳو تن لڳيو.

پرٽيس **پنجويهين** ڏينهن کي، اچي پريان جو پُور،
محبت وڌي هئي معاملي، هئي چوٽيءَ تائين چُور،

وچڻ ٻرين جي ٻار ڏي، مونکي آهي ذوق ضرور،
دل ڦاسائي دام وجهي، ڪيو ڪوهياري تہ ڪلور،
هاڻي محب ڪندو منظور، هي دانهون دردونديءَ جون.

چوويهين ڏينهن چپر ۾، ڪري پنهي ڪامڻ ڪوڪارا،
وڏي رمز رتيون ڪري، پنهي نار هڻي نعرا،
پنهل پيچ وجهي ويس، آڏي اندر اوتارا،
رمندي وڃي رات ڪئي، هيءَ تڪيندي تارا،
سڄڻ سوڀارا! مونکي ڏي ڏوليا! پاند ڍڪي جو.

سرڪي **ستاويهين** ڏينهن ڪي، هن ڪي جا ڳيا سور سپر،
راضي ٿيندو روح ۾، ايندو سوال سڻي سرور،
ٻڌي عرض "ٻيلو" چئي، ايندو دم تنهين دلبر،
جڏهن وارو ڏيندو ور، تڏهن آءُ بہ سونهنديس سرتين وچ ۾.

اٺاويهين ڏينهن اندر مؤن، آيس درد سنديون دانهون،
پنهل جا پرديس ۾، تني رند ڏسي راهون،
ٻئي دعا گهري درگاهه مؤن، هٿ ٻڌي ٻانهون،
هن آجهل جون آهون، من ٻُڌي ٻاروچو ٻاجهہ ڪري.

اوڻٽيهين ڏينهن عورت آسري، ڪري الله توهار،
ڪَر رکيائين ڪيچ ڏي، موڙي منڊ مهار،
سَوَ مرون انهيءَ ماڳ تي، هليس هاڙهي منجهہ هزار،
جاتي بگهڙ، باندر، ٻولا، ٻچڙا بيحد بيشمار،
روجهہ، مماڻ تنهن روهہ ۾، پيا اتي ڪن الغار،
سرهہ، بلائون سيج ۾، اچن ڪڏ ڪيون ڪنڪار،
ڦيرن چراخ چريا ٿيا، ڪارڻ قوت قرار،
جاتي چيتا، ڪيهر ڪيترا، ڪن گروڙيون گجڪار،
گورنر، جاتي گورخر، ويس ويڙهي ۾ ولهار،
وڇون، نانگ نيڻن تي، ٻيو ٻؤ ٻُجهي ٻلڪار،

جڏهن سولي ڪيس سردار، تڏهن سيئي لڪ لنگهي ويئي.

ٿهلي ڏههين ڏينهن ڪي، هلي ڪا م ڪهي،
"وحده لاشريڪ لہ" ڪيائين سوجهي ست سهي،
هش سچائي ساهہ ۾، ما رڻ تي ڪين رهي،
آئي لعل لهي، برڪت ڪلمي پاڪ جي.

لا اله الاالله محمد رسول الله

ٽيهه ڏينهن: مارئي*

(عبدالمجيد "ماجد" اهروي)

[عبدالمجيد پٽ ٿارو خاصخيلي، سنه ۱۹۱۵ع ۾ ڳوٺ صوفي فقير تعلقي عمرڪوٽ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪرڻ بعد انگريزي پڙهڻ لاءِ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي صحبت ۾ طب سکڻ جو شوق ٿيس. گهرو مجبورين سبب انگريزي تعليم کي اڌ ۾ ڇڏي ڳوٺ موٽي آيو. ساڳئي وقت ولهيٽ جي مدرسي ۾ مولوي عبدالڪريم ساند وٽ عربي ۽ فارسيءَ جي ڪجهه تعليم به حاصل ڪيائين. شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هئس، ڇاڪاڻ ته سندس پيءُ ٿارو خاصخيلي به هڪ سگهڙ ۽ شاعر هو. هن وقت تائين ڪيترو ئي ڪلام ڪافين، ڏوهيڙن، مداحن، ٽيهاڪرين ۽ مناظرن وغيره جي صورت ۾ چيو اٿس، جو قلمي حالت ۾ وٽس موجود آهي. پنهنجي ڪلام ۾ تخلص طور "ماجد اهروي" ڪم آڻيندو آهي. 'اهر' ديهه جو نالو آهي ۽ "صوفي درگاهه" به اڳ "درگاهه اهر" جي نالي سڏبي هئي. انهيءَ ڪري ئي عقيدت طور اهو تخلص رکيائين. صوفي قلندر بخش شهيد، محمد فقير کنڀياڻ ۽ رکيل شاهه پاڳناڙي وارو، سندس صحبتي هئا. پاڻ هن وقت درگاهه صوفي فقير جو مجاور آهي.]

هري ڏينهن ڦهرئين کنان نر نيس،
وطن ۽ ويڙهيچن کان وڇڙي ويس.

پاپاڻن کان ڏئي ڏينهن، ٽيس ڏکجي ڏار،

---

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمرڪوٽ) مان محمد عمر "معمور" يوسفاڻي کان مليي.

اڇي ڪين ڪولن ۾ ڪنهن پر قرار.

سهيلين کي ساريان **ڏٺي** ڏينهن ٽري.
ڏسان ڪين ڏوٽي ٽاريلا ٽري.

چڙهيا ڏينهن **چوٿين** غمن جا گدام،
پري ٽيا پاڙيچا هو سانگي سندام.

پنجين ڏينهن پاڙيچيون هيٺين ۾ هرن،
چوانڊيو ڏت ڏوٽياڻيون، ولر سان ورن.

ڇهين ڏينهن ڇڄي پيو سورن ڪان سرير،
سهي ڪين سانگياڻي هي ظلمي زنجير!

ستين ڏينهن سويلو چڙهي ڪيم نگاھ،
نه سرتيون نه ساٿيھ، نه ڪو تڙ تلاءَ.

آٺين ڏينهن آهي اندر ٿيو آداس،
روئان ۽ رڙان ٿي، نه آ روح راس.

نائين ڏينهن نيڻر ۾ ڳوڙها ڳاريان،
ڳلن تان لڙهيون لڙڪ ٿي لاڙيان.

ڏهين ڏينهن ڏکڙا اچن اورهان،
قريبن ڪنان ڏار، ڪنهن کي ڪهان؟

يارهين ڏينهن پيا ياد مڪٽيون ۽ مٽڪ،
ڪونيٽ، پيريون، ڪرڙ، آرٽيون ۽ آڪ.

ٻارهين ڏينهن ٻڪريون ٻڪر ٿيا ٻري،
سوا تن جي ساعت نه منهنجي سري.

تيرهين! ڏينهن تن لاءِ تنوارون ڪيم،

ڪڙهي ڪوٽ ۾ ڪيئي ڪارون ڪيم.

چوڏهين ڏينهن چٽ ۾ چڙا پيا چُرن،
سنيارون سائيھ جون هينئين ۾ هُرن.

پُنا زور **پندرهن**، نہ پانڌي پسان،
نہ قاصد نہ ڪانگو، نہ ڏوڻ ڏسان.

سُتي ڏينهن **سورهن** سنياليم سنگهار،
پاڙيچا پنوهاريون، پهانہ ۽ پنوهار.

لنگهيا ڏينهن **سترهن** سنياري سڄڻ،
جدائي ۾ جن جي آ جهوري جهڄڻ.

اچي ڏينهن **ارڙهين** جو آڌما آئيام،
الا! چو نہ اڃ تڪين، ويڙهيچا وريام.

آئي ڏينهن **اوڻيهين** ڪيم جان نگاهہ،
پٽن تي ٿيا خوب گل ڦل ۽ گاهہ.

ويهين ڏينهن ويڙهيچن جا وهلور ڪٽئين،
آئيا ڏيئي آڌما، سُتل سور ڪٽئين.

آتر ڪان آيا ڏينهن **ايڪيهين** آبر،
وٺا مينهن مهري، پٽن تي پلر.

ہرو، ٻاجهريون **ٻاويهين** ڏينهن ڏس،
عمر! تنهنجي هر چيز ٻانيان تي وِسُ (١).

ڏڙي **ٽيويهين** ڏينهن ٽاريون پيون،
سُونهن خوب ٿيون ڏس وٽن تي وليون.

(١) وس = وهہ، زهر.

ڇگيون ڏينهن **ڇوويهين** پاساڙن پڙُون،
سڙهيون سبز سايون، ڪڏيون ڪئين ڪپون.

پيون **پنجويهين** ڏينهن واڌايون وطن،
ڪاهيو مال مارو ولر ڪيو وتن.

ڇوويهين ڏينهن ڇيان جي ڏي مونکي ڇڪ،
ڏنا روح ريلا، ٿي سرتين جي سڪ.

ستُر ڏينهن **ستاويهين** جو رکجان ستار!
وري ميل جلدي پليرو پتار.

عمر! ڏينهن **اٺاويهين** سٺا سون سنپار،
ڇُري آهم ڇت ۾ ڇڙن جي ڇونگهار.

آباڻن سوا گذريا **اوڻٽيهه** ڏينهن،
مگر آ نڻئين ڏينهن، نئون هُن جو نينهن.

لکهيو ماهه "ماجد"، پانيان مهسين مال،
پڙهان پاڪ ڪلمون، ٿئي سن وصال.

لا اله الاالله محمد رسول الله

—○—

ٽيهہ ڏينهن: رامڪلي*

(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي)

[شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنہ ١١٠٢ھ/١٦٨٩ع ۾ ڀٽ کان اوڀر طرف پنهنجن ناناڻن 'ڏيرن فقيرن' جي ڳوٺ ۾ ڄائو. ۽ ١٣- صفر ١١٦٥ھ/١٧٥٢ع ۾ وفات ڪيائين.]

ڪيم ڪاپڙين جي، **پهرئين** ڏينهن پروڙ،
سگها ساعت نہ هيڪڙي، چارئي پهر چوڙ،
سدائين "سيلڊ" چئي، هون سنياسي ۾ سُور،
جوڳي ساڻ ضرور، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ويهي ويراڳين جو، **ٻئي** ڏينهن ٻڌم حال،
ان جا ڏاڍا ڏوڙ پُڪليا، جاڳوٽا زوال،
تن چاٽي چٽائون ڇڏيون، چوٽا ڇڱيءَ چال،
ويچارا وجود جي، ڪنهن سين ڪن نہ ڳال،
نانگا ٿيا نهال، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ٽئين ڏينهن ٽمڪائين، دُونهيون دائرن ۾،
ميڙيو ڪرڙ ڪاٺيون، جوڳي جلائين،
سنديون ڪامڻ خبرون، آديسين آهين،
ڪجھہ نہ ڳالهائين، لڪا پٽن لوڪ ۾.

چوٿين ڏينهن چوڳان ۾، ڪنهن جنهن پهہ پيا،
وهم پريان جي وڌيا، تن ۾ ڪوڙ ڪيها؟
اندر آديسين ڪيي، اچن جوش جهڙا،
سامي سون ٿيا، لڪا پٽن لوڪ ۾.

* "شاهہ جو رسالو" تان ورتل.

ڪنهن جنهن ٻور پچائيا، **پنجين** ڏينهن پَئي،
اندر آديسين ڪَي، سورن شاخ ڪئي،
محبت جي ميدان ۾، لاشڪ ٿيا لهي،
ساري رات "سيد" چئي، تن گوندر ماڻ گئي،
ڪريو سيڻ سهي، لڪا پٽن لوڪ ۾.

پيا ڪنهن پَريان ۾، **ڇهين** ڏينهن ڇَٽي،
اندر آديسين ڪي، ڏريان نئي ڏٽي،
ٻري ٻاجهارا ڪيا، ڪانئي خاڪ ڪٽي،
پنيو پنج ڪَٽي، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ستين ڏينهن "سيد" چئي، ڏاڍا ڏوتائون،
اچي الڪ ساسهون، ٻانهون ٻڌائون،
وڏي ڪنهن ولايت جا، اهيج آندائون،
روح پنهنجو رام سين، پَر ۾ پُوتائون،
ڪٽيو ڪيڏائون، لڪا پٽن لوڪ ۾.

اٺين ڏينهن اچي ويا، جوڳي جاءِ ٻجاءِ،
سا پَر سامي سڪيا، جا پَر جوڳ جڳاءِ،
وير وتار وجود ۾، ان ڪي رام رهيوئي آهه،
ڪنهن جنهن ڪمائيءَ لاءِ، لڪا پٽن لوڪ ۾.

نوئين ڏينهن نيٽان، اوجاڳي آجاريا،
سياجهي ٻاجهه ڪئي، سُڄاڻي سيٽان،
جتي نظر نات جو، آتي اوتاران،
ايهي اڄاڻان، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ڏهين ڏينهن ڏِڪَ ٿيا، پاپو هيا پس،
ورق جي وصال جا، سي واري ڪيائون وس،
لڏائون "لطيف" چئي، سندو گُروءَ گس،
جوڳين ڪٿيو جس، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ٻارهين ڏينهن ڪرم، وريو ويراڳين جو،
جوڳين جڻائون پنيون، هلي ويا حرم،
دائم جهليو دم، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ٻارهين ڏينهن پيئي، مَن مرادون پنيون،
جوڳي ان جاٽ ڪي، ٽي سِڪيا سپيئي،
سمانا سيئي، جي ڳُر ڪي ڳڏيا ڪاپڙي.

ٽين سڪ "سيّد" چئي، **ٽيرهين** ڏينهن تمام،
گنگا لوٽي گودڙيين، جر پيتائون جام،
کهيو تي ڪلام، لڪا پٽن لوڪ ۾.

چوڏهين ڏينهن چلي ويا، جوڳي مِٽي جوءِ،
آتي آديسين جي، لڳي سِڪ صبوح،
راول انهيءَ روءِ، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ڦري **پندرهين** ڏينهن، ٽا سامي ڪن صدا،
ڪري آيا ڪاپڙي، سنجهان ڳام ڳدا،
انهيءَ ٻول ٻڌا، لڪا پٽن لوڪ ۾.

سامي **سورهين** ڏينهن ٽا، ڪابولي ڪاهين،
چوِٽا چاڙهيو چيلهه سين، سنياسي ساهين،
ڪين قنديل ڪڇ مان، لاهوتي لاهين،
اهڙيءَ پر آهين، لڪا پٽن لوڪ ۾.

سترهين ڏينهن سنباهيون، سامين سِڻائون،
ڪرا ڪچڪولن ۾، ڳولي ڳِتياءُون،
آتي آديسي هليا، جوڙي جڻائون،
سِڪ نہ سَليائون، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ارڙهين ڏينهن آتي ويا، ڏاڳن ڪي ڏوئي،

سامي سک نہ سنهريا، ڪرت ڪڏهن ڪوئي،
اٺـــن سور سماع جو، جڳت ۾ جوئي،
ڪنهن سين اورڻ ڪنڪي، سنياسي سوئي،
لنگهائين "لطيف" چئي، رات سڄي روئي،
سامـي سپوئـي، لـڪـا پـٽـن لوڪ ۾.

اوڻيهين ڏينهن امر ۾، آديسي آهين،
سي لِـک نہ لکئي مان ڪاپڙي، لاهوتي لاهين،
نہ ڪي آڏيـن نجهرا، نڪي ڪـي ڏاهين،
ويـڌا وراهـيـن، لڪا پـٽـن لـوڪ ۾.

ورن **ويهين** ڏينهن ٽـا، سامي سُڃاڻيو،
ٽ پـچـائـيـن پور ۾، آديسي آڻيو،
مـالـهائـون مـاڻيو، لڪا پٽن لوڪ ۾.

الله! **ايڪيهين** ڏينهن تي، ويراڳي واري،
ڪڏهـن ايندا ڪاپـڙي، گـنـگا گـرناري؟
لقا لاهوتين ڪي، ڪنهن ڏک ڏيکاري،
اهـڙا آچـاري، لڪا پـٽـن لوڪ ۾.

ٻاويهين ڏينهن ڪو ٻاٽ، لڳو آديسين اڃي،
ڪنهن تان ڪـيـن ڪـکوريا، منجهان مچ مچي،
لانـگـوٽيا لعل ٽـيـا، انهيءَ پـر اڃـي،
هلي ويا هنگلاج چڙي، رانوَل رات رچي،
لهيو سُڌ سچي، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ٽيويهين ڏينهن ٽمائيو، نانگا اچن نيڻ،
ڪين وسارين ڪاپـڙي، سپاجها سيڻ،
جڄيو جهيٽي جهيڻ، لڪا پٽن لوڪ ۾.

چوويهين ڏينهن چلڻ جي، ڪئي ويراڳين وائي،

هتانئين هـَل ڪري، سـُريا مـي سائين،
آد يسي آکير ۾، لال پريان لائي،
سامي سماعي، لڪا پـٽـن لوڪ ۾.

پنجويهين پوربين کـي، آئيندو الله!
وَنگي وَلين ويڙهيو، ساڻ سنياسين ساهه،
اچي آب اکين ۾، آڪبديو ارواح،
سڪ تن سامين ڏانهن، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ويراڳي وارن کي، **ڇويهين** ڏينهن ڇوڙين،
لايو خاڪ لڱن کـي، جٽائون جوڙين،
سڱيون نيو سچ ۾، ڪاهوڙي ڪوڙين،
ويتر ٽا وڙين، لڪا پٽن لوڪ ۾.

ستاويهين ڏينهن سر تي پوڳي وجهن پاڻ،
لائي لڱن کي هليا، پٽوڙيائون پاڻ،
کيدائون ۽ گودڙيون، سدا سامين ساڻ،
انهن ڇاتو ڇاڻ، لڪا پٽن لوڪ ۾.

اٺاويهين ڏينهن آن ۾، سندي پنڌ پچار،
سامين ساز سنوان ڪيا، تند وڄائن تار،
ڪن مدائي ڪا نه ڪا، موچاري مٺيار،
پاڻ پليدي ۽ ڪان پلي، ڏريان ڏين ڏار،
اهڙي سانگ سچار، لڪا پٽن لوڪ ۾.

اوڻٽيهين ڏينهن آئيا، سنياسي سرتاج،
حاصل حـَسنين جي، هي سڀ ڏيندين هاج،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ويٺا وجهن واجهه،
ساڌو ڏيو سـُڪاج، لڪا پـٽـن لوڪ ۾.

ٽيهين ڏينهن ڏيلي ڏيا، مڙيئي موجود،

وڃو آت ويراڳ ۾، سامي ڪن سجود،
لاطمع لاهوت ۾، وڃائين وجود،
سڪ منجهاران سود، لوڏي لوڙي آئيا.

ڏيهه ڏينهن: رامڪلي*

(فقير غلام حيدر تيرهو)

[فقير غلام حيدر ”تيرهو“، قنبر علي شاهه ”شريف“ ٻاڏائي جو مريد ۽ خليفو هو. عربي ۽ فارسيءَ جو وڏو عالم هو. سندس چيڀل ڪلام، ”رسالو حيدري سنڌي“ جي نالي سان سنه ١٨٩٠ع ۾ شايع ٿيل آهي. هي ڏيهه ڏينهن سندس هٿ اکر قلمي نسخي تان ورتل آهن.]

پهرئين ڏينهن پرياڻ، ڪيم ڪاپڙين جو،
گوندر گيرين ۾، سور ڪنيائون ساڻ،
چائي ٻجهي چاڻ، وڃائي واٽ ٿيا.

ٻئي ڏينهن ٻئي پار، ڪنڌ نه ڦيرين ڪيڏهين،
هئون هميشه حال ۾، پيو ڪم نه چاڻن ڪار،
دُوئيءَ جي درڪار، وڃائي واٽ ٿيا.

ٽئي ڏينهن ٽاڏا، وين سيئي وسري،
موهي مَچ مجاز جي، ڪيا ساڏي سياڻا،
پاڻ سندا پاڏا، وڃائي واٽ ٿيا.

مٺي گس گروءَ جي، **چوٿين** ڏينهن چلن،
سناسي سنگ ڪيو، هيڪاندا هلن،
ول نه ڪا ولن، سدا سنرا سُور سين.

پنجين ڏينهن پرَوُڙ، پيٽن پورب پار جي،
الستي احڪام جي، گهائي نيا گهور،
مَهيسي مسرور، سدا سنرا سور سهين.

---

* سيد قنبر علي شاهه ”شريف“ جي قلمي نسخي تان ورتل.

چوٿين ڏينهن چوڙي، لاسنگ لٿيائون،
ڪڙا، ڪلابا، ڪنٺيون، جانگهوتا جوڙي،
سگڙيون ڪوڙي، نفي ٿيا ناسوت ڪان.

ستين ڏينهن ثابوت، سنهري پٽڪائون سندرا،
ڇڏي جامو جذب جو، ڪل ڪيائون قوت،
ماٺيائون ملڪوت، لاهوتي لال ٿيا.

آٺين ڏينهن آديس، وڃي ويراڳن ڪيو،
نه ڪو تيرٿ تڪيو، نڪو مهيس ڪمهيس،
نڪو هنگلاج، حج ڪو، نه ڪو نانا ڏيس،
هيءُ وٽائي ويس، آديسي ٿي آسهيا.

نائين ڏينهن نروار، ٿيا راسخ رند تي،
سرُونجهوءِ پورب جي، پري مٺيائون پار،
سگا، سهايون، سگيون، سندو تن سينگار،
"ڪُلَّ يَوۡمٍ هُوَ فِيۡ شَانٍ" درس ڪيائون ديدار،
سچائي سنسار، آديسي ٿي اسهيا.

ڏهين ڏينهن ڏمر، ڇڏي چوهٺون هليا،
پاڇي ڪيائون پاڻ سان، تُنُّـيَنِ منجهه تمر،
ڪٺي سور ثمر، آديسي ٿي اسهيا.

ڪارهين ڏينهن ڪين مان، ڪيو ڪاهڙين قوت،
ڇڏي تگ طلب جو، سڃاتائون سڪوت،
ويا ناسوتان نڪري، ماٺيائون ملڪوت،
لتاڙي لاهوت، آديسي ٿي اسهيا.

ٻارهين ڏينهن ڀيو، ورڻ ويراڳين جو،
نفيءَ ۽ اثبات جو، آنِ ڀري ڀند ٿيو،
"سُبۡحٰنَ الَّذِيۡ اَسۡرٰي بِعَبۡدِهٖ" سامين سير ٿيو،

ڪچو ڪونه ٿيو، "نيرهو" ڇٽي تقرير جو.

ٻيرهين ڏينهن تقرير، ڪانهي ڪاپڙين تي،
آد يسين الڪتب جي، اندر منجهه اکير،
اوڏا اچن نه آن ڪي، منڪر ۽ نڪير،
بابو بينظير، لکي لوڪ نه سگهيا.

چوڏهين ڏينهن چليا، ڪٿي تعلق ٽڪيا،
قال سچاڻن ڪونه ڪو، ستي حال هليا،
روبرو رليا، پڙندي پرميسر سان.

پندرهين ڏينهن پري، سامين سير چتائيو،
ويا آنهي ۽ وات ۾، جتان ڪونه وري،
سوڌي سڌ سري، آتان آئيو ڪونه ڪو.

سورهين ڏينهن سماءِ، ٻيو نه پورهين جو،
ڪونهي آخ آن جو، نڪو ٻي نه ماءِ،
ڏپ ڇڏيائون ڏاءِ، ٽوڙي نيٺ ننگ چاء.

سترهين ڏينهن سنيريا، سامي ڪن سنان،
"اللهم اغسل من ابواب الشريعة" اهڙو تن امڪان،
حقيقت حنان، هادي چاڙهن هيڪڙو.

ارڙهين ڏينهن اچي ڪيو، آد يسين اسلام،
راهه سچاڻي رب جي، ريجهايائون رام،
سجدو ۽ سلام، نانگا ڪن نياز سان.

ٻڏائون ٻول ڪري، **اوڻيهين** ڏينهن احرام،
ويهي ڪيو نه وات ۾، بيراڳين بسرام،
"ڪل نفس ذائقة الموت" پڙ ونجهيائون پيغام،
ڪنهين ٻڌائون ڪينرو، هلڻ جو هاڪرام،

سُڪ ٿي سُتا ڪينڪي، تنهان پوء تمام،
"تير ها"! تن تمام، ڪاڏو خُون جگر جو.

ويهين ڏينهن وصال جا، ڪنين سڻائون سنڪ،
پورب سندي پنڌ جي، پيهن سڀ پرک،
لايائون لِگن ڪي، سندي دونهينءَ رک،
آڏو تِي الک، لَکي ڪونہ مڳهيا.

ايڪيهين ڏينهن آئي هليا، بابو پَنڌي ٻيٽ،
ماٺيائون مطلق سندي، معنيٰ سندي ميٺ،
اوري اورين نہ عام سان، جن ڏوراٽي ڏيٺ،
ماتا مهيسين جا، چاڪ چڳيءَ پَٽِ چيٽ،
ڪنڌ ڪيائون هيٺ، ڏسي نظر ناٿ جو.

ٻاويهين ڏينهن پاريِن، متي ڏَڙن ڏُونهيُون،
تَڳا، سيليون، سِڱيون، سهجان سينگارين،
گوندر گَتِ گروءَ سان، گهايل گذارين،
پرميسر جي پار ڏي، نت نهارين،
ويراڳي واحد ڪي، ويل نہ وسارين،
آهيج آديسين جا، مونکي ٿا مارين،
آسن آجارين، تڪيا تيرٿ پيڙيو.

ٽيويهين ڏينهن ٽمن، اکيون آديسين جون،
اوهيرا ڪيو آب جا، جهڙ جيئن نيڻ جهمن،
ساري رات سمن، اوجاڳي آجاريون.

چوويهين ڏينهن چرن، چُمي رکيائون چيت ۾،
پيَتو پَٽ بيراڳ ۾، بابو ڪن بَرنَ،
آڪاسين آڪاس ڏي، ڏمالِيَئُون ڏرن،
وڳا ويس وَرنَ، لَتا لينگهون آن جا.

پنجويهين ڏينهن پارچا، پٽ نه سڀ پرهين،
لانگوٽا لالچ جا، لباسي لاهين،
ويتا ورهائين، ٻيک پنيو بر مان.

ڇويهين ڏينهن ڇڱير، ٻرين بيکاري ٿيا،
مٽا سڪ ٿيي کينکي، پلنگ پاٽي پير،
سناسي سمير، مٽي مٿانهان ويا.

ستاويهين ڏينهن سجاڳ ٿيا، مٽي گس ڪراڪ،
فنا ڪيا فراق، ڪنهن سان ڪجن ڪينکي.

اٺاويهين ڏينهن الٽا، بابو بيد پڙهن،
لالچ ڪنهن لانگوٽيا، سچن منجهه سڙن،
چاڙهيکي نه چڙهن، پرن پيادا پنڌ ۾.

اوڻٽيهين ڏينهن آرام، وڃايائون وجود جو،
پاڻ پڇائي پاڻ ۾، ڪيٿائون قوام،
آني کي عوام، سمجهي سگهي ڪينکي.

ٽيهين ڏينهن ٽرن، وحدت سنديءَ وٽ ۾،
وٺيو راهه رسول جي، منجهان پيرت پڙهن،
ڪلمون پڙهيو قلب سان، ڇڳيءَ چال چرن،
"تيرها" توبهه تسبيح ڪي، رکيو سير سرن،
مٽي هينيائون هٽن، وسان وسارين ڪينکي.

لا اله الا الله محمد رسول الله

نو راتيون: سسئي*

(گل محمد کوسو)

آئي الله جـــي آسري، ڏئي ٿي ڏيرن،
ڇهيو همٿ هوتن جا، ڇهرينءَ پٽي پيرن،
ڪاج رڌائين خوشيءَ مان، الله ڪاڻ اوئين،
پهرين رات پهون ڪري ڪاڌي ماني مهمانن،
ٻيجهي رات ٽڪڻ ۾ ڪي مصلحت ملوڪن،
ٽيجهي رات چڱا ڪيا اوچڻ اشرافن،
چوٿين رات پنهون سان ڳالهايــو ڳوڏن،
پنجين رات چني ويا، هو ڏور هٽي ڏاگهن،
ڇهين رات سـِر يون ٻڌ يون، ڪوريون ڪنواٽن،
ستين رات اجهي ويا، تازا پير پرين،
اٺين رات نماڻيءَ جو وئيو ور وڃن،
انهن اهڃاڻن، خـاوند ميڙئين "ڪـوسو" چئي.

---

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٽنڊي بـاگي) مان محمد طالب لوهار ڪان ملي

ڇهہ راتيون: سورٺ*

(شاهہ جي رسالي مان ورتل)

[هيٺيون ڇهہ راتيون 'شاهہ جي رسالي' ۾ سر سورٺ جي داستان ٻئي جي شروع ۾ آيل آهن، ۽ بمبئي واري ڇاپي ۾ موجود آهن. اهي بيت ڪن ٻين ڇاپن توڙي قلمي نسخن ۾ پڻ قدري ڦير گهير سان آيل آهن. ڇهين رات واري بيت ۾ 'لطيف' جي بدران 'سيد' جو نالو ڪم آيل آهي، ۽ غالباً اهي بيت ميين شاهہ عنات رضوي يا ٻئي ڪنهن آڳاٽي شاعر جا چيل آهن. انهيءَ لحاظ سان اهي بيت راتين جي صنف ۾ ڪافي آڳاٽا چيل آهن. رسالي جي نسخن ۾ فقط اهي ڇهن راتين جا بيت موجود آهن، البت سنہ ١٨٧٠ع ۾ ۽ ان بعد بيتن ۾ هڪ "قصو راءِ ڏياچ جو" مرتب ڪيل آخوند عبدالرحيم وفا جو ڇپيو هو، جنهن ۾ انهن اصلي ڇهن بيتن سان ٻيا بيت گڏي چوڏهن راتيون ڪيل آهن.]

پات پهلي رات ۾، ڪين' ڳڙهہ ڀاسي ڳايو،
شهر سڄو ئي سُر سڀن، تنندن تپايو،
دايون درماند يون ٽيون، ڀاين ڀاڏايو،
ٽيو غلغلو گرنار ۾ تہ ڪو عطائي آيو،
سالڪ ساز سرود سڀين، ڪين' جو ڪمايو،

---

* 'شاهہ جو رسالو' مطبوع صفدري پريس بمبئي، سنہ ١٣٠٦ هجري تان ورتل.

راز سڀوئي راڄ آڳي، آمُل اونايو،
حڪم سڀني حاڪم، تنهنُ فائق فرمايو،
تازي ڏيوس ٽڪرا، زينت زر ڀايو،
مالَ خزِينا مشهوريون، ڏيئي ھائي ھلايو.
پيجل ٻولايو، ته آهيان سوالي سِرَ جو.

پيجل کي ٻيءَ رات ۾ سڏايو سلطان:
اڳي ڪونه آئيو، پير تنهنجي ٻانَ،
جانثان جيءَ جدا ڪيو، طرح تنهنجي جي تانَ،
مون وٽ مال متاع جي، ڪمي آهي ڪانَ،
تو دست ڏيان مڱڻا! روح رچندا دانَ،
ميان مهربانَ! چوري چنگ چنج ڪين.

راجا کي ٽيءَ رات ۾، ٻُڌايو پيجل،
ته سهسين هٿا سنسار ۾، پيا ٻُڌن داتا دَلَ،
آيس من آچلَ، تيلاهين تو ڳري.

چارڻ! چوٿينءَ رات ۾، آءُ نيچ آئين جيءَ،
تنهنجو قدم ھدم نه ڀاڙيان، جي تون ٿئين جميع،
دان دَلٿُوچا دل وٺيا، وٺي راضي ٿيءَ،
هينئر آئٿي هـيءَ، صبح سوايو ڏيين.

ڀلنيو پنجينءَ رات ۾، رُهو سونَ سبيلَ،
ڀلنگ، ٿراٽيون، ڀالڪيون، نوَ لک ناڻي نيلَ،

داتا! وٺان نہ دانَ ڄ، وانُ ڦيرائي ڦيلَ،
آکيم جو آصيلَ! سو سِرُ ڏي تہ سَرَھو ٿيان.

چهين ٢ رات چڪائيو، سالڪ سوري سازُ،
ڪاپائين ڪڙھ ڪِرنار ڄ، ڪري آکہ سين آوازُ،
صلاح جو ”سيد“ چئي، راڇا تو سين رازُ،
سپاڻي سرفرازُ، سيون ڪندو سگهڙي.

——○——

ڏهه راتيون: سسئي*

۱ (شيخ سنگر)

[شيخ سنگر ولد شيخ نور محمد لس ٻيلي جي ’ڪرڙياڻي شيخن‘ مان، ڄام ڪمال خان (۱۸۹٦–۱۹۳۸ع) جي زماني جو مشهور سگهڙ ٿي گذريو آهي. اٿل شهر کان اتر ڪوهه الهندي طرف ڳوٺ حمراڻيءَ واري ريجا (ٻيلو) جو رهاڪو هو. نڙي خدا تعاليٰ مٺي ڏني هيس ۽ آواز پرڪشش هوس. شيخ سنگر اڪثر شيخ ابراهيم ۽ حمر جا بيت ڏيندو هو.]

سڻ ٻه ”سنگر“ سچ چئو، آهه منڊي تنهنجي من،
ٻيءَ رات ٻڌي، ٻاهه ٻاري ٻاروچن،
ٽين رات ٽڪاڻا ٽيا، ڪڙهه لئي ڪيچين،
چوٿين رات چاري ٿيا، بانئيون بلوچن،
پنجين رات پرت مئن، ڳهيليون ڳوڌن،
ڇهين رات ڇاڻي ڪري، ڪڍي مٽان داڻن،
ستين رات سولا ٿيا، ڪيچي ڪنواٽن،
اٺين رات اچڻ جي، ڪئي مصلحت ملوڪن،
نائين رات نڪري ڪري، ڪئي پاس بلوچن،
ڏهين رات ڏمر جي، ڪئي ڏنگائي ڏيرن،
هوءَ پنهل انهيءَ پارن، ”سنگر“ چئي وروئي واٽ ويا.

---

* هيءَ روايت آتر (تعلقي شهداد ڪوٽ) سان غلام نبيءَ کان ملي.

يارهن راتيون: مناجات نبي صلعم*

(حاجي عبدالله ڊ ڪڻ +)

ماڻ الله جي احمد چام! ور ڪج ورنهہ وير وريام!
سيد! پياسون تنهنجي سام، ڪر قريشي! غور غلام.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

پهرين رات پيغمبر پاڪ! سڏ ڪيو سڏ ڪري غمناڪ،
دل دکن ڪئي چوري چاڪ! مل محمد! لاهہ فراق.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

ٻيجهي رات ٻڌي هي ٻانهون، عرض ڪري ٿو عاجز آهون،
دلبر! دل سان ٻڌ تون دانهون، روز نهاريان تنهنجون راهون.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

سڏيان سرور **ٽيجهي** رات، پائي پاند ڪڇيءَ پريات،
ور وسيلا! وائي وات، ڏاتر! ڏيار اسان کي ڏات.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

چوٿين رات چوان هي حال، سائين! سڻ تون منهنجو سوال:
درد، غمن ڪيو دل کي زوال، ڪر نوازش ساڻ نهال.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

---

* هيءَ روايت اتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان "آصف" کان ملي.
+ سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيه ص ٨.

پنجين رات وسيلا ويرا! دانهن ڪري تو دامنگير،
خام رنجايو تنهن خنزير، ترت تنهين جي ڪر تدبير.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

ڇهين رات رسولِ خدا! دانهون منهنجون دل سان لاءِ،
ناحق رڪ رنجايو آهه، هادي تنهن تي حڪم هلاءِ.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

ستين رات سگهو سردار! غور اسان جو ڪر غمخوار!
موذيءَ ڪي ڪا وجهه تون مار، پيارا! سچائج پنهنجو پار.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

اٺين رات عريضي آئي، تنهنجي پيش پچايم هائي،
تون تو صاحب! سڀ ڪي ڄاڻي، ڪر عدالت حامي هاڻي.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

نائين رات ننگي ننگپال! سڻ فرياد سگهو في الحال،
خر ڪيهي جو شوم شغال، ظالم ڪر سو زود زوال.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

ڏهين رات پچائي ڏس، ولي ويٺس تنهنجو گس،
لاهه قلب تان ڪوري ڪس، شاهه شتابي رهبر رس!
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

يارهين ياورا! تي همراهه، ماڪ سچي جا شاهنشاهه!

Soorih Mirani

ڪانهي تنهن کي ڪا پرواهہ، جن تي تنهنجي نظر نگاهہ.
سيدﷺ! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

ڪانهي مونکي توريءَ ماڙ، ڪاهي ڪيل، چڪن مان چاڙ (١)،
درد هٿي ٿو جيڪو ڏاڙ، لوڏ لنگهائي تنهن کي لاڙ.
سيدﷺ! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

سيدﷺ! تنهنجي صحبت پائي، آڻ نہ تن تي آفت ڪائي،
هٿئون حرڪت جن هلائي، تڙ تنين کي ڪر توائي.
سيدﷺ! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

سخت صديءَ جو تاش تاب، پهريون لنگهڻ لڪ حساب،
ڏسي لرزي جان جناب! ڪر ڪا پرورش شاهہ شتاب!
سيدﷺ! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

تون سرتاج سدا سلطان، تنهنجو تابع جڳ جهان،
تو تي راضي ربﷻ رحمان، عاصي پر تَوَ ذوالعصيان.
سيدﷺ! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!

حال حسيني ڪر فرياد، دانهين جو ٿئي دل سان داد،
ميرانيءَ جي دل ٿئي شاد، دائم دل تي ڪلمون ياد.
سيدﷺ! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو ڪر مرسل مير!
لا اله الا الله محمد رسول الله

(١) چاڙ=چاڙهہ.

پندرهن راتيون : سسئي*

(سجاول ورڻ)

ڪيچئون آيا ڪيچ ڏٺي، **پهرين** زوراور ذات ميان!
ٻيءَ پچائي، آيا ڪاهي، ويا چوري ڪري ڪاچات ميان!
ٽيءَ نہ پروڙيم سُرپُر سندين، ٻولي ٻروچي بات ميان!
چوٿين چاڙهي، پنهل واري، سو ٿي ساري ساٿ ميان!
پنجين رويو رند نهاري، هوند پَسي پريات ميان!
ڇهين ڇُليي، ڇپر هليي، جنهن ڪي روهہ پيئي رات ميان!
ستين سُور، سي ورونهہ، ڏير ڏٺي ويم ڏات ميان!
اٺين اوري، ڏونگر ڏوري، ساٿي وڙي، ڪيچين لاءِ قلات ميان!
ناڻين نهاري، هنجهون هاري، وو وو ڪري ٿي وات ميان!
ڏهين ڏکوئي، محبت موهي، من ماري ڪيو مات ميان!
ڪارهين ڪهي، سا ڪين رهي، جنهن ڪيَ تن اندر ڏات ميان!
ٻارهين ٻاروچا، ڳوليائين پنهنجا، آهن آهنجا، هولَڪ لڪيون وردات ميان!
تيرهين تاڻي، هلي نہ جاڻي، جنهن ڪي ساٿيهہ، ٿيو هو ولات ميان!
چوڏهين چاڙيڪا، ڏنائين آڙيڪا، سي ساريڪا، سڏ ڪري سقلات ميان!

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان محمد طالب لوهار ڪان ملي.

پنڌ رهڻ گڏيس، هوت بلوچ، جنهن ننگ سُڃاتس نات ميان!

پر پاڻ هُيس پات ميان، تنهن کي سورهيہ گڏيو هو "سجاول" چئي.

پنڌرهن راتيون: سسئي*

(حاجي ڄام چانڊيو+)

پهرين رات پنهن جو پور، اول ڏسان وچي هوت حضور،
ڏير سسئي کان ويڙا ڏور، دم نه ترسي تن کان دور،
سک ڦٽي ويا سهسين سور، حال وڃايا پنهنجا حور،
لوڙڻ تنهن کي ٿيو لاچار، توڏن پٺيان ٿي تيار.
کندي پڇائون، ڪڍندي پار.

ٻيءَ نه ڏٺائين پنهنجا پيلي، سارپ ٿيس ڪانه سويلي،
آئن پٺيان ٿي ويئي اويلي، آڇن ٻکن ٿي ٻر ۾ پيڙهيلي،
جت ڏٺي کي جيسر پار، توڏن پٺيان ٿي تيار.
کندي پڇائون، ڪڍندي پار.

ٽين منزل ۾ ڪنوار ڪوماڻي، پنهنجي ور تان وير وڪاڻي،
روح ڪيا ٿي رڻ ۾ راڻي، مات سورن جي ڪئي آهه ماڻي،
مالڪ! لاهين ايءَ ميار، توڏن پٺيان ٿي تيار.
کندي پڇائون، ڪڍندي پار.

چوٿين رات مٺي چوپولڻون، رڻن ٻرن ۾ ٿيس رولڻون،
عشق اٿانگي ڪيس اولڻون، پاروچل! پنهنجون پارين پولڻون،
مون تي آهن حرف هزار، توڏن پٺيان ٿي تيار.
کندي پڇائون، ڪڍندي پار.

پنجين رات ڪجان پوئواري، ساجن! توکي معلوم ساري،
آءٌ جا ڏوهڻ آهيان ڏاري، روئي رندن تي راجڪماري،
جت ٿا گينڊ گهمن گينوار، توڏن پٺيان ٿي تيار.
کندي پڇائون، ڪڍندي پار.

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان مقبول احمد بلوچ کان ملي.
+ سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه ص ٦٨

ڇهين رات ڇپر جا ڇولي، ٽر جي واري ناهي ٽولي،
ٻانهڻ کي اها ٻولي ٻولي: سختي راهہ ڪرئين تون سولي،
نام نبيءَ جو آهي نروار، تـوڏن پڙيان ٽي تـيار.
ڪندي پڇائون، ڪڍ ندي پار.

ستين رات سڏي ٽي ساٽي، فند فريب ۾ آهيان ڦاٽي،
ڪنڌ ڪيان ڪيئن آئي ڪاٽي؟ مـلڪـل ڀهتو ٽـي مماتي،
چڙ تہ ٻوري ٽي آهہ جمار، تـوڏن پڙيان ٽي تـيار.
ڪندي پڇائون، ڪڍ ندي پار.

اٺين رات نہ آيم اوٽي، ڪانہ آهيان تن ڪيڇين ڪوٽي،
جاڙ جيان ٽي جڳ ۾ جوٽي، پاڻ پلاٽي وياسي ٻوٽي،
مـهرين تي جـا وڏائون مار، تـوڏن پڙيان ٽي تـيار.
ڪندي پڇائون، ڪڍ ندي پار.

ڏائين رات نصيب نماٽو، عرض مـُنيءَ جو ڪونہ اگهاٽو،
خان پنهل لئي هينئڙو ڪاٽو، پرور! مون تان لاهہ پڇاٽو،
آءٌ جا ناقص آهيان نار، تـوڏن پڙيان ٽي تـيار.
ڪندي پڇائون، ڪڍ ندي پار.

ڏهين رات ڏکن جي آئي، مـُنهن تہ پڙيو ٽي پنهنجو مائي،
جيءُ جڏو ڪيو آهي جدائي، خالق! تنهنجي مجيم خدائي،
ڏاڍي صاحب جي سرڪار، تـوڏن پڙيان ٽي تـيار.
ڪندي پڇائون، ڪڍ ندي پار.

يارهين رات ڇني ويا ياري، ڪانہ ٽـٽي ڪا وڻ مان ٽاري،
گونڊرجي جهـَريا، ويئي گلزاري، وڻ ولها ٽيا، وسي ٽي واري،
گل ڪوماڻا، ويئي گـلزار، تـوڏن پڙيان ٽي تـيار.
ڪندي پڇائون، ڪڍ ندي پار.

ٻارهين رات ٻڌج ٻاڪارون، سرور! لهج تون منهنجون سارون،

مادر ڏي متان مونکي مارون، نرمل! واهين نُور جون نهرون،
کندي پچائون، کيندي پار، توڏن پنيان ٿي تيار،
کندي پچائون، کيندي پار.

تيرهين رات تڪيم ٿي تارا، ڪونہ آيو ڪو پرين پارا،
عيبن مون تي ڪيا آمارا، داد ڪري نہ ڪو دوست ڌارا،
حيرت جا جي پايم هار، توڏن پنيان ٿي تيار.
کندي پچائون، کيندي پار.

چوڏهين رات نہ پايان چاندي، آمر اللّٰه جي هٿ ڪٽي آندي،
وارث! ڪرتون ورونهہ ڪان واندي، پُهرت پنهنجي ڪر پيراندي(١)،
ڏاتر! مونکي ڏيهہ ڏيکار، توڏن پنيان ٿي تيار.
کندي پچائون، کيندي پار.

پندرهين رات پسائين پاڙو، ساڃن! ساهہ کي آهي ساڙو،
لائق! ڪر ڪو مون ڏي لاڙو، "چام" بندو هيءَ لکن لتاڙو،
پڙهنديون ڪلمون پچنديون پار، توڏن پنيان ٿي تيار.
کندي پچائون، کيندي پار.
لا اله الله محمد رسول الله

---

(١) پهرت = پورهيت.

پندرهن راتيون: مارئي*

عمر آڻائي مارئي، آندي ڇهرڻ رات،
ڏٺي آيو ڪوهه تان زور ڪري ظلمات،
ميلڪ اڻي مارئي! ماڙيون هيءَ محلات،
جيڪا وائي اٿم وات، سا قبول ڪر قرب سان.

مارئي

عمر! آهين اصل کان، تون بانڪو بيپرواهه،
هيڻڙ ساڻي اٿم ڪينڪي، سوا هڪ الله،
ڀائو! پورو ڪيم ٿي، تون آهين منهنجو ڀاءُ،
جيسين سمي ۾ ٿم ساهه، لوئي لڄائيندس ڪينڪي.

عمر

ماندي ٿي نه مارئي! سڻ ڳالهه منهنجي هيءَ:
شهد، شڪر ۽ شربتون، تون ڪلي خوشي مان پيءُ،
ڳاري پنهنجو ڳٺڙيءَ ۾، ڇو جنجل وڌئي جيءُ؟
هي سمورو ويءُ، ميلڪ تنهنجي آهي مارئي!

مارئي

ادا! ڪر انصاف، تون عدالت عمر!
ڀڪين ٿو ٻيءَ رات ۾، ڪريو ڏيک ڏمر،
نيهه ٿيندئي ڪينڪي، هي قبا ڪوٽ ڪڙ،
پوءِ د نگ دريافت ڪر، آٿي عدل انصاف جي.

عمر

ٿڪيو ڏيءَ رات ۾، ٿو چٽي عمر امير:

---

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي.

هي مِلڪ تنهنجي آهن، مينهون، ڳئون، ڪير،
ٻيون محلاتون ۽ ماڙيون، بنگلا بينظير،
سي سڀ حوالي توڪريان، جي سٽين ڳالهه سڌير،
ڪري ڪا تدبير، ورندي ڏي ورنهه مونکي.

مارئي

ورندي ٿَـئي ورِيام! هي پڌري منهن پالوٽ:
آجهو نه اٿم آسرو، منهنجي الله تيندو اوٽ!
ڪٿي آئين ڪوهه تان، ڪري مسڪين مروٽ،
پيچي شل پورا ٿئي، هي عمر! تنهنجو ڪوٽ،
چڙهُ ڪٺيرن سان ڪوٽ، ساچهه ڪر تون سومرا!

عمر

چوٿين رات چاهه مان، چيو هيئن عمر:
هي باغ بستان ميوا، اٿئي حوالي هينئر،
سڀ سوغاتون سوکڙيون، موجود ميسّر،
پيا موتيا گل گلاب جا، ڪن چٽائي چوڌر،
۽ خوشبوءِ ڪٿوريءَ جي، سُرها تيل، عطر،
ڏسي سي گوهر، راحت اچي روح کي.

مارئي

عمر! ڪر عدالت، ٿيءُ نه پائـو پورا!
جئن تنهنجا محل ماڙيون، تئن اسين آڏيون چوُنرا،
جئن تو وٽ ميوا، انب، انجير تئن اسان وٽ
ڏٽ پچن ڏوُنرا،
پيون ڪاريون ٽين ڪبڙيون، جن جا ڳوُنچ چرن ڳوُنرا،
ڍُنگ پيو ڏوُنرا، ٿا ماروُ پهرن مال ۾.

عمر

منٿ ميچ تون مارئي! ڇٽان **پنجين** رات پئي،
هي تابع سڀ تنهنجي ڪريان، سومريون سڀئي،
مڙن تي مختار ٿي، تون حڪم هلاءِ پيئي،
جي ڏور تنهنجا ڏيهي، ته به راغبي راڄ گهٽو ٿئي.

مارئي

راڄ نه وٽي تنهنجو، مونکي ادا ڙي عمر!
قسمت آندم ڪوٽ ۾، نه ته ملڪ ته منهنجو ڏر،
ڇو ٿو ڪرين ڪنگالڻ تي، ڏاڏايون ڏمر؟
مهند سڄي محشر، من ٿئي آت غور غريب جو!

عمر

پنجين رات پور ٿي، ڇٽان **ڇهين** سج لٿو،
مائٽ ساريو مارئي! ڇو ڪُٽين منهن مٿو؟
کهڙو تنهنجي جيءَ ۾ ڪيو سُورن آهه سٿو؟
هُت لوئي ۾ ڪٿو، هِت وڳا پائج پٽ جا.

مارئي

ڇهين رات ڇوهه مان ٿو عمر! ڏين ڇيرا،
هُت ڪنيا هوندا ڪوهه تان، پنوهارن پيرا،
منهنجا سڪن ٿا سانگين لئي، جيءُ، جگر، جيرا،
جي ڪپي ڪرين ٽيرا، ته به سيل نه پڇنديس سومرا!

عمر

ستين رات سومرو، ٿو ڏي عمر اشارو:
آهيان گهوٽ تنهنجو، آءٌ مارئي! موچارو،
لاهي لوئي ڪر ڪپڙا، رکي نينهن جو نظارو،
ڪامڻ! ڪسارو، ڪڍهن ٻولج ڪينڪي.

مارئي

ساجهه، ڪر تون سومرا! چو ٿو ويچارن ڏين وين،
شرع موجب محمدي، جي تون پاڪ، آهه پين،
ڪيئن لا ڪيٺا لڄائيان؟ سانگي سنڌ م سين،
مارو ساريو ميهن جئن، نت روز روئن ٿا نين،
هينئر من مارن لاءِ ميڻ، نه ته لڳ ڏاڍا هئم لوهه جا.

عمر

مت مارئي ڪي ٿو ڏئي، اڏيهن رات عمر:
نه ٿي آمنا مڃين منهنجي، ائٿي کهڙو پر؟
وڏي، چيري، چيچري، ڪندو سئين ٽڪر،
نه ته سمجهي سربسر، راضي ٿي وڃ رضا تي.

مارئي

اها رضا نه مڃينديس روح سان، توڙي جهڪ ڏين چيرون،
هينيون ڦٽي قارون ٿيو، جنهن ڪي سوين پيون سيرون،
رويو وهامي راتڙي، ٿيون نيٺين وهن نيرون،
توڙي لوئي ٿئي ليرون، ته به پٽ نه پائينديس سومرا!

عمر

مڃ نصيحت منهنجي، تون نارنان! رات ڏائين،
اسان بادشاهن سان بيوفا! چو مينو ٿي ساهين؟
عمر جهڙي ور سان، پير نه پلنگ تي پائين!
هيءُ ملڪ مٿاهين، گهوريان گهورون ڪري.

مارئي

ملڪ نه ملوٽي، مونکي، تنهنجا رنگ رتول،
نڪي وٺن ماڙيون، نڪي تنهنجا ٿول،
ٻاريان ٻنوهارن سان، ڪيل سنڌ م قول،
مسڪين تي سومرا، ڪرم هنگاما هول،

تون شاني پنهنجو ڳول، ڪيئن تو سانگين سان
سڱ ڪرين؟

عمر
عمر، مارئي تي اچي ڪيو، ڏهين رات ڏهڪار:
رکي نظارو نينهن جو، تون پرت اسان سان پار،
چندن سان چنايان، تنهنجا ڪاڪل ڪارا وار،
چوڙا، پيڙا، چرخيون، چوني قُلّ چوڏار،
سي پائي ڪر پسار، مارئي! محلن ۾ منهنجي.

مارئي
چئي: عمر! اسبابن تي، آءٌ هرگز نه هيرڪان،
رکان سيل ستر ڪي، تڏهن مارن ۾ مرڪان،
ڏوني منهنجا ڏور ٿيا، پيم وڇوڙو ور ڪان،
تنهنجا زيور ڏسي زينتي، ڪيئن منهن موڙيان ترڪان؟
پنوهارين سان پاٿي لئي، نڪتيس گهڙا ڪٽي گهرڪان،
تاٿي نيو تو تڙ ڪان، پيوس هن بنديءَ ڪي.

عمر
ٻارهين رات يتيم تي، آيو عمر ڪاهه ڪري،
ني هوڏ ڪرين حاڪمن سان، ڪهڙو ڏيان ڏري؟
چو گوشائتو گذارين، پاڻهون پير ڀري؟
قربئون قدم پري، چڏ هستي هوڏ اسان سان.

مارئي
هيٺيون حاڪمن سان، ڪهڙي هنديون هاڪ!
جن جا درد فراق ۾، چکي پيڙا چاڪ،
ڏسيو ڏيل ڏکي هينيون، تنهنجي حشمت هيبتناڪ،
تون عمر! نه اوڏو هُجين، توکي پلي پرور پاڪ،
پرور شال پرزا ڪري، اهي تاڙيون تنهنجا طاق،

هاڻ اجايا اخلاق، مٽين ٿو تون سومرا!

عمر

ڀڳي ڀارهين رات جو، آيو عمر اصيل،
نارنان؟ ڪي نياز سان، ناٽا باسي نيل،
طرحين طرحين جا طعام ڪاڻ، ڪوڙين ڪئين قليل،
چو دل پنهنجي درد ۾، ظاهر ڪيئي ذليل،
سٺي هيءَ سبيل، منهن نه ميٽ تون مارئي!

مارئي

عمر! وٽن ڪينڪي، تنهنجا انب اهي آمان،
نه ڪي ڀوڙ ڀلاءَ وٽن، تنهنجا تيرهن ئي طعامان،
اهي ڪاڌ خوراڪون تنهنجون، ڏوڙ ڀانيان ڏامان،
آءٌ ڀيهن جي ڀرپيل، ڪت ڏسيو ڪامان،
سپ ٽڪر ڪري ٽامان، تنهنجا باسڻ پڇي پوراڪريان.

عمر

تيرهين رات تاب ڪري، اچي عمر ويٺو اوڏو،
ٿو متيون مارئيءَ کي ڏي، ڳڏ پڇي گوڏو:
آندم آٿ اوهان لئي، تيز تکو توڏو،
اهو مهري موڏو، آٿ آيو هو ايران مان.

مارئي

اها نه وٽي مون سومرا! تنهنجي صحبت، سواري،
ڏيئي آئين ڏکيءَ کي، خلق جي خواري،
ڏٺي ٿيس ڏيهن ۾، ساري ڪرم ۾ ڪاري،
آڳا! هن عليل کي، بچائج باري!
ستر رکج سرور ڏٽي! پي تات ناهي تاري،
ڪرمولي! موچاري، نه ٿيان آچي عمرڪوٽ مان.

عمر

عمر، مارئيءَ وٽ اچي ٿو چوٿهين رات چويس:
تون آهين عمرڪوٽ ۾، هاڻ دور تنهنجو ديس،
حاڪمن سان هستيءَ جي، ماري ڇڏ تون ميس،
ڪِرڙا ڪيمخوابي وجهه، ٻيا وڳا پائي ويس،
لوئي، ڪٿوءَ ڪيس، تون لاهي ڦٽو ڪر لڱن تان.

مارئي

عمر آباڻن جو آءٌ، لاهيان ڪيئن لباس؟
مارن جي ملڪ جي، رکان ٿي اندر ۾ آس،
ڏسان منهن ملير جو، وٺان وطن جو واس،
ٻلر جي ٻيڻ جي، آهي تن منهنجي کي تاس،
عمر! ويڙ اجايا، مون ٻيڙ کي نه باس،
ڪر شهنشاهه! شناس، عارف عدل جا ڏٺي!

عمر

ٻري ٻير ڀنڌ رهين، عمر آيو آنور،
مهندان مارئيءَ جي، اچي گفتا چيا گوهر:
سوين مون وٽ سون جا، آهن زيبائتا زيور،
سچا موتي سهڻا، هيرا، لعل، جوهر،
هاڻ ڇڏي ڏک ڏمر، اهي پائي ويهه تون پرت مان.

مارئي

عمر! ڪهه تنهنجا، ڪيئن پرت منجهان پايان؟
آهيان گهوري حق جي، ناحق گهوري ناهيان،
انگ آباڻن ڍڪيم جيڪا، سا لوئي ڪيئن لاهيان؟
اهو مرڪ ناهي منهنجو، جو مارو لڄايان،
ٻل ٻليري ٻانيان، هيءَ ڪٿي ڪٿيرن جي.

پندرهن راتيون: مارئي*

(سانجهي)

ڇهرين رات ڦهوار لاءِ، آنداڻون پڪا ڦيرون،
ڏوسو ڪينديس ڏيس جو، سگر سويرون،
مارڙين ۾ ”سانجهي“ چئي، آءٌ بيراڳڻ ٻيرون،
وڃڻ ناهه ويرون، وار تہ وڃان ويڙهہ ۾.

ٻيجوي وٺي ٻانهون، آچيس ڳالهہ عمر:
ڪيرڙن ڪليون ڪريون، زبان سيپ زهر،
ڪاڻ ڪندو، ٻيءَ پٽاشا، تون سارا ڪم سگر،
تون وني آءٌ ور، هوءَ جي هندورن هيرين.

ٽي رات ٽپي وڃي پنوهارن پئي،
ڪين گهاريان تنهنجي گهر ۾، ڏڻ سڻور سهي،
ڪندو ن، پٽاشا جن جي پيٽ ۾، سي ڪيئن پيئن پهي،
جن جي باب مهي، وار تہ وڃان ويڙهہ ۾.

چوٿين چاڙهي چرٽيءَ تي، مٺي وهاري منڌ،
ڪارا انبورا هن تي، اتي آهن خزاني جا ڪنڌ،
ڪاڏي ڪين ڪنند ٿي، هي گنج خانا گنڌ،
تو حوالي هنڌ، هوءَ جي هندورن هيرين.

پنجين رات پڪي ٿي، سٽج خان خبر:
تون مارئيءَ مٽي، مارن جا آهن گهوني ٻاسي گهر،
پنوهارن جي ٻاسي، قادر! ڪج قبر،
ٿورو لاءِ ٿرا! وار تہ وڃان ويڙهہ ۾.

---

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل کان ملي.

ڇهين رات ڇڏڪي، نيئر لڳا هئس نيٽ،
ڪرم ڪنئي ڪاهڻي! پيا ڳ بخت جا پيٽ،
ڇڏ شيطان، ڪر شڪرانو، ڪاڻ آن پاڻي پيٽ،
پيٽ مٽي، پيٽ هيٺ، هوءِ جي هند ورن هيرين.

ستين ڪري سڏڙا، آتر ڪري آهه،
لڄ رکجئين لوڪ ۾، شب رکجئين شاهه!
آڄ نه ميان سومرا! ماڙيون، مال متاع،
جهلي امانت الله، وار ته وڃان ويڙهه ۾.

اٺين رات عمر کي، سور نه اچي ماٽ،
قربئون آندم ڪاهڻي! ڪو ڏهاڙو ڪاٽ،
شيشا لال شراب جا، وٽيون کي ورهاٽ،
ڏيئي ڪنڌ منجهه ڪنڌاٽ، هوءِ جي هندورن هيرين.

نائين رات نيڻن مان، رت به رُنائين،
ماڻهون شهر مليرجا، سي پڻ سارياڻين،
ويندي ورنديس ڪينڪي، وڃڻ وارياڻين،
مارئي ملي مائٽن، شال سلامت سائين!
ٽينديس ڏر جهلي دانهين، وار ته وڃان ويڙهه ۾.

ڏهين رات ڏمرجي هليو، راجا منجهه رتول،
ملڪيت اٿئي مارئي! هي ٽڪا ۾ ٽول،
ماڙين ۾ ”مانجهي“ ڇٽي، آتي جن جا هول،
لاهي ڏوٽياڻي تان ڏول، هوءِ جي هندورن هيرين.

يارهين ڪري سڏڙا، لاهه ڪنجون ڪرف ڪورا،
اچن ٽا عقل ۾، ڏنڊون ۾ ڏورا،
ڪين سونهن پنوهاريون، چاهه سندن چؤنرا،
تو تي لائق اسان جي، جتيون ۾ جورا،
ماڻهو منهن ڳورا، وار ته وڃان ويڙهه ۾.

ٻارهين آيس ٻورو ٻانهن تي ٿي ٽري ٽيس تيار،
وٽ ٻونچيون، وٽ ٻاچي، وٽ نورو، نولکو هار،
ڪرسون، سڳيون، سينگار، هوءَ جي هندورن هرين.

ٽيرهين هنيس ٽڪو، تون آهين ڪين عمر!
عمر ڇڏجي ايل ڪي، جو ولهين جو و
تڪيو ڪٽين ترٽن تؤن، ڪريو منجهه ڏمر،
ڪليو تـــان وتيو وچ، ڪتوري وڪر،
ڪچ ڪورج ڪينڪي، هي بدي؏ جو بصر،
پويون پهوم پهر، وار ته وڃان ويڙهه ۾.

چوڏهين رات چئور ٿي، پهرم سپ چڪي،
ڪانگل قاصد هٿ ۾، مارن ڪانه مڪي،
ڪين وهاسي ولهه ۾، سانگين رات سکي،
ڏائڻ! ٻانءَ م ڏکي، دوءَ جي هندورن هرين.

پندرهين رات پنوهارن ڏي، ڪينئو ٽين ڪيا ڪيل،
ٻر ونيا، برساتون ٿيون، هر چيز ٿيا هيل،
ٻٽ چارينديس ڦوڳين سان، ڪري تيل ڦليل،
هاٽي ويهڻ ناهي ويل، وار ته وڃان ويڙهه ۾.

ويهه راتيون: سسئي*

(حاجي ڄام چانڊيو+)

جو گهڻ ڏينهن ديس ڄڳ ۾، ڪريان پنهل پچارون،
هنيون هوت حبيب لاءِ، ڦاٽي ٿيو ڦارون،
بندي هن بيمار جو، ٻيو دوا نه دارون،
هادي! رکج هٿڙا، متان مادر ڏي مارون،
ٻڪي ڏڄئيم ٻاجهه جي، ڪا ٻرين جي ٻارون،
اندر ۾ آرون، مونکي ڇڏڪن ٿيون "چانڊيو" ڇئي.

ڇڏڪن ٿيون "چانڊيو" ڇئي، مونکي هنئين منجهه هزار،
ڀُرڙين رات پنهون جا، جڏهن ٻيلي آيا ٻار،
تڏهن ڏسي پنهنجي ڏيرن کي، ٿي سسئيءَ ڪيا سينگار،
پر ڇا ڳي ڪين ڄتن وٽ، او وڃي ڏوهڻ سٽي ڏار،
اٿي اوٺين اٺ پلاڻيا، بغدين رکي بار،
پهر لڳا هون پنڌ ۾، کي "چانڊيو" ڇئي چار،
جڏهن صبح ٿيس سار، تڏهن ٿي ڪٽي پير پنهون جا.

ٿي ڪٽي پير پنهون جا، جنهن کي ڀيءَ ويا ڀوڙي،
سا سسئي ڪري ٿي سڏڙا، ٿي ڊڪي ۽ ڊوڙي،
لکيو انگ اجل جو، سو لاچاري لوڙي،
ڇوڙا ڀيڙا "چانڊيو" ڇئي، نه جانب ري جوڙي،
مرسي مير اچن موڙي، مهارون تن مئين جون.

ڏي رات ٽولاڪا ڇڏي، هوت ويا هاڙهو،
هٽي ويا سي هٿ سان، تنهن ڏوهڻ کي ڏاڙو،
ڏاترا! مونکي ڏيکارئين، تنهن پنهل جو پاڙو،

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي بدين) مان مقبول احمد بلوچ کان ملي.
+ سوانح عمري لاءِ ڏسو ص ٦٨

"چام" چئي مون چنيءَ کي، اهو ساهه اندر ساڙو،
جيئن تنواري تاڙو، وسن ساڻون مينهڙا.

چوڏهين رات چريءَ کي، ائين ويهندي ورهائي،
اٿس عجيبن جو، اهو قصو ۽ ڪهاڻي،
ته قاصد قريبن ڪنان، الله! تون آڻين،
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، آءٌ هيس راتين جي راڻي،
جڏهن پاڳ پلايس جيڏيون! تڏهن وتان وڃائي،
"چام" چئي مون چنيءَ سان، اچي سيّد! تي سائي
پيارج پاڻي، ٽڪيءَ کي ٽرن ۾.

پنجين رات پنڌڙو، ڪيچين ڪاڻ ڪندي،
تون احمد! رس اوکيءَ ۾، آءٌ آهيان گرفتار گندي،
سوال نه چاڻان سيّدا! آءٌ بيڪار بندي،
"چانديو" چئي چگي ڪر، آهيان سيّد! تو سندي،
تو ڏسي من مندي، تون رهبر! رکج راهه تي،

ڇهين رات ڇپر ۾، منهنجي ساڃن! لهج سار،
رات اونداهي رڻ ۾، پيا سڄڻ سڀ سيار،
باندر، بگهڙ، پولڙا، پيا هاٿي گهمن هزار،
جنهن منزل تي مس مرد پڄن، ات نان سونهين آءٌ نار،
ڏسي چئايون "چام" جون، تنهن کي اهوت ملن هڪوار،
آهين مون تي حرف هزار، آءٌ غافل تو گذاريان.

ستين رات سسئيءَ جو، نرمل! سڻ نياءُ،
ته ڪري بند بلوچ کي، جڏهن ويري وٺي ويا،
ڀوس ٽيس ڀنڀور ۾، ڀو نه ڪو سگ ميان،
پار پنديس پروچ لاءِ، وڃي ڏونگر منجهه ڏيا،
"چام" چئي مون چنيءَ سان، آهن قضا ڪم ڪيا،
لکن منجهه ليا، پانئيندس هوت پنهون لئي.

اٺين رات آٺ، مـــن اچـن اوتاري!
هت چڙي ويم هيڪلي، جڏهن ڌران هيس ڏاري،
سڌ منهنجي سور جـي، آهـي ساجـن کـي ساري،
سو وڃي نـہ وساري، ڪندو ٻنهل ٻوڏواري،
لنگهائيندو لطف سان، وندر جي واري،
"چانڊيو" چئي چاري، هنئا کي هوت ٻنهون جا.

نائين رات نينگر کي، نير وهن نارا،
سا رويو رات وِهائي، تڪيندي تـارا،
ڇاتي منهنجي چرين سان، ويا وڍي واڍارا،
قطب، ڪتيون، چنڊ "چانڊيو" چئي، وڃي سڄ لهن سارا،
ڪٿي آئن اوتارا، ٻري ڪيا ٻنهون جا.

ڏهين رات ڏکويل کي، دوست دلاسو ڏي،
آءُ اوکي آهيان، ٻـاب نـہ ڇاڻان ٻي،
نـہ ڪو سسئي صهرو، نـہ ڪو ٻنهل ٻئي،
"چام" چئي سون جنئيءَ کي، جت چڙي ويا جي،
وڃي ثابت ڏسان سي، جي منهنجا پَڌ چڙي پرديس ويا.

يارهين رات ياد پيا، ويم جهنگل ۾ جهوري،
ڏيان ماهہ مرن کي، ڪلهن تان ڪوري،
سسي ڪريان صدقو، وجهان گهوٽ مٿان گهوري،
"چانڊيو" چئي تن چڱن کي، ڪي چور ويا چوري،
سي آيا نـہ اوري، جي هـَڌ چڙي پرديس ويا.

ٻارهين رات ٻڌم ٿي، تن هوتن جا هاڪاما،
سي صابر ٻيئا سر ڏئي، ٻانڀي جيءُ مٿي جاما،
نہ ڪي سير سسئيءَ جا هنئا، نہ ڪي ميت ماما،
"چام" چئي چمار ۾، تـن خـانـن لاءِ ڪاما،
ترت ڪندس طعاما، وڍي جيءُ وندر ۾.

تيرهين رات تني لئي، منهنجو ارواح آداسي،
ڪانگل! قريبن جي سونکي خبر ڏي خاصي،
ڇو سڪائين سيدا! جي آجايا عاصي،
هلي ڪاڻ حشر ۾، ڪنهن سان ماڻ نه ڪا ماسي،
"چانڊيو" چئي تن چڱن ڏي، هلنديس پنڌ ۾ پياسي،
اها هئي برهمڻ باسي، ڪا سُڪا ساڄن يار لئي.

چوڏهين رات چُڪيس، پينر! ناهي پتو،
واهون ڏيندي وندر ۾، پيم ڪونه پتو،
واڳون واري وير ويا، لاهي لوڪ لتو،
هو محبن اي متو، چاڻ نه ڪيائون "چام" چئي.

پندرهين رات پيم، اچا ساڄن سات نه آيو،
ويندي وريامن ڪي، مون پاند پلئو پايو،
ايندم هوت هتي، مون پوري ٿي پانيو،
وريو وڇوڙي جو تن ويچارن وايو،
انهي ناتي نمايو، مون جنيءَ ڪي "چام" چئي.

سورهين رات ساڄن ري، رڻن ۾ رَنيي،
رويو چئي ربّ ڪسي ويچاري وَنيي،
ذرو ضايع نه ٿئي، جا بندي باب بني،
"چام" چئي چمار ۾، سا ڏڪن ڪاڻ ڏَني،
سوڪند و غور غني، جو آهي مالڪ ساري ملڪ جو.

سترهين رات سورن جي، سمهڻ نه ڏئي ساڻ،
هئي ڪا هوت پنهل جي، وندر ۾ وهه واهه!
گهوڙا! گهوٽ پنهل ڪي، هڏي ويا ياوا،
"چام" چئي چمار ۾، ٿي دل ڪري دعوا،
رڳي سپ روا، ٿوسا ڪنديس تن لئي.

ارڙهين رات آنهي لئي، پيم چاڪ چُري،

حال تنهن جي هيڏا، ڏکن منجهه ڏري،
هٿ پڇان ڪيئن هوتن کي، ٿنگن سان ٿري،
قادر تون قائم ڪرئين، تنهن پرمل جي پري،
هئي ٻي ديهن ٻري، ڪا سڀ ساڄن يار لئي.

اوڻيهين وڃي آءُ ڏسان، جي رضا تي راضي،
مانجهي مڙن ٿي ڪينڪي، ٿا گوڙون ڪن غازي،
ڪوٽ پڳئون ڪفران جا، ويئي ٻتن جي بازي،
سيد! تنهنجي سڪ ۾، ٿو پڪاري پازي،
تنهن کي طلب ڏئين تازي، ڏسي چٽايون "چار" جون.

ويهين رات ولهيءَ کي، خاوند! ڏئين ڪير،
اڄ عرب پار ڏي، اندر منجهه آڪير،
هيڪر هوت ملائين، مديني جو مير،
شاهه نجف جو شير ڏسون، پيا ڪربلا جا ڪير،
"چار" چئي چمار ۾، آهيان عين منجهه اسير،
تکي سمنڊ سير، مونکي اشهد سان آڪارئين.

—○—

ويهه راتيون: مارئي*

(ڪانڀو ميگهواڙ)

[ڪانڀو پٽ سروپو ميگهواڙ، ڳوٺ هرٻار (تعلقي مٺيءَ جو) ويٺل آهي. سنه ١٩١٠ع ۾ ڄائو. ڪانڀي جي ڪلام چوڻ جي شروعات، ٿر ۾ ماڪڙ اچڻ واري واقعي کان ٿي، ان بعد ١٩٢٧ع واري ٻوڏ ۽ برسات کان به متاثر ٿي ڪلام جوڙيائين. هن وقت ڪيس گهٽو ڪري ڪڇهرين ۾ گهرايو ويندو آهي، جتي پنهنجو توڙي ٻين سگهڙن جو ڪلام ٻڌائيندو آهي. يڪتاري تي ڳائيندو به آهي.]

عمر

مالڪ جنهن کي مت ڏني، تون سالڪ ويهي سڄاڻ،
سردار سڀني سومرن جو، آهيان عمر آگيواڻ (١)،
ڏوتين ڏاڏي پوٽي، آءٌ ٻڌي ڪٽندس ٻاڻ (٢)،
ڪهڙو جهيڙو جهانگي ڪن؟ توٽي اهي ٽاڻ (٣)،
اهڙا جوڌ جماڻ (٤)، مون لڪين ڇڏيا لڪ تي.

مارئي

ڏيءَ جو ڀوجڙ کي، مٺي منجهه مڻ،
منڊ نه موڪي مارئي، مارئي ماءُ ٽڻ،
هيڏي هيت (٥) هلرائين (٦)، تيڙيو ڦرن تنجڻ،
چارين ٻاس چائي، مارئي ڏورين ڏڻ،
عمر! تون اڳڻ، سچا ڪر نه سومرا!

---

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي مٺيءَ) مان رائچند کان ملي.

(١) آگيواڻ = اڳواڻ. (٢) ٻاڻ = زوريءَ ڪٽڻ (٣) ٽاڻ = آڪڙ، هٺ.
(٤) جماڻ = جوان. (٥) هيت = لاڏ سان، پيار سان. (٦) هلرائين = واڪائين.

عمر

نيڪي ڏيءَ رات جو، توکي ڪريان مين موڙي،
زال نالو جوان سٺي، آيس هيتو(١) ڏيهه ڏوري،
جهانگين جا جهنگل ۾، ڇڏ يان ڏٺ ڏوري،
توکي ڏيان ڏول ڏالهيءَ (٢) جا، تولهن(٣) سين توري،
عمر! گهوٽ گهوري، سونو(٤) مارئي جي سر تان.

مارئي

چوٿين رات چوري، ڪئي ڪار جو ڪولهو(٥)،
ڏکو دادلي دل تي نه ڪائي، ڏنئي جهانگياٽي کي جهولو،
نڪو اوڏڻ انگ تي، نڪو چٽ چولو،
نڪو وارث ويڙهه ۾، فقط الله جو اولو(٦)،
پوري کي پولو، ڪرم لکيو "ڪانهيو" چئي.

عمر

پنجين راتيون پوريون نڪيو، عمر وٺ اوٺي،
توکي هلڻ وير هلاڪ نه ڪريان، ميل منزل چوٽي،
تون نيست(٧) نسائين نام پري، ويندءِ ڪوٽ عمر ڪوٽي،
مارئي! پانئين موٽي، پر جيئري هوندئين جيل ۾.

مارئي

ڇهين جون ڇانگون وڌيون، ڏوٿئين اڄ ڏوهي(٨)،
نينگر ڇلا ڇا لڳن! جا مگي رب روئي،
جهنگل ويڙها جهاڙيون، مونکي چوس(٩) لڳي چوئي،
خان! ڪٽندي ڪرٽي ۾، ۽ قتل ڪري ڪوهي(١٠)،

---

(١) هيتو = هيترو. (٢) ڏالهي = ڳوٺ جو نالو. (٣) تولهن = تولن، دڪن.
(٤) سونو = سون. (٥) ڪولهو = ڪچهو. (٦) اولو = اجهو، آسرو.
(٧) نست = سست. (٨) ڏوهي = مال ڏهندڙ. (٩) چوس = سڪ. (١٠) ڪوهي = ڪهي.

لوڪ ڏکي لوئي، آءٌ ڪيئن لاهيان لڱن تان!

عمر

سٽين رات سنيهڙي، عمر جو آهي،
قلعي ڏٺي ڪوٽ جو، جنهن چڙهيو ڏيهه ۾ ڏڪائي،
ٻڌي ٻوٽ ٻوڪانيون، وينڊس قهر سان ڪاهي،
اوهين جهانگي جهنگل جا، جن ۾ ذرو زور ناهي،
مارئي اٿين ٿي پانئي، ته مونکي وارينڊم ويڙهيچا.

مارئي

اٺين جو اندر ۾، پيئي جوت(١) جلي،
ساهه اسان جدا مَ ڪر، جهانگي وچ مَ جهلي،
پٽ اسين وٽ نه ڇڏيون، ڪريون ريت رلي،
وڏا وڻ سي اڳڻ پانيون، منڊيون مهر ملهي(٢)،
سير وهائي تڪبير تنهين کي، مري پيٽ پلي،
هاڻي کهڙا ڏؤنر ٽلي، ڪنديس ڪوڏ ڪنجرين جو!

عمر

ذائين جي ناموس جي، ڳالهه ويهي ڪيائون وٽ:
نر نڪتو ٿي نارِي مان، هي ڍولو ڇڏي ڍٽ،
راڻو راڄا ريت پريو، چڙهيو حال هٽ،
مارئي ڪاڻ مڙهن(٣) ۾، عمر چاڙي ٿيو چٽ،
مارئي! ڪومي ڪٽ، منهنجي ڪوجهي لڳي ڪوٽ ۾.

مارئي

ڏهين جو ڏاڍو تون، ناميل(٤) سڄهين نر،
اسان اوچڻ آڪَ پڙا، طعام اسان ٿُوئَر،
مارن جي ملڪ ۾، جئين گونگا ڳڙهين ڳونڙ،

---

(١) جوت = باهه. (٢) ملهي = منڊيون مهر. (٣) مڙها = ٻن پٽن جي وچ وارو ميدان. (٤) ناميل = مشهور، نالي وارو.

زور اسان ۾ جرئت ناهه، ناهي ڏٿيءَ ڏر،
ناهي منڊو مورک مان، هاڻي ماري ني ٿم مر،
عمر ادا! آر(١)، تون چو ڇڇين ٿو پيڻ جو؟

عمر

ڪارهين جو کهڙو تو، واتان ڪيو ويڻ؟
تون ڪوهه چاڙين، کهڙو ٿيڻي؟ ماڪيءَ جو ميڻ،
سيڻا(٢) آيا سڳ لاءِ، هي سانگين جا سيڻ،
ڪنڊون ڪير ڪيڻ، اڄ گڏجي ڪاڻون گلم تي.

مارئي

ٻارهين جو ٻوڙي جا، پيا ڪن ڪڙهي،
نڪو دوا دارون لڳي، نڪو تيل تري،
ڦقڙ ڦڻي قارون ٿيا، ٻڪيون(٣) پيون ٻري،
پڻون منهنجون پينرون، جت واري آهي ٿري،
وڃان مان مري، ته به اگڻ نجا اباڻي.

عمر

ٽيرهين جو تورج، تو گاري مٽي گل،
گوڏين روپا گهنگهريا، چانديءَ جهيٽي جهل(٤)،
ٿهارون مٿيئي جون، لاٿيون(٥) سونا ڦل،
مارئي! تنهنجو مل، ڀرين ڏيان ڀنوارن کي.

مارئي

چوڏهين جو چڳو ٿي، ڪڏ من مان منڊيون،
چوريءَ کي چاڻهڻون وڻيون، ٿو هرن جون ٿڏيون،
وسايون وچي ويڙهه ۾، سي ڪاڪاٽيون ڪنڊيون،

(١) آر = ست، ارادو. (٢) سيڻا = شريڪ. (٣) ٻڪيون = ٻڪيون.
(٤) جهل = اٺ تي وجهڻ جو ڪپڙو. (٥) لاٿيون = ناڪيليون.

ڪيڙون ڪيت ڪاٺڙ جا، ھوڙين نئين جون نديون،
عمر ادا! اديون، پيڙيون جهل نہ پاڪر ۾.

عمر

پندرهين جو پرپٽ، تو لوهڙي ڪيا لائق،
اونها کوه کاهڙ جا، پيو ڪارو پاڻي آڪ،
آرهڙ لڪون لڳنديون، ليندا هي لڪ(۱)،
اچو چنڊ اوسيسي، چولو وجهني چڪ،
مارئي! توکي مُلڪ، ويندو آڏيءَ آڻائي.

مارئي

سورهين جو سونهين نہ، تنهنجو گهه گهرو،
ڏوٽي ڏهاڻي رڻن تي، رهن(۲) راتو ڏينهن ڏڙو،
ساري سويري مار مٿل(۳) تي، ڏوڙي(۴) ڏين ڏڙو،
سيڻ (۵) سينڌ وٽيون(۶) اباڻيون، مٿي مرڪ گهڙو،
ڪورو هي ڪرو(۷)، شال جهري جهانگين ۾.

عمر

سترهين جو سچو سونڪي، آيو حال هٿ،
پوٽي پراڻي پيڙهين جي، پڙهي ڪريان پورت،
چاهو ڪولي چپا ڏسان، منجهہ مارئي جي مورت،
جوت لڳي جان ۾، ڏسي سچ سندي صورت،
مارئي! تنهنجو ست، عمر ڪان اڳي هو.

مارئي

ارڙهين جو اباڻن، ڏنا دڙن مٿي ديرا،
ڪنيائون تڙ تلين ۾، پيو وايون ۽ ويرا،

(۱) لڪ = پٽون. (۲) رهن = راند ڪن. (۳) مٿل = راند جو مٿيون پاسو.
(۴) ڏوڙي = اڳواڻ. (۵) سيڻ = گاهہ. (۶) سينڌ وٽيون = سينهيون.
(۷) ڪرو = پنهنجي بدن ڏي اشارو.

مارئيءَ چيو ماڪ کي: چڱ ڀائر مون ڀيڙا،
نماڻيءَ کي نيڻن ۾، سو وهن ڀيٽ ڀئيڙا(١)،
ڪامي دل خاڪ ٿي، جلي ويا جيرا،
ستي جا ڏيهه ڏيهرا، ڪير ڏاهي ڏوهه ڪري.

عمر

اوڏيهڙن جو آتر مان، آيو مهراڻي جو مور،
ديس تني جو ويس ڏسون، هلي پهنوارن جي پهور(٢)،
مُرٽ مڇيو(٣) ڪن ڀُرٽ ڀيڙو، ڪن جوڳيئڙن
تي جور(٤)،
روز(٥) رواج ريت ڏئيسون، لُلُر ڀگر ڀوڙ،
مارئي! دل جا دور، عمر چڏائيندو اڌ ۾.

مارئي

ويهڙن جا ويهي، ناسي تي اڪر لکيا مون،
رڳي منجهه رجي(٦) ٻه، ناهي ڦير آنون،
پيتا 'سرو پو' سويا(٧) تنهنجي، ڏاڏو 'آسو' مور(٨) 'مانٽو'،
مارئي جو ماڻهن ۾، چئي ڪوڏ "ڪانهو"،
جئن چِتو(٩) چهانو(١٠)، لڪو نه رهيو لوڪ کان.

---

(١) ڀئيڙا = ڀيٽا. (٢) پهور = بستي. (٣) مڇيو = وڏيو. (٤) جور = زور.
(٥) روز = ڪاڏو، قوت. (٦) رجي = ذرو. (٧) سويا = ناموس. (٨)
مور = بنياد. (٩) چتو = پڌرو، ظاهر. (١٠) چهانو=چپنو (ڏڪار).

ويهه راتيون: مناجات نبي صلعم*

(حاجي عبدالله ڏکڻ+)

نانءَ الله جي احمد شاهه! نافع نوري ڪر نگاهه!
حضرت هيڻن جا همراهه! تو سان فضل ڪيو فتاح.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

پهرين رات پيغمبر پير! ورنهه ور وسيلا وير!
پهچ مديني محمد مير! ڏيج دلاسو هن دلگير.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

ٻيجهي رات ڪيان پڪار، پڌي موٽ مٺا منٺار!
مشفق! موڙي آءَ مهار، سيد! سگهڙو لهجان سار.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

ٽيجهي رات سٺي سڏ آءَ، ڪيو تنگ زماني تاءَ،
ڪونه اچي ڪم ڪنهن ڪي پاءَ، ماٺهن مؤن ويو صحبت ساءَ.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

چوٿين رات چوان احوال، ساري سڀ حقيقت حال،
پڌ جان ڀهڳڻ! ڏيئي خيال، دل کي غم ڪيو پائمال-
رهبر رس رسول خدا!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

---

* هن مواد جو مدار اتر مان احمدخان "آصف" (تعلقو ڪڪڙ) ۽ غلام رسول جتوئي (تعلقو وارهه) کان مليل ٻن روايتن تي آهي.

+ سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو ص ٨

پنجين رات محمّد مير! مولي جا مقبول منير!
خر کتن تا جي خنزير، وجھ تني کي زود زنجير.
رھبر رس رسول خداء!
منھنجي دانھن سگھو ورناء!

ڇھين رات رسج شتاب، تنھنجو ٿئي خوش خطاب،
ڪؤنسن خوڪ خبيث خراب، تن کي بچ آزار عذاب.
رھبر رس رسول خداء!
منھنجي دانھن سگھو ورناء!

ستين رات سچا سردار! آڙين اوٽ آجھا آڌار!
مدعين ۾ وجھ مخفي مار، رول رلين جا ٻچا ۽ ٻار.
رھبر رس رسول خداء!
منھنجي دانھن سگھو ورناء!

اٺين رات اندر جي آھ، سڄ سڀاجھا شاھنشاھ!
لوڏ لچن کي جي بدخواھ، لوڏي ڪڍ لغورن لاھ.
رھبر رس رسول خداء!
منھنجي دانھن سگھو ورناء!

نائين رات نبي نروار! ھڪدم حضرت ٿي ھسوار!
حاسد ڪر گنوائي گار، نحس نيپاڳا نگھوسار.
رھبر رس رسول خداء!
منھنجي دانھن سگھو ورناء!

ڏھين رات ڏسان ھر گاھ، رويو روز اوھان جي راھ،
تھدل تنھنجي ماھ ٻ ماھ، سدا سويلو سنجھ صباح.
رھبر رس رسول خداء!
منھنجي دانھن سگھو ورناء!

يارهين رات يتيمن ياري، هيڏن هت ڏيو هيڪاري،
دل تي بار چڙهيا آهن ڀاري، سڀ سڀ لاهيو ڪري ستاري-
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

ٻارهين رات ٻڌي مذڪور، دل سان دلبر! ڪر منظور،
ظالم زود ٽٽي بي نُور، تڙ تنهين کي، ڪر مهجور-
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

ٽيرهين رات رسول الله! حضرت هوت حبيب الله!
نرمل نُور نبي الله! سچ محمدؐ اِسم الله!
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

چوڏهين رات تون پائج پير، توريءَ لهند وپيو ڪَل ڪير؟
جن ماڻهن جو مون سان وير، تن ۾ وجهه تکي شمشير-
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

پندرهين رات ٻني پينام، تو ڪؤن مرسل! مهر مدام،
وتن ڪَهندا خارج خام، ڪر تني کي تون بدنام-
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

سورهين رات سڻو هي بات: پس پينار سندي حالات،
ڪريان ڪل قصو ڪلمات، منهنجي پوري ڪر حاجات-
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

سترهين رات سڻي فرياد، ڪر دڪن ڪؤن دل آزاد،
ساري موڪن ڪي ڪر ماد، پٽ پيهودن جو بنياد.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

ارڙهين رات ڪيوڏڪ ڏور، مون ڏنهن منهن نه مٺايو مور،
منهنجا ڪرڪم زود ضرور، ترت عدون جا در پور.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

اُوڻويهين رات عجائب عام، توکي ڏيب ڏيا انعام،
تو در سوالي هيءَ غلام، منهنجو ڪر مقبول ڪلام.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

ويهين رات ورائي واڳ، ويرا! وسائج هي هند ماڳ،
تنهنجي آئي سهج سهاڳ، لطفئون ڏيار لنگهي ڪي لاڳ.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

توريءَ واهه نه ڪا تم، ورا! ورتم محڪم تنهنجي پر،
احمق عام انڌا آبتر، تن ڪؤن ڏيج پناهه آهر.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

عاصي پر توُ پُر تقصير، ڪرت ڪچو ڪمزور ڪثير،
”حاجي عبدالله فقير“، آهي اوهان جو دامنگير.
رهبر رس رسول خداءِ!
منهنجي دانهن سگهو ورناءِ!

عرض اڪهايو لڳ اللهه، ور وسيلا، وارث واهه!
موت سندي ڪج سولي راهه، ڪلمي ساڻ پچائي پساهه.
رهبر رس رسول خداء!
منهنجي دانهن سگهو وراء!

لا اله الا الله محمد رسول الله

ٻاويهه راتيون: مجاز

(اويس جت)

پهرين رات پياس، نازڪ ڏاڍا نينهن جا،
پنيا پيرون سڄڻين، وسري تان نہ وياس،
هُو جي پَاڪ پياس، ورهيہ کان وڌا ٿيا.

ٻي رات پَرن، نينهن سپاجها سپرين،
ساريو سپيرين کي، وڏا گيچ گِرن،
وَرڻا مانَ وَرن! آهيان دل ۾ ديوانو جن لاءِ.

ٽي ٽا ٽمن، نينهن سپاجها سپرين!
ساريو سپرين کي، اکيون عيد ڪن،
وڃي مانَ ورن! آهيان دل ۾ ديوانو جن لاءِ.

چوٿين چتونڻن جا، چاڪ چُري ٽيم چُور،
مونکي محبت موهيو، ڪنهن سين سليمان سُور،
پوءِ پيرم پور، ساجهر سپرين جا.

پنجين پيچ پيام، ساجهر سپرين جا،
سڄڻ تير جيترو، وري ويل نہ وسريام،
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

ڇهين رات ڇڪيم، ساهہ سڏاريم سپرين،
محبت پري مچ ڪيو، آڌيءَ رات اوير،
مون جهڙن گهاري ڪير، ري هيڪلڙي سڄڻين؟

ستين گڏيم سپرين، جيءَ جو جانب جوڙ،
موتي سونهيس سنهن تي، ڪٿوريءَ جو ڪوڙ،
محب چڏ موڙ، **ستين** مل تون سپرين!

اٺين آڇوڙو، ٻنڌ ڇنڊين ڪيترو؟
ٻنڌ ڇنڊين ڪينڪي، کهوٽ! وٺي آ کهوڙو،
ڇوڙ نيزو نينهن جو، ساجن! ٿيءُ سوڙهو،
محب! ڇڏ ٻين موڙو، ته **ڏوڪين** نروار ٿيان.

ڏوڪين نروار ٿيان، سو دم توئي سان،
چڱا چوڏهينءَ چنڊ جيئن، ڄاڻ پريا! تون ڄاڻ،
ڏهين لڳس ڏاڻ، اچي عجيبن جو.

پرين! ٻارج پنهنجون، ڄاڻي! ڪيئي جي،
سڄڻ! سک سنهو ڪيو، وٺي ويل وهي،
ڪارهين ماڻ ڪي، وڏا طالع تن جا.

پرين! ٻار مون، ٻري محبت ماڻ،
تانگهو ٻانيان تار، جيئن مٿي متو مهراڻ،
ٻارهين لڳس ٻاڻ، اچي عجيبن جو.

تيرهين ڏنم تڙ تي، ساجن ميٺي ساءِ،
اکيون آهُو جهڙيون، ڪٺي ته ٻه ڪاءِ،
عشق آڻي وٽ آءِ، جن مام ٻنان معلوم ٿئي.

سُونهن ته تنهنجي سَوَ نشان اگري، راڻي نه ڪنهن رنگ،
هڻي هڪڙي ڪينڪي، تَنِ (١) کي ڏئي ٿي تنگ،
چوڏهين چڙهيو چنگ، سو روح رهي ڪينڪي.

پنڌرهين پيچ پريت جا، اچي اٽڪيا اکوٽي گهاءِ،
ڪجر! ڪم ٿتا ڪر، تون ڏج مَ ڪنهن جي ڏاءِ،
موڙي مٽرَ ڪتوريون، لڏڻ! لڳين لاءِ،
عشق آڻي وٽ آءِ، جن کي سؤ ورهيان پوءِ ساڃاهه ٿئي.

(١) تڻ = تن.

لڳي نينهن نروار ٿيو، **سورهين** سڳنهن سنئو،
پريان سندي پيار جو، ڪاغذ اچي ڪو،
لڳي ليڪا موڪليان، ڪاغذ ڪست ڪيو،
هٿي هينئڙو هڻن هنيو، سو هت بت پري ٿو باهه جيئن.

سترهين سپرين هوند، ڪاغذ مڪائون،
لڳي ليڪا موڪليان، ڪهڙا ڪاغذ ڪوند،
هينئا هٿيڪا ٿيا، لڳي نيڙا نوند،
پره وٺي بوند، چڙهيو دور درياهه جو.

مٽي موتيءَ پاڻ ۾، ڪيو **ارڙهين** ماهه اوجر،
خاڪ ڪٺوريان خاشو پانئيان، محب لڳن جو مر،
تون پانئين آءُ ٿيان سرتين وچ سهٽي، ڪونج مٺي ڪر،
پرين ميڙ پرورا جنهن جي سڪ سنهو ڪيو.

جن جي سڪ سنهو ڪيو، سي **اوڻيهين** مانَ اچن،
پهرين گڏ بس پرينءَ ڪي، پيا سپ ڏيئي پنَ،
الله! شال اچن، آهي آجهو جن جو.

آهيم آجهو جن جو، سي **ويهين** مانَ ورن،
تن تسائيو تن لاءِ، سي گهميو منجهه گهرن،
پرين ٿيا پرڏيهي، جهلي ڪونس ڪرن،
سي ڪيئن لپ لڻن، جي رات عشق آٿاري چڙيا؟

مون من مستانو ٿيو، سي **ايڪيهين** ماهه آرو،
سڪ سانگيڙن لائيون، نيڻين وهيو نارو،
جن جو اڱڻ اوتارو، سي آگا! ميڙ "اويس" چئي.

ڏيا ڏند پرين جا، **ٻاويهين** ٿا پرن،

حب جن جي هيئن ڪيو، وهلا سان ورن،
ڏٺي ناز نرن، پسڻ سان پرين جي.

چوويھہ راتيون: مارئي*

(رمضان +)

عمر! آيس پورين رات، وائي تنهنجي اهڙي وات،
مارئي توکي ڏيندس ڏات، نہ تہ ماري توکي کندس مات؛
رنج کيئي تون روح رلاءِ،
کهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

’الف‘ اميدان منهنجي من، ڪوڪان کندم قادر کن،
ويندس پنهنجي شال وطن، ولر کنديس وڃي ويڙهيچن؛
آس اميد اندر ہر آءِ،
ڏورو کر تون ڏر پڇاءِ!

ٻيجهي عمر وڏيس وَٽ، مارو تنهنجا آهن چَٽ،
چيلن جي هٿ واسي چَٽ، پيڙ پيل کو تنهنجي پَٽ؛
ويهہ، کلي چڙهہ کٽ مٿاءِ،
کهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

’بي‘ پڌ منهنجي بات عمر! کوهہ کرين ٿو ظلم زبر،
ٽيندين شرمي منجهہ حشر، ڦيٽل! ڦيٽا کر ڦند مَکر؛
کند کٽندين ڪين اگاءِ،
ڏورو کر تون ڏر پڇاءِ!

ٽيجهي عمر آتس هيئن: کوڙن ہر تون کندئين ڪيئن؟
آءِ چوان ٿو توکي جيئن، تکڙي ٿئين ٿي مون سان تيئن؛
پرچي پاس پلنگين لاءِ،
کهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

* هيءَ روايت آتر (تعلقي ڏوکري) مان غلام نبي کان ملي.
+ سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه ص ٥٠.

'تي' ٿون توڪل توهه تيار، سانگي مهلي رب ستار!
ٻلبل ٻون ياد ٻهنوار، مونکي موڪل منجهه ملهار،
اندر آڪير آباڻي آءِ،
ٿورو ڪر تون ٿر ٻچاءِ!

چوٿين عمر چيس بيان: ڄٽ رکندئي کهڙو مان؟
ڇيڙيندئي هٿ ڇيلن ساڻ، ڪين ڪليندا تنهنجي ڪاڻ،
چوندءِ پهرن کي پهراءِ،
کهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'ثي' ٿم ثابت سڪ اندر، آذر موليٰ جي آذر،
مارو ڪندا مون ڏي ور، سرتين ساڻ سٽيندي‌يس سگر،
اگڻ پڇندم ساهه پساءِ،
ٿورو ڪر تون ٿر ٻچاءِ!

پنجين آيس بير پيري، ڪامڻ کي ٿو عرض ڪري،
ڏس تون مون ڏي ڏيان ڏري، هاڻي آهين منهنجي آري،
ڇُور ڪيو تو چشمان چاءِ،
کهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'جيم' جدائي ڳاري ٿي، سنگهارن کي ساري ٿي،
ويڙهيچا نه وساري ٿي، اندر منجهه آزاري ٿي،
دم دم آهن دل ستاءِ،
ٿورو ڪر تون ٿر ٻچاءِ!

ڇهين عمر ڪا ٻڌ پس ڦٽلي، وَس ڪري هي ٻيلو ڪٽلي،
مُور نه مُنڌ تنهن سان کيلي، چال نه عمر واري چلي،
ڏاڍا تنهن تي زور ڏناءِ،
کهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'حي' ٻڌ منهنجو حرف حمير! موت مٿي تي ٻهنده مير!

ساڻ نہ هلندءِ وير وزير، ظالم! پوندءِ زور زنجير،
پڇا کندءِ، چوندين ڇاءِ؟
ٽورو کر تون ٽر پڇاءِ!

ستين عمر چيس تہ: ٽور، کين ڇڏيند وسانءِ ضرور،
سانگي رهيا تنهنجا ڏور، تنهنجو ڇڪنو کندس ڇور،
هيڪلڙي سِر مُنهن آئاءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

’خي‘ تون خاوند! خير ڪريج، منهنجي لڄ تون پت ڍريج،
وهلو واهر ويرا! وريج، ڏاڏا! ڏاتر ڪان ہ ڏريج،
واڪا ڪُوڪان تون وراءِ،
ٽورو ڪر تون ٽر پڇاءِ!

اڌين عمر آندس ميڙ، جهج نہ جهانگين لاءِ تون جهيڙ،
ڪيئن وري تون ويندينءَ ويڙ؟ خوديءَ ۾ نہ مونکي ڪيڙ،
سڄي پنهنجي ڳالهہ سڻاءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

’دال‘ جو دمدم ٽُور پون، سُتا اندر جا سُور آئن،
ماري ڏوڙي ڪئي ڏکن، جهانگيڙا منجهہ جيءَ جُسڪن،
سُور سلينديس ساڳين ساءِ،
ٽورو ڪر تون ٽر پڇاءِ!

ڌاڳين آندئي ٽورا ڪڙيون، سڀ جواهر زيور زريون،
ڏس تان هي جو پيائن پڙيون، وچڙين وانگر آهن وڙيون،
لاهي لوئي پَت هنياءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

’ذال‘ جي ذڪر آتم آباٽو، منهنجو جيئڻ جڳ جهوراٽو،
ڪونہ ڪپي ٽو مونکي ناٽو، توسان ڪنديس ڪهڙو ماٽو؟

زيور زريون سونکي نہ پاءِ،
ڏورو ڪر تون ڏر پچاءِ!

ڏهين عمر ڏنس ڏيکارا، هيرا موتي لعل جواهرا،
هي ٽئي ماڙيون، ڏس منارا، باغ بهاريون انب آنارا؛
ڏس هي جنّت جهڙي جاءِ!
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'ري' جا رات لنگهايم روئي، قاصد آيم اوڏهون ڪوئي،
ڪين لڄائج پنهنجي لوئي، اٿم ساهہ سنگهارن سوئي؛
پَٽَ پنُيهر پنهنجا چاءِ،
ڏورو ڪر تون ڏر پچاءِ!

ٻارهين عمر جو قصد ڪيو، چيٽو تنهن کي هيئن چيو:
هي ٽئي ڏس تون جيل پيو، وارو تنهنجو وينگس ويو؛
جڙيو جنجيرو تنهنجي لاءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'زي' ٺون زاريون سڻ امير! معاف ڪرين تون هي تقصير،
پلي آندم پير فقير، ظالم! تون وجهہ سون نہ زنجير؛
زور نہ منهنجي زاري آءِ،
ڏورو ڪر تون ڏر پچاءِ!

ٻارهين عمر ڏنئين پاجهارو، ڏيئي دلاسو ڪيائينس وارو،
چلڻ جو پيو ڪونهي چارو، لائق ٿيندو نيٺ لچارو؛
سارن مان چو وير وڏاءِ؟
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'سين' سڪي من ساري ڏو، هي تہ وڇوڙو ماري ڏو،
روح غمن ۾ گهاري ڏو، ڳاراٽو مونکي ڳاري ڏو؛

ڏي دلاسو ٿئي دلجاءِ!
ٽورو ڪر تون ٽر ٻچاءِ!

ٽيرهين عمر ڏيکاريس تاب: ماري ڪند ومانءِ ڪباب،
پنهنجو ڏي تون جلد جواب، نہ تہ اکين ڏسندينءَ پاڻ عذاب؛
هر هر مان ڪي ڪين چواءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'شين' شفاعت جهيڻن تي، رکجن هٿڙا هيڻن تي،
ڪجي ڪاهہ ڪميڻن تي، پاءُ نہ پوندا پيڻن تي؛
جُٽ اصيلن ڪين جُڳاءِ،
ٽورو ڪر تون ٽر ٻچاءِ!

چوڏهين عمر هيئن چيو: وڃڻ تنهنجو ويڙهہ ويو،
هتان نيندءِ ڪير ٻيو؟ ٿي ويهج ڪر تون ٿهيو؛
ويڙهيچا سي ڏور وياءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'صاد' جو صبر ڪين آچي، ٻُورن منجهہ ٻئي هٿ پچي،
من ڪو قاصد اوڏهون اچي! روح رُليءَ جو جنهن سان رچي؛
دمدم ويٺي ڪانگ اُڏاءِ،
ٽورو ڪر تون ٽر ٻچاءِ!

پندرهين چيس پُرس، پري! ڊول ٻرين! پئومون تي ڊَري،
ناحق تون ٿي آهين چري، وقت نہ ايندءِ اهڙو وري؛
لاهہ ليها تون بخمل پاءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'ضاد' ضلالت تو وٽ آءِ، منشا منهنجي مَن ۾ ناءِ،
وَڙ ويچارو ڪين وڃاءِ، رهزن! راڙيون ڪيم ڪراءِ؛
ماڻهو توکي چوندا ڇاءِ؟
ٽورو ڪر تون ٽر ٻچاءِ!

سورهين عمر جي وس ڪياءِ، هچاري آڻ ڪيس هيّاءِ،
جهانگي تنهنجا جهنگ رهياءِ، سانگي هاڻي ڪٿي ستهاءِ؛
وائي وڃڻ جي تون نه وڃاءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'ظوئي' جا اٿم طلب تمام، راتيان ڏينهان ننڊ حرام،
مارو مون ڏي مُنجن سلام، لڳي ويئس تن جي لام؛
عمر! آڪنڊي تن لئي آءِ،
ٿورو ڪر تون ٿر پچاءِ!

سترهين عمر چيس ڦير، مارئي! ڪڍ تون من مان مير،
هٿئون وٺي ويندءِ ڪير؟ پنهنجو پاڻ سنڀال سوير؛
طاقت ڪنهن کي ناري! ناءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'ظوئي' جو ظالم ڪوهه ٿي، مارن جي ٿم سڪ مٺي،
ڏکيا ويندس ڏينهن ڏٺي، ڳڻتي ڳارڻ نيٺ ڳٺي؛
قادر! منهنجا قيد ڪٽاءِ!
ٿورو ڪر تون ٿر پچاءِ!

ارڙهين عمر ڏنس تڳا، لاهي پراڻا اهي ٽڳا،
ويهه پهري تون ويس وڳا، سون رُپي جا سانڍج سڳا؛
چاڪاڻ پنهنجو ساهه سڪاءِ؟
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'عين' عدالت ڏي نه ڇڏي، راتيان ڏينهان موت سڏي،
هتان هلندين نيٺ لڏي، تڪبر کي ڇڏ پنهنجي تڏي؛
دم حياتي باقي ڇاءِ؟
ٿورو ڪر تون ٿر پچاءِ!

اُڻيهين چيس عمر هلي، پُلن ڳالهه اچان ٿي پلي،

كانهي وچڙ جي ڪاڻ ڳلي، گوڪهه هنئين ٿي هٿ ڳهلي؛
ماري قيد ن منجهه ڪياءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'غين' ڳلا جو ڪٽي گهانگهو، ناحق تون ٿي ٻيئين نانگو،
ڪونهي مونکي مير جو سانگو، تن من منهنجو تن ڏي تانگو؛
گوري ڏئي ماهه گنواءِ،
ٿورو ڪر تون ٿر پچاءِ!

ويھين چيس وير وري: ڪيڏي اٿئي هوڏ ڏري!
ويندينءَ ماڙين منجهه مري، ڳهلي! ڳٽيءَ منجهه ڳري؛
هٿ، هستي، هوڏ وڃاءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'في' تون ڦند ڦٽا ڪر ڦير، ڪاڏهون آئين، آهين ڪير؟
نيت سٺيءَ جو ٿيندين ڍير، سڄ سفر جو وٺندين سير؛
دير نه توکي لائق آءِ،
ٿورو ڪر تون ٿر پچاءِ!

ايڪيھين چيس عمر چاٽا: مارئي! ڇڏ تون موں سان ماٽا،
ڪر قبول هي طول وهاٽا، لڏيون، لٽر، ڇڏ تون لاٽا؛
سُرهي توکي سيج سيباءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

'قاف' جو قادر ڪرم ڪري، ڏاريءَ تي من ڏيان ڏري،
شال وطن منهنجي واڳ وري! سر تهن ري هٿ ڪيم سري؛
ساهه سڪي ٿو سانگين ساءِ،
ٿورو ڪر تون ٿر پچاءِ!

ٻاويھين عمر ڪي ته وٽي، ڳاڙهو اها ڳالهه ڳٽي،
کُونچا آيو ڪاج ڪٽي، پلي تنهنجي ٻاب ٻٽي؛

سهجون آندءِ پاڻ پڇاءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

’ڪاف‘ نہ ڦيما اوري آڻ،   محفا پنهنجا محل آماڻ،
جائُون؟ پانيان جيرو جاڻ،   ڏک ڏنا تہ ڏاڍا ڏاڻ؛
ڪِن هي ڪاج، نہ مون ڪاراءِ،
ٽورو ڪر تون ٽر پڇاءِ!

ٽيويهين عمر چيس ڳال: مارو تنهنجا هيڻي حال،
لهندءِ سانگي ڪونہ سنڀال،   چو وجهين ٽي جيءَ جنجال؟
هت ڏُٺ ڏهاڙي ڏونرا ڪاءِ،
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

’لام‘ لُڇايون مون سان چڏ،   آهيون اسين سڀ هڪ هڏ،
اوسو پاسو پنهنجو سڏ،   تن کي آٿي گوڏي گڏ؛
پاڙيچا تون سڀ پڇاءِ،
ٽورو ڪر تون ٽر پڇاءِ!

چوويهين عمر چيس اکي لُڇان،   ڳالهہ انهيءَ تي لڳم ڇان،
ڪهڙا پڇي ڪهڙا پڇان؟   ڪاوڙ توتي ڪهڙي ڪڇان؛
ڪهڙو مون سان سَنگ سيالاءِ؟
ڪهڙي مرضي تنهنجي آءِ؟

’ميم‘ ڪري ڏس مونکي مائي،   آهيان تنهنجي پيءُ جي جائي،
قادر تنهنجي ڪل ڦيرائي،   پنهنجي پاسي چڏ پرائي؛
پيڻ ڪري تون مونکي پاءِ،
ٽورو ڪر تون ٽر پڇاءِ!

’نون‘ جو عمر ننگ سُڄاڻي،   سڏي ماڻهو ڪيائين پڇاڻي،
اڳيان چيائونس جي تون چاڻي،   هيءَ آ پيڻ تون آ پاڻي؛
اِها توکي ڪيم رهاءِ،
ٽورو ڪر تون ٽر پڇاءِ!

'واو' واحد کي ڪانءِ وڏي، ماڻهو ويتڙا ڪير ڪڍي،
چاڙي ڏو هڪ ربّ ڏڏي، قسمت آندو هٿ ڪڍي؛
هڻي حاصل اچون ڏاءِ،
ڏورو ڪر تون ڏر پڇاءِ!

'هي' هدايت سڄڻ سردار! پيءُ هڪ ڏوَ ماءُ ڏار،
جيڪو لکيو منجهه ڪپار، تنهن ۾ ڏيندو ڦير نه ڦار؛
اها چائي تن جـــي آءِ،
ڏورو ڪر تون ڏر پڇاءِ!

'لا' جو لائق عمر ڪيو، مارئي کي ادا! مهت مليو،
"رمضان" چئي ادا! رنج ويو، چاهه منجهان تنهن پيڻ چيو؛
پوءِ جورا ۽ ڏاج ڏناءِ،
ڏورو ڪر تون ڏر پڇاءِ!

'الف' چيو پوءِ عمر چام: سانگين پهچي سا ڏر سام،
ڪيو سومري هيءُ ڪلام، خبر پـــڌي خاص عام؛
ويئي سلامت پنهنجي جاءِ،
ڏورو ڪر تون ڏر پڇاءِ!

'يي' جو محمدﷺ يارن ساڻ، پاڪ! پساءِ پنهنجو پاڻ،
ڏاتر! ڏي ڪو مونکي ڏاڻ، ڪنهن جي ڪين ڪيان ڪاڪاڻ؛
حضرت! ڪلمي ساڻ هلاءِ،
ڏورو ڪر تون ڏر پڇاءِ!

لا اله الاالله محمد رسول الله

ٽيهه راتيون: مارئي*

(عارف ڪلهوڙو)

[هنن راتين جو شاعر عارف ڪلهوڙو آهي، ۽ غالباً اهو ساڳيو محمد عارف خان ڪلهوڙو آهي، جو سنڌ جي آخري ڪلهوڙي حڪمران ميان عبدالنبي جو وڏو پٽ هو. مير بجار خان جي مارجڻ بعد، ميان عبدالنبي افغانستان ڏي ڀڄڻ ۽ پنهنجا پار بچا ولي عهد محمد عارف خان سان گڏ جوڌپور جي راجا بجيسنگ ڏانهن ڏياري موڪليا. ان بعد ميان عبدالنبي اجا حيات هو، جو محمد عارف هڪ لڙائيءَ ۾ سنبت ١٨٥١/ ١٧٩٤ع ۾ مارجي ويو. سندس قبر ”لَيي“ ضلعي مظفر ڳڙهه ۾ آهي. هتي ڏنل ٽيهه راتين مان محمد عارف ويهه راتيون چيون، ۽ وفات وقت پنهنجي پٽ غلام محمد کي باقي ڏهن راتين ٺاهڻ جي وصيت ڪيائين، جنهن باقي راتيون ٺاهي ٽيهه راتيون مڪمل ڪيون.]

ڪاريگر قدرت جو، آهي صاحب ربّ سبحان،
پيدا ڪيائين پاڻيءَ آتي، زمين ۽ آسمان،
وچ زمين آسمان جي، جوڙيئين جڳ جهان،
خلفاء خاوند خلقيا، هڪ آدم ٻيو جانّ،
ٽي ناري پيدا نر مان، جنهن جو مٽي آهه مڪان،
جانّ پڻيءَ جنّ ٿيو، آدم پڻيءَ انسان،
خاوند خاڪيءَ جو ڪيو، آهي شرف وڏو شان،
آهي ظاهر ذڪر پنهي جو، ڪيي ڏسو قرآن،
مڃ امر آگي سندو، ڦٽو نه ڪر فرمان،
اهڙو مالڪ مهربان، ويهه وساري ڪينڪي.

ويهه وساري ڪينڪي، صاحب ربّ ستار،

* هن مواد جو مدار آتر سان غلام نبيءَ (تعلقو شهداد ڪوٽ) ۽ محمد عالم ”شور“ خانپوري (تعلقو آباوڙو) کان مليل ٻن روايتن تي آهي.

جنهن پيدا پنهنجي نُور مان، ڪيو نُور نبي نروار،
منجهان نُور نبيءَ جي، ٿيو جڳ سندو جنسار،
اچي سڀڪو پوتو آدم جو، ٿيو دولت جو ديدار،
ڪو ٿيو پير، پيغمبر، اوليا، ڪو ٿيو محبت ۾ موچار،
ڪو ٿيو عاقل، عابد، عقلمند، ڪنهن جاڳي ڪيو جار،
ڪو پيڙهيءَ پڌرو بادشاهه، ڪو خاصو خدمتگار،
ڪو دولتمند دنيا ۾، ڪو ٿيو پينو پنڌهار،
ڪو ٿيو امراتي الله جي، ڪو ٿيو نيڪ نيت نروار،
ڪو ٿيو حق جي حڪم ۾، ڪو حرام تي هوشيار،
ڪنهن کي خاوند خراب ڪيو، ڪو نيڪيءَ نامدار،
ڪو صابر ٿيو صبر ۾، ڪو ٿيو گويائي گفتار،
ڪو ظاهر ظلم ٿو ڪري، ڪو عادل ڪري آچار،
ڪو هارائي هتان هليو، ڪو وڃي ويو واپار،
جنهن جي حق ۾ جئن لکيو، تئن ٿيندو تڪرار،
بشر سڀ نه برابر، ڏسو جيءَ ۾ ڪري جار،
"خلق الانسان من تفاوت" چئي ڏيهه ڏٺي ڏاتار،
وڏائي تنهن واحد جي، ڪري ڪير شمار!
اهڙو صاحب رب ستار، ويهه وساري ڪينڪي.

ويهه وساري ڪينڪي، قادر رب قدير،
خالق ڪُل خلق جو، آهي بينا ۽ بصير،
وڏائي واحد جي جو، سڻو ناميا! هي نظير،
ته 'عمرڪوٽ' اظهار هو، مُلڪن ۾ مشهير،
تنهن ۾ صاحب ڪئي صاحبي، امارت امير،
ساچهه وڏيءَ سومرو هو، دانه ڏنڌا گير،
چڙهندو هو شير شڪار تي، آڙدن ساڻ امير،
تنهن ثابت رکيو سير، راجا پنهنجي راج جو.

راجا پنهنجي راج کي، ٿو ڪين ايذائي،

قصو عمر مارئي جو، آئين ٻُڌو دل لائي،
هجي جيئن جنهن جي حق ۾، تنهن کي تيئن لوڙائي،
هڪ ڏينهن ڪامل ڪوٽ ۾، ويٺو ڪچهري لائي،
ڪامين ۽ ڪمدارن کي تو صاحب سمجهائي،
تہ متان رنجايو راج کي، تو سڀ کنهن سڻائي،
ويٺو وير نوڪرن کي، اڄ ائين آلائي.
تہ ڪو مدعي هو مارُن ۾، آيو ڪچهري ۾ ڪاهي،
تنهن دردي اڃي دانهن ڪئي، تو ائين آکائي:
تہ مخفي چوندس هيڪڙو، مون عرض من آهي.
پوءِ جاءِ ڳجهيءَ جاسوس کي، ان ورتو ڪوٺائي،
ويٺو مورڪ مير کي، آتي هينيون حرصائي،
تہ: هڪ منڌ ڏٺم مارُن ۾، ڏي شمس شرمائي،
سنئون قد سروَ جيهو، افضل سا آهي،
جنهن جا ڪارا ڪيس ڪڪوريا، ڏي پؤنر پُلائي،
ڪري تاءُ تکو تلوار کان، جڏهن چشما ڏي چائي،
نازڪ ڏيس چپ چيروان، پيو آجرو منهن آهي،
جي مُشڪي تان موتي ڪرن، ڏي جنوهر جهرڪائي،
تنهن نازڪ بت نرم گهڻو اطلس کؤن آهي،
سچا ساج سيني تي، بينس بادل ٻڌائي،
تن گونتن گلابن متان، ڏي سياهي سيبائي،
آهن ورنَ واڏو وساوڙي، شبلم شمپائي؟
ڪوئل ڏي ڪرنش ڪري، جڏهن ڳالهہ ڳالهائي،
جڏ چالو چلڻ جو چلي، تڏ گنير گنوائي،
ڇا مجال مرد جي، جو وري واجهائي،
ڪنهن کي قدرت ناهہ ڪا، جو منهن ۾ منهن پائي،
سا هشيار حسن جي سان ڏي گهورن منجهہ گهائي،
جي سورهن ئي سينگار ڪري، تہ اڏندڙ آڙائي،
سا هيڪل حور جهنگل ۾، ڏي گهيٽا گهمائي،

اها ٻانهن ڪنهن ٻڪرار کي مور نہ جڳائي،
تن ۾ ڪري تپاس، ڏس ورنها ويساهي،
ويهڻ واجب تنهن کي، تنهنجي اهلن ۾ آهي.
سڻ محبت جا وڏئين، اهي ڳالهيون ڳالهائي،
ضمير کي هوشانُ ڪيڏي، وڏئين مصلحت سنجهائي،
عقل ڪيڏي عشق ۾، وڏئين اندر اچلائي،
سو چڙهيو بورائي برهہ جي، نہ ڪنهن ٻي ٻُڌائي،
صاحب ساڃهہ بخشي، شل ٻيلو نہ ٻُلائي!
سو ريجهائي وٺي ويس، لوڪئون لڪائي،
اهو احمق ڪيائين اڳ ۾، سونهون سنيرائي،
سي ويا جاڳهہ جُوءِ تي، ڪرهي کي ڪاهي،
هنن ٻي ڏورئون ڏيکاري مارئي، چوريءَ چتائي،
هين ور ڏيئي ڪٽي ويسلي، وڏي آٽ تي اچلائي،
سو ٻـَڌي ٻيلهہ ڪري هليو، ٻؤ ڪان ٻجائي،
چوريءَ چورائي، آيو منڌ ڪٽي مهريءَ تي.

منڌ ڪٽي مهريءَ تي، وٺيو آيو راهہ،
هڪ ڪم نہ ڪيائين قرب سان، هو ٻيڙهائتو ٻتشاهہ،
شل قادر ڪنهن کي نہ ڪري، غفلت ۾ گمراهہ،
رکي چورن سان چاهہ، ڪٽي آنڌائين ڪوهہ تان.

ڪٽي آنڌائين ڪوهہ تان، تنهن گهوٽ وهاري گهر،
جا هاڻ هونگاري تي، سا ٻلجي ڪهڙيءَ ٻر؟
تنهن جا وارث ڪن چا ور، جيڪا سوگهي ٿي ستر ۾.

سوگهي ڪيائين ستر ۾، اهو ڪچو ڪيائين ڪام،
ٻر موران هيس نہ من ۾، تنهن کو حرص حرام،
من ريجهي راض ڏئي، ٿئي سجايو سرانجام،
ٻرٽي لاءِ ٻانو هلي آيس وير وريام،
اڳيان ٻڌر ڪيائين ڪام، آگاهہ اکين جي.

Soorih Mirani

عمر

ڦريَن رات ڦهنوار وت، آيو عمر چام،
محلين ماندي مارئي، جنهن کي ناهه اندر آرام،
عمر چيو مارئيءَ کي، اچي ڪامل هيءَ ڪلام:
نه جهج نه جهانگيرن لئي، نه تيءَ تار تمام،
پهر پوشاڪون پٽَ جون، پيا طرحين کاڌ طعام،
تون مائٽ پيون پانهيون، تو سان اهو ئي انجام،
وار نه واڳون وطن ڏي، نکي لاڙ لغام،
اهو خيال ڦتو ڪر خام، اچي ڀرچي ويهه پلنگ تي.

مارئي

چئي: عمر! آءٌ نه اهڙا وين، ميان! مان کي،
وطن وساري پانهنجو، آءٌ ڇڏيان ڇا کي؟
تون ڇا ڪندين زور ضعيف سان، جي رکندڙ راکي؟
توکل کوٽ تنهين جو، آهي اصل اسان کي،
نه آهي ڪي آن کي، ڪُنجيون هٿ قهار جي.

عمر ڪيس ٿي عاجزيون، اُت ڀون **ٻيجهي** رات،
روئڻ رڙڻ ڇڏ مارئي! سک ڀيڪن جي ثناة؟
هو جي مٽ مائٽ جهنگلي، ڇڏ طلب تني جي تات،
هت آهين وات وڪيل تون، وينگس! پنهنجي وات،
آءٌ راج ڏئي راڄن جو، نکي ڪمينو ڪمذات،
هٿ ڪونڌر ڪچن م ڪرين، پرهه ڦٽيءَ پريات،
شل ڏاتر ڏيئي ڏات، اچي ويهه ڪيلي کٽ تي.

مارئي

ڪونڌر عمر! ڪچن م وجهه، سر ڪ اسان جو آءَ،
منهن ڊيڪڻ، ساڙين ويهڻ، جني جوڙ جڳاءِ،
جڻن رِيِ ڀيڪ، عيب اوهان جو، تئن ناهه اسان لاءِ،

جهڙي رسم جن جي تهڙي تن سيباءِ،
سڪو ڪوڙي پنهنجي وچي، سهڄئون سڳ چڪاءِ،
اها ريت اوهان وٽ آءِ، ٿين وات وڪيل پانهنجون.

عمر

ڏيهڙي رات ڏٽڙي ڪري، عمر ڪيس اظهار:
ته مان ڪي تنهنجو مارئي! آهي وهم وڏو ويچار،
ته منڊ مڱ پيندو تنهنجو، آهي ايلپهڻوار،
تن اندر تنهن ڪيت جو، توکي جيءَ جٺي ۾ جار،
زر نه زريون جن ڪي، نه ڪو هيري سندو هار،
هيت سي سلامي تنهنجا، ته به آڻين نه اختيار،
اهو طرح ڦڏو ڪر تار، اچي ويهه ڪلي چڙهه ڪت تي.

مارئي

عمر! تال تتر تن ڪي گهڻا، جي نپنيون منجهه ماڙن،
جن جي جهوڪ جهنگل ۾، سي چانيون چا چاڙن؟
جئن هيت چانور ڪائن چاهه مان، تئن هُت پيٽ پرن پيرُن،
جئن هيت سونا هار ڳچين ۾، تئن هُت ڳانيون منجهه ڳلن،
جئن هيت سمهن سيج تي، تئن هُت واريءَ ۾ وهسن،
جئن هيت ڇڇرين ڇٽڪارٿئي، تئن هُت بوندون بس نه ڪن،
جئن هيت پهرن پٽ پٽيهر بافتا، تئن هُت لوئيءَ ۾ ليٽن،
جئن هيت دهل دماما ڏ ڪڙيون، تئن هُت پکر ڻا پيڪن،
اهي ور ڪيئن وسارجن، جن سمجهه نه سون پتل جي؟

عمر

چوٿين رات چڙهي مٿي، عمر جان آيوس،
ته ڪٽ چڏي وچي پٽ پئي، جيهو رت رنوس،
ڪري منهن ملير ڏي، اهو پرتئون پار ڪڍيوس،
شل نه مارُو آءٌ ڇڏيان! جڪس لڪٿار لکيوس،

ڏسي حال حمير تنهن فائق فرمايوس،
ته منڊا! توئي ماريوس، اچي هرچي ويهه پلنگ تي.

مارئي

چي: مرڻ سونکي نه مٺو، آهي جيئڻ گهٽو جنجال،
جس نه ڏين ٿا چُورما، اهي مڏيون ۽ مال،
منهنجا مت ملير ڏي، هت نه پائي پال،
پکن ري پرديس ۾، ساعت پانيان سال،
جيڪر اڏري وڃان اوڏهين، فائق! آءٌ في الحال،
پر آهه مشڪل ڳالهه محال، جو اٿم جٺو جنجيرن ۾،

عمر

عمر آيو مارئي وٽ، رات پنجين پيهي،
تون مان ساڻ مذڪور ڪر، تو جيءَ اندر جيهي،
تان رسي مقابل راض جي، تو مان طرح ڪندس تيهي،
ڇو وڏو ٿئي جيءَ جنجال ۾، ڇو دکي ڪيئي ديهي؟
ڏيءَ پکن گهر مهمان آهه، وڃي ساهري گهر سيهي،
پر منهن ڏيکارڻ سونهي اچي، ڪنهن ڪنهن مهل ڪيهي،
تون به اچجان رات ريهي، اچي ويهه ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

آهن منهنجا ساهرا، عمر جام! آهي،
ڪين مٽيندس پانهنجا، توڙي ڪاتين سين ڪُهي،
مهٽا سندا ماروئين، تو اندر ساهه سهي،
ڪيئن سا "ڪلهوڙو" ڇٺي، هت رضا منجهه رهي؟
ڏس تون پرس! پهي، جو ڪٽي آنديءَ کوهه تان.

عمر

ڇهين رات چڪير ڏي، آيو عمر پير پري،
ساندي ٿي آن" مارئي! ڪو من واهر ويهر ڪري،

Soorih Mirani

آهہ ڪيڏو جيھل زال ڪي، جو نٿي ڏيان ڌري،
جي ڪريان ڪاوڙ اھڙي، تہ ويندينءَ تحت تري،
ٿيندينءَ ضايع منجھہ ذري، نہ تہ ھرچي ويھہ پلنگ تي.

مارئي

عمر! مالڪ نہ تون مُلڪ جو، نہ ڪي وس تنھنجي آءِ،
تون تھڙو ئي آدمي، جھڙي ھي خلق خداءِ،
ري رضا رحمان جي، ھيو واءُ نہ ڪنھن ڪي واءِ،
ڪبر وڏائي سو ڪري، جنھن ڪي ٿي جڳاءِ،
ائين ڏڙڪين ڪين ڏياءِ، پوندءِ ڪم قھار سان.

عمر

ستين رات سنباھي، عمر ميڙ مُڪياس،
آءٌ ڏچان خوف خداءِ جي، نہ تہ ڪريان رتو راس،
نھڪر ڪم ڇڏن جو، نندي ڪوُن آھہ ميراث،
ڪپھ باھ چا لڳي؟ اھو آکيو وچين اگياس،
تون سمجھہ سھي ڪر مارئي! اچي ويھہ پلنگ پاس،
ھاٿي نہ ڪر جيءُ اداس، اچي ويھہ ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

عمر! آءٌ نہ ڪڏن ھيرئين، اسين نپنيونسين منجھہ جھنگ،
ناھي مناسب مير! تو، ڪاڻ ڪرڻ منجھہ ننگ،
لھن جاءِ جنت ۾، جيڪي مرندي ٿرن نسنگ،
لکيا نہ لوح قلم ۾، منھنجا تو سان انگ،
ھاٿي راوَ! انھيءَ رنگ، موٽائي مُنج مارن ڏي.

عمر

اٺين رات اونداھہ ۾، عمر گذاري رات،
ھلي آيو وٽ مارئيءَ، پرھہ ڦٽي پرڀات،
تہ ماري تنھنجي مارئي! سڀ ضايع ڪندس ذات،

هيڏي هوڏ حاڪمن سان، ڇڏ بيعقلي بات،
هاڻي طرح ڦٽي ڪر تات، اچي ويھ ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

عمر! مارائين مسڪين جي، ڪو وس ويچارن؟
پر حق آهه انهن جو، ناحق تنهنجي من،
لعنت وسي تن تي، ظلم عادت ڪن،
ربّ راضي آ تن تي، جي رکن هٿ هيٺن،
تون ڪنبج پؤ قهار جي، جنهن جو قهر ڀڄهي ٿو ڪن،
هي جا زير ڪئي ٿي زن، سا منج "عارف" چئي اوڏ نهين.

عمر

عمر چيو مارئيءَ کي، اٿي ڦاٽين رات نظير،
تہ ڪو آهي گسٽر مرشد تنهنجو، يا ڪو پير فقير،
ڪي تون سٽي ٿي آهين، ڪي ٻيءَ ڪنهن ٻي رکيو سير؟
ڇو ٿي ٻاڻ ڀڏائين پنهنجو، ڇو ڪرين ڪير ڪبير؟
اٿي پهر اوندهہ، ڇو ٿي نبڻ وهائين نير؟
ڇٽيون ڪاراٽا ڇڏي، ڪر تون ساهہ سڌير،
ڪاٺ ڪنڊون ۾ ڪير، اچي پرچي ويھ پلنگ تي.

مارئي

چئي: عمر! وڏا ستّ ستين جا، آهہ نہ انهن جيهي،
پر شرم نہ ورثو ڪنهن جو، جو ڪري تنهن تيهي،
افعالين اصيل ٿئي، توڙي ذات مدي هوئي،
ذات ڀلي ان طرح، ڪانہ ڪنهن ڪيئي،
تون ائين مُنڊ ڀان؛ ءَ نہ مارئي، اٿئي عقل اهيئي،
سارو جڳ سڀيئي، ناهي برابر سومرا!

عمر

رات ڏهين اچي راوَ کي، ٻانهيءَ ڀُڏايوس،

ته روئي حال حمير! تنهن وينگس وڃايوس،
جنهن انَ نه ڪاڏو ڏهه ڏينهن، ۽ پاڻي نا پيتوس،
چوڙي نار اکين مان، پٽ سڀ پسايوس.
مَن نه مانڊي ٿي مارئي! بيحد هوش ويوس،
عمر اٿاري مارئي کي، اهو الاءِ آتوس:
جيڪا چاڙي ماري پاڻ کي، تنهن چڻ ڪفر ڪيوس،
ري رضا تنهنجيءَ جي، آءٌ اوڏو نا ايندوس،
متان پوين ڏولائي ڏوس، اڇي ويهه ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

عمر! اباڻن موڪليا، اڄ سڀني منجهه سلام،
چئي: ڪِلي ويٺينءَ ڪٽ تي، ڳِڏءِ عمر سندا انعام،
پٽ پهريئي پاندڙيون، پيا ڪاڏءِ طرحين طعام،
پڪن پسيءَ پيرُن جي، لڙهه وساريئي لام،
اهڙا طعنا پُڏي تن جا، اچي نه اندر آرام،
هاڻي سومرا! هيءَ مام، سيرا! سوڙاءِ ملير ڏي.

عمر

پارهين رات يقين سان، ڪيس آزيون ڄام عمر،
من ماري تون مارئي! وجهه مَ جيءَ ورِڪر،
ايڏو جهوراڙو ڪرين، ڪهڙي ڏوهه ڏمر؟
سڀڪو ٿو ڪائي پئي، جيڙو آهي جيتر،
تو جيڙي انَ ڦٽو ڪيو، وڏءِ جيءَ ورِڪر،
ڇو ٿو پنهنجي ساهه، تي آندو ڪوپ قهر؟
اها ڳالهه پڻ سان ڪر، اڇي ويهه ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

عمر! ڏک ڪيئن ڏوريان، ري پيڪن پَرَ ساڻ،
اصلي ڏاج ڏکن جا، مون آندا آهن ساڻ،
ڪاڏي منهن ڇنيءَ جو، تون عمر! پاڻ سڃاڻ،

صاحب ٿيندم ساڻ، هيڪر ويندس ٻڪي ڀنوارن جي.

ٻڪي ڀنوارن جي، ٿا دونهان درد دکن،
هيت مڏيون آچين سومرا! هُت ڏوٿي ٿا ڏهکن،
هيت تون عاجزيون ڪرين، هُت ساهه سنڀاليو تن،
انهيءَ ڏُرس دکن، ڪئي محلين ساندي مارئي.

عمر

عمر ڍارهين رات جو، اچي ڪئي گويائي گفتار،
ته ٻاري سڦرا ڏيا سون جا، رک ڇوقبل چوڏار،
چمن گهمي چانڊاڻ ڏس، ٻيا گلابي گلزار،
ڪتل، ڪشمش، ڪيوڙا، ٻيا ليمان، انب، انار،
صوف، سنگتريون، ڦاروان، ٿيا پچي توت تيار،
انگور، انجير گهڻا اٿئي، ٻيون باداميون بسيار،
سٺيون لڌن سوپاريون، ٻيا منڊا ڏونگهين ڏار،
اٿئي سُرها وڻ مرڪنڊ جا، ۽ الاچيون اڪيچار،
پن ڪٽي چپ پان جا، ڏس وڻن جي وڻڪار،
اٿئي چيزون چڱيون باغ ۾، ٻيا ميوا سڀ موچار،
اهي ڪاڻ چڱي خنڪار، اچي ويهه ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

چئي: سُونهن ڏيا سون جا، عمر! منجهه محلن،
مونکي ناهي من ۾ طمع، نه چاهه چيزن،
اسين آهيون هيرڪ ڪينڪي، مورانهين ميون،
باغ اسان جا بر ۾، جت ڪنڊا ڪرڙ ٻچن،
سي ڏوٿي ڏٽ چوندي اچي، خوشيءَ مان کين،
مونکي مٺيچ ملير ڏي، تان مرهي ٿيان مرتين،
مون تي حق حميرا! ڪيت جو، نڪي حق حاڪمن،
ترس ڪر رک راض تون، مڃ عرض مسڪينن،
ڀيون پوليون ڏيئي ٻن، ڪي ٻند ياڻي ٻند مان.

عمر

تيرهين رات طنبو اڏي، عمر ۾ ٻهاريو،
ڀڳڙ ڀانهين کي چيو تيت، تياريون ڪاريو،
هت محلين ماندي مارئي، تنهن کي ٻاهر ويهاريو،
وڃي خيمن ۾ خوشي ڪري، تنهن کي ترت تاتاريو،
پوءِ سڏي ٻڪرارن کي، ڪيو قصو سڀ سارو،
ڏڻ ڪاهي مارئي وٽ، وڃي چوڏاري چاريو،
من ڪٿي مائٽن مٽان، اهو اڌس جو آرو،
پوءِ هلي آيو مارئي وٽ، عمر سوڀارو:
تو لئي ڪيم مارئي! هيڏو پٽ ۾ پسارو،
هاڻي ٿيندءِ صاحب سهارو، اچي ويهه ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

چئي: چو پسارو پٽ ۾ ڪرين، چو ٻُڌين منجهه ڏکن؟
پلا ڏڻ ڏڻن جهڙا، پر ماڻهو ٿا مٽجن،
تو جي مون ڏي موڪليا، سي نه جيها مون پڪن،
تنهنجي محلن اندر ملوڪ گهڻئي، آهن سڦريون صورتن،
بهتر بيشڪ آهن گهڻو، منجهه حسن ڪؤن حورن،
مونکي ماوڪ ساڳ جي، ڏس آهي ۾ ڏندن،
تڏهن تنهن سام ڏي، جا چڻي ڏيءِ چڻن،
اصلي آهي نه سومرا! مدي منهنجي من،
اهي ڀوليون ڏيئي ڀن، ڪڍ نماڻي نيرن مان.

عمر

چوڏهين رات چڙهي آيو، عمر مارئي وٽ،
ته هي مال مڏيون سڀ تنهنجا، آهي سر ٻه تنهنجي هٿ،
ڪونه ڪندس قصور مان، توڙي وڃان وڪامي هٿ،
عشق وڏو آ عقل کي، ڪٽ تان ڪيري پٽ،
ري عقل ايلاز ڪريان، تون نه ٿي سمجهين چٽ!

نہ تہ هي حقيقت حاڪمن لئي، اصلئون آهي گهٽ،
تون طرح ادا مت، اچـــي ويهہ ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

عمر! حاڪم نہ وڪامن هٽ، نہ ڪي پٽ پون،
بنا عشق الله جي، نہ ڪوڙا عشق ڪجن،
محبت هيءَ شيطان وجهي ٿـو، مـجازين جي من،
سا بہ تيتر سون آهہ، جيتر اوڏو ڪين اچن،
پوءِ پـتل ڪان بہ پري آهہ، جڏ ڪارمنهائي ڪن،
چڱڪو ڪهنبي جيـتـرو، سندو محبت مجازين،
آهي پـڌاـيءَ ڪين پـڌـن، جن ڪي خوف خداءِ جو.

عمر

پنڌرهين رات پهنوار وت، چام عمر آيو،
تو سي وچايو مارئي! منهنجو لايو لڳايو،
جي تون رنج رُسامون نہ ڪرين، تہ تئي سجايو،
تون بہ نهہ نهڪر ٿي ڪرين، مون پي ڪين گهٽايو،
سان پـــي وڏو وس ڪيو ۽ حيلو هلايو،
هاڻي زوري زور ڪريان، توڪي ڪنهن نہ سمجهايو،
نہ تـہ سگهو ڪر سعيو، اچي ويهہ ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

ادا عمر! زوري ڪم ڪـتن جو، جڏهن ڪـتي ڪـتـ ڪري،
هڪ ڪـتي ڪـتا ڪيترا، ٿين ظاهر منجهہ ذري،
ري رضا سيڪو اچـي، مـشائنس ڳاٽ ذري،
جو ڏاڍو سو ڏاڍ ڪـري، وجـي هيـٺـو پوءِ پري،
عمر! هـنـو سيرون، تون آدمي، ڏس تان ڌيان ڌري،
جيڪو خليفو خاوند جو هجي، سو ڏاتر ڪان بہ ڏري،
جو شرع مالڪ جي مڃي، سو اهڙو ڪم نہ ڪري،

وڃي تحت ثري، جو شرع جو نہ شرم ڪري.

عمر

سورهين رات سڏايا، عمر ڄام امير،
موڪليائين مارئيءَ ڏي، ورنهہ سڀ وزير،
تن هنر حڪمتون ڪيتريون، طرح ٻڌيون تدبير،
رضا ڄاڻ رحمان جي، بيشڪ ٻڌي تقدير،
تو پڻ وس وڏا ڪيا، پر ڇڏي نہ هوڏ حمير،
جو ڪنهن نہ ڏٺي پٽ پنهنجي، ڪنڌ ورائي ورِ ير،
ڇا گذريو ڇا گذرندو، رهينءَ ثابت مٿي سير؟
هاڻي توڙئون ميچ تقدير، اچي ويهہ ڪلي ڪٿ تي.

مارئي

پوءِ ويهندي ڇيو مارئيءَ، اڳيان اميرن:
چئي: جوين پنهنجن وارا، سي ڪئن ناحق ڪن،
اهڙا هاڃا وزيرن ڄا، ٿيو عيب اشرافن،
هاڻي هرڻن هنڌ ڦٽو ڪيو، بار جهليو بگهڙن،
هنج هليا ويا ملڪ مان، زور ورتو زاغن،
ائين ٻُڌو سون عالمن کان، اهڙو ٿيندو چوڏهون سن،
سا اڄ عمر! اظهار ڪئي، تنهنجي ورنهہ وزيرن،
تون بہ ڄام! ڇڏيو ڪنهن زن، پوءِ ڇو پراين سان ڪرين؟

عمر

سترهين رات عمر هو ڪيو، هڪ اوٺي کي اظهار،
سو مثل مارن جي هيو، اصل اپلپهنوار،
سو وٺي ويو وٽ مارئيءَ، اهو ساڻ ڪري سردار،
تنهن ميڃائي وڃي مارئي، ڪري گويائي گفتار:
چئي: مونکي مارن موڪليو، سڻ نياپا نروار،
تہ ڇو وير وجهين حاڪمن سان، ڇو ڪرين تاڻ تڪرار؟

جا ڏيئي سا ٿي رهي، ٿيو چؤپولو چوڌار،
لڳو عيب ڪين لهي، ٿوري حيلا ڪرين هزار،
هاڻ پڪو ونئي اقرار، ويهه ڳالهه ڪٽ تي.

مارئي

چئي: عمر! وڃ نه اهو پيڪن، هي قاصد ڪوڙو آءِ،
هيءُ پاڙ ونئي ڇڙو ٿيو، ٿو ڪوڙو ڪوڙ الاءِ،
هيءُ مائٽ نـه ميت اسان جو، آيو ويس مٽاءِ،
اهڙن ڪوڙن منصوبن ڪان، ڏاڙهي مڇ مُناءِ،
جا پيڪن ڪل ڪانه ڪا، تن اهڙا عيب نه لاءِ،
ڏکي ڪيم ڏکاءِ، ٿو هيڏا هنر هنگامان ڪرين!

عمر

عمر **ارڙهين** زات جو، ڪئي گوهر هيءَ گفتار:
ته ڪٿي وڃو وٽ مارئيءَ، سڀ زالن جا جنسار،
البت زال ذات گهڻ تي، هرڪي پئي هيڪار،
ڪڙيون، ڪنمالون، ڪنٽ سرون، پيا چوڪا چندن هار،
جهالر، جهومڪ، چوٽيءَ ڦل، ۽ نٿ، بولو نروار،
بينو جڙيل جواهري، رکي نار مٿي نراڙ،
ٻونچون، بازوبند، پنڙا، پهون منڊيون ميناڪار،
چپڪلي، تائٽ، سگهيون، ٻيون چوڙيون جڙادار،
هس، حمالون، سنگهرون، آٺيو واليون ڪان وينجهار،
آٺيو ٻانهيون عاج جون، اڇيون هجن اسرار،
ڏورا گهنگهرين سونا روپا، جي ڇم ڇم ڪن چمڪار،
سي رکايو نيئي مارئيءَ جي، چوطرف چوڌار،
اهڙا سرس ڪري سينگار، من ٻرچي ويهه پلنگ تي.

مارئي

چئي: عمر! ڪيئن ڳهه پائيان، ملن مهٽا مون پيڪن،

هت لڄي ڏيان لوڪ ۾، ۽ بيشرمي شريڪن،
سي ڪيئن سنگهرون پائن سون جون، جي وهسن منجھ وٽن؟
جن جا لڳ لوئيءَ هيروان، تن نا هي پُرجھ پٽن،
جيڪي ويهن واريءَ وچ ۾، سي ڪيئن خوش ٿين ڪٽن؟
جي ڪائن ساڳ سگريون، پيرون، پاڙين نه ڀُلاهن،
جهڙي ڪوڪڙ ڪاند سان، تهڙو ساءُ نه ملي سيرن،
عمر! جن جا پڪا منجھ پٽن، سا منڊ ڪيئن ويهي ماڙيئن!

عمر

عمر **اوڏيهين** رات جو، ڪيس سڀ سوڙهي گهٽ،
ٻانڪي ٻحري ٻاز جيئن، مورهيه ڏنس سٽ،
دانهن ڪري اٿي مارئي، تنهن ڪٽي هٿيو سرپٽ،
ڪڍي ڪاتي پيٽ رکي، تنهن دم نار نپٽ،
هاڻ ماريندس پاڻ کي، جي ڪندين مير! مهٽ،
پوءِ ڏڄي خوف خداءِ جي، خان لٿو ڪوٺ ڪٽ،
ته اڳتي تنهنجي مارئي! ڪندس ڪانه ڪپٽ،
هاڻي ڪاتي واهي نه ڪرٽ، اچي ڪلي ويهه کٽ تي.

مارئي

ڪاتي ڇڏي مارئي، ڪيو عمر سان احوال:
اصلي نه آهي سومرا! مونکي خوف خيال،
ڏي گهران شرم شاهه ڪان، مونکي مير! نه گهرجي مال،
ٻاناتو! ٻيڪن جو گهران ٿي، ورنه! آءِ وصال،
شال شرم رب رکي، ٻاري ڪري ٻرحال،
هاڻي سائين! سام سنڀال، "عارف" چئي منج اوڏنهين.

عمر

ويهين رات وري اچي، عمر ڏنيس تهمت،
تون تان منهنجي مارئي! سڻ هيءَ حقيقت،

ڪنهن خر خرابي ڪري، تہ من چاڙهي مصلحت،
جو ڪاتي هٿين پاڻ ڪي، هنر ڪري حرفت،
مان پُڌو آهي مارئي! ڪيا اڳين ڪان البت،
تہ ڪئين باندي وٺي بادشاھ، ڪن زور وڏو ظلمت،
مسقط جون مشهد نين، مشهد جون مسقط،
رومي، شامين جون ڪٽي، نين د نگٽي سان دهشت،
مشرق تان مغرب جون، پڙهن اڪر ارادت،
تون تان پنهنجي مُلڪ ۾، نڪا وچ ۾ ولايت،
تون چو پئي روئين رت، اڃي ويهہ ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

عمر! جيڪي بادشاھ ٿين، جي امر نہ رکن جاءِ،
گهڻو قتل تنهن ملڪ ۾، ٿئي سختي سرس سواءِ،
منڪر تي مارو ڪرڻ، جرئت زور جڳاءِ،
جوڌن سرڪشن تي، تون حشمت حڪم هلاءِ،
مارو تو سان ملڪ ۾، نہ ڪي ظاهر زور پياءِ،
تو ناحق بي ڏوهين مٿئون، ڪيڏي ڪرت ڪياءِ؟
جو سر تان سندو مارئيءَ، تو آندو جهنگ جهڻاءِ،
جيڪو ڏمر اٿئي ڏوتين تي، سو تان ڪيڏي ٻڌاءِ،
ٻنا حرف هلان ڪري، تون راهڪ ڪين رنجاءِ،
جڏهن عدالت آگو ڪندو، تڏهن پاڻهي پڇنداءِ،
اتي طاقت ڪنهن ڪي ڪين ٿئي، جو ورندي وراءِ،
هوندا حشر ۾ هڪ جيها، نڪو سرس ڪو سواءِ،
اتي هلندو هرڪو حضرت ڏي، تہ امت تون ڇڏاءِ،
"العدل والاحسان لاحسان" ڪي، تون دانهہ دل سان لاءِ،
انهيءَ ناحق جو ٿيندو نبيرو، پڇندءِ پاڻ خداءِ،
هاڻ ڪامڻ ڪلي تون قيد مان، ماڳ وري موٽاءِ،
ڇا ڪمائڻ اوڏي ناهہ، سا ڇا لوئيءَ لاءِ ليلاءِ؟
اها انهيءَ پهر پڇاءِ، مٿان مارن ري مري وڃان.

والد ويهي رات جو، ڪيو شاعر شمارو،
تڏهن دنيا مان هن دار ڏي، ڪيو ترت تيارو،
ڇيائين ٻت ٻنهنجي ڪي، ته ڪهج قصو سارو،
ڏنئين ڏهن راتين جو، اتي ٻڻ اشارو،
ٻوءِ ”غلام محمد“ گڻ ٻنهنجي جو، ڪيو اگتي اظهارو.

عمر
اڪويهين رات اڌ رات جو، نر هنيو نعرو،
سو لشڪر ميڙي لاغرض ٿيو، ۽ چڙهيو چوڌارو،
ته ڦري وٺو مارن جو، مُلڪ سڄو سڀ سارو،
ٻوءِ هلي وت مارئي آيو، اهو عمر سوپارو،
چئي: چڙهيو لشڪر چوڌاري، ڪندو مارن ۾ مارو،
ٿيو مقابل تن جي، مان اج ڪيو اشارو،
ڪونه هلندو ٻيڃرو، ٻيو چلڻ جو چارو،
جي اٿئي لوءِ سندو لاڙو، اچي ويهه کلي ڪٽ تي.

مارئي
چئي عمر! اماس سان، ڪهڙي ٻڻي هئي تقدير،
جي ٻن جهانن جا شاهه هئا، مرڪڻ ماهه منير،
تن سان به جنگ جوڙي هئي يزيد بي پير،
سگ ساداتن سان، ڪئي هئي شرارت شرير،
تون حشر ڏينهن حمير! ٿيندين يار يزيد جو.

عمر
ٻاويهين رات ٻاجهارو ٿي، اچي نر ڪئي نوڙت،
منهنجي تان مارئي! سڻ هي ۽ حقيقت،
الله لڳ اسان سان، ڪر ڪا ماڙ مدت،
تون دلئون ڏيج دلاسو، تان روح اچي راحت،
اندر آليلون عشق جون، سن ۾ مچ محبت،
مان ڪي ٻل ٻل ٻورٻون ٿا، زيب سندا زينت،

جي تون نه نهه ٿي ڪرين، تان روز وڌي رغبت،
هاڻي ڇڏ شوخي، ڪر شفقت، اچي ويهه ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

چئي: عمر! عشق ته آهه الله جو، پيو خلل سڀ خان،
آگي جي امداد کان، ڇو ٿو نرهه ٿئين نادان؟
اٿـندا ڏينهن قيام جـــي، پنجن ڪلمن جا پهلوان،
سي پنج ڪم کهڙا، ڪريان تن جي بات بيان،
هڪ جو سياري سيءَ ۾، ڪري قضا نماز ڪان،
پيو جو آرڙهه ۾ رکي روزا سڀ رمضان،
ٽيو پٽيون ڏيئي پيٽ کي، ڪارائي مهمان،
چوٿون پر هٿڻ پاڻ مري، غازي ساڻ گيان،
پنجون جنهن شوق نه شهوت جو، هجي جوان جمان،
رکي خوف خداءِ جو، جالي منجهه جهان،
سي پنجئي پهلوان، هوندا راضي اڳيئون ربّ جي.

عمر

ٿيو ڏهين رات عمر کي، اچي ڪين ٽڪاءَ،
مرد وڃي مارئي کي، آتو هيءُ الاءَ:
آهي توکي مونجهه ميڻن جي، مونکي محبت جي مدعا،
هاڻي ڪَڻ انهيءَ ڳالهه جي، ڪو لهي سڏ سماءَ،
تان مان ٻـه ڪريان انهيءَ تي، بيهڪ سند و بناءَ،
جنهن ۾ ٿئي خير ٻنهي جو، ٿئي ٻام بچاءَ،
ڪر ڪو پـَهـُ ٿئي پرچاءَ، اچي ويهه ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

عمر پهه نـه پڇجن زال کان، مصلحت سچي مردن،
اڪابر اندر ۾، ڳالهيون ڇڳيون ٻـه گڏن،
تون تن ڪري تپاس ڏس، ميـر! لائي هي سن،

حڪم ساڻ هيڻن جي، زوريءَ آندءِ زن،
ماڳ ڪري مسڪين ويٺا، ڪنهن در دانهن ڏين؟
اهو عيب لايو ٿئي آجڙين کي، ڪيئي ڏمرمتي ڏوٿين،
جن واتئون وري نہ چيو، تہ چو ڪامڻ وڌءِ قيد ن؟
سي ڀائر ڪيئن پڙجهن، جي ظلم زور ضعيف ڪيا!

عمر

چوويهين رات عمر چيس، هي ڳالهہ ڳالهائي:
تو ٻہ هرگز هوڏ نہ ڇڏي، نتو توکي ڪو سمجهائي،
آءٌ ماڻهو منجي مارن ڏي، تو وٽان سيئي آٿائي،
تن رنج لاهي راضي ڪندس، آهي ڀهنوار ڀرچائي،
آءٌ اول اهي هٿ ڪريان، پنهنجا راهڪ ريجهائي،
توکي پڻ چوندا مارئي! پنهنجا ڀيڪا ڀتائي،
مٺي! مصلحت من لائي، اچي ويهہ ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

چئي: عمر! آءٌ چوندم ڪيئنڪي، چو وڌءِ جيءَ اندر جار؟
ماڻهو منجي مارن ڏي، تون ڏوٿي نا ڏهڪار،
هو هيڏي ايندا ڪيئنڪي، ويندا ٻئي ڪنهن ٻار،
سي مڱي منڊ ڪيئن ڏيندءِ، اهي ناميا توکي نار؟
آءٌ تہ آهيان ڪيت جي، ڪامل! اصلئون ڪنوار،
سا بند ڪري بنگلن ۾، وريتي ڪيم ويهار،
چو ظلم ضعيف سان ڪرين؟ دانهن ڏيندس دربار،
ايڏو زور ظلم نہ ڪر، ڪي نظر ڪري نهار،
ڪڏهن منجهہ سنسار، ٻڌءِ ڪانڌ ٻہ، ڪامڻ هيڪڙي.

عمر

پنجويهين رات پڌرو ڪري، عمر چيو عورت!
ڪن وجهين ٿي ڪاٺي، مونکي مڱڻي جي معلومت،

پر لکن ڪتاب خدا جا، منجهه شرع شريعت،
تہ "بخش طلاق جبر سان" آهي راسخ روايت،
پر پوندو انهيءَ ڳالهہ جو، تو تي تاب تکو تهمت،
هلنديءَ ڪانہ حاڪم اڳيان، هرگز ڪا حرفت،
ڇو ٿي مارائين منڊا! پاڻ ڪي، سمجهہ شان شرافت؟
اڪيون لڳي چار ٿيون، تڏهن مُڙي ڪريان مروت،
هاڻ ڇڏ شوخي ڪرشرڪت، اچي ويهہ ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

چئي: بخش طلاق جبر سان، آهي درس صحي،
سا بہ ڪتاب تڏهن قبول ڪن، جڏ واٽئون ڪنهن ڪَهي،
آءٌ تہ چونديس ڪينکي، توڙي ويندم سر لهي،
اهو خيال خام رکيو اٿئي، ناحق پُرس! پهي،
ويهان هت ڪيئن رهي، جو اٿم من ڪاڍو مُلڪ ڏي.

عمر

ڇوڏهين رات چوهہ چڏي، عمر ڪيس آزي،
تہ ميچ منت، ڇڏ مونجهہ ڪي، ٿي رضا سان راضي،
حسد حرفت هوڏ جي، ڇو ٿي ٻڌائين بازي؟
ميچ انصاف منهنجو، ڪري دل اندر قاضي،
جو هلان حال تنهنجي تي، توڙي محبت مجازي،
جنهن لالچ لڳي دل جي، ڪيو تو وٽ ايلازي،
معاف ڪر اڳرايون منهنجون، ۽ ميارون ماضي،
ڪر ڪين بيراضي، اچي ويهہ ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

تون ڇو بانڪا بيراض ٿئين، ڪهڙو پيئي ويڙهہ؟
جو ڏني ڏوٿياڻيءَ جي، من ۾ رکيئي ميڙ،
جي منڊ تنهنجي محلات ڪان، ڪا ٻاهر رکي پير،

ته هوند ڪاوڙ اچئي ڪينڪي، ٿئي ڏيل ڏڦير؟
آهي شرم پيارو سڀڪنهن، توڙي ذات به هجي ڪير،
ڏي مام سڏي انهن کي، عادل! ڪر نه اوير،
تون گهڙين سنئون گهير، متان ڪر ڪپڙن ۾ پوئيي!

عمر

سُهمان **ستاويهين** ڏنس، ڪاوڙ ڪئون قربدار،
اڙي! اٿئي اند اکين ۾، ورتئي بي قرب قرار،
هڪ تان سخن ڪرين ٿي سامهون، ٻيو ادب نه اظهار،
مٿايئي ريت رحم جي، ڏنئي ڏاڍ ۽ ڏهڪار،
هيبت، حشمت جي ڪيس، ڏاڍي ڀؤ ڀلڪار،
هوءَ ڀي سُبي ويئي ساهه ۾، نيٽين چڻڪيس نار،
پوءِ ٿيو حياء حمير کي، جڏهن سَتَ ڏنس سردار،
پوءِ مرد اچي مارئي کي، ڏنو عادل هيءُ آدار،
ته ڇڏ وهم، غم، ويچار، اچي ويهه کلي کٽ تي.

مارئي

پوءِ انهيءَ هند عمر کي، ڪيائين باب بيان،
ڏمر ڪيو ڏونٽياٽيءَ تي، ٿو سُهمان ڏين سجان!
پر آڳي جي عدالت جي، ڪل ٻوئي ٿي ڪان،
جو سوين سڪندر تو ڪان هٺا، ذرتيءَ تي پرڏان،
جن سان واڄا، طبل، تُريون، وڳا نغارا نيشان،
جن اڏايا ٿي اڙدن لئي، طنبو ۽ طولان،
جي چڙهيا هنبارئين هاٿئين، اسپن تـــي اخوان،
جن ٿي پاٺ ڪڍايو پالڪئين، ٿي آدم ڪان انسان،
ڪبت هليا ٿي ڪهندا، اڳيان ڀٽ، برهمڻ، ڀان،
جن ڇٽ سونهري جهولايا، زيب وڏي ذي شان،
سا سِري رُلي ٿي رڏيءَ ۾، سندي جمجمه سلطان،
سي سڀ سيڏاري ويا هليا، حيرت ۾ حيران،

تون پڻ واٽ انهيءَ مان، ٽيندين راهو ٽي روان،
اجل ايندءِ اوچتو، ڏاڍو ڏانهن سبحان،
سو دير نہ ڪندو دم جي، اچي ڪان آسمان،
ڏسڻ مان ڏکئي پوندءِ، هلندءِ ڪين لسان،
ڇپر نہ لڳندو ڇپر مان، خطا ٿيس اوسان،
مهل انهيءَ سيئي ويندءِ، ڇڏي جوش جوان!
اڳيئون عزرائيل جي، هلندي ڪنهن جي ڪان،
ڇو ٿو قيد ڪرين ڪاوڙ مان، ڪونس خصومت خان؟
هليو ويندين هيڪلو، ڇڏي محل مڪان،
ماري ڏمر پانهنجو، ڪر عفوُ ۽ احسان،
تان آڪي وٺان تنهنجي، امداد ٿئي آسان،
سچ فرمودو فرقان، تہ اچئي ڪم قيام ۾.

عمر

اناويهين رات عمر اچي، نر چيس نسري:
تہ من لائي ماروئي! سڻ منهنجي خبر ڪري،
آءُ پيو منٿون ڪريان، اچي تو وٽ وري وري،
پر اثر جي ڪانہ اندر اٿئي، ظاهر هڪ ذري،
آءُ اڳتي ايندس ڪينڪي، مر لهئي پؤ پري،
پر هٺ هٺندينءَ ان ڳالهہ ڪي، ٽيندينءَ چيت چري.
پوندينءَ قيد ڪوٺين ۾، ڏسندينءَ در نہ دري،
اها جا سڪ سانڍيهہ جي، ما ويندءِ سڀ وسري،
جي اٿئي عقل تہ سڄڻ ڪر، پئو ڳنڍيءَ منجھہ نہ ڳري،
اتي ويندينءَ ماڳ مري، اچي ويھہ ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

اڳيئون عمر ڪي مارئيءَ، آتو هي احوال:
تہ جيڪا ڳهُر ڏٽيءَ جي، سا برسر آهہ بحال،
جي ڪندين قرب قيد جو، تان پئي عزّ وڏو اقبال،

ته ڪر ستر نديءَ سومرا، تو ڪامل! ڪيو ڪمال،
ٿئي واندو تنهنجي ويٺن ڪان، جيءَ جئو جنجال،
سي وطني ڪين وسرندا، جيتر اٿم حياتي حال،
چو ٿو اهڙا عزم ڪرين، ۽ پاڻ ڪرين پيمال،
مدي نه مون کؤن پڇندي، توڙي صاحب جهلين سال،
ڪر ٿورو منج مارئين، بخش ڪري برحال،
پيو پُڌ هنئين جي ڪنن سان، سائين اڳ سوال،
جي مري ڪٿي هتي مارئي، ورنها ڪري وصال،
ڪج روانو ميّت مارُ ڏي، فرصت ري في الحال،
مر هنئين ڏکين منڌ ڪي، اهو خوشيءَ اٿم خيال،
اها ڪج پلائي پال، نه ته مري ٿينديس هيڪلي.

عمر

اوڏنيهين عمر اچي، نر ڪيس نيزاري،
ته من مون لائي مارئي! سڻ خبر هيءَ ساري،
هڪڙو مرد آن' جي ملڪ جو، آيو پارُوڙو پاڙي،
سو مون راڻي ريجهائي وئي، چوري هليو چاري،
مان چئي لڳي تنهن چور جي، اچي ڏني ماڻهءَ ڏيکاري،
ڪٿي آيو ساڻءَ ڪوهه تان، ڪري ڏاڍي هسواري،
ٿو وڏاءُ هو ديسن ۾، پُريو چوڌس چوڌاري،
حاڪم ٿي چڱو نه ڪيم، نڪي ڪيم موچاري،
مان چاٽان چاڻ اندر ۾، آهي بدي بدڪاري،
پر ڪهڙي خبر خلق ڪي، تنهنجي سيل سُڌاري؟
لوڪ ته گهڻو ٿو لوي، توڙي آهه ناحق نيزاري،
عدل منهنجي ملڪ ۾، نه ٿئي تسلي تڪراري،
هائي چڏ طرح طرفداري، اچي ويهه ڪلي ڪٽ تي.

مارئي

پڏي مُدعي جا منڌ ڪي، ٿيا وهم وڏا ويچار،

اهو عرض عمر کي ڪيائين : پڌ لڳ جاليل جبار،
ائين حڪم سان وٺي هلئين، جئن نجن ڌ تاري پار،
اهي اڳيون ڪرين ڏو عامليون، عقليون عقلدار،
هوت حڪم سان وٺي هلئين، نہ تہ جهلين ها مفت مار،
توکي بہ مدي هئي من ۾، مي پڌرا ڪيئي پرڪار،
جو پنهنجي سر اڇي وڌءِ، ڌوتين ۾ ڌهڪار،
تن هيٺن جي حاڪمن تي، آهي ڪهڙي مرد ميار؟
تو جا آندي امانت ڪٺي، رکي ڪوٽ اندر قربدار،
هلين ڏو حال پنهنجي تي، ءَ مرضيءَ تي مختيار،
انهيءَ سرنديءَ ۾ سومرا! تو ڪيا پيغمبراڻا پار،
انهيءَ جرئت موجب جڳ ۾، هوندين سرخرو سردار،
آهي ڳجهہ معلوم خداءَ کي، ٻي ڪهڙي خبر چار؟
ڳالا لوڪن چا ڪري، جي ڪن پرپٺ پچار؟
پر ڪاتب آهن ربّ جا سڀڪنهن سان هوشيار،
نيڪي بدي سڀڪنهن جيءَ ۾، ويسر ڪن نہ وار،
سي آهن ملڪ ڪُلهن تي، ڏا اکن سڀ نروار،
شال ڏئي ڳالارو ڪونہ ڪو، وٽ خالق خلقڻهار!
جو اڇن ءَ ميرن جي آهي، ڪَل سچي ڪلتار،
ڪچي تہ ڪئي ڪا نہ ڪا، جاڻي صاحب ربّ ستّار،
خون ڪٿوري ڪين لڪي، توڙي باري پونس بار،
ڌوراپا ڏاڍن کـــي، ڪيئن آڇين ايلپهنوار،
تر ڪاٺ ري ڪين لڳن، ڌندن کي ڏاتار،
جا چمندي سا سرندي، سمجهي ڏس سردار!
ڪر ٻيهڪ واحد جي وات تي، رک تن ۾ طلب تنوار،
انهيءَ عدل موجب اڳين ڏينهن، توکي ملندو اجر اپار،
اهي چوويهي ڪن ويچار، مدي نہ جن جي من ۾؟

عمر

ٿيهين رات ٿري لنگهيو، جان ٻُڌي خان خبر،

هڪ دائي هئي دانهه جي، جنهن پاليو هو ڪي نر،
سا ڪامل قسمت پانهنجيءَ، هئي پاهر ڪان شهر،
تنهن ڪَنهن ٻُڌي اچي، عمر جي ڪانچ خبر،
تنهن ڊوڙي اچي دانهن ڪئي، ڏُرس بيهي تي در،
تہ ٻُبا مارئي جي ماءَ جا، تو ڏاتا آهن عمر!
تنهن لاءِ تنهنجي مارئي لڳي، سڳ ۾ پيڻ سپر!
ايڏا ڪامل ڪرين قهر، ڪندين ڪيئن صاحب اڳيان سومرا؟

پوءِ ڊنو خوف خداءَ جي، ات نر وهايا نيڻ،
هلي آيو وٽ مارئيءَ، ٿيو مرد مرم ڪان ميڻ،
تہ باريءَ لڳ بخشيم تون، جيڪي واڌو ڪيم ويڻ،
تون صحيح سڳي آهيم ڀيڻ، بخش بديون بدڪار جون.

تڏهن ماڻهو منجهي ڪيت ڪي، عمر آڻايو،
پيا جيڪي مائٽ هئا منڌ جا، تن کي صاحب سڏايو،
انهن کي ويهاري وٽ ۾، هيئن فائق فرمايو:
جنهن دائيءَ دستن ۾ ڪٺي، مونکي ننڍي نپايو،
تنهن گولي اچي گفتار ڪئي، هي سخن سڻايو،
شور وڌايو شيطان هو، پر ربَّ ئي رڪايو،
شڪر ڪريان الله ڳالهہ جو، مونکي باريءَ بچايو،
مرد ويهي منجهہ مارڪي، اهو گفتگو الايو،
پيڻ زبانان پاڻ چئي، ات منڌ کي مرڪايو،
چئي "غلام محمد" غريبن کي، تنهن پاتشاهہ پهرايو،
ظلم زيادتي زور سڀ، هنن ڪوُن بخشايو،
پوءِ مائٽن سان منڌ کي، نيئي گوهر گڏايو،
پوءِ خوش ٿي پيڪن کي ملي، ٿيس سفر سجايو،
ڪامل اتي ڪاج جو، سٽت ڪيو سعيو،
ڏيئي ڏاج وڏاندرا، تنهن کي ٻنري بنايو،
چِڪڙن ۾ چانئون ڪري، تن کي چوُرنگ چاڙهايو،

ڏنئين ڪوٺان ڪڍي قريبن، جن وٽ ڇم هوس ڇايو،
پڪن ڪان پير پري، تنهن مرد موڪلايو،
مڪائين مارئي ماڙ ڏي، سهج ڪري سعيو،
جس عمر جو جڳ ۾، ٿيو سرس سوايو،
نچ ڇائي پلي مارئي، جنهن پي ڪين گهٽايو،
ٻر جي ٽڙي تورايو، ته آهن انصاف عمر جو.

اهو وڏو انصاف عمر جو، عالم ۾ آهي،
ڪيائي زور نه ظاهر زال سان، نڪي ڪڍ پيس ڪاهي،
نه ته ڇڙي ڇنبن منجهه باز جي، هوءِ سينو ڪئين ساهي؟
پوءِ ڇا وس عورت آهي، جي مرد مدائي تي اچي!

سڀ رضامندا ربَّ جا، جو مدي نه آين من،
عقل مت ابليس جي، ڪامل ڪئي نه ڪَن،
بيٺو هڪ ڳالهه تي، پيون پوليون ڏيئي پن،
قصو عمر مارئيءَ جو، مر اشراف ميڙ سڻن،
سڻي صفت سنگهار جيي، اثر ٿئي ڪو عورتن،
عمر جي انصاف جي، ٿئي مر معلومي مردن،
آهن سڀ پوٽا آدم جا، شل عمر افعالين ٿين،
مثل مارئيءَ جي وٺي، ميڙئي منڊون مرڪن،
شابس مارئي کي هجي، جنهن رکيو شان ستين،
ڏيلا عمر هزار ڪيا، پر چڙهي ڪين ڪنن،
سون، جواهر، هيرا ڏسي، ويئي نه پلنگن،
اهڙيون عورتون دنيا ۾، لڪين پيون جهن،
توڙي قيد بند ۾، هزارين سال هئن،
وس وڏا تن سان، مر مرد مجازي ڪن،
عمر به اشراف هو، منجهان چاول اصيلن،
انصاف عمر جا پڌي، لڳي مات ڇپن،
وس پڇندي ان نه ڪئي، زوري متي زن،

نہ تہ حاڪم جي حڪم تي، ڪيئن ٿا راڄ رُلن ؟
پوءِ اهڙا آچار جن، وينداسي ايمان سان.

لا اله الاالله محمد رسول الله

Soorih Mirani

ڏيهه راتيون: مارئي*

(شير محمد لغاري)

[شير محمد لغاري، ڳوٺ غلام شاهه لغاري تعلقي سڪرنڊ ۾ سنه ۱۲۹۸هه/۱۸۸۰ع ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم ڳوٺ نئين تعلقي سڪرنڊ ۾ حاصل ڪرڻ بعد پَراڻن هالن ۾ آخوند محمد موسيٰ ڀچاري ۽ پوءِ قاضي خان محمد وٽ فارسي جي تعليم ورتائين. شاعريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. سندس ڪلام گهڻو ڪري ڏڳهن بيتن، مداحن ۽ ڏيهه اڪرين تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ لاڳيتن ٻوڏن اچڻ سبب اتان لڏي، ڳوٺ گل محمد لغاري تعلقي شهداد پور ۾ اچي رهيو. سندس گهڻوئي ڪلام قلمي نسخن جي صورت ۾ هئو جو سندس ٻوين کان گم ٿي ويو. ٦٥ ورهين جي ڄمار ۾ سنه ۱۹۴۵ع ۾ وفات ڪيائين.]

ساراهيان سچو ڌڻي، جو عالمن الله،
خالق، مالڪ مُلڪ جو، شافع شهنشاهه،
اُپائيندڙ عالم جو، باري بيپرواهه،
خالق ڪُل مخلوق جو، آڳو موئي آهه،
تنهن صاحب جي ساراهه، جنهن جوڙي جوڙ جهان جي.

جوڙي جوڙ جهان جي، صاحب ربّ سبحان،
خالق خلقيا خلق مان، آڳي ڪيئن انسان،
شاهي شرف شان ڏيو، ناهي حد بيان،
ڪجي ساراهه ڪيتري، ظاهر ساڻ زبان،
سو مولا مهربان، جنهن جوڙي جوڙ جهان جي.

جوڙي جوڙ جهان جي، ڪيا صاحب سرزمين،

* هي روايت وچولي (تعلقي شهداد پور) مان ظفر بلوچ کان مِلي.

مولود کيو ملڪ ۾، احمد چار امين،
آڻي جنهن اسلام کي، دائم کيو دين،
جنهن مڃيو محمدﷺ ڪارڻي، رکي صدق يقين،
ڪلمي وارو ڪين، مرسل ڇڏيندو ماڳهين.

ڪين ڇڏيندو ڪڏهين، عاصي، عربي چار،
حامي هوندو حشر ۾، سو ڪامل ڏينهن قيام،
چارئي يار رسول جا، مڃيو صبح ۽ شام،
ٻيي پڻ پياس پنجن جي، ٻيا ٻارهن پاڪ امام،
هردم حب حسنين جي، تهدل تن تمام،
پوءِ عملن ساڻ انعام، ملندو ڏينهن قيام جي.

جيڪا ڀوکي ڀوک جنهن، سائي تنهن لئي،
عمر ۽ مارئي جي، سڪنهن ڳالهه سئي،
قيد رهي جا ڪوٽ ۾، ٽي مارن ڪاڻ مئي،
آءٌ پڻ نُڪتو آن جو، پڌرو ڪيان پوئي،
هئي يا نه هئي، چاڙهي عالم غيب تو.

ڪن ڏينهن سومرو هو، عمر چار امير،
حاڪم عمرڪوٽ جو، ناميا ڪن نظير،
حڪم هلائي پانهنجا، ورنه سوئي وير،
تنهن سئي ڳالهه سومري، ماڻهن ڪنان مير،
ته عورت آهي هڪڙي، مارئي منجهه ملير،
صورتوند سهڻي، روشن قمر منير،
ڦري روز قمرن سان، سانگياڻي سڌير،
سٺي هاڪ حمير، رکيو ڪادو قرب جو.

رکي ڪادو قرب جو، ڪامل ويو ڪاهي،
ويو اڪيلو سنيري، لاهه منجهان لاهي،
ته ڏسان وڃي مارئي، ڳالهه ٻڌم جا هئي،

مشهور مُلڪن ۾، عورت هِيءَ آهي،
عمر چڙهي ويو آٿ تي، سهڻون سنباهي،
سا ڏئين ڏوٽيائي وچي، جو ڏس پڌو ڏاهي،
آئي هيڪل ڪوهہ تي، سا گهيٽا گهمائي،
پوءِ ليج عمر لاهي، پاٽي گهريو پنهور ڪان.

گهريو عمر عذر سان، پنهور ڪان پاٽي،
پائي پاٽي عمر ڪي، ڏنو ڏوٽياڻي،
پنهر نہ هئي پنهوارن مان، ڪو جهانگي جهانگياڻي،
سُهٽي صورت سومري، صحيح سڃاڻي،
ڪٽي رکي سا آٿ تي، ناتر نماڻي،
ڪامل ڪئي ڪار ڪئي، هئي بہ چنڊياڻي،
سومري سانگياڻي، آئي چاڙهي آٿ تي.

آئي چاڙهي آٿ تي، باري تنهن بانڪا،
دانهون، ڪوڪون، ڪوڪريا، ڪيا ويچاري واڪا،
پهر نہ هئي ويجهڙ ۾، مارن منجهان ڪا،
ڪل نہ هئي ڪنهن کي، ناتر جي نا ڪا،
پٺي پوءِ پهنوارن کي، ڪوڪ وڃي ڪن ڪا،
پر عمر چڪايا آٿ کي، ڪي زور منجهان ذائقا،
پوءِ ڏونگر جا ڏاڪا، لنگهي ڏاگهو ڏور ٿيو.

لنگهي ڏاگهو ڏور ويو، ٿيو مارن ۾ ماتم،
پڇي سگهيا نہ پهنور سي، عمر کي ان دم،
ويئي ويچارن وسري، خوشي خواب خورم،
مارو سي ملير جا، گهايا گوندر غم،
زوري ساڻ ظلم، عمر آندي مارئي.

عمر آندي مارئي، زال ڪٽي زوري،
وير وڙهيو ڪنهن وجهہ سان، چورن جان چوري،

دانهون، ڪوڪون، ڪوڪريا، ڪياڇوهه منجهان ڇوري،
روئڻ رُسڪڻ ماروئڙن، جهڄڻ ۽ جهوري،
عمر ڪاهي آٿ ڪي، ٽور تڪي ٽوري،
مير مٿهار هت وري، چانگي جي ڇوري،
لُڙنءَ اندر لوري، لڳي لوئيارن کي.

عمر آندي مارئي، زوري ڪٺي زال،
هٺي زوري اٺ تي، ڇوهون ڏياريا ڇال،
ويا هٿا ڦهنور ڦٽ تي، مارو ڇوڙي مال،
ڦيو نه ڦرو تن کي، نه ڪا سرت سنڀال،
عمر وڌُن اوچتو، ڪامل آئي ڪال،
پنهنجي ساڻ خيال، عمر آندي مارئي.

قابو هئي ڪوٽ ۾، قضا قيد ڪئي،
وَس نڪري پانهنجي، سا ويچاري وئي،
هڪ زوري زنجيرن ۾، ٻي مٿس تاب تئي،
رات ۽ ڏينهن روئڻ ۾، گذرن پيا ڀئي،
ڪانه ڪري ٽي ڳالهڙي، هنئين ساڻ ڇئي،
سا ميلڊ سام پئي، تان لهندا بند "بلوچ" چئي.

محلين ماندي مارئي، ٽي روئي زاروزار،
ساريو سنگهارن کي، نيٽين وهائي نار،
راتيان ڏينهان روج ۾، ڀنيو ڪيڏي پئي پار،
ڪڏهن وساري ڪينڪي، ساعت ڪاڻ سنگهار،
مارئي مارن ڏار، ٽي ٻيوس بند "بلوچ" چئي.

محلين ماندي مارئي، ٽي جر وهائي جال،
ڏسي ڪوٽ، ڪنبي گهڻو، هيٺو ٽيڙس حال،
ويا ويچاريءَ وسري، خوشي ۽ خيال،
حُب حياتي ناهه ڪا، جيئڻ ٽيس جنجال،

ٿي ساعت پانئي سال، بيوس بند ۾ مارئي.

محلين ماندي مارئي، نہ هئس اکئين آرام،
راتيان ڏينهان روج ۾، ٿي جر وهائي جام،
اوتيو پيئي اکين مان، طلب نہ رکي طعام،
درس پيا جنهن دام، ٿي بيوس بند "بلوچ" جئي.

محلين ماندي مارئي، ٿي سانگيڙا ساري،
دم نہ لاهي دل تان، ما وير نہ وساري،
ڇڏي خواب خوشين کي، غمن ۾ گهاري،
ڏکن سندا ڏينهڙا، پيڙس پناري،
ٿي گوندر ۾ گهاري، بيوس بند "بلوچ" جئي.

محلين ماندي مارئي، ٿي درد کري دانهون،
اونائي کونہ آن جون، عمر ري آهون،
پاڇهہ کري پيو کونہ ڏئي، پڌ يءَ کي پانهون،
ماريو سنگهارن کي، ٿي روز تکي راهون،
ويون ويچاريءَ واهون، ٿي بيوس بند "بلوچ" جئي.

محلين ماندي مارئي، ٿي راتو ڏينهن رڙي،
ساري سنگهارن کي، سا سورن منجهہ سڙي،
عمر جنهن کي قيد کيو، اندر کوٽ کڙي،
لکيئي کونہ اڙي، ٿي بيوس بند "بلوچ" جئي.

محلين ماندي مارئي، سک نہ کري سانت،
اچي کوٽ کڙن ۾، روئي ڏينهان رات،
مارئي کي مارن جي، تن اندر ۾ تات،
سمجهي مارئي موت کي، سورن ۾ سوغات،
اچ منڌ رهي محلات، ٿي بيوس بند "بلوچ" جئي.

محلين ماندي مارئي، سک نہ سمجهہ سور،

ساري تن سرتين کي، پلپل پونس پور،
قسمت آٽي قيد ڪئي، ڪنهن جو ڪونه قصور،
سٽي ڪونه سنگهارن جو، مارئي کو مذڪور،
چاڪ چڪندي چور، ٿي بيوس بند ”بلوچ“ چئي.

محلين ماندي مارئي، ٿي رتورت روئي،
ڪيئن وهي سا ڪوٽ ۾، پهنوارن ڪان پوئي،
هي جا جهانگياڻي جوءِ، ٿي بيوس بند ”بلوچ“ چئي.

محلين ماندي مارئي، خوشيان ڪري نه خواب،
ساري سا سانيهه کي، اکئين اوتي آب،
قادر ڏنس ڪوٽ ۾، کو عذر ساڻ عذاب،
هيءَ ڏي ڪنهن حساب، ٿي بيوس بند ”بلوچ“ چئي.

محلين ماندي مارئي، ٿي ماڙئين ڳاري ماس،
ويا ويچاريءَ وسري، اهي لاڪيٽا لباس،
مارئيءَ کي ملير جي، اندر منجهه اداس،
وسيلا سڀ وياس، ٿي بيوس بند ”بلوچ“ چئي.

محلين ماندي مارئي، اندر ڳچ ڳري،
وس نه ويچاريءَ جو، پهنور ٿياس پري،
ساريو سنگهارن کي، ٿي مارن ڪاڻ مري،
سا ڪام ڪيئن ڪري، ٿي بيوس بند ”بلوچ“ چئي.

محلين ماندي مارئي، سڪ جنهن کي ناهه،
سانگين ۽ سانيهه کي، ٿي ساري سنجهه صباح،
ويٺي ويڙهيچن جي، ٿي روز نهاري راهه،
امن ساڻ الله، ٿي بيوس بند ”بلوچ“ چئي.

محلين ماندي مارئي، ساري ملڪ ملير،
قسمت جنهن کي قيد ڪيو، جٺو منجهه زنجير،

ويٺس ويڙس وسري، ڪاج ڪندون ۽ ڪير،
راتيان ڏينهان روج ۾، نيڻن وهائي نير،
لکئي منجهه تقدير، تي بيوس بند "بلوچ" چئي.

محلين ماندي مارئي، تي جام وهائي جر،
ڪيئن ويهن سي ڪوٽ ۾، ٿاڪ جنين جا ٿر،
هرهر اباڻي پار ڏي، ڌري نرت نظر،
شب روز "شيرمحمد" چئي، غمن ڪيڙس گهر،
زهر پيائي زال ٿي، زريون ۽ زيور،
آگي ساڻ آمر، ڪئي بيوس بند "بلوچ" چئي.

محلين ماندي مارئي، زور ڪري زاريون،
ساهيڙيون ۽ سرتيون، تي ساري سنگهاريون،
دم نہ لاهي دل تان، سي دانه ڌناريون،
گهل گهچيءَ گهاريون، تي بيوس بند "بلوچ" چئي.

محلين ماندي مارئي، تي پهنور پچائي،
روز اباڻي پار ڏي، ويٺي واجهائي،
پٽ، پٽولا، پارچا، سيم نہ سيبائي،
سهجون سک وڃائيا، ڪاج نہ ڪو ڪائي،
آت امر اڙائي، ڪئي بيوس بند "بلوچ" چئي.

محلين ماندي مارئي، ڏک ڏسي ڪيئي،
ڪين چئي تي ڪنهن ڪي، ڏوراها ڏيئي،
دم نہ لاهي دل تان، مانگيڙا سيئي،
قسمت وڌي اچ ڪوٽ ۾، ناتر هي نيئي،
جا پاڻ وسان ويئي، تي بيوس بند "بلوچ" چئي.

پهرين رات پهنوار، عمر آندي ڪوٽ ۾،
ماتم ٿيو مارئيءَ سان، عمر ڪاڻ شڪار،

بند رهي جا بند ۾، سا روئي زارو زار،
دايون ٻايون، ٻانهيون، ڇوڪريلو چوڌار،
ڏين دلاسا دل سان، ويهي سي وينجهار،
تہ: ڇڏ راڙو روج تون، گڏجي خوش گذار،
سنهري ويهہ تون سيج تي، سهسين ڪر سينگار،
نہ تہ ناتر وهائي نار، ڪنهن سان ڪڇي ڪينڪي.

ٻانهيون

ڪنهن سان ڪُڇي ڪينڪي، جال وهائي جر،
سڀ ملي مارئيءَ کي، ٿيون چون چڱيءَ ٻر:
ڪٿي راڻي راڄ جي، آئي هٿ عمر،
جايون، ساڙهيون، محلا، پيا بنگلا بيشتر،
هٿ هيٺ هر، ٻارچا، زربون زر زيور،
پائي ويهہ ڀنور! تون، ڇڏي خام خطر،
گوليون دايون ٻانهيون، دانہ تنهنجي در،
هاڻي هيجان ڪر، تون عيش عمر سان مارئي!

مارئي

تڏهن موٽي ڏنو مارئيءَ، جُوڏان هيءُ جواب،
ڏکوئجي ڏيل ۾، آئي آکين آب،
تہ: ڪوهہ چئو ٿيون ڪاميٽيون! ڪريو ڪوتہ حجاب،
عمر عزرائيل جان، ڏنم ڏک عذاب،
هوش ويو سڀ حوصلو، بلڪل ٿيس بيتاب،
ڪريو عيش عمر سان، اوهين شوق شتاب،
آهي اوهان تي عمر جو، هردم حق حساب،
ڪيو ڪونہ عمر جو، مون کو ڏوهہ ثواب،
هيءَ مارئي مهٽي هاب، ڪين ڪريو ڙي ڪاميٽيون!

عمر

ٻي رات ٻاجهہ سان، عمر ڪيو احوال:

سڻ تون منهنجي مارئي! ڪجهه اندر جي ڳال،
صورت ڏسي سڦري، تنهنجي جوت جمال،
پيو عشق اندر ۾، ويئي سرت سنڀال،
ڪٿي آيس ڪوهه تان، ورنهه لاءِ وصال،
ڇڏي خام خيال، مرڪي ويهه تون ماڙئين.

مارئي

مَرڪ نه منهنجو ماڙيون، اسين لوئياريون لال،
جهانگي ماڻهو جهنگ جا، مارو چاريون مال،
جتي ڪٿي جهوپڙا، جهانگيڙن جا جال،
ڪيل عمرڪوٽ سان، ڪري پلائي پال،
چئي "شيرمحمدؐ" شال، موٽي ميلاڻ مارئين!

عمر

ڏيءَ رات نُري ويو، عمر چئام امير،
چيو تنهين چاهه سان، ڌهرڙيءَ پَرَ حمير،
ته: منٿ ميچ تون مارئي! نه دانهن ٿي دلگير،
ٿيءَ رائي راڄ جي، تون روشن ماهه منير،
پائي پوشاڪون پٽ جون، مکي عطر عنبير،
ڪاٽ ڪنڌون ۾ ڪير، مُرڪي ويهه تون ماڙئين.

مارئي

چئي: آڄ نه عمر! اهڙي، تون اڻ وڻندي وائي،
تو جا رتي رُوح ۾، پيٽ اندر پائي،
سا سمجهي رهه تون سومرا، عمر! اجائي،
لاهي غير گمان تون، ڪيل من سان مدائي،
اي عمر! آهائي، سام پناڻيج سومرا.

عمر

چيو عمر مارئيءَ کي، **چوڏهن** رکي چاهه،

صاحبي ڪر سنگهار! تون، ويٺي سنجهه صباح،
تو ۾ منهنجو مارئي! آهي ساهه پساهه،
هاڻي مونجهه ميڻن جي لاهه، مرڪي ويهه تون مارُئين.

مارئي

چئي: عمر ادا! ايتري، ائين نه جڳائي توءِ،
ظلم ڪندڙ زالن تي، سو نه حاڪم هوءِ،
ڇڏي حياءُ حمير، تو مٿان ڪوهه ڪنيوءِ،
ڊنين نه ڊاءُ ربّ جي، خاوند جنهن خلقيوءِ،
ڪٺندي جيڪر ڪوهه تان، ڏوٺين هوند ڏٺوءِ،
ته سمجهين هوند سومرا! ڏيهن ڏس ڏنوءِ،
سُڌ تنهنجي سومرا! پئي پهنوارن پوءِ،
زوري ڪم ظالم جو، جيئن ڪامل ڪيوءِ!
هي جهانگياٽي جوءِ، موٽي مُنج ملير ڏي.

عمر

پُهچي آيو پهنور وٽ، پنجين پري پير،
اچي عمر ات چيو، دانهه پهاڻ دلير،
ته: مارئي! پنهنجي ملڪ جو، ڪر صبحاڻي سير،
هتي پڻ مارن جا، ڏس ڏنارن ڍير،
چارين پيا چاهه مان، ڪاهيو مال مٿير،
اچن ويل اجهور جي، ساجهر وير سوير،
هتي هٿي هڪ جيها، ڪونهي منجهن ڦير،
لاهي گوندر غير، مرڪي ويهه تون مارُئين.

مارئي

چئي: عمر! عقل اهڙو، ڇڏ ڀڳڻ ٻاراٽو،
مال نه منهنجي ملڪ جو، نه ڏيهه ٻه ڏاڏاٽو،
نه ماڙهو هت ملير جو، ڪو عمر اباڻو!

پلا مال تہ مالن جيها، پر منجن تا ماٺهو،
سور تہ توکي سومرا! کوئي سيباڻو،
خوف توکي خاوند جو، پوي نہ پاڻئون،
ٿي سومرا! سياڻو، مونکي منجھ ملير ڏي.

عمر

ڇهين رات چوهہ چڏي، عمر کيس آزي،
سچ منت مارئي! رهہ رضا ۾ راضي،
منهنجي هن انصاف جي، ڏس توري تارازي،
کريان زور نہ ظاهري، نہ کا بيهودي بازي،
اٿم شوق شاديءَ جو، نہ محبت مجازي،
موڪل ڏي تون مارئي! تہ کوٺايان قاضي،
تن اندر تازي، توڏي حب هنئين لڳي.

مارئي

چئي: ڳايان تنهنجو ڳوٺ، ڏي عمر هي انصاف،
کڏهن وساريان کينکي، پنهنجا سانگيئڙا صاف،
موٽي منج ملير ڏي، کر مارئيءَ کي معاف،
تہ عمر! تنهنجا الطاف، پڙهئين مڃين پهنواريون.

عمر

آيو عمر اوچتو. **ستين** رات سنہري،
چئي: موٽي هاڻ ملير ڏي، ويندئين کانہ وري،
ويندئين ويڙهيچن ري، ماڙين منجھ مري،
پهنور راڄ پري ٿيا، چڏ هي چاهہ چري!
لنڏين هيٺ هندورئين، آتسي بار پري،
ڏ کهين ڏيل ڳري، ويندءِ ويڙهيچن سان.

مارئي

چڏي محل ماڙيون، ويندو هر کوئي،

رهندو ڪونہ جهان ۾، قادر ري ڪوئي،
جنهن جي نيڪي جڳ ۾، جيڏو آ سوئي،
ڏجي ڏاءُ ربّ جي، جڳ اندر جوئي،
آءُ پڻ سونهان تن سان، مٽي جن لوئي،
پائن هار گلن جا، پهنواريون پوئي،
ٿا سومرا! سپيئي، سونهن پنهنجي سٽ ۾.

عمر

اڇي اڏهين رات جو، عمر ڪيو اظهار،
ماروءَ مٽ نہ منهنجا، هو پڻ جا پهنوار،
کهڙو گذر تن جو، هو ڏارين ڏڻ ڏنار،
هٿ پائي پوشاڪون پٽ جون، سهسين ڪر سينگار،
زر زيور تو ڏيان، حيرت جهڙا هار،
ويهي محلاتن ۾، تون راڻي ٿي تہ گذار،
تون وڏي ٿيندين امير، توسان عمر جو اقرار،
سي ويڙهيچا وسار، جهنگ جنين جا جهوپڙا.

مارئي

چئي: عمر! ماروءَ مٽ نہ تنهنجا، سي مٽ نہ تو سونهن،
جن جا جهوپا جهنگ ۾، سي ڪيئن ڪوٽ ويهن،
جي ڪاهيو ڏڻ ڏناريون، ٿيون پڻ ۾ پهرن،
مارُيون مرڪ نہ تن جو، جي پڳن منجهہ پسن،
جي تو جهڙا ڪينڪي، سي سڱن سان مرڪن،
لقب لاءُ نہ پاڻ ڪي، نڪي لوپارن،
عمر! ڪر نہ اهڙيون، جي ڳالهيون مون نہ وڻن،
ڪي مدي منجهان من، موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

عمر

نائين رات نوڙت سان، چيو سومري سچاڻ:

ماروئي! ويهه مات ڪري، هوڏ چڏي تون هاڻ،
ماري ماروئي! مونجهه ڪي، ريجهي راڻين ماڻ،
ور ور ويڙهيچن ڏي، تانگهه رکي نه تاڻ،
ماروئي! مارن ڪاڻ، روئي رُئنديين ڪيترو؟

مارئي

چئي: عمر! توکي ناهه ڪي مناسب هيئن،
جي ٿاريليون ٿر جون، سي وهارجن ڪيئن،
هاچو ڪري هلئين، جهانگين مٿي جيئن،
اج ته اباڻن ڏي، آلا مصيبت مينهن،
ورهيه وچان ٿي پانئيان، ڏوٿين ڏاران ڏينهن،
مور مٽجيندس ڪينڪي، مير مرندي ميڻن،
جيئن وٽيئي تيئن، موڪل ڏي ته ملير وڃان.

عمر

ڏهين رات ڏسي ڪري، چيو سومري سياڻي،
ته: ملير تنهنجو ماروئي! آهي هت هاڻي،
ڪيئن موٽايان ملڪ ڏي، ماڙين ۾ آڻي،
ويندءِ نيٺ وسري، پهنور سي پاڻهي،
چوين ته مٽ تنهنجا ماروئي! گهرايان صبحاڻي،
پرچائي پهنوار سي، آءٌ نوازيان ناڻي،
نه ته وطن آماڻي، ڪڏهين ڇڏيندوسئين ڪينڪي.

مارئي

چئي: عمر! ايندا ڪينڪي، مارو منهنجا مير،
ڏنئي ڏک ڏوٿياڻيءَ کي، هاڃو ڪري حمير!
سي سگ نه ڏيندءِ سومرا! سانگي مڇي ڪير،
هنو پکي سنهن پانهنجي، مارو منجهه ملير،
سُور نه ڏيندءِ ماروئي، عمر چام اسير!

لالچ لوڀ نہ جن کي، وڻن جي ڪا وير،
گهر ڪتيري ڪير، پهڻن سي پهنواريون.

عمر

ٻارهين رات يقين سان، چاتو عمر چام،
منٺ مڃيندي ڪينڪي، مارئي مور مدام،
تؤ رکيي تڪڙو، تو ڪري تاب تمام،
آزيون ڪيون مون گهڻيون، سمجهي صبح شام،
منڊ مڃي ٿي ڪينڪي، ڇڏي هوڏ حرام،
زالون سمجهن زور سان، ائين چون عام،
آهيان حاڪم حڪومت جو، نڪي گولو ۽ غلام،
زوري زور زبر سان، ڪندس پورو ڪام،
مارئي! تو سان ماتام، ڪندس اج تہ ڪوٽ ۾.

ڏهن ڏچي ويٺي ڏپ ڪان، دهلي ات داناهہ،
ڏسي اکيون عمر جون، سڪي ويڙس ساهہ،
نيڻين نير چڙڪيا، ناتر ڪي ناگاهہ،
ڏادر ڏاران ڪوٽ ۾، ڪانہ ڏنائين ٻي واهہ،
دردي ڪري دانهہ، پاڻ وڌائين پٽ تي.

عمر مونيو پوئتي، ڏسي هيڙو حال،
ٻنو ٻاهہ ڏٺيءَ جي، ڇڏي خام خيال،
تہ منڊ ماريندي پاڻ کي، زَبر ساڻ هي زال،
اتي حال في الحال، مونيو ڇڏي مارئيءَ.

عمر

ٻانهيٺون **ڏارهين** رات، عمر آت سڏائيون،
عمر چيو انهن کي: اوهين زالون زالن ذات،
وڃو گڏجي گوليون، مارئيءَ جي محلات،
منڊ مڃايو مارئي، طرح ٻڌي ڪا تات،

تہ وري ويڙهيچن جي، وائي نہ ڪري وات،
تہ جيسين دم حيات، هوند هندورئين لوڏيان.

ڍانهيون

تڏهن تيرهين ترسيون ڪينڪي، سنهري سي آيون،
ڏين لڳيون مارئيءَ کي، سي دلاسا دايون،
ڇو ڪرين هوڏ حاڪم سان، ڇڏ ڳالهيون اجايون؟
عمر جهڙو آدمـــي، ڪونہ ڪٿي ڄائيون،
خوش گذارين خير سان، دايون ۽ ٻـايون،
محل، منارا، ماڙيون، ۽ جنساري جايون،
سوکل ڏي تون مارئي! پيون وساري وايون،
ميندي، مشڪ، عطر سان، لعل لڳين لايون،
زر زيور ۽ زريون، ڳهہ ڳچيءَ ٻايون،
ٻهر پوشاڪون پٽ جون، سون سروپايون،
مارئي! متہ چايون، تو سان ڀيڙو آهي ڀاڳ ٽيو.

مارئي

تنهن مهل آئي مارئي، تہ ي حال چئي رويون،
ماڙيون مرڪ نہ تن جو، جي جهانگياڻيون جويون،
سي پٽ تہ پهرن ڪينڪي، لڱن جن لويون،
ٻائن هار گلن جا، پهنواريون پويون،
ميهنن وسندي ڪپڙا، سي ڏناريون ڌويون،
ڪاچ جنين جو ڪنيون، پيو ڏونرن جون ڏويون،
اڄ پهنوارن سان پويون، هوندو ڏينهن قيام جو.

ڍانهيون

چئي : مارئي! پئونہ مامري، ڪري حاڪم سان تون هوڏ،
مارو سڀ ملير جا، گهمن ٻڌي گوڏ،
مخلين ويهي مارئي! ڪر ڪونڌ ۾ تون ڪوڏ،

لعل هندوري لوڏ، ڀنور! ويهي ڀان تون.

مارئي

چئي: نه آءُ هندورئين هيرئين، نه ڪي ڀهران ڀٽ،
مرتين سان ساٿيهه ۾، وڃي ڀهران پٽ،
گڏجي شال گذاريان، وڃي ويڙهيچن وٽ،
اصل عمر چام جا، مارُو ناهن مٽ،
ڪچيءَ هائي ڪَٽ، ڪوٽ ويهنديس ڪينڪي.

ٻانهيون

تڏهن موٽي آيون مارئيءَ ڪان، ڪيائون عمر سان احوال،
ته سُور مڃي ٿي ڪينڪي، خاطر ناهه خيال،
ماري سنگهارن ڪي، ٿي جر وهائي جال،
رکي طلب نه طعام جي، زهر ڀانءِ سڀ زال!
راتو ڏينهان روج ۾، بيحد ٿي بيحال،
جيئڻ ڀانءِ جنجال، مارن ڌاران ڪوٽ ۾.

عمر

ٻوءِ اچي عمر مارئيءَ ڪي، **چوڻ هين** رات چيو،
ته مارئي! ايڏو معاملو، تو ڪامڻ! ڪوهه ڪيو؟
رکي جوش جان تي، چو راڙو روج ڪنيو؟
ٻاگ ته پيڙي ٻونءِ تي، تو ٻانهي ڀان هنيو،
ڀر موٽڻ مشڪل تنهنجو، اج ٿاريلڻ ٿيو،
لکيو ٻانيان لوح ۾، هو اکي انگ وهيو،
تو ڏي ڪاڏو ترب جو، اندر روح رهيو،
هاٿي ٻوليج ڪين پيو، گڏجي خوش گذار تون.

مارئي

چئي: نه ڪر وين وڏاندرا، عمر! الائي،
لکيو منهنجو ڪيت سان اکيئي آهي،

آءُ مـگينـدي ان جي، سڻ دانـهن دل لائي،
مـرڪ نـه منهنجو مارُئين جالڻ جڳائي،
لوئـي ڪيئن لڄائيان، آءُ پوشاڪون پائي؟
مـرتين ڏاران سومرا! سيج نـــه سيبائي،
هينئڙو اڄ هيٺو ٿيو، وڏو ڪوٺن ڪنبائي،
وچڙ يس ويڙهيچن ڪان، شل مـوليٰ ملائي!
اڄ امر اڙائي، قسمت مونکي قيد ڪيو.

عمر

پنڌ رهين رات ڀڻور ڪيءِ آڪـيو ڳالهه عمر:
منٿ ميچ تون مارئي! هرگز هوڏ نه ڪر،
محلين ويهه تون ماڻ ڪري، ڇڏي ڏک ڏمر،
ڪر تون ويس وڏانـدرا، زريون ۽ زيور،
ڀَـهڳڻ ڀانهيون تو ڏيان، صورتوند سڌر،
ٿي تون راڻي راڄ جي، غم ڇڏي گوندر،
خوش ٿي ويهه ڪَهن تي، لاهي خيال خطر،
رضا ربؑ رحمان جي، هرگز هٽي هن ڀر،
آگي انگ اڪر، جيڪس لکيا لوح ۾!

مارئي

چئي: نـه ڪـر ويڻ وڏاندرا، عمر! تـون اهڙا،
سانڊي رک صندوق ۾، تون ڳچيءَ جا ڳَـهڙا،
مـٽ نه ڀانيان مـارئـين، جهانگي جن جهڙا،
ڪنديس ويس وري هتي، مان ڪوٺن ۾ ڪهڙا!
جهڙا ڪي تَـهڙا، ته به مارو پنهنجي مُـلڪ جا.

عمر

سورهين آيو سوـرو، ڀڻور وٺ پيهي،
ڪونه ڪندو ڪو ايتري، جڳ ۾ تو جيهي،

ڏکي لڳي تو ڏيل کي، ڪامڻ هٿ ڪيهي؟
تانگهہ تہ لاهج تن جي، جي ڏاڏاڻا ڏيهي،
مارو توکي ميليان، سي پهنور پرڏيهي،
سڪائي سرير کي، چو دکي ڪيئي ديهي؟
جيهي چوين ڳالهڙي، آءٌ تڙت ڪيان تيهي،
پر محلن ۾ ويهي، گڏجي خوش گذار تون.

مارئي

چئي: عمر! تنهنجون ڳالهيون، نہ سي مور مڃان،
سمجهائين ڪين تون سومرا عمر! تون اڃان،
هو جو سيل سنگهارئين، بلڪل آءٌ نہ پڃان،
ڇڏ ويڙهيچن وچان، سانگي ڏسان سومرا!

عمر

موٽي عمر مارئيءَ کي، **سترهين** سمجهايو،
تہ: مڃين مور نہ مارئي! منهنجو چوڻ ڇوايو،
جيئن جيئن ڪريان عاجزيون، پاند ڳچيءَ پايو،
تيئن تيئن ناڪار ٿي ڪرين، مارئي! موٽايو،
توڏي ڪاڏو قرب جو، روح اندر رايو،
هاڻي سُتت ڪر سعيو، مرڪي ويهہ تون ماڙئين.

مارئي

چئي: ماڙئين مرڪ نہ منهنجو، پيچ هند ورا هٽيي،
مون نہ وٽي سا ڳالهڙي، تو جا ويرا! وٽي،
آءٌ تہ ويندِيس اوڏهين، جن جي چام! چٽيي،
زوري زور ظلم سان، آئين خان! ڪٽي،
مونکي تن مارن جي، آ گوهر! سڪ گهٽي،
هٿي منهنجي حق ۾، هيءَ بدي باب بٽي،
آءٌ تہ خوش آن ۾، جا واحد کي وٽي،

داوَر پهاڻ ڏٺي، ڄڻ ميلو مارن سان ڪندو!

عمر

سٽي وَرندي وير ڪي، ٿيو **ارڙهين** رات آندوهه،
عمر اچي مارئي تي، رکيو سومري ستوهه،
چئي: اڄان نه مارئي! من جو، ڇا ڪان ڇڏين ڇوهه؟
جهانگيي تنهنجا جهنگ ۾، رُلن مٽي روهه،
ٿاريليُون ٿرن ۾، ڪن اڪيليُون انبوهه،
پاسو پارس سان لڳي، سون ٿئي ٿو لوهه،
پوري! انهيءَ پاڳ ڪان، ڪامڻ! پڇين ڪوهه؟
پر تون ته پٽيي ڪرار جي، ڪونهي تنهنجو ڏوهه،
لکيو اندر لوح، مرڪي ويهه تون مارئين.

مارئي

مارئي ڏنو عمر کي، داناءُ هي جواب:
طعنا هٽي تو منهنجي، ڪيئي دل ڪباب،
هيٺي تي هلانءِ ڪري، ڏئي عمر! عذاب،
طعنا هٽين، تعديون ڪرين، پيو تڪ ڏيکارين تاب،
خاوند جو ڪو خوف رکي، ڪر حمير! حجاب،
ٿهري قادر ان تي، جو ڪري ڪم خراب،
ايندس ڏينهن قيام جي، آت الاهي عذاب،
جنهن جي نيڪي جڳ ۾، هوندا سرس ثواب،
ٻورهيا پَرور آن جا، سائين وجهند و صاب،
جي هت شيطاني شوق تي، ٿيندين فتحياب،
ته به حشر ڏينهن حساب، صحيح ڏيندين سومرا!

عمر

اوڻيهين رات عمر کي، ٿيو وهم وڏو ويچار،
تنهن سوٽيي مارئي کي چيو، تون ڪوهه ڪرين انڪار؟

مارو جي ملير جا، سي پٽن جا پهنوار،
ميڙ تنهنجا مارئي! ڪل پاپاٽا پڪرار،
هيت محل ماڙيون، بنگلا، جايون ۽ جنسار،
پلنگ، پٿرانيون، پالڪيون، هنڊ، هندرا، هار،
خاصا ويس اطلسي، زريون زينتدار،
هيت بهاري باغن جي، ڏس ڇهڇٽا چوڏار،
ميوا سڀ موجود هتي، پيا گلن جا گلزار،
طرحين طعام تيار ٿيا، پيا ڪاڄ ڪٽوري دار،
دايون، پايون، پانهيون، خاصيون خذمتگار،
هي سڪ سپيئي سار، مرڪي ويهه تون ماڙئين.

مارئي

چئي: ڪيئن وساريان ڪڏهين، پنهنجو وير وطن،
جيئن هيت محل ۽ ماڙيون، تيئن هُت پڪا منجهه پٽن،
جيئن هيت هندورا آچئين، تيئن هُت پهنواريون پينگهه پڏن،
جيئن هيت بهاري باغن جي، تيئن هُت گل ڦل گولاڙن،
جيئن هيت شيشا شربتون، تيئن پهنور کير پيئن،
جيئن هيت زيور زريون، تيئن جوڙيون هار گلن،
جيئن هيت طرحين طعام ڪريو، تيئن سيگرميون ڪن،
جيئن هيت نرم سيجون سومرا! تيئن هُت واري وڇائن،
هيت قيدي پانيان ڪوٽ ۾، هُت ڪسن منجهه گهمن،
ڪاهيو ڏڻ ڏناريون، ٿيون هٽن ۾ ڀرن،
سارو ڏينهن سنگهاريون، گڏ ولر ڪيو گهمن،
سي ڪيئن ڪوٽ ويهن؟ جهنگ جني جا جهوپڙا.

عمر

ويهين رات وصال لئي، ڪيا وير وڏائي وس،
مڃي مٿور نه مارئي، توڙي گوهر پڌي ڪس،
چئي: مارئي! ويهين نه ماڙئين، چو بنگلي ڪرين بس؟
پٽيو پٽ ڦٽا ڪرين، اوڍين نه اطلس!

حاڪ ماڻا حلوا چکين، نہ چُورمَن چَس،
پائين نٿي پهنوار! تون، هار حميلا هس،
ويهين ڪوهہ نہ ڪوٽ ۾، رکي راڻين سان رس،
قابو هيٺ ئي ڪوٽ ۾، تون آهين منهنجي وس،
جيئن وڻيم تيئن ڪريان، تنهنجو بيجا آهي بحث،
پر ڏڄان خوف خداءِ جي، پيو تنهنجو تن ترس،
محبت ڪارڻ مارئي! توڏي سڪ سرس،
ڪانهي توکي ڪس، مرکي ويهہ تون ماڙئين.

مارئي

چئي: سرندي ٽرڻ سومرا! آهي عادلن اخلاص،
هلين منهنجي حال تي، تو ڪامل! ساڻ قياس،
تنگ ٿوين تو ڪينکي، نہ تہ تنهنجي وس پياس،
اهو اجر آخرت ۾، خاوند ڏيندءِ خاص،
جي ڏسان ها زور ظلم، تہ هوند ماڙين ۾ مُياس!
پر اٿم سڪ ساڻيهہ جي، اندر منجهہ اُداس،
شال ملان آءٌ ماروئڙين، اٿم جن جي آس،
لوئي ڪين لڄائيان، اهي لاڪيٽا لباس،
جس تنهنجي جڳ ۾، آءٌ ڳڻ ٻہ ڳائيندياس،
هاڻي ٻاري ٻند خلاص، ڪر آجي عمرڪوٽ سان.

عمر

ايڪيهين رات عمر، آيو ٿي وڙير بہ ويچارو،
چئي: مارئي! تنهنجي معاملي، ڪيو من تي مونجهارو،
ڪونہ ڏسان ٿو آءٌ ڪو، چوڻ ري چارو،
گوندر منجهہ گذاريان، ٿو ڏينهن سڄو سارو،
ڪونہ ڪريان ٿو تو آئي، مارئي! ڪو مارو،
ڪٿي آئي ڪوهہ تسان، تيس ڪامڻ! آءٌ ڪارو،
وطن بيشڪ پانهنجو، آ ڪُل ڪي پيارو،

پـر وساري ويهه تون، اهو آباڻو آرو،
والي ڏيئي وارو، مُرڪي ويهه تون مارُئين.

مارئي

چئي : عمر! آءُ نه اهڙيون ڳالهيون، هي مون نه وڻن،
پرايون زالون زور سان، حاڪم ڪين ڪڻن،
بيڏوهياڻيون بند ۾، هاڃي هيئن نه هڻن،
اڳي عمر! آهيئين، تون پڻ ڳهوٽ ڳهٽين،
آءٌ ته مڱيندي ڪيت ڇـي، جو ڏنم آباڻن،
وطن ڪين وساريان، شل ويندس ڏيهه وڻن!
پرڻي عورت ڪانه ڪا، ڪڏهن پڻ ڇڻن،
معذرتون مسڪين جون، حاڪم تان به سُڻن،
موڪل ڏي ته ملير وڃان، پـهران ساڻ ڏڻن،
ته ڳالهيون ڳوٺ ڳڻن، ماڻهو تنهنجون ملڪ ۾.

عمر

پوءِ ڀاوڇهڻ رات پَـڌي، عمر آندي ڳالهڙي،
حياءُ سندي حمير ڪئي، آتي آڪ انڌي،
ڇين محبت مان ڪينڪي، ٿئين سختي ساڻ سڌي،
ڇيائين مارئي کي تاب مان، تون ڀهڳڻ! ڇڏ پُـڌي،
هاڻي ڪندس ڪونه ڪو، تو سان ڳالهه ٽڌي،
هئي تان منهنجي ڪوٽ ۾، تو ڪا ڏات لڌي،
پر ڪمبختيءَ ۾ ڪامڻي! تنهنجي رڳ رَڌي،
پوءِ اوڏو ٿـي آن کي، وڌائين هٿ وڌي،
آت دانهن ڪيائين درد مان، مارئي مت مُنڌي،
ڏسي ڪانه ڪنڌي، قادر ڏاران ڪوٽ ۾.

قادر ڏاران ڪوٽ ۾، پيو پاءُ نه ڪو پاتي،
ڏسي هاڃو حمير جو، ڇڇي پيس ڇاتي،

چڙي سانگو ساهه جو، ڪامڻ ڪنئي ڪاتي،
ڏنو حال حمير سو، زهر پريو ذاتي،
پوءِ جهڙي هيس ڳالهڙي، تنهن پيٽ اندر پاتي،
سٽي سمجهي سومري، چاڙ اتي چاتي،
جهليس حمير هٿ ڪان، ڪا هيس حياتي،
چيائين آت مارئي ڪي، تو لئون اندر لاتي،
تنهنجي منڊ مماتي، نا هي منظور مارئي!

مارئي

تڏهن مارئيءَ چيو عمر کي، ڪوڙها وهائي ڳل:
آيان پڻ منهنجي توکي، ڪامل! ناهي ڪل،
آهي تنهنجي اندر ۾، ايان خاڙ خلل،
ڪرين تاب تڪڙو، تہ ماريان هن مهل،
اڏو تنهنجي سومرا! آهو چاڙ اجل،
پيڏوهي بند ڪري، نا جوءِ پرائي جهل،
ورهيہ وچان ني پائنيان، پهنوارن ري پل،
هي تنهنجا ميرا! محل، قيد برابر پائنيان.

عمر

ٽيو ڏهين رات ٿري، عمر مارئيءَ ڏي ويو،
چيو هن پر چاهه مان، ورنهہ وير وري،
تہ تنهنجي مونکي مارئي! ٿي بيحد ڳالهہ ڳري،
تو ڏي حب هنئين ۾، ڪا جا ذوق ذري،
تڏهن مدي من ۾، مون اندر دل ڌري،
آهي تنهنجي عشق جي، برهئون باهه ٻري،
هاڻي رکي چاهہ چري! مرڪي ويهہ تون ماڙئين.

مارئي

تڏهن مارئي عمر کي چيو، ڪوڙها ڳل واهي:

چوڻ حرف هڪڙو، ماڻهو ڪي آهي،
چو دمدم ديوانن جان، ڪڏ ٻئين ڪاهي؟
منهنجو ويهڻ ماڙين ۾، عمر! هت ناهي،
ڇو تو چوهان ڇوهه ڪرين، اندر تو چاهي؟
ويهڻ محلاتن ۾، چيت نٿو چاهي،
هي شيطاني شوق تون، ڇڏ دلئون لاهي،
مران ته به مليرم ۾، هي مڙهه به سانباهي،
ٻُهچائج ڀنوارن ڪي، تاهه منجهان تاهي،
اي عمر ادا! هي، لقب نه لوئيارن لڳي.

عمر

تڏهن چوويهين رات چيو، سومري هي سخن،
ته ماروئي! گهري تو منهنجو، محبت ڪاڻ من،
تڏهن ستايانءِ سنگهار! تو، ڪامڻ لائج ڪن،
ماروئي! تون ته مارُن جا، سگ سياڪا ڇن،
ته مارو توکي مڃليان، آهي هي وچن،
ياد ڪندس مان ڳڻن، مرڪي ويهه تون ماڙئين.

ماروئي

چئي: مرڪي آءٌ ماڙئين، ڪامل! ويهنديس ڪين،
ڇڏي هوڏ حمير! تون، عمر ڻي آسين،
ويندیس ويڙهيچن ڏي، ٻولي ٻڌان ٻي نه،
شيطاني شوق سان، شامل هرگز ٿي نه،
آدم کي ابليس ٿو، نفس ڪري ناٻين،
هر عقلمند ابليس کي، وجهه نه ٿا ڪو ڏين،
توکي ٻڻ گمراهه ڪيو، لاشڪ ان لعين!
جو ڪري عدل انصاف سان، عاقل سو به سڏين،
لکن ڏوهه ثواب ٿا، ڪراماً ڪاتبين،
اجل ايندءِ اوچتو، حڪم هلندءِ ڪين،

ڪئين ڪاڏا ڪيترا، ظاهر هين زمين،
دائم سچائي دين، هـَل شرع تي سومرا!

عمر

پنجويهين پهه پچائيو، سومري هي ساري،
تہ مارئي محلاتن ڏي، هي نار نہ نهاري،
ساريو سنگهارن کي، سا ويٺي جر هاري،
پهتس ڪين مراد کي، تي مُرڪ اها ماري،
پوء اچي مارئي کي، تنهن چيو چيتاري،
تہ پاڻ چڙهئي پانهنجو، چو ڳڻين ۾ ڳاري؟
مڪو قاصد ڪالهہ مون، ڏوٿين ڏي ڏياري،
ايندءِ ڀنور هاڻ، جي جيءَ سندءِ ساري،
ڏيان اهو ڏاري، مُرڪي ويهہ تون مارئين.

مارئي

چئي: منهنجا ايندا ڪينڪي، هت عمر! آباڻا،
ڏي نہ ڏک ڏوٿين کي، هو ناقص نماڻا،
ڪامل! ايندا ڪينڪي، تر جني ٿاڻا،
ناحق نماڻا رنج ڪرين، چو ڏيهي ڏاڏاڻا؟
سڱ نہ ڏيندءِ سومرا! ڀنور مي ڀاڻا،
هيٺا مي حاڪمن ڪان، ڪن ٿري ٽڪاڻا،
آهين منهنجو پاءُ تون، چام! ائين چاڻا،
اي صاحب سياڻا! هَل شرع تي سومرا!

عمر

چوويهين رات چوهہ چڙهي، عمر وڏا پاند،
تہ آهي مونکي مارئي! حب هنئين هيڪاند،
محبت ڪارڻ مون ڏنا، وريو ڀئي ويساند،
نہ تہ زوري هوس ظلم سان، ڪامڻ! تنهنجو ڪاند،

ڪوھ لڳي ھن ڪوٽ ۾، مارئي! توڪي ماند؟
ٿيءُ راڻي راج جي، ڏؤ ٿي پانئين باند،
اڄ راڻين سان راند، مُرڪي ڪر تون مارُئين.

مارئي

چئي: مارُين محلات ۾، راند ڪنديون راڻيون،
مرڪ جنين جون مارُيون، پلنگ پٽراڻيون،
ڏريليُون ڏرن ۾، ڪن ريجهيو رهاڻيون،
سچيون راتيون راند ۾، وڃن وهاڻيون،
راند ڪندي ريڊاريُون، جونديءَ ذت آڻيون،
آئي ذت آسان ڪهڙو، ڇڏن ۾ ڇاڻيون،
لويون لال لڳن تي، ڀوريون ڀُراڻيون،
ڇو ڀت وڃائين پانهنجي، ڪيو عمر! اڪاڻيون،
ڏس وڃي تون ڏيهه ۾، ڪي ڇاپون ڇاماڻيون،
جي سگهر ساماڻيون، سي نه ڪر بند ”بلوچ“ چئي.

قاصد

ستاويهين رات سومري، مڪو مارئي ڏي ماڻهو،
تنهن چيو مارئي کي، پيش اچي پاڻون،
آهيان تنهنجي ملڪ جو، آءُ قاصد اباڻو،
مڪائون تو ڏي مارئي، ناتر! ڏيئي ناڻو،
ڇو ٿي ڪرين عمر کان، مارئي! تون ماڻو؟
جنهن سبيان سومرو، آهي ورنهه ويڳاڻو،
پنلي هجي سو مارئي! تو تي هٿ حاڪماڻو،
عمر آهي اسان کي، ڪو ماهه ۾ سيباڻو،
آهي اصل اسان جي، هيءُ راڄ سندو راڻو،
پڏوسين ته ٿي ڪرين، تون ڳنڍي ۽ ڳاڻو،
سو سومرو سياڻو، ڪڌهن وساريندءِ ڪينڪي.

مارئي

چئي: ڪوڙا ٻڌين ڪوڙ تو، ٻيهودا ھي ٻرم،
ڇوڻ ڪوڙ قاصدن، اھو ڪميڻن ڪم،
ھوندو تن مارن ۾، مارئيءَ ري ماتم،
ڪڏھن ڇوندا ڪينڪي، لاھي ڳوندر غم،
ٻري نہ ڪندا ٻاڻ ڪان، جنين ساڻ جنم،
ياڙ وٺي پڙوو ٿئين، لاھي لڄ شرم،
ھاڻي ھتان ھڪدم، نانگا! وڃ نڪري.

قاصد

تڏھن موٽي ويو مير ڏي، وري سو وڪيل،
ڪيائين مڏ سيڪا، جيڪا قال مقيل،
تہ مڃيو ڪين مارئي، آٿي دل دليل،
ھوندي عورت اھڙي، ڪامل! ڪا قليل،
ناحق تو ٻيي پانھنجو، آھي ڏڪايو ڏيل،
اي عمر چام اصيل! مشڪل ويھڻي مارئي.

عمر

تڏھن **اڻاويھين** آتليي ويو، عمر مارئي وٽ،
چئي: مارئي! محلاتن ۾، ويھي نہ ٻھرين ٻٽ،
شاھاڻي شان مان، تون ڇا چاڻين ڇٽ!
ويندئين ڪين وري تون، موٽي مارن وٽ،
جھڙا تھڙا ڏينھڙا، ھيت ڪاٽ! ويٺي ڪٽ،
تنھنجي جوءِ جواب جي، ٿي ماري منڊ مرٽ،
نہ تہ ڇڙھي پڻ ڪٽ، مرڪي ويھہ تون ماڙئين.

مارئي

چئي: ظالم ھن جھان ۾، ڪڏھن ڪو نہ جٺي،
ظاھر ھن ظلم جا، آھن ڏينھن ٻہ ٽي،

چڙيندس نہ ڪڏهين، مارو مور مٺي،
تون لڳي ڪنهن چغل جي، آئين جهنگ جهٽي،
چڙيٺي ها چوهہ مان، ڀنور پاڙ پٽي،
وڃهنڻي ها ويڙهہ ۾، سانگي هوند سٺي،
ملاندس ڦر آن جو، جيڪو ڀڄ چٽي،
ڪامل! قيد ڪٽي، ويندس ويڙهيچن ڏي.

عمر

اُوڏنهين رات عمر کي، برهہ لڳو باري،
شوق رکي "شير محمد" چئي، ٿيو مارئي تي ماري،
محبت مان مارئيءَ کي، اچي ڏنئين ڏيکاري،
چيائين چاهہ مان، ڏي دليون دلداري،
تو ڏي مونکي مارئي! ٿي حب تہ هيڪاري،
جيئن عذر ڪرين اڳيان، نہ ڪر سا ناري!
تيئن ويتر وجهين مارئي! ٿي ڳل ڳچيءَ ڳاري،
هاڻي سرت رکي ساري، مرڪي ويهہ تون ماڙئين.

مارئي

چئي: عمر! اشرافت مان، چام! نٿو چاڙهي،
وٺي مت ابليس جي، ڪيئي پنهنجي پڄاڻي،
مدي رکي من ۾، ٿو تاڻ اجان تاڻي،
جا ڪاج نہ ڪائي موڙهين، پيئي نہ ڀاڻي،
روئندي ساري راتڙي، جنهن ويهي وهاڻي،
سا ڪيئن جهلين ٿو ڪوٽ ۾؟ جا روح ۾ رنجاڻي،
ملندي شال ميڻن سان، هي ناقص نماڻي!
من ميڙ ٿئي ساڻي، لاهي بند "بلوچ" چئي.

ٽيهين رات ٿري ويو، سو سومرو سنجهيئي،
ڪيون آزيون عمر ٿي، ڪامل آت ڪيئي،

هيس جيڪي ڳالهڙيون، جيءَ اندر جيئي،
ته مارئي! تنهنجا معاملا، آءٌ مهان سيئي،
منڌ انهيءَ مذڪور جي، آ جڳ خبر پيئي،
ٿي مشهور مُلڪن ۾ سا واسجي ويئي،
ته عمر وڏي ڪوٽ ۾، ناتر سا نيئي،
مارين مونکي ڳالهڙيون، ڀڳي سي پيئي،
پيون پوليون پن ڏيئي، مرڪي ويهه تون ماڙئين.

مارئي

چئي: عمر! عادلن تي، تو رحمت ربّ ڪري،
جو سرندي ٿري سومرا! تنهن ويرَ وري،
رکي خوف خاوند جو، تو ڏاتر کان ڏري،
بدين ۾ بڇڙاين کان، جهلي پاڻ پري،
پن، چئن، پنجن ڏي، تو تهدل دل ڏري،
پيا پڻ مجي پارنهن ٿي، منجهان ذوق ذري،
پنجن سان پورو رهي، ٿيهن کان نه ٿري،
جي اَمرُ ۾ ابليس جي، ويندا تحت تري،
سو موذي مر مري، جيڪو ڏکوئي ڏيهه ڪي.

پوءِ سومري آت سڏي، عمر اميرن ڪي چيو،
ته مارئي مجي ٿي ڪينڪي، رکيائين تڏ تڏي،
جهليان زوري زال ڪي، يا ڏيان صاف ڇڏي،
تڏهن اميرن عمر کي چيو، گفتو هي گڏي،
جا قربٿون ويهي نه ڪاٽي، تنهن کي ڏک مَ ڏي،
ڇڏ شيطاني شوق کي، نه ڪر هوڏ هڏي،
هرڪو ويندو هليو، منجهان لوڪ لڏي،
ڇڏ ته وڃي سا پانهنجي، پهنور ترت تڏي،
هي پينر پاڪ وڏي، مارئي ملي مائٽين.

مارئي ملي مائٽين، وڃي امانت اتي،

هونهين پنهنجي ست ۾، چائي چام جتي،
آندي زوري زور سان، هٺي هاچي هتي،
اها مت ابليس اچي، وڌي قلب ڪُتي،
قادر ڏسي ڪُل ڪي، ويٺي ۽ سُتي،
سڀ روشني رب ڪي، آ جتي ۽ تتي،
ھر عمر! اڄ اتي، اسان ٻڌي هي ڳالهڙي.

اسان ٻڌو ايترو، هڪ دائيءَ جي مُنهان،
جنهن اڄ اظهار ڪئي، اچي خبر اهان،
تہ ٻُٻا ڏنا عمر ڪي، آهن مارئي جي ماءُ،
تنهن سبيان سومرا! هُوءَ پيڻ تون پاءُ،
مير! توکي مارئي، هڏهين ڪين رهاءُ،
هاڻي مارئي ڪي موٽاءِ، لاهي غير گمان تون.

سا خبر ٻڌي خان، ڪيو غير گمان ڪي،
ڪري پانئي پيڻ سا، سومري سلطان،
لٿو شوق "شيرمحمد" چئي، شر ويو شيطان،
موٽي مارئيءَ ڪي چيو، ات عاقل عقلدان:
تہ پانيم توکي پيڻ ڪري، ڏنئي الله امان،
جس توکي مارئي! چوندو جڳ جهان،
ستيا ٻڌي سندر، شرم رکيو تو شان،
لٿو لُڙ "لغاري" چئي، ڪڍي غير گمان،
مائٽ ملندءِ مارئي! مولي ڏيندءِ مان،
ٿيان تو مهمان! لٿو بند "بلوچ" چئي.

شيطاني شوق سندي، آ تات جنين تاري،
تن شرع شريعت ڪان، ڪئي انڌن انڪاري،
ٿي محو مجاز ۾، تن وحدت وساري،
ٻَڌي ۽ بهتان جي، ٿيا ڪٽن مٿي ڪاري،

رکن خوف نہ خطرو، جا قيام سُجهي ڪاري،
جن رکيو خوف خاوند جو، سرت رکي ساري،
ڍنيا ڍاءَ ڏٺيءَ جي، تن محشر موچاري،
سي لوڪان "لغاري"، پهتا وير وصال کي.

ٽا پهچن وير وصال کي، آ سڀي جني ماري،
ڪنهن کي نيهہ ناهہ ڪا، اها عاقل اختياري،
مرسل مير نبي هئا، جن لئي جوڙ جُڙي ساري،
جنين ڪاڻ جهان جي، ٿي گل ڦل گلزاري،
ظاهر هن زمين تي، هئا حاڪم هزاري،
سندن هن جهان ۾، حڪم هئا جاري،
ڏني روءِ زمين جي، تن مولیٰ مختياري،
ڪيئي زوراور زبرا، هئا ڪوپا ڪنداري،
خان ويا سڀ خاڪ ٿي، دولهہ دهداري،
ملڪ انهيءَ ماري، ڪيئي ڏگ ليٽايا ڏوڙ ۾.

پوءِ سڪو ماڻهو مارن ڏي، اوڏانهين عمر،
تہ وڃ ويڙهيچن ڏي، ٽاڪ جني جا ٽر،
ڏي تون ڏوٿيڙن ڏي، وڃي خاص خبر،
تہ موٽائي نيو مارئي، پنهنجي سا پهنور،
سگهي پانيان پيرٺ مان، تو پاڪ ڏسي پرور،
متان پانيو ماروئا! پيو ڪو خوف خطر،
پلي ساڻ سگهر، مارئي! گهمين مائٽين.

مارئي ملي مائٽين، سا سلامت صحي،
ڪو دم هئي ڪوٽ ۾، ويس لڙ لهي،
رضا ساڻ رحم جي، ڪا جا رات رهي،
پوءِ وڃي رميو ويڙهہ ۾، قاصد آو ڪهي،
چيائين اچاهہ مان، جيئن عمر ڳالهہ ڪئي،

نہ قلم هيو قضا جو، سو ويو وير وهي،
اوهين سانگيڙا منجهي، هلو عمرڪوٽ ۾.

هلو عمرڪوٽ ۾، اوهين پهنور! پري پير،
نيو موٽائي مارئي، دم نہ ڪريو دير،
سچي سمجهو سانگيا! قند نہ چاڙهو ڦير،
ڏني موڪل مارئيءَ کي، غازي ڪڍي غير،
هاڻي ويڙهيچا هن وير، هلو عمرڪوٽ ۾.

پوءِ آيا عمرڪوٽ ۾، وير سٺي وائي،
مير سڏي ميڻن سان، آت مارئي ملائي،
ڏسي ڏوٿيڙن کي، سهسين سرهائي،
سهج منجهان سا سومري، هوءَ پهنور پهچائي،
مگي معافي مارئيءَ کان، تنهن بدي بخشائي،
جا چارين ۾ چائي، سا مائٽين ملي مارئي.

پلي چائي مارئي، جنهن ستيا رکي سير،
سونهين پنهنجي سٽ ۾، مر مرڪي منجهہ ملير،
پلي مارن سان ويڙهہ ۾، خوشيئون پئي ڪير،
پر عمر چام امير، ان جي ستيا ثابت ڪئي.

وڏو انصاف عمر جو، ماڻهو منجهہ چون،
جو ڪٺي آيو ڪوهہ تان، مدي رکي من،
قابو ڪئي قرب لئي، ڪامل منجهہ ڪرڻ،
پر زور نہ ڪيائين زال تي، طلب هيس جا تن،
نہ تہ عورت وس مرد جي، حيلا تان نہ هلن،
جي ڪري ها زور ظلم، تہ ڪوڪ پڌي نہ ڪن،
جي خاوند خوف رکن، سي پولي پُلندا ڪينڪي.

سي پولي پلاندا ڪينڪي، ڏچن منجهہ صباح،

ربؐ رکي تو تن کــي، پرور منجھہ پناھہ،
مولي پنھنجي مھر سان، تو سنئين سھائي راھہ،
جن جي نيک نگاھہ، سي پولي پلندا کينکي.

سي پولي پلندا کينکي، جي ڏڄن قيامت ڏاھ،
رکن خوف خالق جو، هڙ هر سي هر جاء،
هڪ، ٻہ، چار، پنج، ڇهن، ٻارهن ڏيهن پياء،
پنجن سان پورا رهي، سگهن سدا تن لاءِ،
تن کي پاڻ خداء، کين وساري ڪڏهين.

"فاذڪروني آذ ڪرڪم" هي اشارو ڪاڻ آدمزاد،
قائم رهيا جي قول تي، تن پاتي من مراد،
هوندا ڏينهن قيام جي، سي عذابون آزاد،
تي "شير محمد" شاد، رک ڪلمون کوڙ قلوب ۾.

لا اله الا الله محمد رسول الله

--○--

ڏيهه راتيون: مارئي*

(علي اڪبر جوکيو)

[علي اڪبر ولد مياڻجي آدم جوکيا قوم جي 'بند يچا' وراڻ مان هو، انهيءَ ڪري پنهنجي شعر ۾ 'اڪبر'، 'بند يچو' ۽ 'جوکيو' تخلص ڪم آڻندو هو. سندس ڳوٺ الله بندو جوکيو ڪراچي مرڪزي علائقي جو ڪوهستاني حصي ۾ آهي. سندس ڄمڻ جي صحيح تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي، پر سندس والد جي روايت موجب "بڪراڻي واري مسجد" جي تعمير کان هڪ سال پوءِ ڄائو هو. مذڪوره مسجد جي تعمير جو سال ۱۳۲۹ھ آهي، انهيءَ حساب سان سندس جنم ۱۳۲۸ھ/۱۹۰۹ع آهي. هن پنهنجي ڳوٺ مان پهرين شادي ڪئي. اتفاق اهڙو ٿيو جو سندس گهر واري شاديءَ بعد چوٿين ڏينهن وفات ڪري ويئي. انهيءَ صدمي جو مٿس اهڙو اثر ٿيو جو بيخوديءَ جي عالم ۾ شعر جوڙيندو رهيو. سندس ڪلام تمام گهڻو آهي، جو اڪثر بيتن جي صورت ۾ آهي. ۱۹۴۳ع ۾ وفات ڪيائين.]

سارا هيان سچو ڌڻي، سارا هيان سميع،
خالق ڌڻي خلقت جو، قادر آهي قوي،
پرورتان پيدا ڪيو، پنهنجي نور مان نبي،
مٺو محمد، مٺي ٿالي، شافع آهي شفيع،
جوڙي تان جوڙيائين، سچو جڳ جميع،
ڪي عاشق الله جا، ڪي مجازي مطيع،
عجب جهڙي اي، پڌيم حڪايت هڪڙي.

پڌيم حڪايت هڪڙي، آهي ڳالهه اظهار،

---

* هيءَ روايت ڪراچي مان شمس الدين جوکيي کان ملي.

ته ارڏو حاڪم عمرڪوٽ ۾، سومرو هو سردار،
لکين هن وٽ لشڪر هو، سپه ۽ سالار،
اچي تنهن کي اوچتي، پيئي ڪن پڪار،
ته مارن جي ملڪ ۾، ڪا ننڍي سُڄي ٿي نار،
چغل ڪنهن هن کي چوري، ڪريل ڏنا خار،
'ڦوڳ' اچي فرياد ڏنو، ته سڻ منهنجا سردار!
منڊ ڏٺيم ملير ۾، آهي ٻالڪ ننڍي ٻار،
ماڙيچن جي ملڪ ۾، ٿي ٻَڪُون چاري ٻهنوار،
جهانگياڻي "جوکيو" چئي، آهي هزارن ۾ حسندار،
سوين سومريون صدقي ڪجن، نالي هن جي نروار،
حُسن سان هُن جي، نه ڪنهن جي هلي ڪار،
ڪنهن ڏانهن هُوءَ نه ڪري، ڏُران ئي ديدار،
ٻهنوار اهڙي ٻارڙي، ٿي ڦَر چاري ڦوڳ چيو.

ڦر چاري ٿي ڦوڳ ۾، ڪامڻ ڪٺيو ڪَر،
سونهن صورت ۾ سهڻي، ننگ پَري نينگر،
ڪانه پيئي آهي ڪنهن نَر جي، مٿس نرت نظر،
ڪَئين وتن ٿا ڪيترا، سندس سڪ ۾ سوداگر،
آئين ته آڻ ان کي، نه ته هُجي ملير ۾ مَر،
ڦوڳ فرياد ڏيئي، ڪولي ڏني خبر،
اٿاريائين "اڪبر" چئي، 'مارئي' لئي محشر،
ٻڌي ڳالهه عمر، سومرو آٿي سنيريو.

سومرو اٿي سنيريو، عمر جام امير،
تڙ ته ترسيو ڪينڪي، وهلو نڪتو وير،
ڳالهه ٻئي هليا هٿا، ترت ڪري تدبير،
قضا جا قادر جي، اچي بيٺي اڪسير،
لکيو جيڪي لوح ۾، ڏسي حاڪم ۽ حقير،
پهتا اچي ان پنڌ تي، ثابت لنگهي سير،

چار منزلون چون، ملڪ هو مليرِ،
عمر کي اڪيرِ، آئي سهڙايو آتهين.

عمر آيو آتهين، آڇي ميٺ ميڻيائين،
دغا جون دل ۾، جڙتون جوڙيائين،
مارئي ايندي مال مين، ڏورانهن ڏٺائين،
پاڻي تنهن کان پيئڻ لاءِ، وڃي ورتائين،
هيس جهڪا هينئڙين ۾، ما نه سلتائين،
پاڪر وجهي ٻِلاتي ڪري، ڪوهه تان ڪنيائين،
چاڙهي ما چانگي تي، عمرڪوٽ آندائين،
جهانگيائيءَ مين "جوڪيو" چئي، ڪه واجبي ڪيائين؟
نياڻي نيائين، وڌائين ٻيڏوهياڻي بند ۾.

وڌائين ٻيڏوهياڻي بند ۾، ٿيو هل حشرِ،
مارئيءَ جي محلات ۾، دانهن پوي ٿي ڏڪرِ،
چئي: مولي! ميلائين مارن کي، وڃي ڏسان وڪرِ،
حاڪم ههڙيون هلائون، ڪجن نه قهرِ،
جهنگان مونکي جهلي آئين، جيت نه هئي پهنوارن پهرِ،
وڃي ڏسنديس ويڙهه، پاپاتا ۽ پڪرِ،
پٽ رڪندو پرورِ، ملنديس آءٌ مارن کي.

عمر آندي مارئي، ڪري ظلم زورو،
پٽ ۾ پهنوارن مان، هليو کونه گهورو،
چڻي ٿي چغلن جاءِ، ڪيئين ناحق نسورو،
چوريءَ سو چاڙهي آيو، ناقص ندورو،
هيءَ نه ڪم حاڪمن، کو لنگهو آهي لورو،
عمر چيو مارئي کي، هاڻي ڪَر هورو،
ضد ڇڏي تون زورو هاڻو ڪر حمير مين.

عمر

ڦوريُن رات ڦهنوار وٽ، هلي آيو حمير،
تہ مرڪ منهنجو مارئي! ھي ڪنڌ ون ۽ ڪير،
توکي ڪٺي ڪوهہ تان، آندو تقاضا تقدير،
تون جي ميٺي مائٽن کي، آءُ بہ آهيان امير،
حاڪم ڏٺي حڪومت جو، سالڪ ۽ سذير،
مارئي! تو سين مون کي، آهي اندر جي آڪير،
دانائي! م ٿي دلگير، ڪيلي چڙهہ کٽ تي.

مارئي

چئي: عمر! ڳالهيون اهڙيون، ڪڇيون تان نہ ڪجن،
پرايون پانهيون پرديس مان، نياڻيون نہ نيجن،
مار م مسافر کي، اهڙا قهر نہ ڪجن،
اڳيان تہ ”اڪبر“ چئي، تا پڇاڙي ڀڄن،
ڀهندان ملائڪن، ڪهڙو سوال ڏيندين سومرا!

عمر

اچي عمر مارئي کي، چيو ٻي رات ٻولي،
تہ من مون سان مارئي، ڪاٺي! ويهہ ڪولي،
نہ تہ مڃائي مارن کي، ڇڏيندو سانءِ رولي،
ہ ٿي تو جهڙيون ٻيون، آئيندس ڳوٺ مان ڳولي،
ڇڏ مڪر مون سان، ڦند م ويهہ ڦولي،
حڪم ائين هادي جو، آيو تو لئي ۽ مون لئي،
جهانگياڻي جهوائي، ڪٺي آندم ڪوهہ تان.

مارئي

عمر! مران ٿي سوميرا، قيد م مون کي ڪر،
موڪل ڏي ملير ڏي، وڃي مهٽي لاهيان مر،
مرتين ساٿ ساٿيهہ ۾، گڏجي ڪنديس گذر،

ڪٿي آنداءِ جي خونچا، سي ڪٿي ڌرتيءَ ڌر،
پٽ، ريشم، پهراڻ، اها ناهي پهنوارن پر،
ڪٿ پٽ پٿر، ڪٿ زيور تنهنجا زر،
ڇهانگياڻي! تو سين "جو ڪيو" ڇئي، انصاف ڪندو عمر،
لکيا هئا نصيب ۾، اهي انگ اکر،
قهر نه مون سين ڪر، موڪل ڏي ملير وڃان.

عمر

ڦي ٿڪي ڪينڪي، حمير ٻڌي ڇوڙ،
نٿي مڃين تون مارئي! ڪرين نه مون سين ڪوڙ؟
ماڻڪ ڏيندم مٺڙا، ٻيا ڇوندم ٻوڙ،
ڪڇين ٻچين ڪين ٿي، آهين منجهه اٻوڙ،
سهڻي ويٺي ساهڙ ڏي، گندي ٻڌي ڳوڙ،
لاڪيٽي پائي لوڏ، اچي پير پاءِ پلنگ تي.

مارئي

ڪيئن؟ پير رکيان پلنگ تي، عمر چام امير!
سگ نه ڪجن سومرا، هوڙي ڏيت حمير!
لکيا هئم لوح ۾، سي ڏور راول زنجير،
جي سهڻي ويٺي ساهڙ ڏي، ان ڪي هئي آکير،
آئي زوري ۽ ظلم سان، قيدن پيس ڪير،
وڃي شل وطن ۾، پهنديس پاڪ پنير،
موٽي منجهه ملير، سڪون لاهينديس سومرا!

عمر

چوٿين رات چون، ته عمر ونس آئيو،
ڪوڙ جو قلب ۾، ناهه تنهين ناهيو،
ته پرچاءِ ڪندامين پاڻ، سڀڙي ڪر سعيو،
مدائي مونکي معاف ڪر، مون بيگناهه پڇايو،

من منهنجي مارئي، آهي روح سندو رايو،
ڀاند ڳچيءَ پائي، آهيان تو وٽ آئيو،
ماٺو موڪلي مارن ڪي، آهي مون آٿايو،
پڳيءَ ۽ ٻچڙائيءَ مان، ڪنهن ڪين ڪمايو،
منٿ مڃ مير جي، توکي وير آهي ورچايو،
تون پائيي، پيون پانهيون، حڪم پاڻ هلايو،
تون آهين لائق تخت جي، پير مٿس پايو،
خلق نہ ڪيلايو، آڇي رک پير پلنگ تي.

مارئي

چئي: پير نہ رکان پلنگ تي، ادا سڻ عمر!
ڪاڏا طعام تهريون، زور لڳم زهر،
ڪين ويهنديس ڪڏهين، وٺي بنگلن پر،
حاڪم! هھڙا هاڃا، ڪيم مٿيءَ مان ڪر،
آءٌ ويندي‌س اوڏهين، جت منهنجو ٽاڪ آهي ٽر،
مارو‌ئڙن جو مٿم، ڏاڍو ٽيو آهي ڏمر،
لوئي ڪين لاهينديس، مر جيءَ وڃي مر،
مونکي سڪ ساٿيهہ جي، ٻي آڪنڊ آهي اپر،
ساريم سي سرتيون، جن جو غم آهي گوندر،
جو ڏنم ويڙهيچن ور، سو ٽيي ساريان سومرا!

عمر

ڇنجين رات پهنوار تي، عمر ڪيو آرو،
منٿ نہ مڃين مارئي! ڪو قلب اٿيئي ڪارو،
ڪڍ ين نٿي قلب مان، ملير جو مونجهارو،
ويڙهہ جي وڃڻ جو، وجهہ نہ ملندءِ وارو،
منڌ! تو لئي مون ڪنيو، خواريءَ جو ڪارو،
ڀتو تنهن جو پهنوارن ڪي، سڄو آهي سارو،
مارئي! تون مارن لئي، ڪرين پاڻ ڪاٽيارو،

پڇ ڇت! جاڻين ڪين ٿي، ڪير ڏيئي عقل اڌارو،
نہ نہ نار! هٿي نعرو، سوڻي آهه محلات ۾.

مارئي

مير! منھنجو محلات ۾، سومرا! وڃي ساھ،
ڪڏ سونڪي ڪوٽ مان، نہ تہ پورا ٿيندم پساھ،
ڪڏهين پڌو سين ڪونہ، تہ پيغ پرڏيي پڳہ،
سوين تو وٽ سومريون، تن جا راج ڪٿي رھاءِ،
آءُ ملندي يس مارن کي، ائين ڪندو الله،
دنيا دم هيڪڙو، جنھن بنھہ ناهي بقاء،
ڀڄي ڀاءُ خداءِ، موڪل ڏي ملير وڃان.

عمر

چوين رات ڇڪ ٿي، عمر ڇيو ائين،
تہ مارئي! تو محلات ۾، ڏکيا ڏٺا ڏينھن،
نہ ڪي هانو ڪرين حمير سين، تو جاڙ ڪئي جيئن،
مڙ ٻہ ڪين مڃين؟ حڪومت نہ ڪجي هيئن،
راجا، ڏٺي رعيت جا، تون ٻہ سمجھہ تيئن،
سونڪي تنھنجي محبت جو، نئون لڳو نيڻھن،
تنھن لاءِ ڏو توکي، منٿون ڪيان تيئن،
سٺي ٿه سھٺي، ڪھڙا او تيا محبت مينھن،
نڪي آڏکو آفت جو، نڪو شيڪو شيڻھن،
تون بہ ڪئي تيئن، هاڻي محبت ڪر مير سين.

مارئي

محبت تو سين مير، ڪاٺياريون ڪيئن ڪن؟
جن جا حق جيڏرا، سانگي ٿيا سڄن،
مڙس مٿان پيو مڙس، ڏوڻي ڪونہ ڏين،
تون ٿو ڏئين طعنا، اڳوڻين عاشقن،

سي سچا هئا سچ، نہ واڌو ڳالهہ وٽن،
هو عاشق هئا اکين جا، محبت سندي من،
سومرا! توکي سڏايان، سَندو انهن عاشقن،
نہ سهڻي چام ساهڙ جو، قصو هيئن کن:
انهن جو انگ الستي، هو لکيو لکڻهارن،
پڪ انهن هئي پڪي، سچ جي سنگهارن،
انهن عاشقن جون، پيون ڳالهيون ڳائجن،
سسئي سڪ ساجن جي، جو آڻايس آڻن،
هيس محبت من ۾، تڏهين لوڏا لڏائين لڪن،
پچي پند پنهون جو، هلي پٽيان هوتن،
اهڙيون ڪئين آريءَ لاءِ، روئنديون رت وجن،
اهي هليون ٿي حق تي، نہ مجازي منجهن،
زوري ۽ زنا جي، نہ عادت اشرافن،
تون ڪٺي آئين ڪوهہ تان، زوري مان ظلمن،
تو آندي هئي امانت ڪٺي، مهڻي ماروئڙن،
سا پهچائج پهنوارن کي، تہ لهي ڏک ڏوٽين،
مون جيڏيون ملير ۾، ٿيون خوشيءَ مان کلن،
هڪڙي آءٌ هت ٿيس، بند پاڻي ۾ بندن،
منهنجا ٿا مارڻ لئي، جگر جوش جلن،
موڪل ڏي تہ ملير وڃي، ميلان مائٽن،
متان مارو منهنجا، قصور تو تي ڪن،
وڃي آءٌ ويڙهيچن، سڪ ڏسان سومرا!

عمر

سٽيون رات سنبهي، سومرو آئيو سردار،
تہ موٽي تون مارئي! ويل ڳالهہ وسار،
پهنوار! ويهي پلنگ تي، گڏجي مون گذار،
اوهان جي ذات اوچي، سڏجي ٿي سنگهار،

آءٌ ب، عمر آهيان، سومرو سردار،
پرچاءٌ ڪنداسين پاڻ ۾، ڀي ڪانه هلندي ڪار،
سمجهه، تنيءَ سياڻي، ۽ تنيءَ دز ذنار،
عطر عنبيرن جي، آهي هندين ماڳ هيڪار،
مشڪ، زعفران، مارئي! بوءِ سرهي بهار،
طرحين مون طعام ترايا، عجب جهڙا آچار،
ڪيم قسم ڪيترا، بنائي ڪاڏا بيشمار،
سڀ مارئي! ڪاءٌ مون سين، ڪري دل قرار،
جهانگياڻي! "جوکيو" چئي، ويڙهيچا وسار،
مردن جو عقل مغز ۾، رکيو رکڻهار،
عقل جو عورتن، سو طرف ٻهرين ٻار،
آهي ڳالهه اظهار، ترڪيب منجهه طيب جي.

مارئي

چئي: مهل هڪ محلاتن ۾، عمر! نه ويهان آءٌ،
اسان جهوپڙا جهنگ ۾، اوچڻ اجهائون،
آءٌ بند بنگلن ۾، نه ته هوند نيائون،
پيرڻ ڪڏهين پاءٌ سين، لڏيون ڪي لائون؟
عطر عنبير اسان ڪي، ڏيج ۾ نه ڏنائون،
ڪپڙا اسان لاءِ قيمتي، اَن جا آندائون،
زيور جي زالن جا، تن جي رسم ڪانه رکيائون،
نه ڪا پَر اسان ۾ پهلاءٌ جي، رب وجهي رڏائون،
گذر انهن جو غاريبو، عيش ڪونه ڪيائون،
عيش وارن لاءِ اڳيان، آهن صاحب جون سزائون،
وُنا مينهن وَس تي، مون ڏانهن سلام سڪائون،
ويند يس آءٌ وطن تي، جي پرور آسون پڄايون،
جهانگين جي "جوکيو" چئي، اَڪندي آهيان آءٌ،
هي ربّ جون رضائون، سڀ مجيان تي سومرا!

عمر

اڻين رات اچي، وري ٻه پهر عمر کي پور،
چيائين : ڪين ڪيان ڪوٺن مان، مارئي! تو مور،
پاڻهي ڏيندئين پهنوار تون، ڏوڙين ڪنان ڏور،
ورچي ويهندئين پلنگ تي، ڪين ڪندئين قصور،
مون ڪان تون مارئي! وڃين ڀڃي وهلور،
مڃائي توکي ماڙين ۾، ڪندس چڪنا چور،
مارئي! ٻڌ مذڪور، آچي ويهه چڙهي کٽ تي.

مارئي

چئي: آءٌ ڪلي کٽ تي، ڪڏهن ويهان ڪين،
مارو مانَ ملير تي، مون ننگ ڀريا نين،
هي نه ڪم حاڪمن، ڪا چورن ٻڌي جين،
مڱايل کي مڙس پيو، ڏوڻي ڪونه ڏين،
مانگي مونکي ساٿيهه ۾، "لٽندي" ڪيو ليڪين،
جهانگي تو تي "جوکيو" چئي، عيب ڏا اوڏين،
عمر! تون ڏي امين، موڪل ڏي ته ملير وڃان.

ناٿين رات نيستي ڪري، عمر وٽس آيو،
مارئي! تو مائٽن لئي، ڪين غم سين گهٽايو،
منڊ! تو ملير ۾، آهي کهڙو وکر وڃايو،
خيال تنهنجو ڪيت تي، اهو آهي اجايو،
گهڻن ڏينهن تنهنجي گهوٽ کي، مارن مڱايو،
ماٺهو ڪالهه ملير مان، اسان وٽ آئيو،
تنهن سڄو حال سربستو، سنگهارن سڻايو،
جاڙ ڪري "جوکيو" چئي، تو خالي پاڻ کپايو،
سومري کي سعيو، آهي پهنوار سين پرچاءَ جو.

مارئي

چئي: ڀرچاءِ منهنجو ڀنوهارن، هميشه هوءِ،
ڦوڪ! انهيءَ فريادسين، حيف توکي هوءِ،
جهانگيائي ۾ "جوکيو" چئي، کهڙو ڏوهه ڏنوءِ؟
مارن ڏنءِ مارئي، ٿي راتو ڏينهان روءِ،
چئي: ويندِس آءٌ وطن تي، شل حياتي هوءِ!
ماڻ خبر منهنجي ڀنوهارن کي پوءِ!
مانگيائي سندوءِ، آهيم داغ دل تي.

عمر

ڏهين رات ڏسرجي، آئيو عمر ڄام:
تہ ماري توکي مارئي! کندس هائي قتلام،
نہ تہ اٿي اچ عمر اڳيان، کر سومري سلام،
مَڃ حڪومت منهنجيءَ جو امر ۽ احڪام،
سڄي ٿو سردارن ۾، نالو منهنجو نام،
سو مونکي تون مارئي! ڀيري کر نہ بدنام،
خشڪا ۽ خوراڪون، تو لئي طرحين طعام،
مٺايون، پتاشا، مصريون، مون آندا تو لئي مدام،
شڪر شيرا ڪيم تو لئي، ڪئين قِسم قمام!
مون تو لئي طعام ترايا، "جوکيو" چئي جام،
ايلاچيون ۽ سوپاريون، بيحد پيا بادام،
ملي ويهہ مون سين، کر قصا ۽ ڪلام،
پيو اچي کر آرام، ڪيلي ويهہ کٽ تي.

مارئي

چئي: ڪلي نہ ويهان کٽ تي، ڏکا تو ڏسي،
وڻا مينهن ملير تي، پيئي وس وسي،
ويندس ويڙهيچن جا، پٽ وڃي پَسي،

جنهن ڪي رَهه رب جي، چانور نه ڏين چسي،
لڄ پـري لسي، پيئنديس آءٌ پنوهارسين.

عمر

پارهين رات يقين ٿيو، عمر ڪي ايئن،
چئي: مارئي! تو مون سين، جاڙ ڪئي جيئن،
طعام به ڪين طلبين، نه ڪي رکين نينهن،
سومري جي صاحبيءَ ۾، ڏکيا ڏسندين ڏينهن،
قيدي هجن قيد ۾، تون به هوندئين تيئن،
جهانگياڻي! ”جوکيو“ چئي، مَ ڪر عمر سين ايئن،
ڪرين ڪٿي ڪيئن، ڪڍندوسانءِ نه ڪوٽن مان.

مارئي

ڪين ڪڍ بن ڪوٽن مان، ڪنهن سبب ڪوهه؟
مير! تنهنجي ملڪ ۾، ڪيو ڏوتين ڪهڙو ڏوهه؟
ڪٿي آئين ڪوهه تان، جيئن ڊوهي ڪن ڊوهه،
قسمت ۾ قادر، جي لکيا هئا منجهه لوح،
ڦوڙائو مونکي فراق ۾، حقي لکيو هوءِ،
پرائي پانهن پوءِ، سڌون م ڪر سومرا!

عمر

اچي عمر چيو، ٻولي **پارهين** رات:
تـه بنايام بنگلا، مارئي! تو لاءِ محلات،
پير پاءِ پلنگ تي، ٻي وائي نه آڻ وات،
ساعت سک نه اچيئي، لڇي ڪرين ٿي لات،
مـتان ڪرين مون سين، پيڪي جهڙي بات،
عقل ناهي اوهان ڪي، جيڪا زالن ذات،
ويهه تون چڏي تات، هاٺي ويڙهه وچڻ جي.

مارئي

آءٌ عمر سومرا! مُور نہ تنهنجي مَت،
سَوِيڙن صورتوند سومريون، ويٺيون تو وٽ،
سَوِيڙن آهن سومريون، پَهرِي ويٺيون پٽ،
هُنن ٻُوءِ بهار جي، مون ۾ چيلهن چٽ،
مَهڻِي تون مونکي، گهاٽي کين ۾ گهٽ،
ڇهانگياڙيءَ کي جهٽ، سوکل ڏي تہ ملير وڃان.

عمر

ٽَپي **ٽيرهين** رات جو، عمر ونس آيو،
هَٿ ڪري حاڪم سَڀن، تو چڱو کين چايو،
پرڏو ڪنداسين پاڻ ۾، مون قاضي ڪوٺايو،
شرع ۾ شرم ڪونهي، جيئن فائق فرمايو،
"اَلنِڪاح مِن سُنّتي"، حديثن ۾ آيو،
سنهري ڪَر سعيو، محبت ڪر ميِر سَڀن.

مارئي

محبت ميرا! تو سين، آءٌ کين ويهنديس ڪري،
ملير سوا مونکي، ساعت بہ کين سَري،
خان! تون ڪٿي آئين، بند مان مون ٻَري،
هر ڪنهن تي هتڙا، ڏٺي پاڪ ڏري،
ڇهانگياڙين سان "جوکيو" چئي، شل ٻت مون پري!
جي مُنڊ هٿ مَري، تہ بہ مڙهہ پهچائج ملير ۾.

عمر

چوڏهين رات چون، سنبهي آيو سردار،
چئي: پهنوار! تون پاڻ کي، مُنڊا! ڪيم مار،
سچي ڳالهہ سموري، ويهي ڪٿي ويچار،
ڏسجين ٿي ڏوٿياڻي! نياڻي ڪا نار،

مات ڪري تون منڌ! نه غم سين وقت گذار،
ٽيڙي هئي سا ٽي ويئي، هاڻ ويل ڳالهه وسار،
ڪانه هلندي ڪار، حجت اڳيان حاڪم جي.

مارئي

چئي: عمر! مران ٿي سومرا! مونکي مانگين ميڪ،
هو مارو چارين مال کي، ڏراڙ هڻن ڏڪ،
مون جيڏيون ملير ۾، سوڙيو ڪائين سڪ،
وڏي سون وبڙ عيچن جي، سدا جوڙ جڪ،
پيڏ وهياٽيون وجهيو بند ۾، ڪرين ٿو ڪڪ،
آءٌ ساريان سنگهارن کي، هادي ڄاڻي حق،
اڳيان خمر ون "اڪبر" چئي، مهندان پڇن سڪ،
ڪين نياڻيءَ سان ناحق، سي ڪاڏيارا قبر ۾.

عمر

پندرهين رات پهنوار وٽ، ميڙي آيون مائيون،
سڏائي سومري، سڪيون ڏوتيون ۽ دائيون،
ڪين مارڪا مارئي سين، ته اسين تو وٽ آيون،
عمر ۽ اوهان کي، ٽيون پاڻ ۾ پرچايون،
وبڙهه ڪٽي وسار، ۽ ڇڏ وڃڻ جون وايون،
سيئي سرتيون، توکي پڻ ڪري پانيون،
پهاند ٽيون پايون، ميلاڻ ڪاڻ مير جي.

مارئي

چئي: ملڻ ڪاڻ مير جي، موکيون! ڏيو م مت،
آءٌ بانديائي بند ۾، منهنجي پرور رکندو پت،
آن ڪي عمر اماڻيو آهي، رئيس ڏيئي رشوت،
ڪاٽيون! هٿو ڪڏ ۾، انڌيون! اها آپت،
مير جي ملڪ ۾، اها شت هلي پيئي هلت!
سنئيءَ ڪـــي سيج ۾، هو ميليو جيئن جت،

تيئن سانگياڻي ڪري سَت، ملندي مارن کي.

عمر

سورهين رات سڏائــــي، اساڻيائين امير:
تہ مــارئي آڻيو محلات مان، وجهو سڀ وزير،
تن هنر هلايا گهڻا، طرحين سان تدبير،
تہ مارئي! تنهنجِـي، من ۾ عمر کي آهي آکير،
ميوا، مغز، بادام، ڪاڄ آمان، انب، انجير،
ڪٺي آيا آهيون خونچا، عجيب ۽ اڪسير،
موکهي! تون ملير جي، اوکِي! ڇڏ اڪير،
جهانگياڻي "جوکيو" چئي، موٽي ڏسج ملير،
سچ سان رکي سِير، منڌ! هلي ويھ محلات ۾.

مارئي

چئي: عمر! اهڙيون ڳالهيون، ڪوڙو وجهين ڪن؟
ڪــوڙيون ٻولج ڪينڪي، مور نہ لڳيون من،
ميوا، مغز، بادام، تنهنجا وکـــر ڪين وڻن،
ڪٺي آنداوَ جـي خونچا، اهي هاڃي منجهہ هڃن،
مارو منهنجا ملير ۾، آءُ هت جـَڙيس جنجيرن،
جهانگياڻي "جوکيو"چئي، ڪيئن وساريان ويڙهيچن؟
مومرا! سان سانگين، سِـڪون لاهينديس ساڻيھ ۾.

عمر

سترهين رات سنبهي، سومري ڪيو سلام،
تہ مارئي! هاڻ مون سين، ڪج ڪــوم ڪلام،
اَج وحي آئـيـو، جنهن آنـدا ٻارانيا پيغام،
مارن تنهن کي موڪليو، سوين ڏيئي سلام،
تہ مــارئي! ويهج محلات ۾، متان ڪرين ماتام،
نڪاح پـر نبيءَ جي، هـڏ نہ ڪجي حرام،

ادب ڪج عمر جو، جنهن جو نالو آهي نام،
قبول ڪري ڪلام، پرچي ويهه پلنگ تي.

مارئي

چئي: عمر اي ادا! اهو آهي هٺراڊ و هنر،
مارو هوند موڪلين، مانگي نهاري سکر،
متان ڪرين مون سين، اهي لچائي جا لاگر،
اهو ڪم عورتن جو، پلي منڊ ڪري مڪر،
مونکي آهي مارن جو، گهڻو فراق ۽ فڪر،
چڏ پنهوار جي پچر، ته وڃي ملي ويڙهيچن کي.

عمر

اروڙهين رات عمر، چڏيا گهر ۽ گهاٽ،
سونٽ ساگي سومرو، ولهو اڇي واٽ،
محبت تنهنجي مارئي! عشق چکايم چاٽ،
وسهيج تون ويڙ تي، اٿم عشق آساٽ،
تون تَرتُول تارَ ڪريو، نخرا سمجهين ناٽ،
منڊا! وسارج مائٽ، موٽي آءُ تون محلات ۾.

مارئي

عمر! عاشق آهين ڪينڪي، نه اٿئي سچي سڪ،
محبت نه آهئي مولا جي، ڪرين ڏورن وانگي ڏڪ،
عشق نه آ هئي اندر ۾، تو لچائي ڪرين لڪ،
نه ڪا محبت من ۾، نه ڪا پيتي اٿئي پڪ،
اڳوٺن عاشقن واري، توکي حب ناهي هڪ،
ڦِڪا ٻول م ڦيڪ، دنيا دم اٿئي هيڪڙو.

عمر

اوڏهين رات عمر آيو، تون منجهان تاءُ،
تہ مارئي! آهين موت ڪنئي، وڙ ڪيم وچاءُ،

هي محل محلا تون بنگلا، جهانگيائي! تو جڳاءِ،
پٽ ريشم پهري، لوئي کٿي تون لاهي،
جهانگيائي! جهوپڙن جو، کهڙو سڃي ڏو ساءُ؟
ماني هلي تون مون سين، کيلي کٽ مٿي کاءُ،
پوءِ موکل ڏيانءِ ملير جي، لاهه سڪ سندياءِ،
پٽ منهنجي پهنوارن وٽ، راڄن منجهه رهاءِ،
پوءِ پلنگ مٿي پاءِ، اچي محبت کر مون سين.

مارئي

چئي: مير تنهنجي مُلڪ ۾، آهن ناحق نسورا،
ادا! سوٽ باسم مٿي تي، پساهه ٿين پورا،
تنهنجي ماڙين محلا تن ۾، ڪامي ٿيس ڪورا،
هي ماڙيون محلا تون، ٿي سچ پانيان سمورا،
پٽ ڪين پهريندس، آءٌ مارن ريءَ مُورا،
تنهنجا ڳهه ۽ زيور، نڪي وجهندس ڏورا،
ڪاٿي ڏينهن قسمت جا، پيٽا ڪنديس پورا،
جهانگيائين کي "جوکيو" چئي، ڪَپي کرين ڪورا،
اڳيان توريندا تورا، محشر جي ميدان ۾.

عمر

وڌهي رات وڌهين، عمر کيو احوال:
تہ مارئي! تو مارن لئي، هيڏو کيو حال،
کهڙو سک ساٿيهہ جو، آت موکي! چارين مال،
اچي پيئي آهين عشق ۾، بخت وريوءِ بحال،
مزا ڪندين محلا تن ۾، خوشيءَ جا خيال،
مارو منهنجو مانُ رکيندا، سڀ پيا سيال،
مردن سان مقابلو، زوريءَ نہ ڪر زال!
نڪاح ڀر نبيءَ جي، آءٌ حق تي آهيان حلال،
فکر ڇڏي في الحال، پرچي ويهہ پلنگ تي.

مارئي

چئي: عمر! عاجزن جي، همٿ وڏائي نہ هلي،
مهڻي تون مونکي، آئين جهنگ مان جهلي،
مونکي شل مولا ڏئي، پرور توکان پلي،
ادا عمر! عورت ڪا، نہ ائين هڏ هلي،
موڪل ڏي ملير ۾، وڃي ڳالهيون سلي،
من مارئي جو مور، ڪين روح تو سان رلي،
جهانگياڻي تو جهلي، کهڙيءَ ڳالهہ قيد ڪئي؟

عمر

ايڪيهين رات اچيو، ڏو عمر حال اوري:
مارئي! تنهنجي محبت، منهنجي جان وڏي جهوري،
سوين تو تان سومريون، گهٽيون چڏيان گهوري،
وڃيو قلب وجود مان، سو وري ڪئن موري؟
مون توکي ملير جي، آندو ڏيهہ منجهان ڏوري،
پڄي توکي پوري، مڃائي ويهارينديس محلات ۾.

مارئي

چئي: عمر! انصاف اهڙا، ڪين حاڪم ڪن،
سام جيڪي سردارن جي، پاڙي ۾ پون،
تن تي همٿ حمير! ٿا سندا رحم رکن،
امانت ۾ خيانت ڪرڻ، اهو عيب اشرافن،
منهنجا ٿا مارن لئي، جگر جوش جلن،
جيڻي آءٌ "جوڪيو" چئي، ڪيئن وساريان ويڙهيچن؟
ميلي ماروئڙن، سڪون لاهينديس سومرا!

عمر

عمر هيءُ اچي ڪيو، **ٻاويهين** رات ٻول:
تہ مارئي! تون من کي، نہ روح کي هيئن رول،

هي طول، وهاٽا، تڪيا، رهاٽيون، رنگ، رتول،
کهڙو اٿئي قلب ۾، هيئن اندر هول؟
جهانگياڻي لاءِ "جوکيو" چئي، ڌران نه ٿي دل هول،
ويهي تون ويچاري، ڳالهه اندر ۾ ڳول،
ڪيو عمر قول، سو ڪين ڪيندو ڪوٽن مان.

مارئي

ڪين ڪيندين ڪوٽن مان، ڪهڙي هاج حمير؟
حاڪم هيڙا هاڇا، سور نه ڪن سير،
ڳڻيندا پيا ڳالهيون، سالڪ ۽ سڌير،
ڪي سونڪي قيد مان، ته سوٽي ڏسان ملير،
مارن جي ميلڻ لاءِ، پوچيان ويٺي پير،
جهانگياڻي "جوکيو" چئي، سون سڪي ٿو سرير،
تون عمر ڇام امير! موڪل ڏي ته ملير وڃان.

عمر

ڏهوڏهين ڏڪن ڪينڪي، ڪيو ميڙو ملوڪن،
مي سمجهايل سومري جا، اڇيو وڃس ويهن،
مارئي! هيڙا مزا، ڏوٽي ڪونه ڏسن،
پلنگ، ڪٽون، پٿراٽيون، عجب جهڙا آهن،
کاڌا طعام خشڪا، ٿا مارو توکي ملن،
جهانگياڻي آت "جوکيو" چئي، سڪ کهڙا سنيرن،
ڪرين ڳالهه نه ڪن، تيسين ڪين ڪيندو ڪوٽن مان.

مارئي

مارئي اتي ملوڪن کي، ڏنو جوڙي هي جواب:
ته سن منهنجو مارن لئي، ڪسي ٿيو ڪباب،
پلنگ، ڪٽون، پٿراٽيون، اهي نه وٽن اسباب،

موڪليل آهيو مڄيجي، دغا ڪري ٿا دولاب،
آءٌ ملڪيت آهيان ماروءَ جي، حمير! ڪر حجاب،
آخرت ۾ "اڪبر" چئي، هڪيو پڇندءِ حساب،
سومرا! ڪٿ ثواب، ڪڍ ٻيڌوهياڙي بند مان.

عمر

چوويهين رات چئون، ته وٺي آيو وڪيل،
تن هنر گهڻا هلائيا، ڏوڙائي دليل،
مارئي! تون مائٽن لئي، ضعيف ۾ ٿي ذليل،
عمر اولاد اشرافن جو، آهي اصل ڪان اصيل،
آهي انسان جي انگ ۾، لڪيو جيڪي جليل،
شرع ۾ شفيع جي، تون آهين وات وڪيل،
هي ڪاٽيون مال خزانا، ناٽي سنديون نيل،
رکي عمر جي ايل، تون پرچي ويهه پلنگ تي.

مارئي

چئي: پرچي آءٌ پلنگ تي، وير! نه وهند ياس،
مڙس منهنجو مارو، حق پٽيان هلند ياس،
مارياڻ ٿي سنگهارن کي، وطن آءٌ ويند ياس،
ڏتي ڏينهن ٿيام، وڃي ڏوٿي ڏسند ياس،
جهانگين وت "جوکيو" چئي، ملير ۾ مرند ياس،
ڳالهيون ڳوٺ ڪند ياس، عمر! تنهنجي انصاف جون.

عمر

پنجويهين رات پهنوار کي، عمر چيو ايئن:
ته مون سين تو مارئي! جاڙ ڪئي جيئن،
نه کي ويجهو تون ويهين، نه کي رکين نينهن،
ڏمر چڏ ڏاهي ٿي، قرب ڪجي ڪيئن!
ملير جي ملڪ تي، مولي وسايا مينهن،

ملي ڏوٿيي ڏسنداسين ڏاتر ڏيئي ڏينهن،
جهانگياڻي! ”جوکيو“ چئي، م ڪر حاڪم سين هيئن،
تو لاءِ ڏولائي جا ڏينهن، لکيا هئا لوح ۾.

مارئي

چئي: لکيا هئام لوح ۾، جيڪي انگ اکر،
پر انصاف وارا عمر ادا! ڪونه ڪن قهر،
ڪين ويهنديس ڪڏهين، وٽي بنگلن پر،
عمر! مارو مون تي، ڪندا ڏک ڏمر،
جهانگياڻيءَ جي ”جوکيو“ چئي، پهنوار چڏ پچر،
او ادا ٿي عمر! موکل ڏي ملير وڃان.

عمر

چوڏهين رات چنڊ ي، ڪين پهنوار پچار،
چئي: مارئي! اج به ملير مان، آيو ڏٽولي ڏنار،
موڪڙيون ڪٺي آيو ساٿيهه مان، پهراڙيءَ جو پڪرار،
مارن تنهن کي موڪليو، ڏيئي اهڃاڻيون اپار،
ته منڊ! ويهج محلات ۾، مارن ڪانهي ميار،
حجت ڪرڻ حاڪم سين، ڪنهن جي ناهي ڪار،
اصل تنهنجو انگ، ائين لکيو لکڻهار،
متان هٺ ڪرين حاڪم سين، ٿين خلق ۾ خوار،
ڪري دل قرار، پرچي ويهه پلنگ تي.

مارئي

چئي: پهنوار کي پلنگ تي، ويهڻ عيب آهي،
مارو ڪيئن ماڻهو موڪليندا، ڏس ويچار ورهائي!
پٽو ڪين پيو پهنوارن، وٽين تون وٺي ويساهي،
پوي ڪيئن مڏ مانگين کي، ته عمر وٺ آهي!
جوراڻو جهنگ مان، ويو اوچتو آڻائي،

سلام سوکڙين جي، هُنين عادت ڪا نہ آهي،
مگايل ڪي مڙس ڏيئي، پيو نہ پهنوار پرڻائي،
گام غاليچا اسين، ويهون ڪونہ وڇائي،
نہ ڪا ماڙي ۽ محلات، ڪا اسان وٽ آهي،
اسين جهوپڙا جهنگ ۾، ويهون پٽ وسائي،
جنهن کي رَهہ رَبَ جي، سا ڪاڏا ڪيئن ڪائي!
موڪل ڏي تہ ملير ۾، وڃي مال کي ورائي،
عمر! عرض آهي، منهنجي مائٽن ملڻ جو.

عمر

ستاويهين رات سومري کي، اچي پهہ پيو،
مير هلي مارئيءَ وٽ، وهلو آت ويو،
تہ پڙهي! تو پهنوارن لاءِ، ڪو جو ويس ڪيو،
منت نہ مڃين منهنجي، مون چڱو تو چيو،
قيد اٿئي قسمت ۾، توکي نياڳ آهي نيو،
مارن تنهنجن جو، مونکي نہ ڪو آهي ڊپ ڊيو،
عمرڪوٽ ۾ اچي، آهي ڏاڪ تنهنجو ڏيو،
جهانگين وچ "جوکيو" چئي، آهي پنڌ پيو،
مون ڪُوهان توکنيو، ڪين ڪڍاندءِ ڪوڙن مان.

مارئي

چئي: ڪين ڪڍندين ڪوڙن مان، اچي عمر چام!
تہ ميان! نالو مائٽن جو، ٻيهري ڪندين بدنام،
ادا! تنهنجي آهيان پيٽ، اڄ آءٌ ۾ لام،
جيڪي ٻاڙي ۾ پون، ميان! سردارن جي سام،
حميرا! تن تي همٿ رکن، ڏا مهر جا مدام،
سڻ سردارن سٽ ۾، ڪَڇي ڏئي ڪام،
ٻاڻ تي تون پهنوارن جي، مٿان رکج ٻلام،
ملنديس آءٌ مارن کي، "جوکيو" چئي جام،

شل نالو هوندءِ نام! موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

عمر

اڏاوڙهين رات عمر، ٿو هنر حيلا هلائي،
شاديءَ جي شوق ۾، ٿو قاضي ڪوٺائي،
ماڻهو موڪلي مارئي ڏي، تہ وارث ڪير ورائي،
وڪيل ۽ وزير ٿو، هليو پڙهيا سڀ پڇائي،
منٿون ڪريو مارئيءَ ڪي، ٿو صلاحون سڻائي،
'شرع ۾ شرم ڪونهي'، ائين عالمن چيو آهي،
پرٿو ڪنداسين پاڻ ۾، هٺ ڇڏ هٺائي،
مير چيو تہ مارئي! تنهنجو امر ائين آهي،
محبت ڪر مون سين، پيچ ويهہ تون پائي،
پوءِ موڪل اٿيئي ملير جي، اڄ پهنور پرچائي،
جهانگيائيءَ سين "جوڪيو" چئي، عمر جي دل آهي،
اندر ۾ پرٿ آهي، حب گهڻي حمير ڪي.

مارئي

چئي: حب وارا حمير! ڪونہ هڏ ائين ڪن،
سڻ توکي سڻايان، جا رسم اسان راڄن:
تہ ڌيءَ پنهنجي ڌارين کي، ڏوٿي ڪين ڏين،
سڱ اسان وٽ سومرا! ائين ڪونہ ڪن،
مڱايل کي مڙس ڏين، ڪانهي پر پهنوارن،
آءٌ ميلڪ آهيان مارن جي، مڱيٽي سنديون،
سي پرڻائيندام پاڻ وٽ، هلي ساڻ هٿن،
منهنجا ٿيا مارن لئي، پساهہ اڄ پچن،
وڃي آءٌ ويڙهہ ۾، ڏسان کي ڏوٿين،
جيڻري آءٌ "جوڪيو" چئي، ڪيئن وساريان ويڙهيچن!
نيڻر جي نڪرن، تہ وڃي سکون لاهيان سومرا!

عمر

اوڏنھين رات عمر آيو، ڏاڍي ساڻ ڏمر،
مارئي! آهين موت ڪنئي، وجهي ويٺينءَ ور،
وساري ويڙهه ڪي، ڇڏ پهنوارن جي پڇر،
نه ته مچائي آءُ مارئي! وجهندس مارن ۾ محشر،
جيئرو آءُ جهانگين مان، نه ڇڏيندس ڪو نر،
سڄي! سمجهين ڪينڪي، آهيان آءُ عمر،
مارئي! تنهنجو موران ٿي، ڪنڌ پچندس ڪر،
جهانگيائيءَ تي "جوکيو" چئي، ڏاڍو ڪيائين ڏمر،
الستي ڪو اکر، لکيو هوس لوح ۾.

مارئي

چئي: لکيا هئم لوح ۾، الله جي طرفان ادا!
چغل توکي چوري ڪنهن، وڍ آهن وڏا،
سومرا! تنهنجي صاحبيءَ ۾، مون لوڏا اڇي لڏا،
موت هئم ماڙين ۾، پر هيام قسمت ڪا،
عمر آهيان آءُ تنهنجي والد جي وياءُ،
پرڏو نه ڪنداسين پاڻ ۾، برادر آهينم ڀاءُ،
قسم اٿم ڪريم جو، سچ حقيقت سا،
ويرا! تون وسهيج، مون پڇي پنهنجي ماءُ،
چئي: حمل ٿيوم حمير مان، خاوند چاڙهي خدا،
شرع ڪر ڙي سومرا! الله ڪارڻ ادا!
جهانگياڻي "جوکيو" چئي، نه جاليندي جدا،
پٽ پهنوارن جا، وڃي ڏسنديس ويڙهه ۾.

عمر

ٽيھين رات ٽري ويو، عمر چڏيو آر،
چئي: مارئي تو مونکي ڏنو سانگياڻي ساڙ،
ڪٿي پهنوار پٽ چرا، ڪٿ سومرو سردار!

ڪٿ عمرڪوٽ آهي، ڪيڏانهن ملير مٿهارُ!
ڪيئن ٿيو سڏ عمر کي، ورنه ڪٿي ويچار!
حمير ڪيئن هلي ويو، پهنوارن جي پار!
ملڪ ملير جو ڇڏي، هتان منزلون چار،
مونکي تون مارئي! نه دلاسن سين ڏتار،
هنر هلين حرفتون، جيئن ٻالڪ ڏتارجن پيار،
منڊ! مڪر ٿي ڪرين، تيرهين سن جا تار،
مٿان ڏو مرضيءَ تي، نه ته سومرو آهيان سردار،
حڪم ڪٿي هلايان، جي نه ڪريان ڪا ٻي نهار،
ته پوءِ مارو مون سين، ڪهڙي ڪندا ڪار؟
نه ڪو آڏو اٿم ان جو، هو ڏُز آهن ڏنار،
ٻر سَٿ ۾ سردارن جي، ملوڪ ڏيندم ميار،
ته بادشاهه بيرحم ٿي، ڪونه ٿئي قهار،
جهانگيائي! تو تي "جوکيو" چئي، آهي عمر جو آر،
ويڙهه ڪٿي وسار، ڇڏ پچار پهنوارن جي.

مارئي

چئي: ويڙهه ڪين وساريندس، ملير اٿم من،
سومرا! توکي سٽايان، سچو هيءُ سخن:
مون پڇيو ماءُ کي، ويجهو ويهي وٽن،
حقيقت پڇيم حال جي، سربستي سندين،
ته مون جهڙي مُور نه ڪا منڊ منجهه مارن،
ڪين پتسان ڪنهن ۾، هڙو امان! حسن،
ڪي وياءُ والد جو، ڪي هڏ منجهان حرامن،
قسم توکي ڪريم جو، جو ڏاتار آ ڏيهن،
ڪي تخم توهان جو، ڪي اولاد اشرافن،
امڙ! منجهان آن، حقيقت ٻڌائيم حال جي.

حقيقت پڇيم حال جي، جواب ڏنائين جوڙي،

تہ : قلم قسمت جو لکيو، هرڪو ٿو لوڙي،
ٻاري جن کي ٻچائي، تن کي ڀو ڪونہ ٻوڙي،
ڪين ڇُٽجي قضا کان، توڙي ڊڇي ڪو ڊوڙي،
لکيو لوح قلم جو، سگهي ماڻهو ڪونہ موڙي،
جيڪي آ و جوڙي، سو اچي ٿو انسان تي.

اچي سو انسان تي، ٻي ڪانہ هلي ٿي ڪار،
سُڃي ٿي سخت گهٽو، صاحب جي سرڪار،
ٻاري شل بخشي! ڪوجهي امان جي ڪار،
پر ماروئي! ٿي پُڇين، جي حقيقت هيڪار،
تہ مخفي رکج مام ۾، گذري هيءَ گفتار،
متان ماڻهو ملير جا، ڪن خلق ۾ خوار،
سڀ هاڻي هيءَ سُڃ، ورنه! تون ويچار،
تہ ملير جي ملڪ ۾، اچي پيو ڏيه ڏڪار،
مارو مال ڪاهي ويا، وس چرڻ وسڪار،
ڪَهي ڪي ڪيڏانهن ويا، اسان ٻَڌو عمرڪوٽ آر،
انهيءَ وقت عمرڪوٽ جو، سومرو هو سردار،
حاڪم زماني جو حمير، نالو هوس نروار،
ڪامل ڏٺي قضا جو، سندس عادل جهڙا آچار،
منهنجو تنهن ملوڪ سان، ڪيو دل قرار،
انگ ان سين اڳي پيو، هئي لڪئي جي لغار،
ڪاڏو پيتو خان ٿي، ڏنو اسان کي اپار،
ويلا اسان اڳ وڻايا، لنگهڻ ۾ ٿي لاچار،
جُوف پٽيان "جوکيو" ڇٽي، سنگتي ٿئي سچار،
اکيون مليون اکين سان، ڏُران نہ ٿيون ڌار،
تخم مان تنهن جي، مونکي حمل ٿيو هيڪار،
تون آهين تنهن مان، حمير ٻہ هو حسندار،
موٽي مولا مُنڌ ڪئي، سائينءَ ڪيو سڪار،
وري وطن آياسين، لڌو ڏُرت ڏڪار،

جيڪي جوڙي جبّار، اڇي سو انسان تي.

اڇي سو انسان تي، جيڪي لکيو جيئن،
ڪنهن ڪي نہ اچي شل، ڏولاڻي جو ڏينهن!
آنءُ جو اسان تي، تنهن مير وسايو مينهن،
حمير هليو اسان جي حال تي، نباهيو سين نينهن،
شير جهڙو شينهن، سو ذات سڏائي سومرو.

ذات سو ظاهر ٿو سومرو سڏائي،
آن جي اولاد مان، اڄ عمر چون تہ آهي،
سو بہ ٻيءَ وانگر پڌرو، حڪم ٿو هلائي،
ادا عمر! ڏس هاڻ تون، ويچار ورهائي،
پاڻ ڪي پڻ جو، ادب رکڻو آهي،
هيءَ تان ڪم حاڪمن جو، ادا! ڪين آهي،
سچي حقيقت سومرا! اها آمرڙ جي آهي،
جهانگياڻي ”جوکيو“ چئي، ۽ سانگياڻي ستائي،
ميان عمر! موٽائي، مون پهچائج پنهوارن ڏي.

مٺي ڳالهہ سانگياڻيءَ جي، مربستي سمجهيائين،
ويهي جانءِ ويچاري، شجرو سڻايائين،
سَن ۾ آيس مارئيءَ جي، ڪَن ڳالهہ ڪيائين،
تڏهن مارئيءَ کي محلاتن، منجهان ڪوٺن ڪڍيائين،
پيڻ مان ”بنديچو“ چئي، ڪو واجبي ڪانہ ڪيائين،
ساٿهو ملير ڏانهن، عزت مؤن اماڻيائين،
کهڙو هيءَ ڪيائين، ڏسو انصاف ”اڪبر“ چئي.

ڏسو انصاف ”اڪبر“ چئي، ڪير ٿو ائين ڪري!
جي حڪم ڪٿي هلائي، تہ بہ سردار کي سري،
عدالت عمر جهڙي، ڪونہ پيو ڪري،
حڪم منجهان هاديءَ جي، نيڪَ بہ ڪين ٽري،

اڄ عمر ٿو هاڻي، پٽ پهنوارن سين ڀري،
جهانگياڻي "جوکيو" چئي، وطن ڏي وري،
قادر جيڪي ڪري، اڄ سو انسان تي.

اڄ ڪين انصاف تي، موٽي سو مُور،
مارئي ملي مارن کي، لٿو قيد قصور،
بند هئي بنگلن ۾، چارئي بازُون چُور،
جهانگياڻي "جوکيو" چئي، هئي ڏوٿين ڪنان ڏور،
پيو عمر کي پُور، تڏهن ڪڍيائينس ڪوٽن مان.

ڪڍيائين قيد مان، وڃي وڏڪار وسايائين،
ميلي وڃي مارُن سان، ڳالهيون ڳايائين،
سرتين وٽ سانڍيهه ۾ هاڪون هلايائين،
جهانگين کي "جوکيو" چئي، ڏوراپو ڏنائين،
وڃي لکيا لڏائين، وٽ پهچي پهنوارن ۾.

پهچي وٽ پهنوارن، وڃي ڏوٿي ڏنائين،
مزا عيش ملير ۾، وڃي موجون ماڻيائين،
هڪڙو مان مائٽن جو، ٻي رضا رکيائين،
ڪلي وڃي ڪيت سان، لائون لڏائين،
جَس مليس "جوکيو" چئي، ننگ پاڻ سين نيائين،
قيد سڀ قبوليائين، هائو نه ڪيائين حمير سين.

هائو نه ڪيائين حمير سين، نه ڪي منت مڃيائين،
آزيون منٿون عمر جون، قبول ڪين ڪيائين،
ڏک جيڪي ڏنائين، سي سڀ مرتين سَليائين،
ڪاڌا، طعام، خُشڪا، چيز ٻه ڪين چکيائين،
عطر ۽ عنبيرن کي، منهن تي ڪين مکيائين،
پلنگ، کٽون، پٽراڻيون، ڏورانهن ڏنائين،
ماڙيون، محل، بنگلا، تن کان ڀؤ ٿي ڀانيائين،

جهانگياڻيون "جوکيو" چئي، پئي مرتيون سارياڻين،
ويٺي لکيو لوڙياڻين، قيد هُئاس قسمت ۾.

قيد هئس قسمت ۾، پر ورتي باري بچائي،
مُزرائي مارئيءَ کي، پر انصاف عمر جو ۽ آهي،
بيگاني زال بر مان، مرد کونہ موٽائي،
ہوءَ ڳائي وڃائي، ملايائينس مارن سين.

مارئي ملي مارن کي، پهتي مُلکن منجهہ مقال،
بچي ويئي بچڙائي کان، جو چڱي هيس چال،
ربَّ رکي ورتي، نہ تہ منڊ کي چا مجال!
قابو هئي کوڙن ۾، کُڙهي ساڻ کمال،
جهانگياڻي "جوکيو" چئي، هيبت وڃايس حال،
ساڻس پلائي ٽيو پال، تڏهن مارڳ پهتي مارئي.

مارڳ پهتي مارئي، جنهن پنجي ويئي پکار،
ساري لوک مڃي، ترت اها تنوار،
آسي بيتن ۾ "اکبر" چئي، شاعر کئي شمار،
مارئي آهي مائٽن جو، کيو نالو پڻ نروار،
نہ تہ قابو کوڙن ۾، هُئي مُنڊ بي ميار،
ستيءَ سيلُ رکڻ سان، کري چڏيو قهار،
منڊ صرف مارن لئي، ڏنو جيءَ کي جنجار،
تيئن ساهڙ کاڻ سُهڻي، کيو درياءَ ديدار،
هڏي کين هيبت کان، لڏي کين لغار،
هيس سک ماجن جي، موهي وڏي ميهار،
صورت پسي سيفل بہ، ڏيو لاکيڻو لاچار،
مجنون ويچارو مستيءَ ۾، ٽيو دنيا کان ڌار،
سک هئي مستيءَ کي، کندي ويئي پنهل جي پچار،
جبل ۾ "جوکيو" چئي، مُئائين هوتن جي هونگار،

اهـــڙا ڪيئن عـاشق، ڪيا نينهن نـــروار،
ڪلمي سان قطار، ٿي ويندا ميڙي محمدﷺ جي ۸.

لا اله الا الله محمد رسول الله

ڏيهہ راتيون: مارئي*

(حاجي حقير)

[حاجي "حقير" ولد مگڻ خاصخيلي ٽنڊي قيصر جي ويجهو قبول خاصخيلي جي ڳوٺ ۾ ١٣١٨هه/٣- اپريل ١٩٠١ع ۾ ڄائو. فارسي، عربي ۽ ڪي قدر گجراتي بہ ڄاڻي ٿو. پنهنجي ڳوٺ ۾ طبابت جو ڌنڌو ڪندو آهي. نثر توڙي نظم ۾ سندس جملي ايڪيهہ ڪتاب ڇپيل آهن، جن مان ڪجهہ طب تي بہ آهن. شاعريءَ ۾ سندس استاد شمس العلماء مرزا قليچ بيگ هو، ۽ مير عبدالحسين "سانگي" جو بہ صحبتي ٿي رهيو آهي.]

ساراهيان صدق سان، اول الله ڪلتار،
پوءِ پنجتن سڳورا، نينهن مان نروار،
پوءِ ٻارهن ئي امام، پوءِ هرهڪ يار،
پوءِ بادشاهہ بغدادي، ولين جو مهندار،
پوءِ شاهہ عبداللطيف، پٽ جو سردار،
پوءِ اولياء ڪرام سڀ، آهن جي ڇوڏار،
پوءِ استاد قليچ بيگ، شعر جو سينگار،
پڙهائي پنو پرت جو، جنهن ڪيو هوشيار،
هوس "حاجي حقير" چئي، نہ تہ اکي سرشار،
آهيان شڪرگذار، تهدل الله تنهن سندو.

تهدل الله تنهن سندو، سڀان ٿو احسان،
هميشه هو "حقير" چئي، مون تي مهربان،
سندس فرمائش موجب، لکيو اٿم ديوان،
راضي مٿس شل هجي سدائين سبحان،
هاڻي 'عمر مارئيءَ' جو، ڪريان ٿو بيان،

* ڇپيل ڪتابڙي "عمر مارئي- راتين ۾" تان ورتل.

پڙهن تنهن کي پرت مان، دانا ڏيئي ڏيان،
هـــو عـمـرڪـوٽ ۾، ’عـمـر‘ حڪمران،
هن جو سڄيءَ سنڌ ۾، ڦـريو ٿـــي فرمان،
ذات جـــو هـو سومـرو، عـمـر عاليشان،
سو عادل ۽ منصف هو، سدورو سلطان،
سو سونهن جـو سجان، راضـــي هو راڄ تي.

راضـي هو راڄ تـي، سدائين سڄاڻ سو،
هرڪنهن هنڌ ”حقير“ چئي، هو راضي هرڪو،
ڪنهن ٻه قسم جو ڪنهن کي، هو اهنج نه ڪو،
هئو سندس حڪم هيٺ، ملڪ ملير جو،
مـاڙ ۽ ڪاهـڙ پـڻ، سڏجي ٿـــو اهو،
وسيل هـو مـارن مان، سڄو سو ضلعو،
چوپايو مال هو، تن جهانگين وٽ جهجهو،
’پالڻو‘ پريو مڙس هو، سيڻي مارن سندو،
هـن سان وفادار هو نـنـڍو ۽ وڏو،
سدائين صلح هو، مـارن سندي راڄ ۾.

مـارن سندي راڄ ۾، هـرڪو هـــو مسرور،
ڌيءَ هئي پالڻي جي، ’مـارئي‘ سا مشهور،
رهـي ٿي پيءُ ماءُ ڪان، دم نه هڪڙو دور،
هن جي حسن جو ڪريان، ڪهڙو آءٌ مذڪور،
هن جـــي نيڻن ۾ هو نسوروئي نُور،
هن جـــي نيڻن ۾ هو، عشق جو انبور،
گهائي سگهـي ٿي گهڙيءَ ۾، ڏيئي هڪڙي گهور،
حسن تي ”حقير“ چئي، هئي سدا مخمور،
هرڪنهن کي هن جي، هئي محبت منظور،
سامهون نه هئس سور، رهـي ٿي خوش راڄ ۾.

رهـي ٿي خوش راڄ ۾، سنگهارين سان سدا،

آٿي آسر مهل جو، ڪري ياد خدا،
هرڪنهن ٿي هاج ڪئي، ويئي نٿي ڪا،
ڪير ولوڙي خوشيءَ مان، ڪيئون ٿي اگڻ اڇا،
ڀتيون ڏهي ڀرت مان، چوڙيئون ٿي چيلا،
ويون ٿي ويڙهين ۾، ماٽيئون ٿي مزا،
چونڊيئون ٿي چاهہ مان، پيرون ۽ پڪا،
ڏينهن سارو ڏٽ مٿي، هنيئون ٿي مٿا،
وريون ٿي وڇڻ جو، ڪاهي ڏڻ پنهنجا،
اهڙيءَ طرح ادا! مڪيون رهيون ٿي سرتيون.

مڪيون رهيون ٿي سرتيون، ملير ۾ مدام،
'ڦوڳ' نالي هڪڙو، هو بدڪار ۽ بدنام،
منهن ڏسي مارئيءَ جو، اچي ڦٿس آرام،
مڇي ويو اندر ۾، موذيءَ کي ماتام،
پرت مان پالٽي جو، اچي ٿيو غلام،
ڪيائين ٿي مارئيءَ کي، سنجهہ صبح سلام،
ساڃهہ مان نڪري ويو، ناڻگو نمڪ حرام،
مارئيءَ کي ارمان ٿيو، وڻيس نٿي طعام،
ڀچي پئي اندر ۾، ڏسي خارجي خام،
خوشي ٿي تمام، مسڪين مارئيءَ جي.

مسڪين مارئيءَ جي، ڪريان ڪهڙي خبر،
چوڙڻ ڪٽي ڇڏيائين پوءِ پاپاٽا پڪر،
مارئيءَ ڪان منهن چڙهي، پڇڻ لڳا ڀنور،
مائي! چو ڇڏي اٿئي، پهن سندي پچر؟
گڏجي هڪ جيڏين سان، وڃي چار ولر،
وڃي ويڙهين وچ ۾، سيکي ڪاڻ سگر،
ڦلاريا آهن ڦوڳ، ۽ پٽن مٿي پتر،
ساوڪ آهي "حقير" چئي، جيڏانهن ڪر نظر،

ڏسجي ٿـي چوڏس گهٽي، ڀـوڻـن مٿي ڀهر،
سيٺي سانگي سکر، گهمن ٿـا اڄ گـونـدن ۾.

گهمن ٿا اڄ گوندن ۾، تون ۾ هل مائي!
مارئيءَ مهندان مارن جي، وائي نـــه ورائي،
مارو ڀيا عجب ۾، ڏسي رمز اهائي،
هنن ڀانيو تـــه هن کـي، کا آهي اگهائي،
آهي هکدم ”حقير“ چئي، جنهن مارئي منجهائي،
کنهن کي ڦوڳ ڦنڊيءَ جي، کل نه ڀيئي کائي،
ته کا آهـــي اندر ۾، لڇي کي لڇائي،
چو ته مارئيءَ کنهن کي، نه هئي ڳالهه سڻائي،
نه تـه ڦوڳ جـــي منهن ۾، وجهن ها ڇائي،
کين قـوم لڇـائـي، مـــارن سندي مارئي.

مارن سندي مارئيءَ، لـوئي نـــه لڄائي،
هـــن ”حاجي حقير“ چئي، رکي ثـابت سچائي،
مـارن مـــڙي ڀـــاڻ ۾، صـلاح ڀچائي،
تـــه هاڻ آهـــي مـارئـي، ويٺي سامائي،
هلو اڄ ڀالٽي وٽ، کري ڀـاڻر ڀلائي،
هلي چئونس منهن چڙهي، سڀ ڳـالهه اهائي،
تـــه آهـي تو کين اڇـا، چو مارئي مڱائي؟
خوشيءَ مان ڏي ’کيت‘ کي، تون هاڻ واڌائي،
جنهن جي مائي مارئي کان، آهي سونهن سوائي،
سيڻي وائي ورائي، ته حاضر آهيون هلڻ لاءِ.

حاضر آهيون هلڻ لاءِ، کريو دير نـــه کا،
ڀــوءِ هليا ڀـالـٽي ڏي، ننڍا ۽ وڏا،
ڀالٽو ڏسي خوش ٿيو، مـاٺهو راڄ سندا،

ڇڻي: ٻلي آيا اوهين، اڳ منهنجي ادا!
خبرون ڏيو خبر جون، لهن دک دل جا،
مارن مرڪي چيو هيئن: ڀريا مڙس اسان جا،
ڏي مارئي ڪيت ڪي، تون وير وڏيرا!
اسان جي ت، ادا ڙي! خبر اٿئي اها،
ڏي مان ميڙن ڪي، سرهو هجين سدا،
ڪنڌ خير خدا، مڱاءِ مارئي ڪيت سان.

مڱاءِ مارئي ڪيت سان، ڏي وير واڌائي،
خان! ڪر تون ڪيت تي، خدا لڳ ٻلائي،
سٽي خبر سانگين جي، وير وائي ورائي،
آءُ ڏيان ٿو ڪيت کي، ميان! مارئي مائي،
مڱٽو ڪريو مرد جو، ٻلي اوهين پائي،
مارو مڙئي خوش ٿيا، سٽي ڳالهه اهائي،
ڌٽيءَ آس پڄائي، مارئي مڱي ڪيت سان.

مارئي مڱي ڪيت سان، خوش ٿيا سڀ سنگهار،
ڦوڪ ڦنڊي سڙي ويو، لڳس ڏاڍا خار،
اٿي هليو عمر ڏي، چڱي نه ڪئي نڪار،
اچي چيو عمر کي، بيهودي بدڪار،
ميان! تون ملير جي، سڀ ڪا خبرچار،
مارئيءَ نالي هڪ آهي، عورت شهريار!
سرس آهي سڄ ڪنان، سونهن ۾ سردار،
سهڻي نه اهڙي سنڌ ۾، آهي ڪا مختيار،
موڻ تنهن جي سونهن ۾، ٿيا وتن سرشار،
هلي تون هڪوار، ميان! ڏس مارئي.

ميان! ڏس مارئي، مڃ منهنجو سوال،
حاڪم! هلي ڏس مکهو، تنهن جو تون جمال،

عرض تنهن اناڙيءَ جو، عمر ڪيو بحال،
ماروئڙيءَ جي ڏسڻ جو، اچي تنهن خيال،
هليو ملڪ ملير ڏي، سو بلند اقبال،
ساڻس هو ”حقير“ چئي، ڦوڳ بدخيال،
اچي پهتو لال، مارن سندي ملڪ ۾.

مارن سندي ملڪ ۾، عمر چام آيو،
ڪوهه جي پرسان تنهن ڪي، وڃي ڦوڳ لڪايو،
چئي: ايندي سون هت پاڻيءَ لاءِ، سرتيون ڪري سعيو،
مارئي به ايندي تن سان، تنهن و لايو سجايو،
سرتيون آيون ڪوهه تي، تڏهن ڦوڳ سڏايو،
آڻ پنهنجو عمر چام، ڪوهه ڏي هلايو،
تنهن سوز سوايو، ڏسي منهن مارئيءَ جو.

ڏسي منهن مارئيءَ جو، عقل تنهن خطا،
چيائين چوڙيلين ڪي، سڪيون هجو سدا،
اسين مسافر اج ۾، اڄ مايون! مرون تا،
پاڻي پياريو اسان ڪي، ڪريو نه دير ڪا،
مارئيءَ چيو چاهه سان، اچي پيئو ادا!
پوءِ هڪدم ”حقير“ چئي، آئن تان لٿا،
مارئي ڪڍي گهڙا، آئي اکيان عمر جي.

آئي اکيان عمر جي، ناز پري ناري،
ڪڍي زوريءَ خان سان، آڻ تي ويهاري،
اڏاري آڻ وطن ڏي، وير واڳ واري،
آئي عمرڪوٽ ۾، ويچاري ڏناري،
سومري پهنواري، آڻي ويهاري ڪوٽ ۾.

آڻي ويهاري ڪوٽ ۾، عمر چام نار،
چيائين: اي مارئي! پاڻ نه مفت مار،

گهر ڏياڙين وانگي، ويهي گهر سنڀار،
هي ٻانهيون، هي دايون، آهن تنهنجون ڏنار!
ايندس تو وٽ رات جو، آءٌ روز پهنوار،
درد پنهنجي دل تان، سهڻي! ميٽي ٽار،
دل گهري دلدار! وسار تون وطن کي.

عمر

آيو **پهرين** رات جو، مارئيءَ وٽ مير،
چئي ٿو چاهه مان، اڳيان اچي وير:
هاڻ وسار "حقير" چئي، مارو ۽ ملير،
تون راڻي آءٌ راڄا، ڪر تون ساهه سڌير،
راضي تو تي آهي ٿيو، قادر ربّ قدير،
وهائين ڇو ويٺي تون، نيڻن منجهان نير،
اٿي گهم اي پياري! تون بنگلو بينظير،
آهيان ٿيو آءٌ تنهنجي عشق ۾ اسير،
خوش ٿي مون سان ڪل تون، دم نہ ٿيءُ دلگير،
اٿي مونکي الفت جو، تکي هنيو تير،
ساٿو ٿيو سرير، اٿي مون سان مل تون.

مارئي

سڻي ڳالهه سڙي ويئي، ڏنائين اوڇنگار،
ڪيائين عرض عمر کي: اي سومرا سردار!
مسڪين سان مير! تون، هل نہ اهڙا ٻار،
سنباءِ نہ صاحب لڳ، غريباڻا ٻار،
راڄا راڻي نہ ٿيندس، وساري پهنوار،
آهيان مڱيل ڪيت سان، سڻ تون شهريار!
وريتيءَ جي وير! تون، ڪٽي ڇڏ ڇچار،
بنديخانو بنگلي کي، سمجهان ٿي سالار!
موڪل ڏي وڃي ڏسان، آءٌ مارو منٺار،

پـون ٿـا يـاد پلپل، سرتيون ۽ سنگهار،
مونکي تون مختيار! موٽي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

هلي آيو حرص سان، ڍ۪ي رات سلطان،
ڪرين ڇو ٿي ڪامٽي! ايترو ارمان؟
آهي ابـاڻي گهر ۾، هرڪا ڏيءَ مهمان،
وڃي نيت وسائي ٿي، ساهراڻو مڪان،
خيال تون ڇڏ ڪيت جو، ڪين ٿـي نادان،
هو آهي "حقير" ڇـئي، جهنگلي هڪ جوان،
آءٌ سڄيءَ سنڌ جو، آهيان حڪمران،
آهي سلامي منهنجو، هرڪو انسان،
سومرين ڪان ٻـ سرس، مون وٽ ٿيندئي مان،
مارئي مهربان! مون سان آئي مل تون.

مارئي

تـوسان لائون نـ لهنديس، ڪيت وساري خان!
هن سان آءٌ "حقير" ڇئي، ڪنديس دغا ڪان،
ڪين نڪرنديس ننگ سان، سدورا سلطان!
لڇائينديس نــ ور ڪي، هرگز حڪمران!
ثابت رهنديس ميل تـي، ادا! عاليشان،
ڪرم ڪارو نـ ڪنديس، ڏسي هي مڪان،
ساڃهه ڏني سومرا! اٿـم ربُ رحمان،
رکنديس پت پهنوارن جي، ڪندو صاحب سبحان،
ريدل روح جـن سان، اٿـم پهلوان،
ميان مهربان! موٽي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

آيو ڏين رات جو، مارئيءَ وٽ ڄام،

ڀنور! مون سان ڀرچ تون، مڃ ڏٺيءَ جو نام،
ڪين وڌي ٿو مونکي، توکان سواءِ طعام،
ماندو آهيان مارئي! تو لاءِ صبح ۽ شام،
ڦٽي ننبڊ نيڻن جي، ڪونهي مون آرام،
ڪم پڇي ٿو ڪونه ڪو، ٿيو آهيان ناڪام،
عقل منهنجو عشق ۾ آهي ٿيو تمام،
من ڪونهي وس ۾، چاڙهي ٿو اهام،
سڄو ملڪ مارن کي، آءٌ ڏيندس انعام،
ڀلي ويٺا سانگي سڀ، موجون ڪن مدام،
اهو اٿم انجام، مون سان اٿي مل تون.

مارئي

خوف ڪر خدا جو، عمر چام ادا!
ڪين هلندي "حقير" چئي، هي صاحبي سدا،
ڪانهي پچاڙي ظلم جي، تون سمجهه سومرا!
بادشاهه پيءُ ماءُ ٿيو، رعيت ٿي ٻچا،
رعيت مان زال ڪٺڻ، راجا ناهي روا،
حاڪم! هرگز نه ڪر، ڀهڙا ڪم ڪچا،
مير! ڪندءِ معاف ڪين، جڏهن ٿيندي پڇا،
ويندءِ تنهن ويل ٿي، حوصلا سڀ خطا،
ويندءِ وڃائون وسري، ياد نه ايندءِ ڪا،
ڀلائي ڪر ڀلا! مونکي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

چوٿين

آيو رات جو، ڪٽي انب انار،
ناريل ۽ نارنگيون، ليما ۽ ليار،
ڪشمش ۽ ڪيوڙا، آندا هئا سردار،
اکروٽ ۽ انجير، پدل هئا ڏار،
انگور ٻن آندا، عمر شهريار،
آڏي اڳيان صوف رکيا، سنڌ جي سالار،

آڻي رکيا اڳيان پڻ نيزا نامدار،
آڻي رکيا اڳيان پڻ توت طلبدار،
ٻيا پڻ آندا ڪيترا، ميوا مختيار،
چيائين: ڪاءِ چاڳلي! ٻي نہ ڪر پچار،
ڪاءِ تہ روح خوش ٿئي، لهي وڃن ويچار،
آهي مونکي ستايو، عشق جي آزار،
آهن برهہ جا بت ڪي، ويا وڪوڙي بار،
لڳي ويئي لغار، اٿي مون سان مل تون.

مارئي

مهندان چيو مارئي: عمر چام ادا!
ڪر نہ اهڙيون ڳالهيون، حاڪم! ڪر حيا،
ماڙيچي پنهنجي ور سان، ڪندي ڪين دغا،
شايد تنهنجي شهر ۾، آهي ريت اها،
تڏهن ڏين تو مت مونکي، سلطان سنڌ جا!
ڏتار ڪين چت ڏئي! آڇي ميوا مٺا،
ڪائينديس ڪين ”حقير“ چئي، صاحب سومرا!
آهن جاءِ وطن ۾، پيرون ۽ پڪا،
پپُون، ڳاڳيون، لالڙيون، ميها ۽ منگها،
گولاڙا پڻ تين ٿا، جهنگن ۾ جهجها،
پيريون پير جهلين ٿيون، مگر جهلين ڪنڊا،
چيڙ، گدرا، چانهيون، تين ٿا ڪيترا،
مونکي ميوا وڻن ٿا، ماڙيهہ جا سدا،
ڪندءِ خير خدا! مونکي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

آيو پنجبين رات جو، ڪٺائي ماني خان،
طعامن جي قسمن جو، ڪريان ڪهڙو بيان!
چنگالي ۽ چاشني، ۽ گوشت بريان،

دمپخت ۽ پسا، پلاءُ ۽ خطائي نان،
سيرو، حلوو ۽ سيئون، ڀوريون ۽ پڪوان،
چپائين : ڪاءُ خوش ٿي، مارئي! مهربان،
مون تي نام ڏٺيءَ جي، اهو ڪر احسان،
خشڪو، کنڊ ۽ کير ٻہ، حاضر آهي سڄان!
سوين توکي سک ڏيندس، ڪجهہ نہ ڪر ارمان،
سولي کنڊ و سبحان، اٿي مون سان مل تون.

مارئي

ڪيئن ڪايان ڪاچ تنهنجا، عمر چام ادا؟
مهڻا ڏيندم ملڪ ۾، مرئي مارو مٺا،
اسين ڏوٿي ڏت مٿي، گذاريون ٿا سدا،
هڪ مکڻي پي مانڏاٽي، ٽيون سائون سومرا!
چوٽان سوٽ، پنجان مرٽ، ڇهين ڀُسي ۽ پڪا،
نالا ڏت جا نامدار، آءُ وٺان ڪيترا،
پلر ۽ مهيءَ مکڻ جي، اٺون ٻڪ ڪا نہ ڪا،
ميان! تنهنجي طعامن سان، اسين ڇاڙون ڇا!
اسان ڪي طعام لڳن ٿا ملير جا مٺا،
کنڊ ءَ خير خدا! مونکي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

آيو ڇهين رات جو، ويس ڪٺي سردار،
ڪپڙن جا قسم هئا، ٻنهہ بيشمار،
اطلس، مخمل، ماهوت، ريشم ڏارو ڏار،
ڪي چريل هئا ڪي پريل، ڪي هئا ڀوٽيدار،
ڪي ڳاڙها، ڪي ساوا، ڪي اڇا جلويدار،
شالون ۽ شلوارون، بوچڙيون جهڳمڳدار،
املهہ ماڻڪ جڙيل هئا، چولن تي چوڏار،
ڪسابا ۽ قميصون، پيو ٻہ جام هئو جنسار،

پيشگير پڻ ڪٿي آيو هو سالار،
چيائين: اوڏ ماروئي! ڪپڙا قيمتدار،
پيو نہ ڪر ويچار، اٿي سون سان مِل تون.

ماروئي

تنهنجا ڪپڙا آءٌ ڪڏهن، اوڍيندس نہ ادا!
لڄائيندس ڪينڪي، ميرا! مارو مٺا،
ماهوت ۽ مخمل ڏسي، چڏيندس نہ حيا،
اوڍيان شال آءٌ وڃي، ڪاهڙ منجھ ڪٿا،
لال لويون لڳن تي، ساڙيھ ۾ سدا،
زريءَ ۽ زربفت مان، ويڙهيچا چاڻن چا!
هي ڪپڙا اسان ڪڏهن، آهن ڪين ڏٺا،
پيشگير پري ڪر، اٿم پسند پٽوا،
چاندنيون ۽ چادرون، ڪنجرا لاک رتا،
مونکي وٽن ٿا "حقير" چئي، شالن ڪان سؤ دفعا،
ڪندءِ خير خدا! مونکي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

سڏيو ستين رات جي، خبرچار ساري،
آڻي عمر چام تي، برهہ باهہ ٻاري،
ماروئيءَ سان ملڻ جي، ڪيائين تياري،
ساڻ ڪنيائين ڪيتريون، منڊيون ميناڪاري،
نٿورا، ٻنسر ۽ بولو، پهازيب هزاري،
ڪنگڻ، ڪنمال ۽ ڪڙيون، دهري لک واري،
چندن هار ۽ چوڙيءَ ڦُل، ٻانهين موچاري،
ڏاڻيون، سڳيون ۽ دستيون، بازوبند سوناري،
نڪتو نولکوهار، تي چمڪ چوڏاري،
هَسي پڻ "حقير" چئي، نہ وير وساري،
اچي چيائين ماروئيءَ کي، پهنور پياري!

اٿي پاءِ زيور تون، پرت سان پهنواري!
چــڏي ريت رسڻ جي، ڏينم دلداري،
ناز پري ناري! اٿي مون سان مل تون.

مارئي

عمر! آءٌ نه مونکي، هرگز اهي زيور،
پٽيءَ کين پائينديس، ميان! نه ڪر مڪر،
انهن گهڻ سان ادا ڙي! نتا چاڙن پهنور،
پانيان ٿي زيور اهي، آءٌ نماڻي نيئر،
سونهن ٿا سومرين کي، اهي گهڻا عمر!
وچي ڏي وير تن کي، تون سومرا! سڌر،
اسين وڃهون ڳچيءَ ۾، ٿا موتين جا سر،
پيا پانهوتا پانهن ۾، سڻ تون خان! خبر،
گولن، ڏونرن، گلن سان، سرتين سندا سگهر،
جوڙي هار پڌن ٿيون، سدائين اي سڪر!
پيا هي گهه پائين ٿا، ويڙهيچن جا وگر:
لعل ڪنگڻيون لاک جون، ۽ چوڙا دادگر،
ڪوڏيون آهن ڪنجرن تي، جيڏانهن ڪر نظر،
ڇڏي منهنجي پچر، مونکي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

اڌين رات عمر چام، سنجهي سان آيو،
چيائين: اي مارئي! اٿم عشق تپايو،
خوش ٿي ويهه کٽ تي، مڇ منهنجو رايو،
هاڻي اچي سيج ماڻ، سهڻي ڪر سعيو،
ڪرين چو ٿي ڪانڊي! هي هٺ اجايو،
منٿ ڪرڻ سان مون، آهي ڪين گهٽايو،
پر ويٺي آهين مارئي! تون ماتم مچايو،
اٿم درد جلايو، اٿي مون سان مل تون.

Soorih Mirani

مارئي

الله کندو آءٌ وري، وطن ويندس وير!
کلي چڙهنديس کيت سان، پيهين مٿي مير!
پيهين مٿي لڳي تي، هنئين ٿار هير،
پيهين مٿي پين ٽيون، کليو هُتي کير،
پيهين مٿي پين ٽيون، ڀنواريون ڀير!
آءٌ هتي ”حقير“ چئي، آهيان قيد اسير!
ڪهڙي آهي ڪئي ادا! تنهنجي مون تقصير،
اٿم ڳهٽي اکير، مونکي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

نائين رات چيو اچي، سومري سردار:
وهنجي اڄ تون مارئي! ويڙهم پنهنجا وار،
سرمو پائي سيند ڪڍي، سهڻي! ڪر سينگار،
عطر ۽ عنبير جي، وٺي ڏس هٻڪار،
تيل قليل تنهنجي لاءِ، آندا اٿم ڏار،
گلاب جي گلن جا، ڀنور! پائي هار،
مٽي! من مدّ ير ڪر، پٽي! ڪڍ نه پار،
هي نه ڪر پچار، اٿي مون سان مل تون.

مارئي

وهنجي آءٌ ڪينڪي، ويڙهينديس وار،
مٿي ۾ مر ملڪ جي، پلي هجي سردار،
سرمو پائي سيند ڪڍي، ڪنديس نه سينگار،
وڃي شال ملير ۾، ڏسان آءٌ سنگهار،
چڻي گل چنن مان، پوئي پايان هار،
لوئي اوڍيان لڳن تي، وهنجي شهريار،
مونکي گهٽي گاهه جي، وٺي ٿي هٻڪار،
خدا لڳ مختيار، مونکي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

ڻهين رات اچي چيو، سومري سردار،
گهم هلي تون مارئي! گلشن ۾ گلزار،
گلاب ۽ موتئي جي، وٺي ڏس هبڪار،
ڇهڇٽو چمن ۾، آهي اج چوڌار،
ٽڙيا آهن ٽارين تي، گل لک هزار،
هلي سڻ ”حقير“ چئي، طوطي جي تنوار،
مٺي لڳي ٿي من کي، ڪوئل جي ڪوڪار،
وساري سڀ سنگهار، اٿي مون سان مل تون.

مارئي

سمجهان ٿي ساڙيهه کي، ادا ڙي! گلزار،
هميشه آهي ”حقير“ چئي، ڇهڇٽو چوڌار،
ڪونيٽ، ڪرڙ، ٻوهيڙا، آهن بيشمار،
ساڏوهين چارين سان، سونهين ٿو ولهار،
آهي ميان ملير ۾، سدائين بهار،
آهي خوش وطن ۾، سيڪوئي سنگهار،
ڪامل تنهنجي ڪوٽ ۾، آءٌ آهيان بيزار،
ڪندئي سڄائي ستار، مونکي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

ٻارهين رات چام عمر، آندي هڪ دائي،
جنهن چيو: ڙي مارئي! ڇڏ هوڏ اجائي،
لائون لهه عمر سان، ٻي نه ڪر وائي،
آهي تنهنجي سچ چوان، قسمت سڄائي،
هائو ڪر ”حقير“ چئي، ميچ ڪري مائي!
ملير ڏي موٽڻ جي، ٻولي نه ڪر ٻائي!
آهين بر جي بدن ڪان، خاوند ڇڏائي،
ڳيٺي نه ڪر ڪائي، اٿي مل عمر سان.

مارئي

چيو مڇي مير جو، آهين تون آئي،
ڏوتي! بڪواس بند ڪر، نيڪر نيائي،
لُچي! لائن لهڻ جي، وراءِ نہ وائي،
ڪنديس ڪين ڪيت سان آءٌ بيوفائي،
جنهن سان مارن گڏ ٿي، آهيان مڱائي،
آهيان پڻ عمر جي، عمر منهنجو ڀائي،
لائون لهنديس ڪيت سان، اُٿم آس اهائي،
آهيان ڪوٽ ڪنبائي، مونکي اماڻيو ملڪ ڏي.

عمر

آيو ٻارهين رات جو، عمر چام وري،
جنهن چيو: ڙي مارئي! آهين چٽ چري،
تون ڪپهہ آءٌ باهہ، آهي ڳالهہ ڳري،
تنهن هوندي بہ ڏهاڙي، وڃان ٿو ٽري،
پنهنجي هٿن سان منهن ڌوءُ، ناري ناز ڀري!
نہ تہ ڪندس آءٌ ڪامٺي! ظاهر زوراوري،
پوءِ ٿيندينءَ پاڻيءَ جي، رهندي نہ ڳالهہ ذري،
وساري سڀ ٽري، اٿي مون سان مل تون.

مارئي

عدل ۽ انصاف، آهي حاڪمن جو ڪم،
جورو جفا جو ڪندو، ويندو سو جهنم،
پڇا ٿيندي سومرا! محشر ۾ جنهن دم،
پهرين سڌ با پاتشاهہ، قادر جو قسم،
ٿيندءِ هن ظلم جو، انهيءَ مهل غم،
توبهہ ۽ زاري ڪري، مڃائيندين ماتم،
منهن مٺي نہ ڪٽندين، اهڙو ٿيندءِ شرم،
فائق! ڪر فهم، مونکي اماڻ ملڪ ڏي.

Soorih Mirani

عمر

ٽيرهين رات مارئيءَ کي، چيو اچي لال،
هوڏ ڇڏ ”حقير“ چئي، تون ضعيف زال،
مڃ حڪم هڪدم تون، ڇوري! ڇڏي ٽال،
ڪهڙي ڪندينءَ هوڏ تون؟ جو هيڏو سندئي حال،
هاڻ ڪوٺيان ٿو قاضي، ڪين ويهنديس سال،
ڇو ته مون تان ڪلن پيا، ٻنارا ۽ ٻقال،
آهي هوڏ تنهنجيءَ جي، ماڻهن منجهه مقال،
ڇڏي سڀ خيال، اچي مون سان مل تون.

مارئي

ثابت رهه شرع تي، عمر! تيءَ نه انڌو،
ڪوٺاءِ نه قاضي تون، ڪر نه ڪم ڪچو،
نڪاح تي نڪاح وري، قاضي ڪيئن پڙهندو؟
اهو ڪم شرع موجب، جوان! آهي جڏو،
پر جي ڪندين قهر تون، پڇي حڪم شرع جو،
ته پاڻ ماريندس آءٌ، ڄاڻي ربّ سچو،
ڪين پنهنجي ڪـــرم کي، لائيندس ٽڪو،
چڱو نه اٿئي اهو، مون کي اماڻ ملڪ ڏي.

عمر

چوڏهين رات آيو ڪٺي، سومرو تلوار،
چيائين: اي مارئي! ڇڏ ڪيت جي پچار،
نه ته ڪندوسانءِ ڪاٺي! سر ڌڙ کان ڌار،
پورو ڪندوسانءِ پل ۾، وسري ويندءِ تار،
دشمن ٿي نه ساهه جي، واسطي خلقڻهار،
مفت ڪاءِ نـــه مٿو تون، پهنوار! ڪڍي پار،
ڇڏي وهم ويچار، اچي مون سان مل تون.

مارئي

ڪلهي ڏنو خان کي، مارئيءَ هي جواب:
مر ڏڙ ڪان ڏار ڪر، عمر! آڻي شتاب،
جنهن پوان سورن ڪان، سهي هڪ عذاب،
اهو ڪنهين ٿو، تون سومرا! ثواب،
عاشق آهيان موت تي، نه ڪر ڏڙڪو تاب،
مار سونهڪي مير تون، ڪر ڪونه حجاب،
ڇڪينديس نه حشر ۾، توکان ڪوبه حساب،
متان ڪرين دولاب، هڻ ڏڪ "حقير" چئي.

عمر

آندو هڪڙو قاضي، عمر پڙهن رهين رات،
جنهن چيو: ڙي مارئي! سڻ منهنجي بات،
حاڪمن سان آهي ڪين، مت اوهان جي نيات،
هوڏ ڪي "حقير" چئي، مائي! ڪر مات،
ڪٿي چڏ کيت جي، طلب ۽ تات،
نڪاح پڙهان تنهنجو، پڙهه ڦٽي پريات،
ڏاتار جي ڏات، سمجهه سهاڳ عمر جو.

مارئي

ورتي آهي عمر کان، قاضي! تو رشوت،
آهي پنهنجي تو ڪئي، ڪاري قيامت،
پوي تنهنجي مٿي تي، ماريا! مصيبت،
ڪٿي ڏي سومري کي، تون پنهنجي عورت،
عورت جي عيوض ۾، ڏيندءِ هو دولت،
پوءِ ويندو عمر تائين، قاضي! وٺ فرحت،
۾ جي آهي تو ۾، ڪو حيا ۽ حقيقت،
تہ ميچ تون نصيحت، هليو وڃ "حقير" چئي.

عمر

سورهين رات هلي آيو، سومرو سلطان،
چيائين : جنهن کيت لاءِ، آهين تون حيران،
تنهن ۾ تـه ايترو به، ڪونهي ڪو ايمان،
جو اچي ڏسي توکي، مارئي مهربان!
سڙس اهڙي ڪي چا ڪبو، سمجهه ڪر سجان!
لڄ پٽيان جو سر نه ڏئي، ڪونهي سو انسان،
آهي مرڻ مرڻ ۾، مرد ڪاڻ مان،
رحم ڪندءِ رحمان، آئـي مون سان مل تون.

مارئي

آهي منهنجو مگيندو، ويـرا! غيرت وارو،
ڪمينو آهي ڪينڪي، سو مرد موچارو،
تـون آهين ادا ڙي! سلطان سوپـارو،
هو آهي "حقير" چئي، مسڪين ويچارو،
تنهنڪري اچي نٿو، سو سانگي سونهارو،
ويٺو آهي ڪينڪي، ڪري ماهه پيارو،
جبل ساڻ مٿو هڻي، ڪير مرندو متارو،
جت چلي نه چارو، ات پچڻ ڪم وريام جو.

عمر

سترهين رات آيو هلي، سومرو سجاڻ،
چيائين : اي مارئي! ڪيئن ڪندينءَ هاڻ؟
موڪليان ٿو مارن ڏي، سپاهي سياڻ،
وٺي ايندا ڪيت ڪـي، سگهو پاڻ ساڻ،
ڪُهندس تنهنجي روبرو، تنهن کي پڪ ڇاڻ،
پوءِ ويهندينءَ ڪاٺي! تون ڪنهن جي ڪاڻ؟
پوءِ پاڻيهي پرچندينءَ، جوت پري جواڻ!
لهندو ڏکن جو ڏاڻ، هميشه لاءِ "حقير" چئي.

مارئي

چئي: ڪيت ڪُهندين خان! ڪري تون ڪلور،
ته به ڪنديس ڪين آءٌ، مير! توکي منظور،
ڪيت سندي خون جو، سدا هوندم سور،
ويهي آءٌ مرنديس، مڙس نه ڪنديس مور،
ماچهه ڏيندم سومرا! رحيم، ربّ غفور،
مير! تنهنجي ملڻ کان، وڃان ٿي وهلور،
واسطي واحد جي، تون مون کان ٿي دور،
اٿم بت ڀَڀُور، ڪونهي هوش "حقير" چئي.

عمر

آرڙهين رات عمر چيو: مارئي! ڇڏ ساڻو،
مون جهڙو ڪينڪي، رنجاءِ تون راڻو،
صلاح مڃ مون سندي، ڇڏ خيال ٻاراڻو،
نه ته ڪريان ٿو ڪامٽي، آءٌ ٻول شاهاڻو،
قابو ڪندوسانءِ قيد ۾، ٿيندءِ بت ساڻو،
وسري ويندءِ بند ۾، ڏيهه ڏاڏاڻو،
ياد نه ايندءِ اي مٺي! ٻوءِ ڪيت ڪاڻو،
ڇڏي هٺ زالاڻو، اٺي مون سان مل تون.

مارئي

آهن مونکي ڏک، ڏنا هي تقدير،
سمجهان ٿي ڪين توکان، تخت ڏٺي وير!
ڪانهي ميار تو مٿي، بادشاهه بينظير!
آءٌ مڃينديس ڪينڪي، يقين ڄاڻ امير!
مونکي ٻلي قيد ڪر، ٻلي وجهه زنجير،
ٻلي هڻ هٿڪڙيون، سومرا سڏير!
چڱو ته اٿي وجهه مونکي، ڪٺي ڪاتيءَ سير،
يا ته هٽي تير، پساهه ڪڍ پلڪ ۾.

عمر

اُوڏهين رات ڪاوڙ مان، اچي ڄام عمر،
هڪدم وڏا "حقير" چئي، مارئيءَ کي نير،
ڪئي قابو قيد ۾، سومري سڏ ير،
چيائين: اي مارئي! سڻ منهنجي خبر،
جيسين نه ڇڏيندينءَ تون، پهنوارن جي پچر،
تيسين نه ڪندس تو تي، ڪا رحم جي نظر،
سڪي ٿيندينءَ سوڪ تون، وسري ويندءِ مڪر،
سمجھ ڪاري قبر، قيد خانو ڪامڻي!

مارئي

آڳي هئا لکيا ڪي، اصل انگ اکر،
تڏهن آهن هنيا تو، مير! مونکي نير،
ٿيندم پورا ڏينهڙا، الله ڪندو عمر!
ڪانهي ميار تو مٿي، ادا ڙي انور!
عدل ۽ انصاف تي، تنهنجي ڪانهي نظر،
آهين وس شيطان جي، سومرا سرور!
تڏهين ستائين ٿو تون، نماڻا ۽ نڌر،
ميان! ڇڏي مڪر، وٺ وات وحدت جي.

عمر

ويهين رات جو عمر ڏٺو، عجب جهڙو لقا،
ته مارئي پنهنجي منهن سر، ڪري ويٺي قصا،
عمر سندي اچڻ جي، ڪل نه هيس ڪا،
هي حال ڏسي "حقير" چئي، سومري سڏ ڪيا،
پر ڪين سڏ تنهن سندا، پانهياريءَ پڌا،
ڪلي پئي خوشيءَ مان، ڪري پئي دعا،
سمجھ، اٿس ساڙيهه جا، ڏوٿي سي ڏٿا،
ڪري وَس وڏا، مير جاڳائي مارئي.

مارئي

مائيءَ ڇيو ميرکي، ڏيئي اوچنگار:
ويئي هيس وطن ۾، سومرا سردار!
منهنجو من نري پيو، ڏسي سڀ سنگهار،
منهنجي اچڻ جي، پيئي پکن ۾ پچار،
سرتيون سڀ سرهيون ٿيون، مونکي ڏسي مختيار،
روح رچندي رهاڻ تي، لهي ويا ويچار،
ادا! اچي تو کيو، ڏناريِن کان ڌار،
نہ تہ سچي چمار، هجان ها انهيءَ حال ۾.

عمر

ايڪيهين رات ڪٿي آيو، عمر چام دوا،
چيائين تہ: هوش آهي تنهنجو ٿيو خطا،
دوا پي، دير نہ ڪر، تون مٺي ماهہ لقا،
دوا پيڻ سان دادلي! توکي ملندي شفا،
آهن حال پنهنجا، تو اهڙا ڇو ڪيا،
ملير ڏي موٽڻ جي، تون ڪر نہ ڳالهہ ڪا،
وساري ڇڏ ويڙهيون، ۽ جهانگي جهنگن جا،
دلاسو دلربا! مونکي ڏي ملڻ جو.

مارئي

بدن منهنجو مارن کان، تون ڏسين ٿو جدا،
پر روح منهنجو مارن کان، ڪونهي ڌار ادا!
بدن آهي بند ۾، روح سانڍيهہ ۾ سدا،
تنهنڪري ڏسان پئي، مڙئي مارو مٺا،
ڪريان پئي رهاڻيون، تن سان سومرا!
آءٌ چري ڪين آهيان، سلطان سدورا!
آڪير آهن منهنجا، هڙا حال ڪيا،
ڪڏهن ڪين دوا، پيئنديس آءٌ "حقير" چئي.

عمر

عمر آيو ڍاوڍهين رات، دير ڪري چاڙي،
ڏسي تہ آهي ننڊ ۾، ٻئي مارئي نماڻي،
سڏ ڪيا سومري، سگهو جاڳ سياڻي!
مس مس جاڳي مارئي، ورتائين عمر سڃاڻي،
عمر چيو: تو وٽ آءٌ اچان پيو ڏهاڙي،
پر مون تي ڪو مارئي! اختيار نہ آڻي،
ڇو نٿي سيج ٻنڌن تي، ويهي مزا ماڻي؟
ڇڏ اڪير اباڻي، اٿي مون سان مل تون.

مارئي

اڄ ادا ڙي عمر! مون لڌو آهي خواب،
آهيان آءٌ ملير ۾، اتي بيحد آب،
ساوڪ تي ڏسان گهڻي، ۽ اڀري ماهتاب،
سڀ ويو هو وسري، قيد جو عذاب،
ڀانيم تہ ويا گذري، آهن ڏينهن خراب،
مون جهڙو خوش ڪونہ ڪو، آهي ڪو نواب،
جان جاڳيان، تہ جيءُ جڏو، ۽ دل ڙي بيتاب،
رڳو هو دولاب، مون سان ٿيو ننڊ ۾.

عمر

ٿيو ڏهين رات اپ ۾، ٻڪڙيا ڪئين ڪڪر،
وٺي برسات وڏ ڦڙي، چنن ۾ ٿي چر،
عمر مير مارئيءَ جي، لڌي آيو خبر،
چيو اچي مارئيءَ کي، هيئن سومري سڌر:
آهي جام وسايو، اڄ مينهن پرور،
آهن وٽ صاف ٿيا، سهڻا لڳن ٿا سر،
ملڪ سڄو پيو وٺي، جيڏانهن ڪر نظر،
مارئي! ڪري مهر، مڃ ڏس ملڪ جو.

مارئي

جهڙ ڏسنديس ڪينڪي، سنگهارن ڪان سوا،
مونکي ٻاهر هلڻ لاءِ، تون چئو ڪين ادا!
آهي جي مينهن وٺو، ته مونکي ڪندو ڇا؟
جڏهن آهيان سومرا! جهانگين ڪان جدا،
مينهن وٺي ٿين ٿا ملير ۾ مزا،
ٿين ٿا خوش ”حقير“ ڇئي، ننڍا ۽ وڏا،
ته مينهن جي مند ۾، سونهي ٿو سدا،
مونکي تون لڳ خدا، ڪٽي امان ڪاهڙ ڏي.

عمر

چوويهين رات عمر سان، آيو هڪ انسان،
ظاهر ۾ مارن جهڙو، اندر ۾ شيطان،
تنهن چيو: ڙي مارئي! سڻ تون بات بيان،
آءُ آهيان ملير جو، جوڙو هڪ جوان،
تنهنجي پيءُ پالٹي وٺ، اٿم بيحد مان،
تنهن آهي تو ڏي مونکي موڪليو مهربان،
ته لائون لهه عمر سان، وساري ڪيت خان،
ڪندو رب رحمان، سڪي هوندين ڏيئڙي!

مارئي

آهين ڪين ملير جو، بيهودا بدڪار!
آهن ڪين بيشرم، منهنجا پرين پهنوار،
آهين ڏوتو عمر جو، مٺا موذي مڪار!
ڪرين ٿو ڪوڙ نسورو، مرين شل مردار!
نڪري وڃ نيا ڳا تون، جهلين نه مار،
لعنتون آءُ وجهان ٿي، تو تي لک هزار،
آهي توکي ڪاريو، ڏيهه جي ڏاتار،
تون بڇڙا بي وقار! ته منهنجي منهن تان.

عمر

پنجويهين رات آيو هلي، سومرو سچاڻ،
چيائين : اي مارئي! ويهي ڪر رهاڻ،
اڄ ڪريان ٿو ڪو نہ ڪو، تڪرار تو ماڻ،
ٿڌي آهي قرب جو، پانهياري! پاڻ،
درد اهڙو دنيا ۾، ڪو بہ ڪونہ ڄاڻ،
سري ويندس مارئي! مان اڄ يا سڀاڻ،
آهي مونکي "حقير" ڇئي، ڏکن وڏو ڏاڻ،
ڪين بچندس هاڻ، اڄ آهن آثار اهڙا.

مارئي

ڪهڙو ڪرين ٿو ادا! عشق جو مذڪور؟
مارن جي عشق ۾، آهيان مان ڀرپور،
نڌا وسرن اي ويرا! مارو مونکي مور،
سيني ۾ سنگهارن جو، صاحب! اٿم سور،
من اٿم ملير ۾، ظاهر آهيان دور،
پئي ٿو پهنوارن جو، پلپل مونکي پور،
آهيان بيزار بند ۾، اٿم بدن چور،
ڪري مَن غفور، وڃان ورِي ويڙهہ ۾!

عمر

چوڏهين رات آيو، حاڪم رکي حشمت،
چيائين : اي مارئي! ويهي ونڊ محبت،
چڱي هي آ ڪينڪي، ڪنهن سان ڪلفت،
دغا نہ رکجي دل ۾، سڻ تون حقيقت،
ڪڍهن ڪجي ڪينڪي، ڇيڙاڪ طبيعت،
هوڏ ۾ هٺ آهي، ماڻهو لئي مصيبت،
ٻيي ڪهڙي شڪايت، سڻايان توکي سهڻي!

مارئي

وندينديس نہ ڪنهن ساڻ، مارن ري محبت،
ماري ٿي مونکي سومرا! تن سندي فرقت،
ڪانهي مونکي ڪوٽ ۾، ڪا فائق! فرحت،
ادا! آهي هت اچي، مون ڏني قيامت،
هئي هئي مون سان هيئن ڪيو، آهي سڀ قسمت،
ڪٿي آهي ڪوٽ ۾، سا منهنجي صورت!
جنهن کي ڏسي ٿي لڳي، هرڪنهن کي حيرت،
زيادہ نہ زحمت، مونکي ڏي تون سومرا!

عمر

ستاويهين رات سومري، اچي پڌس چت،
مائٽ تنهنجا مارئي! آهن جهنگلي جت،
انهن منجهان ٿي اچي، ڇيلن جهڙي ڇت،
سارو ڏينهن جهنگن ۾، لٿيو ڇڏين لت،
رات جو سمهن پٽ تي، ڏني نہ اٿن کٽ،
پيئو وڃن پڙيءَ تي، مهيءَ سندا مٽ،
وساري ڇڏ ملير جا، تون ٻوٽا ۽ پٽ،
ڇڏي لاري لٽ، آٿي مون سان مل تون.

مارئي

مارن جهڙو ملڪ ۾، ڪونهي ڪو انسان،
رهن ٿا خوش ڪاهڙ ۾، ڪونہ اٿن ارمان،
سرس آهي سانگين جو، قادر ڪيو شان،
اٿن نياڻي سياڻيءَ جو، ڏٺيءَ ڏنو ڏيان،
آهن خوش غريبيءَ ۾، اٿن گهڻو ايمان،
دولت دورنگيءَ ڪاڻ، ڪينهن سي حيران،
پسند تن کي ڪونهي، ڪو سک سند و سامان،
سدائين سبحان، اٿـن ياد اندر ۾.

عمر

اٺاويھين رات ڪوٽ ۾، عمر اچي ڏنو،
تہ هيٺو حال ”حقير“ ڇئي، آهي مارئيءَ جو،
آهيس ٿيو نيڻن ۾، ساڻو بہ سڄو،
طاقت ڪانهي چوڻ جي، چوري ڪيئن پاسو،
ٿيو عمر چام ڪي، دل ۾ ڏک ڏاڍو،
تنهن چيس ڙي مارئي! اڄ انئي ڇا ٿيو؟
آهين تون بيمار، يا انئي مڪر ڪيو؟
جي منهنجو مڃين چيو، تہ ڪڍان توکي قيد مان.

مارئي

آهي هيٺو حال ٿيو، قيدن ۾ منهنجو،
نيڻن ميان! ڏنو مونکي آهي ڏک ڏاڍو،
هئي هئي آهي ادا ڙي! ٿي پيو بہ جڏو،
هاڻي بچڻ بادشاھ! منهنجو نہ ٿيندو،
جيڪڏهن قيد ۾، پساھہ ٿئي پورو،
تہ موڪلج ملير ڏي، تون منهنجو لاشو،
تہ مڙي سيئي مارو، مڃائين ماتم ڪو،
مير! عرض اهو، اونائج نام ڏٿيءَ جي.

عمر

اُوڻٽيهين رات سومريون، آنديون عمرخان،
تن چيو: ڙي مارئي! ڪر تون ڳٽي ڪان،
هت انئي موجود سڀ، سک سندا سامان،
سهڻي! ويھ سيج تي، کاءُ انئي پڪوان،
تون راڻي ، پيون گوليون، کاءُ ڏوڻا ۾ پان،
تو تي آهي مارئي! رحم ڪيو رحمان،
هل تون حويليءَ ۾، گهمي ڏس مڪان،
چلي ڏس چوگان، مارئي! تون محلات جا.

مارئي

صلاح اهڙي ڪيئن ڪي، مونکي ڏيو مايون!
ڪريو نہ منهنجي منهن تي، هي ڳالهيون اجايون،
بيوفائي نہ ڪنديس، ڀاڀاڻو سان ڀايون!
آهن ڪين بيحيا، مارن جون ڇايون،
اسين ڪين ملير ۾، ڀَتَ ٽيون ڀايون،
نہ ڪي اوڍيون زربفت، نہ ڪي شالون سايون،
آهن اديون! وطن ۾ سدائين سرهايون،
هي ستيون منجهايون، منهنجون قيد سومريون!

عمر

ڏيهين رات عمر کيو، ويهي هيءُ ويچار،
تہ: مارئي آهي ٽي پٽي، بند ۾ بيمار،
ثابت آهي سيل تي، ڇاڻي ٽو ستار،
اشراف آهي بيشڪ، ڪانهي ڪا مڪار،
هاڻ ڪٽي موڪليانس، ملير جي پار،
پوءِ آيو مارئيءَ وٽ، سومرو سردار،
چيائين: سڻ مارئي! حقيقت هڪوار،
هتي آهين "حقير" ڇئي، مارئي! تون بيزار،
موڪليان ٿو مارن ڏي، هاڻي آت سوار،
هتي ايندو سو وٺي، تنهنجو ڪيت پتار،
وڃج تنهن سان وطن ۾، تون ناز پري نار!
هاڻي ڪندس نہ هرگز، تو سان آءٌ تڪرار،
دين جي پٽ توکي، سڏيان ٿو نروار،
پوءِ نير ۾ هتڪڙيون، لاهڻ لڳو سالار،
لٿا نير ۾ هتڪڙيون، ڀڪو ٿيو آزار،
مارئي ڪيڏي قيد مان، سرهو ٿيو سالار،
لٿس انتظار، هنئين تان "حقير" ڇئي.

مارئي

قيد مان نڪتي مارئي، تيس ماهه سڌ ير،
چيائين : ادا ڙي عمر! رکيئي خوش قدير،
آهين بيشڪ سومرا! بادشاهه بينظير،
ڪنديس توکي دعائون، ويندس جڏهن ملير،
مدائين سکيو رکندءِ، پهنوارن جو پير،
عدل ۽ انصاف تي، هلندو جو امير،
ادا ڙي! دلگير، ڪڏهن ٿيندو ڪين سو.

اٿي عمر صبح جو، هڪ ماڻهو گهرايو،
حاڪم تنهن کي حال هي، ويهي سڻايو،
ميان! وڃ ملير ۾، سگهو ڪري سعيو،
وڃي چئو مارن کي، آهي عمر سڏايو،
هلو "حاجي حقير" چئي، وقت نه وڃايو،
مارئيءَ تي عمر کي، آهي رحم آيو،
وٺي اچوس وطن ۾، هلو دير نه لايو،
آهي سڪ ملير جي، مارئيءَ کي تپايو،
ويٺي آهي وطن لاءِ، ماتم مچايو،
اٿس سوز سوايو، سار لهوس سيگهه ۾.

سار لهوس سيگهه ۾، اهو ڏج پيغام،
متان وٺين وات تي، گهڙي پل آرام،
هليو وڃ "حقير" چئي، تون صبح ۽ شام،
سنيهي قاصد نڪتو، وٺي ربّ جو نام،
اچي رسيو ملير ۾، ڏنائين ڳوٺ گام،
ڪيو اچي قاصد جو سنگهارن سلام،
سي ٿيا خوش تمام، ڏسي آٽ سوار کي.

ڏسي آٽ سوار کي، سرها ٿيا سنگهار،

پڇيائون پانڌيءَ کان، ساري خبرچار،
هن ڪئي "حقير" ڇئي، اڳيان هي گفتار،
آهي سڏيو اوهان کي سومري سردار،
مون سان هلو گڏجي، پر چار پهنوار،
وٺي اچو مارئي، يڪدم اوهين يار!
ماندي آهي ڪوٽن ۾، ڏنارن کان ڏار،
اٿس ادا! اوهان جي، اٿئي پهر پچار،
نڪاح لاءِ عمر ڪيا، حيلا لک هزار،
پر ڇيو ڪين مارئيءَ، رکيس لڄ ستار،
جور ۽ جفا نه ڪئي عمر شهريار،
لڄ هن جي ڪين لٿي زوريءَ نامدار،
سڏي آهي پڻ ڪري، هاڻي تاجدار،
ڇڏي سڀ ويچار، هلو عمرڪوٽ ڏي.

هلو عمرڪوٽ ڏي، مون سان گڏ ادا!
ڏوٿي ڏاڍا خوش ٿيا، پڌي ڳالهه اها،
هن کي "حاجي حقير" ڇئي، هيئن چوڻ لڳا:
اچ ترس، تڪڙ نه ڪر، اوٺي عمر جا!
ميان هلبو تو سان، ڪندو خير خدا،
مارو مڙئي پالڻي وٽ، وڃي گڏ ٿيا،
هنن چيو: ميان! هاڻ، ڪرڻ گهرجي ڇا؟
هن چيو: هڪڙو وڃي، متان هجي دغا،
پوءِ جي عمر چام، ڏيکاري مهر ڪا،
ته پوءِ هلنداسين ميان! مڙي مارو جهجها،
منهنجا مائٽ مٺا! حال موڪليو هڪڙو.

حال موڪليو هڪڙو، چوندي ڪو جوان،
ڏسون ته ڇا ٿو ڪري، تنهن سان عمرخان،
ويڙهيچن کي وڏيو، هي پالڻي جو بيان،

ٻـئي ڏينهن قاصد سان، هڪڙو پهلوان،
موڪليائون عمر ڏي، گهڻو ڏيئي مان،
ڏوري اچـــي تن ڏٺو، سومرو سلطان،
ويو لهي ارمـــان، مارو ڏسي مير جو.

مارو ڏسي مير جو، سڀ لهي ويو غم،
چيائين تنهن ماروءَ کي، ٻيا آڻ مارو هڪدم،
مارئي مچايو ويئي آهـــي هت ماتم،
نيو تنهن کي ملير ۾، آيو اتـــم رحم،
ڪونهي ٻيو اوهـان ۾، ميان! منهنجو ڪم،
قادر جو قسم، ڪانهي دغـــا دل ۾.

ڪانهي دغا دل ۾، سگهو آڻ سنگهار،
وڃ هاڻ وطن ڏي، آڻ جهٽ پٽ پهنوار،
پوءِ موڪليو مير کان، ڏگ مڙس ڏنار،
هليو "حاجي حقير" چئي، ملير جي پار،
پهتو اچي پالڻي وٽ، ڪيائين خبرچار،
سڻي عدل عمر جــو، لڌن وهم ويچار،
منيرِيا عمرڪوٽ ڏي، پنج ڏهه وينجهار،
ماڻ ڪنياڻون ٻــه چار، زالون ۽ ٻار،
هليا عمرڪوٽ ڏي، ڪري الله تي وار،
سڻائي ڪئي ستار، آيا هلي عمر ڪوٽ ۾.

آيا هلي عمرڪوٽ ۾، ويچارا پهنوار،
ڏنو مان تن کي، سومري سردار،
آندي "حاجي حقير" چئي، مارئي مختيار،
مارئي ڏسي خوش ٿي، ساڻيهه جا سنگهار،
دور سندس درد ڪيو، ڏيهن جي ڏاتار،
عمر جي انصاف جا، ڳايائين ڳڻ هزار،

سرها ٿيا ڏنار، منهن ڏسي مارئيءَ جو.

منهن ڏسي مارئيءَ جو، لٿي حيراني،
مرڪي مارن جي ڪئي مير مهماني،
خوشيءَ منجهان خان جي، مارن ڪاڏي ماني،
عمر ڪئي انهن تي گهڻي مهرباني،
ٿيو رحم رحماني، عمر ۽ مارئيءَ تي.

عمر ۽ مارئيءَ تي، مولا ٿيو مهربان،
بچايا ٻچڙيءَ ڪان، آگي ڪري احسان،
هاڻي "حاجي حقير" چئي، سڻو هي بيان،
چڙهڻ لڳو چاهه مان، ڪٽيرن ڪي خان،
ترسو مون وٽ ڪي ڏينهن، ڪريو نه ارمان،
سمجهو هن ڪوٽ کي، ميان پنهنجو مڪان،
سولي ڪندو سبحان، گهٽي ڪريو ڪا نه ڪا.

گهٽي ڪريو ڪا نه ڪا، چيو مچيو سنگهار!
ڪندس اوهان سان ڪرنشون، آءٌ لک هزار،
چيو مچي سير جو، ٽڪي پيا پهنوار،
سکيو سانگين ڪي رکيو، سومري سردار،
پس ٽي ڏينهن ٽڪي پيا، خوشيءَ سان ڏنار،
پوءِ موڪلائي هليا، وطن ڏي وينجهار،
ڏنو هٿ ڏين جو، مارئيءَ کي مختيار،
چيائين : مائي! معاف ڪج، مونکي لک ستار،
رهيا ڏنائين روڪڙا، ۽ جاما جلويدار،
مارو تاجدار، چاڙهي چانگن تي چڙهيا.

چاڙهي چانگن تي چڙهيا، عمر بادشاهه،
هليا ملڪ مليرڏي، وٺي سي راهه،
رسيا اچي راج ۾، ڪري قربئون ڪاهه،

مارئي ڏسي خوش ٿـي، وطن جي وڏراھ،
ڪئي مـھر الله، مارئي آئي ملير ۾.

مارئي آئي ملير ۾، وريون واڌايون،
ھن وٽ "حاجي حقير" چئي، مرتيون سي آيون،
ويا ڏينهن ڏولائي جا، ٿيون آهن سٺايون،
آهيون اديون ڙي! پاڻ ۾، اڄ مالڪ ملايون،
گڏجي ڳڻ ڳايون، ويھي ھاڻ والئ جا.

ويھي ھاڻ والئ جا، ڳايون ڳڻ مائي!
جنھن آهي اديون ڙي! منھنجي لڄ بچائي،
وري آهن ڏيکاريا، جنھن پيٽون ۽ پائي،
ھلي ھاڻي ڏيکاريو، ٻڪريون مونکي پائي!
ھلو تہ ھلي ويڙھين ۾، ڏسون ساوڪ سائي،
آهي جن جي ڏسڻ جي، مونکي سِڪ سوائي،
اڄ لٿي اگهائي، مارو ڏسي ملير جا.

مارو ڏسي ملير جا، پيس نيڻ ٺري،
گڏجي ڏڻ ڏنارين، لڳي چارڻ وري،
ھرڻي گهوٽ ڪيت سان، ناري ناز ڀري،
پاتس ويس سھاڳ جو، خوش ٿيا سڀ ٺري،
مارئيءَ ري مائٽن جي، ساعت نٿي سري،
تن تان "حاجي حقير" چئي، ويا سور ٽري،
سمجهڻ لڳا پنھنجو، سي بخت سڪندري،
لٿي تن جي دلين تان، ورھہ جي چري،
رحم جي دري، خدا کولي مارن تي.

——○——

ٽيهہ راتيون: مارئي*

(شير محمد چغدو)

[شير محمد پٽ حاجي محمد صالح چغدو ۹- نومبر ١٨٨٠ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. ١٩٠٠ع ۾ تعليم ڪاتي ۾ ماستريءَ ۾ گهڙيو. قاضي اميد علي، استاد ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد سند جي صحبت ۾ شاعريءَ جو شوق جاڳيس. مولانا عبدالغفور همايوني، مرحوم آغا صوفي، مرحوم قاضي جمال الدين ۽ پيرزادي شاهواز سان خوب ڪچهريون ڪيائين. سندس تصنيفن مان دلخندان، پهريون بشر ۽ سيدالانبياء شايع ٿيل آهن ۽ باقي اٺ ڪتاب قلمي حالت ۾ وٽس موجود آهن. ديوان شيرل ۽ ڪليات شيرل جو مسودو بہ موجود اٿس. ڪجهہ تواريخي ڪتاب بہ لکيا اٿس جي اڃا قلمي حالت ۾ آهن.]

سنهري پهرين رات جو، آيو عمر چام،
تہ مون وٽ آهن مارئي! طرحين طرحين طعام،
ڪاڻ آهي خوشيءَ مؤن، وٽ عمر آرام،
سنوارج سهج سين، منهنجو هيءَ انعام،
تہ سڏجي راڻي تنهنجو نام، سري آءٌ تون سيج تي.

مارئي

چئي: آءٌ عمر! آهيان، جهانگياڻي جهنگن جي،
تازن طعامن ڪي، اصل نہ کاوان،
خوشيءَ جي خوراڪ جي، نپيل نہ آهيان،
پاروٿن ٽڪرن تي، رهيل آهيان آءٌ ميان!
ڪهڙي منهن کاوان؟ وساري ملير ڪي.

* هيءَ روايت خود شاعر کان ملي.

عمر

عمر ٻي رات جو، مارئي وٽ آيو،
تہ محبت تنهنجي مارئي! مونکي ڦاسايو،
۽ ڪشالو قرب سان، مون ڪيڏو ڪرايو،
منهنجي هڪ مڪ کي ٿي ڪر تون سجايو،
ڇڏ ضد اجايو، سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

عمر! محبت تنهنجي، ٿي مونکي ڪانہ وڻي،
مونکي مڪ سؤٽ جي، من ۾ آهي مڱائي،
پنهنجن پيارن تان، ڪير ٿو دل ڪٽي!
آهـا ٿـهي آتهين، جيڪا جا چٽي،
منهنجيءَ دل وڻي، ٿي جهوپڙي جهانگين جي.

عمر

مارئي جي ماڙيءَ ۾، آيو **ٽين** رات،
چئي: توکان سواءِ مارئي! ٻي وائي نہ آهي وات،
ڇڏي ڏي تون ڇوهہ کي، ڪر نہ اهڙي بات،
مون نہ ڏٺي تو جهڙي، زناني ڪا ذات،
هاڻي ٿي هرڀات، سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

زالن سندي ذات جي، ڪرين ڇو پچار؟
خدا جي پناهہ جي، آهي مون آڌار،
ڌيان رک تون دل ۾، سهڻو ڪو سردار!
تنهنجي ٻڌنديس ڪينڪي، گويا ۽ گفتار،
اجايا اذڪار، تنهنجا آهن سومرا!

عمر

چوٿين رات اچي ڪري، عمر هيٺ ڇيو،

تہ لاھ لئا لڳن تؤن، نئون ويس ٿهيو،
ڪڙتا پاءِ ڪيمخواب جا، اطلس تيار ٿيو،
جفت جوڙا پاءِ تون، رنگا رنگ ٻيو،
تنهنجو هٿ سڳ ٿيو، سري آءَ تون سيج تي.

مارئي

سٺا لٺا سومريون، پائن وچي پاڻ،
اسان اشرافن ڪي، لٽن جي نہ پڇاڻ،
ڇا ڇاٽون ڪيمخواب سؤن، اطلس جو اهڃاڻ،
پڙو پايون جوڙي جو، اسان ئي اڄاڻ،
ڪانهي اسان کي ڪاڻ، سٺن لٽن جي سومرا!

عمر

پرچ پياري پريہ سان، اڄ پنجين رات آئي،
تنهنجي سڪ سوکهو ڪيو، رک نہ ٻيائي،
ٿيا ڦٽ فراق کان، ڪر نہ جدائي،
آهي مونکي اندر ۾، تو سان سچائي،
تہ ملي واڌائي، سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

منهنجي سڪ سچي آهي، ملير ۾ مارن،
جنهن جي آندءِ ڏوھ سان، سي ڪيئن وسارن؟
تن جي تات نہ وسري، تا ڳہ پيا ڳارن،
جيڪي تو رٽيو آھ، سو ڪم ئي بدڪارن،
اهڙن پرڪارن، تون تو سڏائين بادشاھ!

مارئي

ڇيو مارئيءَ کي سومري، ڇهين رات چڪي:
منهنجي ڏس محبت منجهان، تو ريءَ دل سڪي،
اهڙيءَ طرح ايتري! تو جيئن ڪونہ ليکي،

پنهنجين هٿين پاڙهي، بخت ڪونہ ڏِڪي،
تو ريءَ ساهہ ڦٿڪي، سري آءٌ تون سيج تي.

مارئي

خيال ڙک خان! تون، دل ۾ هيءُ ڪٿي،
ڏيان ڏارج ڏيرج سان، منهنجي بات سٺي،
جنهن جو سڱ سانگين سان، سا توکي ڪيئن وٽي؟
اهڙي ڳالهہ اصل ڪان، ڪڏهن ڪانہ بٽي،
مونکي چڏ ڪٽي، تہ ملان وڃي مارئين.

عمر

ستين رات سنهري، آيو چام عمر،
ڪڍيائين وات مان، گويا هي گوهر،
تہ زيور پاءِ زينت جا، جيڪوئي جوهر،
تو جيهو ڪَنُهين ڪي مليو ڪونہ شوهر،
ڪند وسانءِ قهر، نہ تہ سري آءٌ تون سيج تي.

مارئي

دادا! تنهنجي دڙڪن جي، مونکي ڪاڻ نہ ڪائي،
بات تنهنجي بيهودي، ۽ آهي اجائي،
تو سان ٿي هيتڙي، وجهان ڏوڙ ۽ ڇائي،
اهڙو ڪم اصل ڪان، ٿيندو نا جائي،
تنهنجي وڏائي، تو سان ٿي نيبهہ هجي.

عمر

عمر اٺين رات جو، آيو مارئي جي مڪان،
تہ دايون پانهيون مون گهٽيون، رک تون ڪوڏيان،
خادم تنهنجي خدمت ۾، ايندا عاليشان،
سومرين جيان سيج تي، تنهنجو ٿيندو مان،
ڇڏ مارن جو خفقان، سري آءٌ تون سيج تي.

مارئي

منهنجا سيت ملير ۾، ٿا لوئين ۾ ليٿن،
پلي سومريون سيجن تي، سونهن ۾ سمهن،
جيڪي پٽليا ڪٽين ۾، سي ڪيئن سک سمهن!
پنهنجا خادم پاڻ ۾، پيا ڪيئن نوڪر ڪن!
اهڙن آهياڻن، آهــن محب ملــير ۾.

عمر

عمر **ناڻين** رات ۾، ڪـَهيو اچـي قول،
منهنجو تو سان مـارئي! آهي سچو ٻول،
مهارائي توکي ڪـري، ڏيندس اهو اول،
گينواري گـذارڻ ۾، گوندر آهـي گول،
ڇڏ تـون اهو ڊول، سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

ڪٿيري ۽ ڪنيون ڪـائـي، جنهين گـذاريو،
ڏؤنـرا ڪائي ڏينهن جا، رات گهر گهاريو،
سا ڪيئن ٿهي راڻي، ڌيان ڪو ڌاريو!
اهڙن اسباب سان، هيءُ مـَن نـہ ڌتاريو،
مونـکي جياريو، ڏيئي موڪل ملير ڏي.

عمر

ڏهين رات اچي ڪري، عمر چيو ڪلام:
تـہ محبت تنهنجي مارئي! ڪيو ڪم تمام،
جوش تنهنجو جـگـر ۾، آهـي نـہ آرام،
پياس تنهنجي پـَسڻ جـي، مونـکي آهي مدام،
پيا سڀ عيش حـرام، سري آءُ نون سيج تي.

مارئي

منهنجو ملڪ ملير ڏي، اصل آهي آرو،

وينديس، رهنديس کينکي، کنديس کڌب نہ کارو،
نہ کي تون بدنام ٿيءُ، دنيا ۾ نامارو،
ڇڏي ڏي چوريءَ کي، تہ ٿئي نانءُ سوچارو،
منهنجو چوڻ کارو، ٿئي قادر کندو کرم سان.

عمر

پارهين رات اچي کري، عمر هڻين هکل،
ڇــا کئون توکي نا وڻن ٿا موچارا محل؟
کريان توتي قرب سان، ڏو کاهل! کائي کَهل،
نہ تہ جَڙيانءِ جنجيرن ۾، مونکي کَنُهين نہ جهَل،
سِل اچي موسل! سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

منهنجو محلاتن ۾، کهڙو آهــي کم؟
جيکي رهن جهنگلن ۾، تن کي کونہ فهم!
قرب ڏي پنهنجين کي، انهيءَ ۾ ناهي اهم،
تنهنجي زنجيرن جو، ذرو نہ خاطر غم،
هيءَ جُثو ءَ چم، آهي مِلک مارن جو.

عمر

عمر! ڇگا چار وٺي، پارهين رات آيو،
کري منٿون مارئيءَ کي، هيئن ٿي ريجهايو،
تہ وينگس! ورندءِ کينکي، تنهنجو ضد آجايو،
سڄو ساري ملک آ، اچــا کي رايو،
توکي مارن مهسايو، سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

جيکي ڇگا تو ڇيا، آهــن سي احمق،
ڏيندا پنهنجا سگ سي، پهنوارن کي پک،
ايڏا کنهن سان کونہ کري نسورا ناحق،

اهي ڀي اشراف ناهن، وڃي وڏائين نڪ،
توکي خدا جي خلق، مدو چوندي مُلڪ ۾.

عمر

تيرهين رات عمر وري، آيو ڀيءَ طرح،
ته مارئي! سارن موڪليو، آهي قاصد هن طرح،
ڀڃي ويئي بادشاهه سان، ٻڇڙي طرز طرح،
اڃڻ ڏيندا سون کيڪي، توکي ڪنهن طرح،
ٻُڌءِ اِها شرح، سري آءٌ سيج تون تي.

مارئي

قرب منهنجي قريبن جو، اهو ناهي اصل،
قاصد توئي ناهيو، ٻچڙو بد نسل،
منهنجن مائٽن جو، اهو ناهي عقل،
جيڪي چيو تو اچي، ڪوڙو آهي نقل،
عمر! ڪر عدل، ته نيڪيءَ سان نروار ٿين.

عمر

چوڏهين رات چاهه منجهان، آيو وٺ ڪرار،
سچي عمر جهنگن ۾، تو چاريا ڍڳ ڍڳار!
محلن ۾ ماڙين جو، توکي کهڙو قدر پهنوار؟
مُڪي ويهي سيجن تي، گذارج ساڻ قرار،
اچي گڏ گذار، سري آءٌ تون سيج تي.

مارئي

ڍڳ چارڻ، جهنگ ويهڻ، اهو اسان جو مرڪ،
تنهنجن طولن ڪان، مونکي آهي ترڪ،
جي ڪپالهين ڏهان تو سان، ته ٿيان چو نه غرق،
تنهنجي اسان جي وچ ۾، وڏو آهي فرق،
کيلڻ خوش ڏٿڪ، منهنجو آهي مارو ئڙن سان.

عمر

پندرهين رات پرت مان، آيو سومرو سردار،
مارئي! ملندءِ ڪينڪي، سون جهڙو پتار،
چــڏي ڏي چوهه گهڻا، ۽ اجايو تڪرار،
ڪلي ويهه خوش ٿي، ڪر ڪو قول قرار،
آئي ڪر سينگار، سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

سينگارجن سومريون، جيڪي نپنيون منجهه محلن،
ويهن جي واريءَ ۾، سي ڪيئن سينگارجن!
توکي قسم آهي قادر جو، پتار ٿيءُ پنهنجن،
اهڙن الفاظن سان، مارو ڪين لوئجن،
سي صاحب ڪيئن ڇڏجن، جي مٿي رکن من ۾؟

عمر

سورهين رات سويل سان، آيا ته اڳواڻ،
ته وينگس! ويهه عمر جي پاڪر ۾ پرماڻ،
مارن جا معلوم آهن، اسان کي آهڃاڻ،
سرت رک سجاڻ! سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

جهڙو عمر اونترو، تهڙا تنهن سردار،
آچيو سگ پنهنجا، مجوسي مردار!
اهڙا ڪرتوت اوهان جا، ڪيتائي ڪردار،
سگ نــه ڏيندا منهنجا، ڏٿي ۽ ڏٿار،
اوهان جا اختيار، وڃائيندو واحد وٽي.

عمر

سترهين رات مري اچي، عمر ڪيا اظهار،
ته مارئي! توکي آهن، اي ئي اجايا تڪرار،

وار نـــ وٺندا تنهنجو، ڏٺي ۽ ڏٺار،
ماري ڪندس مات، آءٌ تنهنجائي ٻڪرار،
ڪر ڪي قول قرار، سري آءٌ تون سيج تي.

مارئي

ويچارا ويسلا، ماري ڪندين ڇو مات؟
اجايو افراد تون، ڇو ٿو هڻين وات:
جي تنهنجي هٿ آهي ڪٽي، ڪهاڙو ۽ ڪات،
تہ منهنجو ٻيي اٿئي گهٽو، سونهارو ئي سات،
ڏسان تون ٿو ڪرين مات، يا مان ٿي ملان مارئين!

عمر

ڦري آيو رات ٻي، ارڙهين جو وارو،
تــ بہ مُڙيو ڪينڪي، عمر هچارو،
دايون، ٻانهيون ساڻ ڪري، ڪيائين پسارو،
ڏس تہ تنهنجي خدمت ۾، هيءَ لشڪر آ سارو،
ڇڏ وينگس! ويچارو، سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

ڇئي: ٻانهيون ۽ دايون، سومرين وٽ سونهن،
اهڙن اشارن مان، منهنجا ٻرين نا ٻرچن،
جيڪا ساساٽي سيج ۾، تنهن ڪي نا گهرجن،
اسان جي عادت ناهي، گذارڻ نامحرمن،
ڪڏهن ڇڏ ڪپهہ ڪتن، منهنجي بات اها بس اٿئي.

عمر

اڙي! اوڻهين رات ۾، اچي مل مون سان،
اصل عشق الفت جو، آهي ئي تو سان،
ڦٽو ڪر فراق ڪي، ڪو داد لي! دل سان،
تــ مزا ماڻيون پاڻ ۾، ۽ ڪيون مجلسان،

ويهي ڏس مون سان، سري آهه تون سيج تي.

مارئي

اڙي آک نه مونکي، آهين جي اصيل،
موکل تون پنهنجين ڏي، اهڙي اکر وکيل،
اهڙين علامتن سان، بدبخت آهين بخيل،
اهڙو ٿيو کو نه کو، دنيا ۾ تمثيل،
منهنجو ڪيت اصيل، سگهيندو آهي مارن ۾.

عمر

ويهين رات عمر چيو، ٻُڌ هيءَ خبر کَري:
ملير کان ماڻهوءَ اچي، ڪئي آهه ڳالهه ڳري،
ته مارن ۾ هڪ موت ٿيو، ويو آ 'ڪيت' مري،
اجهو اهو آدمي، آهي مڙس ٿري،
اچا ٿيندئين چري، سري آهه تون سيج تي.

مارئي

ڪوڙن قاصدن جي، منهن ۾ هوي ڇائي،
جيڪي ڪن ٿا ڪوڙ، پڻ خبر اجائي،
محشر ۾ اهڙن کي، ملندي جزا سزائي،
تن جي جاءِ جوڙيندا، دوزخ ۾ جائي،
منهنجي هيءَ وائي، شل قبوليندو ڪرم سان.

عمر

ايڪيهين رات اچڻ سان، عمر ڪيو زور زبر،
ته مون کان مارئي! نه پڇي ايترو صبر،
مارائي ڪندو سانءِ ٽڪرا، ڏاڍو ٿيو ڏمر،
ڪُهائي ڪاتين سان، ڪندو سانءِ قهر،
اٿئي حياتي پهر، سري آهه تون سيج تي.

مارئي

ڊچان ڪين مرڻ ڪان، هاڻي ڪٽي مار،
جيئري ڪان مرڻ ڀلو، ڏڙڪا ڏيئي نہ ڏيکار،
ڊچنديس ڪين مرڻ ڪان، آهيان نا بدڪار،
اصل ڪان اصيل جي، اها اٿئي ڪار،
مونکي نا آزار، موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

عمر

عمر اچي ڪوٽ ۾، ٻاويھين رات چيو:
مارئي! توکي مارن تي، نہ ڪو قياس ٿيو،
ڪاهي ويندس ملير ڏي، ڪندس ڪوس ڪهيو،
جيئرو ڇُڏي انهن مان، هڪ نہ ڇڏيندس ڀيو،
چاڙهه تہ لشڪر ويو، سري آءٌ تون سيج تي.

مارئي

شرم توکي ناهي ڪو، چاڙهين ٿو لشڪر،
نفس نامراد جـــي، تو تي ڪرت ڪئر،
ڇڏي ڏي شرارت ڪي، ڦٽي ڪر پڇر،
رعيت ڪي مارڻ جو، ڪم ڪندا آهن خر،
غريبن جـــا گهر، ڇو ٿو ڦٽائين سومرا؟

عمر

ٽيويھين رات اچي ڪري، عمر چيو هيئن:
تہ مارئي! محبت تو بنا، ڪندس آءٌ ڪيئن؟
جيڪا منشا تو سندي، هلان انهيءَ جيئن،
مارو گهرائي ڏيانءِ ملير جا، تو وٽ اچن تيئن،
انهي ريت ۾ ايئن، سري آءٌ تون سيج تي.

مارئي

محبت ڪر سومرين سان، جوڙجيس جن جو،

آءُ تـــہ توکي چاڻان ٿي، اي ءِ، پاءِ پنھنجو،
چو ٿو وچائين ويسھ، تون، ناڻو کڻي منھنجو؟
الست کان اشرافت ۾، ناڻو گڏين جنھن جو،
چڏ پڇو تنھن جو، تہ ملي وڃي مارن مان.

عمر

چوويهين رات مارئيءَ کي، عمر چيو آءُ،
پُڏايانءِ ٿو ڳالهڙي، جا مُڪي تنھنجي ماءُ:
پُڇج هن پاندبڙي کان، مارن واءُ سڻاءُ،
مادر چوايو تنھنجيءَ، چـــڏي ڏي وڻاھ،
نيک رکج ناھ، سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

عمر! ناھ نہ ناھ، منھنجن اباڻن تي،
اھڙن پيغامن مـــان، وريو کين کٿي،
ھلندين نيت حساب لئي، مـڙندو جـڳ جتي،
ھـت وڏائـي تنھنجو، رھندو سـڀ ھتي،
کـتندو سو آتي، جڳ جنھن راضي رکيو.

عمر

پنجويهين رات پرت جي، عمر ڪئي تقرير:
تہ منھنجي هن محبت جي، وڏي آ تحرير،
هـوڏ هـٹ چڏ کڻي، تہ معاف ڪيانءِ تقصير،
۽ مائٽ گھرائي تنھنجا، ڪريان سڀ امير،
وڏا ڪيانءِ وزيـر، سري آءُ تـون سيج تي.

مارئي

اميرن وزيـرن مـــان، منھنجا ڇا چاڙن!
عيب نـہ لاءِ اشرافن کي، منھنجن اباڻن،
جيڪي رھن جھنگن ۾، سي حڪم ڇا چاڙن!

رڊن ۽ ٻڪرين کي، تـــا اهي مڃاڻن،
اهـــڙن اهڃاڻن، مـارو اٿئي ملـيـر جا.

عمر

چوڏهين رات عمر چيو: مارئي! آ محبت،
شوق شتاب تنهنجو، انـدر آهـــي الـفـت،
ڪيڏي رکي توکٽي، مون سان ٿي ڪلفت،
مونکي تنهنجي محبت مـــان، رسي آ مشقت،
سک رکي صحبت، سري آءُ ڏون سيج تي.

مارئي

ظلم زوريءَ سان وٺـــي، مونـکي تو آندو،
مـارن ٻاجهون منهنجو، مـن آهـــي ماندو،
بنديانيءَ کـي بند مـان، ڪندو رب واندو!
منهنجو ملڪ ملير سان، آهي ڳنڍ ۽ ڳانڍو،
قسمت هـيت آندو، ڪـري قيدياڻي ڪوٽ ۾.

عمر

ستاويهين سختي ڇـڏي، نـرميءَ سان آيو،
ڪيائين قصو قرب جو، مونکي سورن ورايو،
سڙان تـــو سوز ۾، ۽ جـوشـن جلايو،
منت منهنجي مـيج ڪا، لـکي لنؤ لايو،
ضد آ اجـايو، سري آءُ تـون سيج تي.

مارئي

لوڪن ڪان اهي لڪن، جي نڌڻڪيون هجن،
خون ڪٿوري کين لڪي، ڪٿي ورهيم گذرن،
عيب اشرافن جـا، پڌر شل نـــه پون!
ڪميڻي ڪرتوت سان، مري چو نـــه وڃن!
اهڙيون کين جيئن، جن جي لڄ لٿل هجي.

عمر

اٺاويهين اڌ رات ٽائين، عمر گذاريو،
ڪريان ڪيئن، ڪاڏي وڃان؟ وريو نا وارو،
هوڏنهن عشق اندر ۾ آهي آمارو،
هتي ورِي وينگس وٽ چلي نا چارو،
ورور چئي ويچارو، سري آءُ تون سيج تي.

مارئي

خان! نہ ڪپائج مونکي، آهين جي اشراف،
اٽئي ڪا اڳيئون جي، جا توريندو صراف،
ميرو من نہ منهنجو، آهي صفا صاف،
مونکي چڏي مارن ڏي، عدل ڪر انصاف،
سينو رکج صاف، پونديءَ ڪم قهار سان.

ڏينهان راتيان گذرندي، رات **اوڻيهين** آئي،
تڏهن بہ عمر کان، وسري نا وائي،
جنهن پاليو هُئو عمر کي، سا نہ هُئي دائي،
ويئي هئي ورهين ڪان، پنهنجي گهر مائي،
اوچتو انهيءَ ڏينهن، آها پِي آئي،
پانهين منجهان هڪڙي، خبر هيءَ ٻُڌائي،
دائيءَ چيو: ڏسان مان، اها حور ڪٿان آئي؟
سچاڻي مارئيءَ کي، وات ڪيائين وائي،
اها تہ پلي عمر سان، ننڍي هوندي جائي،
پنهي جي هڪڙي ٿئي مادر ۽ مائي،
انهن پيتو کير، هڪ جفت تي جائي،
هي تہ ٿين ڀاڻ ۾ ڀيڻ ۽ ڀائي،
تڪڙو تڪڙو آئندي، سا عمر وٽ آئي،
اچي حقيقت حيرت جي دائيءَ سٽائي،
چرڪ ڀري عمر اٿيو، وسريس تڏهن وائي،

مونکي ئي خيانت کان، تو بچايو دائي!
آهي واحد وڏائي، جو بچائي ٻڙاين کان.

ڏهين رات اميرن سان، عمر ڪئي گفتار:
خدا بچايو مونکي، پاڪ پروردگار،
توٻهه ڪيم دل سان، سائين در ستار،
ڪيئن موٽايان مارئي، گهرايان پنهوار؟
چيائون: گهرائي مارن کي، نيڪي ڪر نروار،
ويو ساڻهو مارن ڏي، آيا جهٽ ڏنار،
امانت ڏيئي انهن کي، ڪيائين قول قرار،
ته پرڻائيندس مارئي، دختر ڪري ڏنار،
ڪيائين سانباهو سهج جو، آخر اڪيچار،
ڏنائين ڏاج گهڻي سان، سهڻي سا سردار،
خوشيءَ مان ڪيت وٺي ويو لعل ڪنوار،
پهتا اچي ماڳهين، اهي پاڻ پنهوار،
آڪاڻي انهن جي، آ ملڪن ۾ پچار،
اڄ تائين مارئيءَ جي، آهي ئي گفتار،
حرمت بچي مارئيءَ جي، الله جي آڌار،
آهن احسان ربّ جا، مٿي انسان جفاڪار،
آفرين آهي عمر کي، جنهن پاڻ جهليو هئي ڌار،
شابس مارئي کي آهي، جا هئي ذات ڏنار،
لعنت آهي ٺوڳ تي، هميشه ٺڳڪار،
"شيرل" هن قصي جي، ڪئي آهي وستار،
سائين ربّ ستار! بچائج بدين کان.

جيڪا سچي سيل سان، هئي سچاري،
سا ڪڏهن ٿيندي ڪا نه ڪا، ڪاري ڪانياري،
نه ڪي ٿيندي ملڪ ۾، ميري مياري،

پار لنگھائج پرورا! تون، سڀ ڪا اٽاري،
ڪري ستاري! تون ستر ڍڪ سڀن سندو.

ڏيهہ راتيون: مارئي*

(محمد اعظم هگورو)

[محمد اعظم پٽ ڏتي بخش هگورو، ڳوٺ ڪاٺ لشڪر، تعلقي ڪڪڙ جو رهاڪو آهي. ۱۳۴۸ه/۱۶- جنوري ۱۹۳۰ع ۾ ڄائو. هن وقت سنڌي ماستر آهي.]

عمر

ڇهرين رات پريت مان، ڪيو عمر هي اظهار:
تہ منٿ مڃ مون مارئي! نالي پالڻهار،
ٿيءُ وني تون منهنجي، ڇڏ پيڪن جي تہ پچار،
ڪر ڪين انڪار، هي سوال سڻ مون سائل جو.

مارئي

تڏهن مارئيءَ چيو عمر کي، ٻڌج حال هيءُ:
پاءُ پانيان ٿي توکي ءُ سمجهان برابر پيءُ،
ڇڏ تہ موٽي ملڪ وڃان، تون سهڻا! سياڻو ٿيءُ،
توکي چون آهي جيءُ، جيڪي مت تنهنجو ميان سومرا!

عمر

رات ڏيءَ جو مارئيءَ وٽ، آيو عمر چام،
اچي چيو جنهن مارئيءَ کي، مڃ منهنجي اها مام،
اهي لاهہ لٽا لڱن تان، ڪر ويس وڳا جام،
کائج سؤ سؤ طعام، ڇڏج خيال ڪنن جو.

مارئي

تڏهن مارئيءَ ڪيو عمر سان، هي حال هنجون هاري:
مونکي ميان سومرا! ٿي مام تنهنجي ماري،

* هيءَ روايت آتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان "آصف" کان ملي.

اهي ويس وڳا مون کين ڏي، ڏج سومرين کي ساري،
مان لوئي لچاري، کين ويهنديس کونه.

عمر

ٽي رات ٽلي، آيو عمر مير امير،
چيو جنهن مارئيءَ کي، او منهنجي ماهه منير!
آهي تڪرار تنهنجي، دل ڪئي دلگير،
هاڻي ڪلي ڪائج کير، ڪر نه ارڏايون اهڙيون.

مارئي

مارئيءَ ٻڌي مذڪور هيءُ، ڪئي حقيقت هن پر:
پيو ور ڪيان مان ڪيئن ادا! مون آهي اڳهين ور،
اهڙي ڳالهه اوکي، مون سان ڪڏهن نه ڪائي ڪر،
او منهنجا پاءَ سڌر! تون ته ماڙ ڪج مسکين تي.

عمر

چيو **چوٿين** رات چٽائي، عمر اچي هيئن:
او مارئي مٺڙي! توسوا، ڀلا گهاريان گهڙي ڪيئن؟
عرض اگهائج مون سندو، وٺي توکي جيئن،
هاڻ لڳ هنئين سينءُ، ڪر نه ڪائي دير تون.

مارئي

ٻڌي خبر هيءَ ڪري، رنو مارئيءَ زاروزار،
چيو جنهن عمر کي، تڏهن هٿ ٻڌي هن پار:
اهي خيال ڦٽي ڪر خان! تون، سهڻا! لڳ ستار،
تالي جليل جبار، ڪڍ بنديائي بند مان!

عمر

پنجين رات پيار مان، آيو عمر هلي،
مارئيءَ سان مذڪور هي، ڪيو خان کلي:

مڇج رايو محبڙي! تني ٔ نــ تنهن ۾ تـون ڏلي،
منهنجو هئ دلي، خيال نــ پيچ تون مارئي!

مارئي

حـال سٽندي مـارئـيءَ، چيو هيٺن چتائي:
ادا عـمـر! هـيءَ ڳالهڙي، پڌج ڪنڙو لائي،
ور هوندي مان ورڪري، ڪين ويهنديس لوئي لڄائي،
هيٺين ساڻ هنڊائي، هي حرف پڌ تون حق جا.

عمر

چوٿين رات چـوهـ مـان، عـمـر چـام آيـو،
اچي جنهن مارئيءَ سان، ڪيو روح سندو رايو،
مارئي! تنهنجي محبت آ، منهنجو جئ جلايو،
سورن اکهين ستايو، ڪر ڪين وڏيڪ ڪلور تون.

مارئي

پڌي پانهون ادب سان، تڏ مارئيءَ هيٺن چيو:
منهنجا مـتـڙا پـائـڙا! چو تيـو آهين چريو؟
تنهنجي ان ڪلور آ، مون سان ويل ڪيو،
توکي رحم نه پيو، کوهه تان ڪٽندي خان! ڪو.

عمر

ستين رات سلطان، آيـو سؤ سؤ ويـس ڪٽي،
پاءِ وڳـا تـون ويس هـي، منهنجو سوال سٽي،
اهي لـٽـا ليڙون ٽيا، هي اٽـن چـڪ گهٽي،
ويئي تون آهين وٽي، نه ته ماٺهو ته گهٽا هن ملڪ ۾.

مارئي

تڏهن مارئيءَ چيو عـمـر کي، منهنجا خيرخواهه!
تنهنجن وڳن ويسن جي، مونکي تات توڙٺون ناهه،

اهي لنا اباڻن جا، آهن برابر ساهه،
ڪري نيڪ نگاهه، موڪلائج منڊ ملير ڏي.

عمر

اڄين رات اڪل ڪري، سومري آندو سينگار،
پاءِ منهنجي او مارئي! تون ڪجل نشيدار،
لڳاءِ لالي لبن کي، ته ڪن ڳاڙهو رنگ اختيار،
ڪري جام جنسار، ٿلي ويهه هلي ٿيلي تي.

مارئي

مارئيءَ سرڪي تڏهن ڪيو، ادب ساڻ اظهار:
اهو ڪم ڪمينن جو، ڪن ورن بنا سينگار،
ٻَن وجهان مان سومرا! تهنجا عجائب اسرار،
اهي سومرا سردار! رنگ ڪراءِ وڃي راڻين کي.

عمر

ڏاڍين رات نئون روپ ڪري، آند ئين طرحين طعام،
ڪاءُ تون منهنجي مارئي! لڳ ڏٺيءَ جي نام،
ڏيان مان ٻنهنجي هٿن سان، پري جام جام،
ڦِٽا ڪر خيال خام، اچي ويهه مون اوڏڙي.

مارئي

تڏهن مارئيءَ چيو عمر کي، اهي ڪاڄ نه ڪائينديس،
پري پيٽ پٽلائن سان، ٽِڪو نه ٻاڻ کي لائينديس،
ڪائي خورما، چاشنيون، ٻنهنجن کي نه لڄائينديس،
سان زهر پائينديس، اهي طعام تنهنجا سومرا!

عمر

آيو ڏهين رات ڪٺي، چيريون، هنڙا، چليون،
چوڙا، پيڙا، جهومڪ، سهٽيون سوين سڳيون،

اڇي رکيائين مارئيءَ جي، ڪٺي سڀ اڳيئون،
ٻاءِ هي هار هٿيون، عمر ڪيو اڇي عرض هيءُ.

مارئي

ڏسي مارئيءَ ڳهن کي، ڪئي زور منجهان زاري،
ڪيئن پايان هي نانگ، ادا! مان نماڻي ناري،
پسندي ڳهڻا تنهنجا، ٿي جان ڏکي ساري،
ڪري پنهنجي ستاري، هيءَ مار ڪٽي وڃ مير عمر!

عمر

رات **يارهين** ۾ مُکائين، رَنون مکردار،
اڇي جن مارئيءَ وٽ، ڪيو هيءُ اظهار:
مياڻي ٿيءُ سچ! تون، پنهنجو ڏيان ڏار،
چڙي هوڏ هين وار، اَٿي کلي چڙهه تون کٽ تي.

مارئي

ڏسي رنون مکر جنون، ڪيو مارئيءَ هي مذڪور:
ور مٽائڻ زر تي، اهو آهي اوهان جو دستور،
گهٽو نہ ڏکو يو ڏکيءَ کي، مونکي سوين اڳهين سور،
ڪيو ڪين رنجور، ناحق مون مسڪين کي.

عمر

ٻارهين رات وري اچي، ڪيائون حقيقت حال:
مارئي! تنهنجي سڪ، ڀانئي سومرو گهڙي سال،
ڪري قربان تو مٿان، سڀ مڏيون ۽ مال،
ڇڏي خام خيال، ڀائج ڀير پلنگ تي.

مارئي

تڏهن مارئيءَ چيو انهن کي: او رنون مڪردار!
ڏڇو ڏاءَ انهيءَ جي، جنهن جو نالو آهي قهار،

متان وجهڙيوَ ڪا ڇپ ماٺون، ڪريوَ خراب خوار،
نڪري وڃو هڪوار، نہ تہ ساڙ ڪيندينسانوَ سومري جا.

عمر

تيرهين رات عمر مٿڪا، ڪري امير تيار،
اچي ڇيو جن مارئيءَ کي، او مارئي ايلپڻوار!
اسين آيا آهيون ميڙ تي، پارئون سومري سردار،
ڪري ڦٽي تڪرار، راڻي ٿيءُ هلي راڄ جي.

مارئي

آئي تن اميرن کي، مارئيءَ هيئن چتايو:
اوهين نياڻين سياڻين وارا، ڪيئن ٿا ڪچا ڪم ڪمايو؟
انهيءَ ڏنڌي ڪان ڪٽي ڏاڙهي مڇون منايو،
ڇو ٿا لڄ وڃايو؟ توهين قابو رهو. پنهنجي ڪم تي.

عمر

چوڏهين رات چاهہ مان، عمر مُلان وهاريا،
جن اچي مارئيءَ کي، ڏيڍا خوب ڦوڪاريا،
پڙهي نقشا نقش ڪيئن، پرت منجهان پياريا،
پوءِ ڏنا تن زاريا، تہ پاڇو اٿس ڪنهن پريءَ جو.

مارئي

پڌي خبر ملن جي، آئي مارئيءَ هيئن چيو:
مطلب خاطر پنهنجي، اوهان خوب ڪيو،
شرم نہ ڪوئي اوهان کي، هٺدي ڪوڙ ٿيو،
توهان چو نہ چيو، تہ مارئي موٽائج ملير ڏي.

عمر

پندرهين رات پاڻ هليو، عمر چام آيو،
اچي تنهن مارئيءَ کي، پنهنجو حال پڌايو:
مارئي! ڪجهہ ڏيان ڏار، ڇڏ شيطاني رايو؛

نہ ڪر خيال اجايو، تون ڪلي و يھہ مون سان ڪٽ تي.

مارئي

آئي گھٽي ادب سان، ڪيو مارئي پنھنجو حال:
مون وِلھيءَ تي ڇاءِ عمر! ڪر پلايون پال،
پاڻ پانيان ٿي توکي، تون ڇڏ اجايا خيال،
ھيءَ سٺي منھنجو سوال، مونکي ماڳ پھچاءِ پاڻڙا!

عمر

سورھين رات سھي سنبري، ڪيو عمر ھيءَ اعلان:
مارئي! تنھنجي محبت ۾، مون رکيو تنھنجو مان،
پر نہ ڪئي تو عزت منھنجي، نہ ڪي رکيئي شان،
ھاڻي ڪائي ڇڏينديس ڪانہ، منٿ تنھنجي مان مارئي!

مارئي

ٻڌي خبر مارئي چيو، ادا! نہ اھڙو ٿيءُ،
تون بادشاھہ ملڪ جو، سڄي رعيت سندو پيءُ،
انھيءَ قول مطابق، مان آھيان تنھنجي ڌيءُ،
تڏھن چوان توکي جيءُ، جڏھن ڪري پيٽ ٻڪارين.

عمر

سترھين رات سومري، ذڪر ھيءُ ڪيو:
تہ مارئي! مرم توکي پنھنجو، ذرو ڪونہ پيو،
نہ ڪنھن پير فقير جو، تو تي اثر ٿيو،
باقي ڇاھي رھيو؟ مانَ منھنجي ۾ مارئي!

مارئي

تڏھن مارئيءَ چيو ادب سان، ادا! الله عزت وڌائي،
جُڙيو ھوندين شل جڳ ۾، ٿيندءِ عمر سوائي!
دشمن تنھنجا، ڏٺي ڪندو مرندا موچڙا کائي،

ڪر ٻُرڻ ساڻ ڀلائي، تہ نيڪي ٿيئي جهان ۾.

عمر

ارڙهين رات عمر اچي، ڪيو هيءُ ڪلام:
ڪين ڇڏيند وساڻ مارئي! هوند ڏين بند مدام،
انهيءَ هنڌ تنهنجو، ڪندس مرڻ مقام،
جڏهن ٿيندءِ عزت نيلام، تڏهن هٽنديندءَ پوءِ تون هٽڙا.

مارئي

عمر! ڏڙڪا ڪين ڏي، آهي سِر تريءَ تي تيار،
جيڪي اچيئي سمجهہ ۾، سا ڀلي ڪر تون ڪار،
ڪري ڏوهہ ۽ پاپ تون، پنهنجو نام آجار،
ڪجهہ ڏيان عمر! ڏار، نماڻين سان تو ناحق ڪرين.

عمر

اوڻيهين رات عمر آيو، گهُنڊ مُنهن ۾ پائي،
اچي چيو جنهن مارئي کي، ڇڏيئي جگر جلائي،
مُنهي! شل ڪا مار پويئي، تو آهي ڪنيو تپائي!
ڇڏيان هوند ڪپائي، ڪنڌ تنهنجو ڪٽاريءَ سان.

مارئي

تڏهن مارئيءَ چيو عمر کي، ادا! دير نہ ڪر،
ڀلي ڪپائج تون منهنجو، هيءُ سچو سڱڙ سر،
ناهي انهيءَ ڳالهہ جو، مونکي خوف خطر،
نالي ناٿءَ پرور! نہ ڪر ڍر تون ڪنڌ ڪپڻ ۾.

عمر

ويهين رات وري اچي، عمر چيو هن پار:
حيلا هلايا مون گهڻا، آهن تو سان لک هزار،
رُڳي آڻ تڻ تنهنجي، آهي ليل نهار،

هاڻي ڪيان ڪهڙي ڪار، تو سان، ٻڌاءِ تون مارئي!

مارئي

مارئيءَ ٻڌي هن مام کي، ڇيو هن پر روئي،
جيڪي وٺي ميان سومرا! ڪج مون سان سوئي،
آهيان وس اوهان جي، منهنجو وس نہ ڪوئي،
منهنجو آهي اهوئي، عرض اوهان کي پايڙا!

عمر

ايڪيهين رات اچي ڪري، عمر ڪئي آزي،
نالي نانءَ ڏٺيءَ جي، تي مارئي! مون سان راضي،
پايان توکي پوشاڪ اچي، ترت منجهانئرا تازي،
آئي هڪدم قاضي، لائون لهان تو لڏڻ! سان.

مارئي

ٻڌي عمر جي مارئيءَ، عجب هيءَ گفتار،
چيا گهڻي تنهن چاهہ مان، لفظ هي نروار:
ٻڌائج ادا! مونکي، منهنجا عقل جا سردار!
ڪنهن ڪيو ياءُ پتار، آهي منجهہ جهان ۾؟

عمر

ٻاويهين رات ٻوليو، عمر اچي هي ٻول:
مارئي منڙي! تو تان وچان اول گهول،
مارونڙا من تان، تون پلائي ڪري پول،
اچي منهنجي ڍول! ويهہ سهج منجهان سيج تي.

مارئي

ٻڌي ٻول عمر جا، مارئيءَ ڪئي هيءَ بات،
ادا! نفس شيطاني ڪي، ماري ڪج مات،
مونکي آکير آباڻن جي، ٻي وائي نہ ڪائي وات،

تن جنهن جي تات، سي مارو ملاءِ مونکي.

عمر

ٽيوڏهين رات ٽلي، آيو عمر مارئيءَ وٽ،
او سڄڻ سهڻي! مون کان، ڪڏهن نہ منهڙو مٽ،
تنهنجي درد فراق ڪيا، دل ۾ سوين ڦٽ،
اهي پهه اجايا سٽ، ڪر ماڙ مون تي مارئي!

مارئي

خبر پڏندي خان جي، ڪيو مارئيءَ هيءُ اظهار:
پيا سپ پانيان پائر ٽي، سواءِ هڪ پتار،
ڪيت نالي مون ٽيو، آهي سر سندو سردار،
هاٿي ڪري ڏس ويچار، ڪيئن ور مٽايان سومرا!

عمر

چوڏهين رات چاهہ مان، آيو عمر هلي،
مارئي! تنهنجو مونکي، آهي درد دلي،
سڪ تنهنجي سوداءُ ڏنو، جگر ويو جلي،
ڪر ڪو حياءُ رُلي! ميچ آزي نيازي مون سندي.

مارئي

تڏهن چيو عمر کي مارئيءَ: منهنجا سهڻا سردار!
هوڏهون باهہ، هوڏانهن پيت، وڃان ڪهڙي پار؟
ادا! انهيءَ مام جو ڪري ڏس ويچار،
نالي نانءُ مٽار، مونکي موٽاءِ ملير ڏي.

عمر

پنڌرهين رات پيار مان، آيو عمر مير،
او مارئي! تنهنجي محبت ۾، نيٽين وهايم نير،
تنهنجي ان ڏاڍائيءَ، ڪيا آهن جگر ۾ جهير،

توڙي مسڪين پيو فقير، ته به ڪين مڃيو تو مارئي!

مارئي

تڏهن مارئيءَ چيو عمر کي، منهنجا سچ سلطان!
مٿنهن ونائي محلن تي، مارو لجائيندس ڪان،
ور ته ڪنديس پيو ڪينڪي، جيتر هونديم جان،
رکي منهنجو مان، مونکي موٽاءِ ملير ڏي.

عمر

چوڏهين رات چوڏهين ماڻ، ڪيو عمر هي حال:
مارئي! تو جهڙي ملڪ ۾ ڪانه ڏٺم ڪا زال،
اهڙيون منهنجي رعيت ۾، پيون ٿين زالون شال!
توڙي گهوريم مال، ته به سالم رهينءَ تون ست تي.

مارئي

پڌي خبر هيءَ مارئيءَ، چيو منجهان چاهه:
سرندي ٿرئين ميان سومرا! توکي شابس آهه!
هوندين خوش سدائين، هوندءِ راضي الله!
اهڙي رحم اٿاهه، جڙيو هوندين شل جهان ۾!

عمر

ستاويهين رات سيگهه ماڻ، آيو عمر راءِ،
اچي چيو مارئيءَ کي، منهنجي جيجل ماءُ!
هاڻي وهنجي سهنجي، هي ويس وڳا تون پاءِ،
ٿي رهندس تنهنجو پاءُ، قيامت تائين پيڻ! ماڻ.

مارئي

پڌندي خبر عمر جي، پئي مارئي خوب ٺري،
ڊوڙي اچي تنهن جي، پيرن تي ڪري،
چيو جنهن سلطان کي، شل ٿيندءِ عمر خضري!

ڪنهن بخت سڪندري، ڏٺي سٺي هي سوال منهنجو.

عمر

رات **اڻاويهين** آيو، عمر رکي هيءُ رايو،
اڄي جنهن ماروئي کي، پنهنجو حال سڻايو:
منهنجي مٺڙي پيءُ! هاڻ ڪر سنيرڻ جو سعيو،
ڪيان مطلب سڄايو، هلي دل سند و تنهنجي ديس ۾.

ماروئي

خوش ٿي تڏهن ماروئيءَ، آٿي هيئن چيو:
منهنجا مٺڙا پايڙا! تو آڏي مونکي ڇڏيو،
صدقو ٿيان تنهن صاحب تان، جنهن مون تي ڪرم ڪيو،
آهي هاڻ نريو، پڌي خبر هيءَ خان جي.

عمر

رات **اوڻٽيهين** آيو، ٿي عمر ترت تيار،
چيو جنهن ماروئيءَ کي، نڪري ٿيءُ نروار،
هلي پَس پنهنجا، مارو مٺيادار،
ڪري سرس سينگار، چڙهه هلي تون چانگي تي.

ماروئي

پڌندي خبر ماروئيءَ، ڪيو هلڻ جو سعيو،
"اعظم" اڄي جنهن آٽ تي، پير پرتئون پايو،
آٽي عمر تنهن کي، سائڻن ساڻ ملايو،
مولا وارو ورايو، مليا وڇڙيا وڇڙيلن سان.

ٽيهين رات عمر ماروئيءَ، مارن منجهه گذاري،
صبح ٿيندي سومري، ڪرائي شاديءَ جي تياري،
وڇڙيا مليا وڇڙيلن سان، لٿي مونجهاري،
ويئي خزان آئي بهاري، "اعظم" انهيءَ ربت سان.

——○——

ڏيھہ راتيون: مارئي*

(حافظ تکڙائي)

[حافظ حاجي حامد، ٽکڙ (وسي ملوڪ شاھہ) تعلقي گوني ضلعي حيدرآباد جو ويٺل ھو. ٽن ورھين جي عمر ۾ ماتا جي بيماريءَ ۾ نابين ٿيو. قرآن شريف جا اٺ سيپارا سنڌ ۾ حفظ ڪري، باقي ٻاويھہ سيپارا مديني شريف ۾ صرف اٺن مھينن ۾ ياد ڪيائين ۽ ٻہ حج پڙھي وطن وريو. عربيءَ جي تعليم 'مُلا ڪاتيار' ۾ ولي محمد درس وٽان حاصل ڪيائين. آخر شادي ڪري، پنھنجي ڳوٺ ۾ ڪپڙي جو واپار شروع ڪيائين. سندس ڪلام جو مجموعو "ارمغان حامد" مشھور آھي. حافظ حامد ١٣١٥ھ/ ١٨٩٦ع ۾ جوڌپور علائقي جي چاريلي مڪان ۾ وفات ڪئي.]

عمرڪوٽ ۾ اسر آندي آھيان،
ملڻ ڪاڻ مارن جي ماندي آھيان.

مُنجھي مارين ۾ ٿيو من ملول،
ڪري قلب ڪنھن پر نہ ڪونيون قبول.

وِجھل ۾ ولھارن جي جھانگي جتي،
ڪريان حادثا منجھہ حويلين ھتي.

نہ مرتيون، نہ سانگي، نہ مارو، ملير،
سلاڻ؟ ساڻ ڪنھن سور جو منجھہ سرير؟

ٿيا ڏور ديسي، ھتي ڏاريان،
ڏکيا ڏينھن راتيون گھنگھر گھاريان.

پريان؟ ڏار ڦرڻ مون رنج رات ٿي،
ڪپت ۾ ڪٽي پار ھر ياد ٿي.

* "ارمغان حامد"، مطبوع ھاشمي پريس حيدرآباد سنڌ، سنہ ١٩٣٩ع تان ورتل.

ٽي ٻـَر ٻـَر ڪريان **ٻي** سنڀاليو سگهر،
ڪٿي ملڪ مارو، ڪٿي ويڙهه وَر؟

ٽـري ڪين **ٽي** رات مـن ڪـان ملير،
آداسيو آهـر لاءِ سانـگـيـن سريرُ.

چـُريم چـاڪ **چوٿين** هنئين منجهه هزار،
نـہ وسرن وري وير ڪنهن مون ولهار.

پلـر ريءِ پتاشا نـہ **پنجين** پيان،
پـُلائون ۽ پاپڙ نـہ خوش ٿي کـيان.

ڇهين رات پيا ڇيهه منهنجا ڇـجي،
اکين آب وهايو جيئن بـادل ڀڃي.

ستين سوءِ ساڏيهه جي مرهڻان مري،
اڇو انـگ نـہ اوڍيان وڳو ڪـو وري.

اٺين اهـڙيـائـي وڃـان جي وطن،
تـہ ميرو پسي مـن جيڏيون جس چون!

نئون **نوئين** پيو مـامرو من مـَچـي،
تہ پچيس نـہ پـر پئون ابـاڻن اچـي.

وهـايـام ويهي **ڏهين** ڏُسڪندي،
جـڏو جـيءُ ڪيو سوز سانـگين سندي.

ڪيئون ڪاڻ **ڪارهين** سندي مون سنڀال،
جيڪس جيڪڏهن منهنجي وسري مقال!

ڪڏان هت خدا ڏي ٽي **ٻارهين** ٻئي،
تہ عاجز تيس آءُ پـرڏيهه پئي.

Soorih Mirani

مرم ڪان نہ مکيان تي **چوڏهين** چنڊ ن،
نہ ويڙهيان وري وار ڏاران وطن.

پٽيون پائي **پندرهين** سگهر نينا سين،
نہ سون ڏي مُکيي ڪا ورچ ويڙهيچن.

سنڀاليام **سورهين** سندا ڏيت ڏينگر،
نہ ــــ ڀتراڻيون ڀاڙيان سين پاڻر پٽر؟

سڀاڄهي ڪي **سترهين** سندم عرض اي:
تہ قادر! پچين ڪوٽ، سين حڪم هي.

آئا آبر **ارڙهين** ڏونهہ ڏارن ملار،
ڏُئي شال ورندام سانگئون سنگهار!

اٿم آس **اُڻيهين** تہ مارن ميلي،
چونڊينديا س چيڙيون ۾ ڪيٽن ڪيلي.

ويهين وڃهل ۾ جال هاريان تي جَر،
تہ هين منڊ هٽُتي هوندو ڦوگين ۾ ڦر.

الله! آڻ **ايڪيهين** ڪو وانگي وٽان ِ،
ٽئي ساهہ سرهو سٽي سَڌ سنديان ِ.

ڏي ڀاڪاريان **ٻاويهين** انهن لئي اپر،
ڪيڄان ڪاهوڙين لاءِ ويڻي ويڙر.

ڏمائين **ٽيويهين** نديون نيهر نيڻ،
ڀيا ياد ڀاٽُر جا سانگي مون سيڻ.

ستي سڻام ساٽيهہ جا **چوويهين** چڙا،
آڏيان تان' اڃا قيد قابو ڪڙا!

Soorih Mirani

ٻـَهي **پنجويهين** کونہ موٽيو وري،
ڏيهاين جي ڏئي جو خبر مون کري.

چوويهين چانگڙيون هـُوجي چوڙيون هـُنن،
ٽا آڏا اکين کي سي ڦرڙا ڦرن.

ستاويهين سبب صلح جو ٽي گهران،
عمر! عدل کر تانُ وطن ڏي وران.

اٺاويهين آتـــانُ انهيءَ انتظار،
تہ ڪيئن راج رسندي سانگياڻي سنگهار؟

آهيان **اُوڻٽيهين** کئي بيزار بند،
ڪڏهن لوهہ لهندا جي قابو ڪمند؟

ٽِڪي ڪين **ٽيهين** هيئڙون هاڻ هِت،
سگهان سومرا! ڪيئن پـَلي پاڻ هِت؟

پـُنو ماهہ، مارو نہ موٽيا اجان،
تہ مون وس وَسي ڪا تہ ويڙهين وڃان.

نہ ڪو رحم رقت عمر عدل ڪيو،
ڏسان ڏيهہ ڏٺيءَ ريءَ نہ ٻاجهائيندو ٻيو.

ڪريان عرض آگي کي نت سان نياز:
تہ قادر ڪرم جا ڏٺي ڪار ساز!

سندا سومري بند خانا ڀڃن،
ٻرن ٻيڙيون، ڪوٽ ٻانهيون ڪرن!

پرم سين بندياڻيءَ کي مارن ملاءِ،
ڪري وصل واحد! وڇوڙو وڃاءِ.

Soorih Mirani

هلي مــون هتان تني الله سين امن،
پکهين پاريان ساڻ سرتين سمن.

گهرئي سان گهڻا ڏينهن گهاريم هيتي،
لکيا لوح جا امر پاريم هيتي.

تني حڪم هاڻي سندو عفو ايئن،
وطن ۾ وتان گڏ ني جيڏين سان جيئن.

ڏسي حال "حامد" جو عاجز اپر،
معافي مدايون ڪرم ساڻ ڪر.

تون رحمت ڌڻي رب! بخشين بديون،
تون ڏڪين ڏيهين ڏانَ ميٽين مديون.

لاهين ليک اندر تون مڙئي مامرو،
عطا تنهنجي جيڏو اتم آسرو.

—○—

ڏيهه راتيون: مارئي*

(مل محمود پلي)

[محمود پٽ طالب ذات پلي ڀاڙو اجيجاڻي درس، ڳوٺ حاجي عبداللطيف پليءَ جو ويٺل هو، جو عمرڪوٽ کان ٻارهن ميل ڏکڻ طرف آهي. فقير محمود، حاجي عبداللطيف وٽ پڙهي قرآن شريف جو ياد حافظ ٿيو. پوءِ فقير جي شادي وري 'کاٺوڙي' وارن راڄڙن مان ٿي. فقير تي 'مل' نالو انهيءَ ڪري پيو جو هُو بدن ۾ سنهون ۽ قد جو ڊگهو هو، جهڙو چؤنري جو 'مل' (اندران چؤنري جي جهل لاءِ ڊگها ڪايا، جن مان هرهڪ کي مل چئبو آهي). ڪيس دوستن انهيءَ نالي سان ڪوٺيو ته پاڻ به ڪٿي اهو نالو شعر ۾ آندائين. سندس ڪلام ٻن جلدن ۾ ڇپيل آهي، مجمع العجائب ۽ ليليٰ مجنون، جنهن جي آخر ۾ نصيحت نامون پڻ ڏنل آهي. سنه ۱۳۵۰ھ/۱۹۳۱ع ۾ وفات ڪيائين.]

چوان حمد تنهن کي جو صاحب ستار،
ڏني پاڪ پرور سو غافر غفار،
وسيلو ولهن جو محمد موچار،
سدا ويٺي ساريان پرين پيغمبر۔
لکٿي انگ آٿي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڻاٽا سفر.

ڀنڀو رات ڦهرڻ اچي ڪوٽ ۾،
وڇوڙي ورهه جي چڙهيس چوٽ ۾،
جليو جيءُ سارو ڏکٿي ڏوٽ ۾،

* "مجمع العجائب" مطبوع ليٿو پرنٽنگ پريس ڪراچي، سنه ۱۳۵۹ھ تان ورتل.

ڏسيو محل ماڙيون ڪريان هل حشر-
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڻاٽا سفر.

ٻــئي رات ٻي تون عمر جو عرض،
ڪيلي ويھ ڪٽ ٿي رکي دل غرض،
لڳئي ڪان ڪهڙو ڪان ماٺهن مرض؟
صفا صاف سرهاڻ ڪوٺيون قصر-
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڻاٽا سفر.

ٽئي رات ٽين جو، نہ مونکي جڳاءِ،
ڏسيو ڪوٽ ڪنگرا لڳي ٻُٽ ٻاهہ،
پڪا جي پهنوارن جهڙي بهشت جاءِ،
پيلا زور پيانيان صفن ڪان مڪر-
لڪئني انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڻاٽا سفر.

چوان رات چوٿين سٺي تون سنڀال،
مڃين چو نہ منهنجي چوئين چال ڳال،
گُهٽو زور ظالم آهيان پيڪهال،
ڏيئي هيٺ هاڃي ڪند وسئين قهر-
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڻاٽا سفر.

پنجين رات پرزا ڪرين جي قتل،
نہ پُنگن ڪان پانيان مٿي آءٌ محل،
سپان منجھ سرتين ٿيان خوار ڪيل،
سٽيءَ سيل پڳو ڏڪي پر ڏمر-
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!

ويـٺـي قيـد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

ڇهين رات چيا ڪان ڏيئين جوءِ! جواب،
وڏي بيعقل، ڪـر ڪيٽل، تون خراب!
ڪريان زور تو سين، ٿيان بي حجاب،
کڙو وَس تنهنجو نيـا ڳـي نيـڌ ر!
لـکئي انـگ آڻـي اڙايس عمر!
ويـٺـي قيـد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

ستين رات سڻ تون اونائي عليل!
پيا قول ڪوڙا مـڙئـي ڏُز دليل،
جانسين پنّ پـردو رکيو ربّ جليل،
نہ قادر ٿي سگهندين تون شُومي شمر!
لـکئي انـگ آڻـي اڙايس عمر!
ويـٺـي قيـد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

اٺين رات اهـي تون ڪڻي چڏ خيال،
چيو ڪر چڱن جو، قوي جـي ڪمال،
ڏيئين چُوس چوڪا مـڻا بيمثال،
ڀـري ڀُـر پيالا ڀـي شربت شڪر.
لـکئي انـگ آڻـي اڙايس عمر!
ويـٺـي قيـد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

ڏائين رات نيـرئون وُنا سي وڻاڻ،
مـٺـي ملڪ مـارن ڪيا مينهن مانداڻ،
پـيان ڪيئن پتاشا بـہ مـصريـون مڻاڻ؟
مـڻايان مـڻا هـٿ پـڻن ۾ پلر.
لـکئي انـگ آڻـي اڙايس عمر!
ويـٺـي قيـد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

ڏهين رات تو ڏيان ڪئين گولا غلام،

هلاءِ طبل تن تي حڪم ۽ حڪام،
اچن پيش تنهنجي، سوين ڪن سلام،
تون تان ميرزادي، ٻيا سڀ نفر.
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويئي قيد ڪاٽيان سناٽا سفر.

يقيناً ته **ٻارهين** انهيءَ ڪم ڪنان،
پڌيو هت خدا در تي توبهه پنان،
حڪم ڪيئن هلايان مٿي پر ڏنان؟
نه هيءُ مرڪ مارئين، ڦڪائي فخر.
لڪئي انگ آٽي، اڙايس عمر!
ويئي قيد ڪاٽيان، سناٽا سفر.

پُڌي رات **ٻارهين** پاڪارون ڪري،
عمر عيش آندا ڪنڌون ڪُڙ ڏري،
ڪٽي ڪيئن آيو به ڏاڪُون پري،
پُلاءُ، پوڙ، ماني، چيلهن جا چڳر.
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويئي قيد ڪاٽيان سناٽا سفر.

ڪيان ڪين خوش تي نه **تيرهين** طعام،
ڪنڌون، ڪُڙ خوراڪون، مونکي بس بادام،
اسان ڪاج ڪنيون، مريڙو مدام،
ميها، مڪ، مُنگها ڪين سيڪيو مگر.
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويئي قيد ڪاٽيان سناٽا سفر.

چري! رات **چوڏهين** چوڪيهون ڪرين؟
ڪيو درد دانهون پاڪاريو پرين،
هٿيو هت جنين لئي تون ماندي مرين،

تِنهين نيٺ تُنهنجي لَڏي ڪانہ ڪَر.
لڳئي انگ آڻـــي، اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان، سڃاٽا سفر.

جي پَئي رات **پنڌرهين** ڀهنوارن ڀَرو،
ڪِسڻ ڪين ڏينئي ڪو ظالم ذرو،
وِڙهن ڪر ويڙهيچا ڪڍي دنگ درو،
هٽي ڪَپ ڪُهاڙا، ڪَنئي هو ڪَتر.
لڳئي انگ آڻـــي، اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان، سڃاٽا سفر.

ڪري سوال **سورهين** چيو عمر هيئن:
منجهان ميت مارئي! مون سين لائي نينهن،
ٻيو ڪونہ لهندينءَ اهڙو شير شينهن،
جهڙو آءٌ ڀلارو، سونهارو، سڌر.
لڳئي انگ آڻـــي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڃاٽا سفر.

سَتيءَ رات **سترهين** اڳيان ائين چيو:
منهنجو مُڙس مارُو حياتي ٽيو،
اڳيون وَرُ وساري ڪريان ڪيئن ٻيو؟
ٽيان هاب ميهڻي سُپان وچ سَگر.
لڳئي انگ آڻـــي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڃاٽا سفر.

اچي رات **ارڙهين** ڪيا ميڙا مُلن،
مُئن ڀَت ڀانيو، خوشي ڪارڪن،
اڳيان خط پورو جوابي جُڙين،
ڦِڪي منهن ڦِڪا ٽي پيا منجهه فڪر.
لڳئي انگ آڻـــي اڙايس عمر!

ويٺي قيد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

اوڻيهين رات آکيو ٻه مارئي ملي:
ڪچيءَ کهه نه پايان، خوشيءَ مان کلي،
چندن ڪان ته چوکي سا پانيان پلي،
سندو چيڙهه چوٽي جا مارن جي مر.
لکئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

وڻي ڪين **ويهين** مونکي مشڪ مُور،
مکيانُ ڪيئن منهن کي ڪُڏا هي ڪافُور،
اها **باس** ٻَس مون رکي ربّ غفور!
عطر ڪان ته اگرو پهنوارن پڳهر.
لکئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

عمر! رات **ايڪيهين** هُجان ڪيئن هتي؟
اڇي چِت چڙهيا مون سي سانگي سُتي،
وڃي مُلڪ پيئيان مون جيڏيون جتي،
ڏسان هن اکين سان پاڙيچي ٻهر.
لکئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

ٻاڪاريو ته **ٻاويهين** آيي رت رُئان،
مگر ڪونه ماڻهو ڪو اهڙو لهان،
جنهن کي درد دل جو چِتائي چوان،
ٿيا ڏور ڏيهي اباڻا عمر!
لکئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

ٽيويهين رات ٽڙ ڦڙ ٻڌي جهڙ جهڪور،

هُتي مينهن مانداڻا عجب رنگ اور،
هِتي آءُ بنديائي مون سين ظلم زور،
ڏيان ڏوهه ڪنهن کي اڙايس عمر!
لڪئي انگ آڻي اڙايس عمر!
ويئي قيد ڪاٽيان سڻاڻا سفر۔

چوويهين رات چوڏس ماندا ڙا ملهار،
ٿيا عيش عيدون وُٺا سيِ ولهار،
آتر ڪان ٿي آپريا آبر ڪئين آپار،
ڏِسيو هِت ڏهيون ٿيان سي ڪارا ڪڪر۔
لڪئي انگ آڻي اڙايس عمر!
ويئي قيد ڪاٽيان سڻاڻا سفر۔

پيا پُور پنجويهين سندا مرتين،
هُتي جال جيڏيون ولر ڪيو وتن،
هِتي هيڪلي آءُ ڪُسان منجهه ڪوٽن،
ويئي سور پوگيان ڏنا جي ڏاتر۔
لڪئي انگ آڻي اڙايس عمر!
ويئي قيد ڪاٽيان سڻاڻا سفر۔

ڇويهين رات چا لئي تون ڪرئين ڪلور؟
جڏ هين ڏوهه ڏوٽين تي آندئي قصور،
تَڙي ڪرتُرم، پوڙ هيون هوند پُور،
وجهن چو وڇوڙا ننڊ ين ڪي نيٺر؟
لڪئي انگ آڻي اڙايس عمر!
ويئي قيد ڪاٽيان سڻاڻا سفر۔

ستاويهين صلح جي نه ڏي مون صلاح،
ايڏو عيب چاڻي ڪريان ڪيئن گناه؟
تڏهن ظلم هيڏو ڪرين ٿهر هاءِ!

ڪنان ڦٽ ڦوڙائي آهين بيقدر.
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

اڦاو ڏيهين چو آندءِ مٺان ڪوهه ڪٽي؟
ڪري ظلم زورو، ٻه ڏاڙو هٽي،
اها ڦُر نه ڦبندئي، سٽريا! رهه سٽي،
پڇندئي اڳيان ان ڪٿئي جي خبر.
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

عمر! او ڏٽيهين سڄ مون صدا:
مٽران جي مٽوازي هٿي آهه ادا!
مٺان خان ڪسٿن ڪتي لڳ خدا!
امانت سلامت، رساڻيج گهر.
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

لٽو ٽوٽ ڏيهين وڇوڙو ويراڳ،
وريو بخت باري سٽيءَ جو سياڳ،
پاٽر ۾ "پلي" چئي، چڱا چيز چياڳ،
ڪندي مٽرڪ مارئي، وڃي ساڻ ور.
لڪئي انگ آٽي اڙايس عمر!
ويٺي قيد ڪاٽيان سڄاڻا سفر.

پٽو ماهه، مارئي وطن تي وري،
ڇڏي ڪوٽ، بنگلا، پٽن ڏي پري،
مٽيئين ڪين "محمود" مارو مري،
پڙهي پاڪ ڪلمون ويئي وٽ وڳر.

لڪئي انگ آڏي اڙايس عمر!
ويئي قيد ڪاڻيان سڻاڻا سفر.
لا اله الا الله محمد رسول الله

---

(٢)

ڏيهه راتيون: مارئي*

ٻيس رات **ڇهرين** پرين ڪان پري،
آئي ٻاڦ **ٻيءَ** تي سا دونهان ڪري.

هٽيو ڏاڻ **ڏيءَ** تي جلي جيءُ جُنڻو،
ڇُري چاڪ **چوٿين** لڳو حاد ثو.

پنجين رات پلٽيو ڏيئي آب اوت،
ڇڄي من **ڇهين** تي ٿيو ٻوت ٻوت.

ستين رات سمهي نه ڪو دم ٿئي،
اٺين آچ نه بڪ ڪا، وساريائين ٿئي.

ناٿين رات نازل ٿيا سخت سُور،
ڏهين دل ڀڳي ٿي ٿئي منجهه ٻور.

ڪيا رات **ڪارهين** مانداڻا ملار،
منڊل ماهه **ٻارهين** ڇگا ٿيا چوڏار.

طبل تاب **تيرهين** ڪيو آگم اچي،
وُڻا رات **چوڏهين** آبـر آت اچي.

---

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٽئي) مان محمد ٻچل ناريجي ڪان ملي.

ڀيو رات **پندرهين** پڻ ۾ ڀار،
ٽيا سهنج **سورهين**، لٿي آج آهر.

سوين ماهه **سترهين** ٻچي ڀٽ ڀيا،
لڳي اوگهه **ارڙهين** ولين جا ويا.

آئي بانس **اوڻيهين** سندي ڀڻ سُرهاڻ،
مڙيئي مشڪ واسيا سي **ويهين** وَٽاڻ.

اپر ماهه **ايڪيهين** هرڻ آت هجن،
ڀهون روجهه **ٻاويهين** ولر ڪيو تن.

تميا نار **ٽيويهين** ڀئي عاشق سندا،
چڙهي چانگي **چوويهين** ڪڏهن آو ايندا!

ڀُڳي آس **پنجويهين**، لٿا ڏرت ڏينهن،
ڇڏيا ڀُر ڪري، **ڇويهين** ملڪ سينهن.

ستاويهين ساجها ڏٺي! واڳ وار،
اٺاويهين عجيبن، مونکي منهن ڏيکار.

آيو **اوڻٽيهين** پڇان ڀاندين،
پريو **ماهه**، مارو اچا ٽا اچن.

ڏيهه راتيون: مارئي*

(زمان شاهه "ساقي")

[زمان شاهه "ساقي" رضوي ٺٽي شهر ۾ ١٣٠٨هه ١٨٩٠ع ۾ ڄائو. پنهنجي وقت جو سٺو شاعر هو ۽ همعصر شعراء ۾ نمايان حيثيت رکندڙ هو. سندس ڪلام ۾ غزل، نظم، ڪافيون، ڏوهيڙا وغيره اچي وڃن ٿا. ١٣٤٥هه/١٩٢٦ع ۾ وفات ڪيائين.]

پيم پهرين رات، عمر! اباڻن ري،
سنگهارن ري سومرا! ٻي وائي نه آهيم وات،
ميوا ڪائڻ مٺڙو، مون نه وڻي محلات،
قضا ڪان ڪيئن ڇٽان؟ جي پڇان ڪيچ قلات،
"زمان شاهه" آکندي آهيان، مون تي سورن ڪئي سڪرات،
هوندا شال حيات، ويڙهيچا وطن ۾!

ماري سنگهارن ڪي، ڏيءَ ڪيم ٻاڪار،
سورن سڪ ڦٿايو، نيڻين وهايان نار،
هائي وجهان هسيون، هاڃي هٿان هار،
ٻاهه ڏيان ٻنگلن کي، ٻانڌيون ڪٽي ٻار،
کهڙي سبب سومرا! ڪيئي ڏٺارن ڪان ڌار؟
"زمان" زارو زار، آهيان اباڻن ري.

مارن ري هي من، نٿو ڏيءَ ٽڪي،
پکن کي پهنوارن جي، سندم ساهه سڪي،
محبت مارو ئڙن جي، سونکي وجهو چرڪ چڪي،
لڳو عشق اندر ۾، لوڪان ڪيئن لڪي!

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان محمد طالب لوهار کان ملي.

اڄ رهي هن لوٺيءَ جي، منهنجو ڏيل ڏکي،
"زمان" چاڪ چڪي، سڪ ۾ سنگهارن جي.

چوٿين اٺم چاهه، موتي وڃان ملڪ ڏي،
ڪڏي هن ڪوٽ ماڻ، عمر! مون الله،
گڏ گذاريم جن سان، تن کي سڪي ساهه،
هوندو پاندي پنڌ ۾، رويو ڏسان راهه،
مارن مان ملڻ جو، ڪڏهن ورندو واءُ؟
هاڻي "زمان شاهه"، ويهڻ مونکي وهه ٿيو.

پنجين پونم پور، ويڙهيچن وچڻ جا،
هينئون منهنجو هڪڙو، سوين آهن سور،
ڪاڏم ڪاهوڙين سان، پکن ۾ ٿاي پور،
"زمان" مارين مونکي، مارن جا مذڪور،
چاڪن ڪيس چور، سڪ ۾ سنگهارن جي.

وَڳر ڪان وڇوڙي، **ڇهين** ٽڪايئي ڇو؟
ڪوڙن رهنديس ڪيترو، هي ملڪ نه آهه منهنجو،
ناحق آهيان نيرَن ۾، سمجهي ڪيڏ سڳهو،
ٻچڙي رکي آهي پيڻ ۾، کهڙي طمع تو؟
جنهن جي آهيان آسري، سنڀاليندم سو،
جنهن ڪان مارن مهٽو، سو ڪم ڪريان مان ڪو؟
رکج پت پهنوار جي، ربّ کي عرض اهو،
"زمان شاهه" پيو، سور نه اٺم ساهه ۾.

ناهيم نيٺين ننڊ، **ستين** جي سمهان،
منهنجا باغ پٺن ۾، گهٽيون ڪيئن گهمان؟
سانگي ساريو ساهه ۾، آٺن ٽا آڏ مسان،
پانيان زهر "زمان"، ميوا مارونڙن ري.

اڍين شل اينداِ، اوٺي اباڻن جا!
سيئي خبرون خير جون، ڏکيءَ کي ڏيندا،
ميلا ماروئڙن مان، منهنجا ڏرن ۾ ڏيندا،
سڱها اچي سي، سومرا! مونکي نيڙن مان نيندا،
"زمان شاهه" ويندا، سور منهنجي ساهه مان.

نه آهيم **نوئين** ننڊ، سک ۾ سنگهارن جي،
سورن جا ڏا سومرا! جيءَ تي ڦرن جنڊ،
سچ پچ آهن سهٽيون، چوڙيليون کان چنڊ،
سي ڪيئن وسرن سومرا! جن جي محبت پاتا مَنڊ؟
ڪاٽيو ڏينهن ڏکن جا، ويٺي ڪريان ونڊ،
"زمان" آهي آکنڊ، ويڙهيچن وچڻ جي.

ماري ساري ڏيهه، پيم **ڏهين** ڏُکن جي،
سمهڻ مونکي سور ڏيو، ويهڻ پانيان ويهه،
سنگهارن سان سومرا! چئي نــــه ڪريان ڇيهه،
ريشم جن جي روح ۾، سيندون ڪيندين سيءُ،
"زمان" ڪٿو ڪيهه، آهي مرڪ ماروئڙن جي.

اڪارهين آکير، آهي سون ملير جي،
ساريو وڻ وطن جا، نيڻين وهايان نير،
موٽي ويندس مارئين، پُوچيان ويٺي پير،
ڪٿي آئين ڪوهه تــان، هاڃو ڪيئي حمير!
"زمان" پائي زنجير، قضا آنديس ڪوٽ ۾.

ٻارهين منهنجي ٻانهن، ڏي واري ويڙهيچن کي،
ماڙين من منجهايو، مونکي چڻن وٽي ڏي ڇان،
پيوس آهيان بند ۾، ڏٺي مٽي من دانهن!
"زمان" ماٺهو موڪليو، نه ڪوڏ وٽين ڏکيءَ ڏانهن،
اپوجهن جي آنهن، سر تـــي پوندءِ سومرا!

تيرهين چڏ تڪڙ، ناهيم سڪ سُهاڳ جي،
جانسين هونديس جيئري، تانسين نہ ڪريان ترڙ،
جيئري جي نہ چڏيندين، من مُئي پهچي مڙهہ،
سيل نہ پچنديس سومرا! تني ڌار سسيءَ ڪان ڌڙ،
ويڙهيچن جو وڙ، "زمان" ويهي ڪيئن وڃايان؟

چوڏهين ڪر چڪاس، قسمت آنديس ڪوٽ ۾،
جا تي ڌاريان دل ۾، سا الله پچائي آس!
وڃهان پٽڙ پيرن تي، ٻاسي اٿم ٻاس،
"زمان" آهي آداس، مارن سان ملڻ جي.

پندرهين پنيان پاڻ، ڪيو منهن ملير ڏانهن،
ٻُت پيو آهي بند ۾، ساهہ سنگهارن ساڻ،
ڏوتي سي نہ ڏسان تي، جن سان روح رهاڻ،
موڪل مونکي مُلڪ ڏي، هت نہ رهنديس هاڻ،
"زمان" ڪنهن جي ڪاڻ؟ ويڙهيچا وساريان.

سورن منهنجا سَنڌ، **سورهين** ڪيا ساٽا،
سورن جا هن ساهہ تي، گهمن ٿا گهاٽا،
جيئڻ منهنجو جاڙ پيو، ٻرين پچاٽا،
ڪنديس هاٽي ڪنهن سان، مارن ري ماٽا،
ويل نٿا وسرن، مون عمر! اباڻا،
ساريان مَڪَ ملير جي، اُلر ۽ لاٽا،
"زمان" نٿي چاٽان، ڪيئن رهنديس ڪوٽ ۾؟

سترهين منهنجو سڌ، اهو آهي الله کي،
ڪڏي هن ڪوٽن مان، گهگهيرين سان گڏ،
"زمان" ساهہ سنگهارن وٽ، هتي آهيم هڏ،
منهنجي مٿي تي مڏ، سورن جو آهي سومرا!

ارڙهين نيو آرام، اوجاڳي اکين مان،
"اَلفراق اَشَدُّ مِنَ المَوتِ" مارن ري ماتام،
"اَلفراق بَينِي وَ بَينَڪُم" ڪاري آهي قيام،
"زمان" صبح شام، منهنجو مُنهن ملير ڏي.

اوڻيهين تو آڻي، قابو ڪيس ڪوٽ ۾،
ماڙيون مون نه وڻن ٽيون، نه ڪو نينهن ناڻي،
ميرا پُوريون سُور ٽيا، سَواءِ ساندائي آڻي،
"زمان" سونکي ملڪ ڏي، من الله آماڻي!
ڪر ڪو خوف خدا جو، سمهان ڪيئن ماڻي،
مارئي ڪيئن ماڻي! سنگهارن ري سيج ڪي.

ويهين ناهيم وَس، ويئي گهوڙها ڳاڙيان،
سورن ساڙيم سومرا! پهنوارين ري پس،
مون تي سپ ميارون، جهانگيڙن ڪي جس،
اتم الله ۾ آسرو، منهنجي لڄ مٿس،
"زمان" قيد ڪيس، قضا آڻي ڪوٽ ۾.

ايڪيهين ساريم سَرَ، موريا جي ملير ۾،
چوندا يان پيرون پاند ۾، وڃي هٿ هيڪر،
ڏونرا پُسيون ڏيه ۾، هوندا لنب لُار،
وڃي چاريان چاهه مان، چيلا منجهه چپر،
"زمان" پنهوارين سان، پيئنديس شال پار!
ڪيند يس آءٌ عمر! ڪُنيون ڪاهوڙين سين.

ٻاويهين پيو پڙاءُ، ڪن ڏنم جان ڪوٽ ۾،
ڪٿي هليون آهن ڪوهه تي، ڳگهيريون گهڙا،
مارو پهريا مال ۾، ٻڌي چنگ چڙا،
"زمان" سونهن سدائين، جهنگ ۾ جهانگيڙا،
پڇي ڪُرف ڪڙا، ويند يس ويڙهيچن ڏانهن.

ڏيوهين تن ۾ تانگهه، اٿم آباڻن جي،
ويهي رات وهايم، ٻڌي آهيم ٻانگ،
سڄو ڏينهن سنگهارن لئي، قربئون آڏايان ڪانگ،
"زمان" مٺا سانگ، وٺن ويڙهيچن جا.

چوويهين چريو چيٽئين، سڪ ۾ سنگهارن جي،
پهچان پهنوارين ڪي، هاڻ نه رهندي سه هيت،
ساريو وڻ وطن جا، روئان ويٺي رت،
رکندو رب "زمان شاهه"، پهنوارن جي پت،
سورن ڪڍيو ست، ورهه ويڙهيچن جي.

دل تي آهن ڏک، **پنجويهين** پهنوارن جا،
وڃي ويڙهيچن تي، ڏاڍا ڪڍندي سه ڏک،
حلون ڪانءَ حمير جي، پلي پانيان بک،
"زمان" ساريان سک، ويٺي ويڙهيچن جا.

ڇويهين ڇڏائي، قادر مونکي قيد مان،
پوان ڪيئن پلنگن تي، لوئي لڄائي،
هيٺن سان ڪيئن هوڏون ڪن، چڱا چوائي،
مارئي ماروئڙن سان، مولي ملائي،
"زمان" پت پائي، لوئي ڪيئن لڄايان؟

ستاويهين ساري، مارئي پنهنجي ملڪ کي،
الله! چو اباڻا، ويئم وساري؟
ساريو وڻ وطن جا، هنجهون پيئي هاري،
"زمان" مارئي ملير ۾، مولي نيئي ساري،
نڪريو نهاري، اوٺي اباڻن جا.

سهڻو لڌم سومرا! **اٺاويهين** اهو:
وڃان پيئي وطن ڏي، ڪيري ڪوٽ پيو،

”زمان شاهہ“ تيو، ميلو ماروئڙن مان.

اوڻٽيهين عمر! سنگھاريون ماريـن،
مارئـي کـي ملير ۾ نڪريو نهاريـن،
مَيارون مارن جـون، مونکي ٿيون مارين،
”زمان“ سانگياڻيون سڪ ۾، هنجھون ٿيون هارين،
ڳالهيون ٿيون ڳارين، عمر! اباڻن جون.

ٽيهين آهي آڪير، مارئيءَ کـي ملير جي،
مارئي سيل سنياڻو، ڪيو حـق حمير،
چڙهي توڪل تُڙهي، ثابت لنگهي سير،
”زمان“ ڀاءُ ڀيڻ جو، هردو رکيو هير،
موڪل ڏيئي ملير، عمر آماڻي آڻ تي.

—○—

ڏيهه راتيون: مارئي*

(رستم فقير رند)

[رستم فقير رند، تعلقي سنجهوري، ڳوٺ محمد خان رند جو رهاڪو آهي ۽ مشهور شاعر بچائي فقير رند جو شاگرد آهي. سندس عمر هن وقت اٽڪل ۸۰ ورهيه کن آهي. سندس ڪلام ۾ ڏيهه، اکريون، راتيون، مهينا، سال ۽ بيت شامل آهن.]

(۱)

اچي وٺا مينهن ملير تي، آيم جهڙ جهڙلي،
پهرين رات پهنوارن سان، پيتم کير ڪيلي،
ٻيجهي رات ٻاٻاڻن سان، **ٽيجهي** آءٌ ٽلي،
چوٿين رات چوڙيلن سان، **پنجين** رات پلي،
ڇهين رات چڙي ويا، آءٌ **ستين** سور سلي،
اٺين رات اباڻن لاءِ، اچي دل دکي،
ناٿين رات نيڙن ۾ پسان ڪونه پکي.
ڏهين رات ڏوٿين ڪان، آءٌ جهوري آهيان جهلي،
يارهين رات ياد پيام، اچي دل آتلي،
ٻارهين رات ٻاٻاڻن جو، لڳم درد دلي،
ٽيرهين رات تاءٌ ڪري، ڳوندر پيا ڳهلي،
چوڏهين رات چوڙيلين لاءِ، ويم جان جلي،
پنڌرهين رات پهنوارن جو، لڳم ڪان ڪلي،
سورهين رات سنگهارن ري، ڪائي ڪين ڪيلي،
سترهين رات سومرا! آهيان ڏوٿين ڪان ڏُلي،

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي سنجهوري) مان جمال رند کان ملي.

اراڙهين رات اباڻن ڪان، آهي جهانگياڻي جهلي،
روئان ويٺي ”رستم“ ڇٺي، اٿم آڳ آلي،
پلا! ڪر پلي، **اوڻيهين** وڃي آجي ٿيان.

اوڻيهين اباڻن لاءِ، منهنجو تن ٻه تنواري،
ڇا ڪان ڇڏي ويا مونکي، **ويهين** وساري،
ايڪيهين اباڻن کي، ٿو ساهه گهڻو ساري،
ٻاويهين ڀهون ويا، هتان وڳ سيئي واري،
ٽيويهين ٽمن ٿيا نيڻ، نه ديون نار ڪري،
چوويهين چڙهي ويا، ڀهون ڀهرائي،
پنجويهين پٽن کي ۽ سانگيئڙا ساري،
ڇويهين ڇانگ ڇيلڙا، ٻئي ڇوڙيلي چاري،
ستاويهين سومرا! مونکي گهٽي ٿي گهاري،
اٺاويهين انهن لاءِ، ٻڌي ٻيڪاري،
اوڻٽيهين انهن جي، ڏي سڌ خبر ساري،
ڪڏي ڇڏ ڪوٽن مان **ٽيهين** تون ٽاري،
روئان ويٺي ”رستم“ ڇٺي، من موت اچي ماري،
هي وڇوڙيون واري، سام رسائج سومرا!

---

(٢)

ٽيهه راتيون: مارئي*

پهرين رات مونکي اچيو پور پون،
پهنواريون هڻن ٿي ڪليو ڪير پين.

---

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي سنجهوري) مان جمال رند ڪان ملي.

چڙن جون چونگارون **ٻيجهي** تان ٻـُرن،
سٽان شل سانگين جون ڪـُوڪون ڪنن!

ڪتيريون ڪاهڙ ۾ **ٽيجهي** تان ٽـِلن،
مارو مـون تـہ مٺڙا حياتيءَ هجن!

چوان رات **چوٿين**، لهن لوهہ مون تان،
ڪٿيءَ منجهہ ڪاهڙ ڏي، وڃان شل هتان!

پنجين جو پرين لاءِ اچيو پور پون،
ڳوڙها مون ڳلن تان وانئون ڪيو وهن.

ڇهين جـو ڇـڇيو مـون ٿـا جيرا جلن،
ڪندو رب سائين، مارو من ملن!

ستين جو سنگهاريون پلـر ٿيون پين،
انهيءَ مـهـل آءٌ هجان پڻ وٽن!

وٺا مينهن مولا! **اٺين** پڻ آتي،
ڦٽي ننڊ نيڻن، نہ ڪي سک سـُتي.

ڪٺيندين ڪوٺن ۾ نيم روز **ناٿون**،
ڪٿان هٿ خدا ڏي، ٻڌان ٻيئي ٻانهون.

ڏهين جـو ڏسان ٿي، اباڻا اچن!
ڪڏي هيءَ ڪوٺن مان ويچاري وڃن.

يارهين ياد مونکي اباڻا ڪندا،
اتـم هـي آميدون، نماڻي نيندا!

ٻارهين جو ٻڌج سومرا! تون سڌر:
ڪيم ڏوهہ کهڙا، وڌءُ چو نيئر؟

تيرهين جو تِني لاءِ، هنئين منجهه هنُبس،
ايندا مــون اباڻا ويڙهيچا اوَس.

چوڏهين جو چوڙيليون، ڪاهڙ منجهه ڪلن،
منهنجي تان ملڻ لئي سنگهاريون سِڪن.

پنڌرهين جو پهنواريون، عيدون ڪن ادا!
ڪاهڙ ۾ مارن ڏي نيندو مون خدا!

سڪان ٿي **سورهين** جو، ڏسان شل عجيب،
ٿيـن شال مارو، نماڻيءَ نصيب!

لاهيان سڪ **سترهين** وڃي پڻ آتي،
پيڙي گڏ پٽن ۾، جيڏيون مون جتي.

انهن لاءِ **ارڙهين** آداسڻ آهيان،
ڪهڙو وس قلم جو، ڪنهن کي ڏوهه ڏيان؟

اوڻيهين جو انهن لاءِ، آڻ تَڻ اندر،
آڏر وڃ پکيڙا! ڏي خاطي خبر.

آڏر تون اي ڪانگل! **ويهين** وڃ وهي،
رسان ات "رستم" چئي، ويندا لُڙ لهي.

ايڪيهين جو انهن سان ڪريان ڳالهيون،
هوي مٽ تنهن کي، جنهن چائيون.

ٻاويهين پڌج تون، گينواريل ادا!
بچئي پاڪ پرور، سو خاوند خدا.

ٽيويهين جو ٽَليون تان واڇا هت وڃن،
ماندو من مارن، جڏهن ڪنوٽيون ڪنوَن.

چوويھين جو چوڙيليون پلر منجھہ پسن،
ڏجان مڙھہ مارن کي، جڏھن ڏينھن پڄن.

پنجويھين جوپھنواريون، متان ’قُلَ‘ پڙھن،
منھنجو لاش لائون، کٽي منجھہ کٽن.

ڇويھين جو چني ويا، اميدون ادا!
منھنجو غرض مارو بلاشڪ ڪندا.

ستاويھين سنگھاريون منھنجو ميت ملين،
کٽي ڪُل کلھن تي منھنجو لوڙھہ لٽين.

اٺاويھين عرض منھنجو عمر اٿئي ادا!
”رستم“ چئي رسامون، ڪرين تون متان.

اوڻٽيھين انھن تي ڪجان وڙ وري،
ويو ساھہ سارو ۾ گھٽيءَ گھري.

ٽيھين ڪج تارو، تان مارن مڙي،
هوندءِ جاءِ تنھنجي ۾ جنّت جڙي.

مارئي تان مارن لاءِ، ڪينوڻ جيئن ڪيڙي،
هلي مانَ تن ڏي، سا ڪلمون پڙھي!

لا اله الا الله محمد رسول الله

ڏيهه راتيون: مارئي*

(محمد شريف جوکيو)

[محمد شريف پٽ يامين جوکيو آريءَ پوٽو، مکان ٻرٻند علائقي محال ڪوهستان جو ويٺل، سنه ١٩٠٠ع ڌاري ڄائو. فقط قرآن شريف پڙهيل هو. هيءُ وڏو پرهيزگار ۽ عابد شخص هو. سندس ڪلام گهڻو ڪري مولودن ۽ مداحن تي مشتمل آهي. ٤٥ ورهين جي ڄمار ۾ سنه ١٩٤٥ع ڌاري وفات ڪيائين.]

پهرين رات ٻلپل ٻڪارون ٻڌن،
سِڳها سيڻ سارِيان، سي وارث ولهن.

ٻا ڍي رات ٻرٻر اندر ۾ ٻرن،
وٺيو سات سنڀرن اباڻا آڳن.

ٽا ڏي رات ٽم ٽم ٽڙنر جيئن ٽلن،
ڪنيو بار باري، واٽن تان وڄن.

چوٿين رات چڙهيا ويراڳي وڄن،
سامي پنهنجي سيڪ ۾، صادق ٽا سکن.

پنجين رات ٻلٽي ٻيا ٻور تن،
ڇٽي ڇهنب ۾ جهليو ٻرتئون ٻڙهن.

ڇهين رات چرکي آديسي آڳن،
جوڳي جوش پنهنجي ڪان جيءَ ۾ جلن.

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٽتي) مان احسن جوکئي کان ملي.

ستين رات ساڳيا آئا يا انهن،
رکي سڪ دل ۾ راول کي رسن.

اٺين رات اڪنديا آڇايل اچن،
ٻانيءَ جي ڦڙي لئي ٿا ٻلٻل ٻچن.

نائين رات نهاريو ٿا نازئون نمن،
پياسي ٻانيءَ لاءِ دم دم سڪن.

ڏهين رات ڏاڏاٽا ڏوٽي ڏسن،
ڀنواريون ٻڙن ۾ اچي شل ٻچن!

يارهين رات اهڃاڻ تن جا ڏين،
دلاسا ٿيا دل کي، وري شل اچن.

ٻارهين ٻول ٻانهيارا اچيو ٻڌن،
اچي هوت حرمت جا هٿ شل رکن.

تيرهين ٿا تنواريں تاڙا ۾ تن،
مارن تي محبت جا مينهڙا وسن.

چوڏهين رات چمڪيا گولاڙا گلن،
ڀريا ٻرٽ ٻٽ تي، منگها، ڏٽ ڏونرن.

پندرهين رات ٻرچي لڏيو لاهوتن،
وريا وطن ٻنهنجي آيا اگٹن.

سورهين رات مالڪ ٻنهنجا سور سلن،
ملهي درد جي ڪا دوا تن اگهن.

سترهين رات سانگي ڳجها ڳجهه وڃن،
ولي واٽ وريا ٿاريلي ٿرن.

ارڙهين رات سڪ ٿي سنگهارن سندي،
ڏوري ڏوٿي منهنجا اچي شل ڏسن.

اوڻيهين رات آج ۾ ٿا عاجز اچن،
ڏکيا سي ڏکن ۾، جئن ڏاگها رڙن.

ويهين رات وارث ملِيا مارئن،
مليا مارو مٿيءَ کي لڏيو گوندرن.

ايڪيهين رات آهون، ٻڌيون ٻاٻاڻن،
ويچارا ڀرت مان رهيا منجهه پکن.

ٻاويهين رات ڀڳڙ وري شل ورن،
کيل عرض آڳي اڳيان شل اگهن!

ٽيويهين رات ٽڪٽو، اچي ٽر ٽين،
مُنگها ملڪ جا شل مُٽيءَ کي ملن.

چوويهين رات چوڙيليون، ٿيون وطن،
چارين پيون پنڌ ۾ ڌناريون ڏٺن.

پنجويهين رات پرچي پيا سي پرين،
آيا گهوٽ گهر ڏي، ٿيون شاديون چئن.

ڇويهين رات چانگون چڏيون چوڪرن،
کيو وڙ واحد، مليا ڪنوارين.

ستاويهين جو سهڻا سيجن تي سمهن،
ٿيا هنڌ حضوري مٿي عطر تن.

اٺاويهين عاشق، ڪنيو نين ڪلن،
قنديل نُور جا چمڪيا چوڏسن.

اوڏنهين جو اوجاڳا ڪيڙا اکين،
وجهيو تند طلب جي، ٿيو طالب ڪٿن.

ڏيهين رات نڪيا، پيا پيش پرين،
خوشيءَ مان ڏنيون ڪيرون تن ڪي سِيَن.

"شريف" چئي، شفاعت جا من عرض اگهن!
مرڻ وقت ڪلمون قلب مان ڪهن.

لا اله الا الله محمد رسول الله

ڏيهہ راتيون: مارئي*

(صاحبڏنو شاهہ)

[صاحبڏنو شاهہ ولد محمد شاهہ، ٻلڙي تعلقي گوني ضلعي حيدرآباد جو وينل هو. سنہ ١٨٦٨ع ۾ ڄائو. شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي خاندان مان هو ۽ انهيءَ درگاهہ جو سجاده نشين هو. فارسي ۽ اردو جي پڻ ڄاڻ هيس. شاعريءَ ۾ سندس استاد مير عبدالحسين خان "سانگي" هو. سندس ڪافيون مشهور آهن. سنہ ١٩١٥ع ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪيائين.]

پهرين رات پاڻ کان ٿيم پري،
ويٺم ڪوٽ ۾ گذري ڪوڪون ڪري،
ڏيهاين سوا ڏيل منهنجو ڏري،
اباڻن جي مونکي آڪنڊ ٿي آپار.
وساريان نہ وسرن مون پاڻ پنهوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

نہ ٻي رات پاڪارون ساڻيهہ سڄڻ،
آءٌ قيد ڪوٽن، هو پاڻ پٽن،
ٿيا ڏور ڏوٿي، نہ ويجهو وطن،
ميان! منهنجي مارن تي ناهي ميار.
وساريان نہ وسرن مون پاڻ پنهوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

ٽيس رات ٿي هت مان قسمت جي ڪا،
سري ڪين ساعت مون سانگين سوا،

* هيءَ روايت اٽپوري، حالت ۾ سيد اسدالله شاهہ "بيخود" کان دستياب ٿي، جا محترم عطاحسين شاهہ موسوي (روهڙي)، صاحبڏني شاهہ جي ڪلام جي قلمي بياض تان پيتي ڏني.

ڪري لطف لِلاهه مون ڀهنوارن پچاءِ،
عمر! اڄ اباڻن ۾ آهي اپار.
وساريان نه وسرن مون پاڻر ڀهنوار،
سدا سومرا! سڪ وسن مي سنگهار.

چوٿين رات چٽڪن سنگهارن جا سُور،
ڀهنوارن جا پلپل ڀون ٿا مون ڀُور،
ڪيس قيد قسمت، ڏيهاين ڪان ڏور،
آهي مون اباڻن ۾ پاڻر پچار.
وساريان نه وسرن مون پاڻر ڀهنوارن،
سدا سومرا! سڪ وسن سي سنگهار.

پنجين رات پاڻر ڪان آيم ڀَهِي،
منيها سنگهارن سڏايا صحي،
پڪا پيرون پٽ ۾، لڏر پيا لهي،
چونڊين ڏٽ ڏهاڙي ٿا ڏونرن جا ڏار.
وساريان نه وسرن مون پاڻر ڀهنوار،
سدا سومرا! سڪ وسن مي سنگهار.

ڇهين رات چانگون نه چيلا ڏسان،
نه پڪا، پلر، پاڻر، ڀهنواريون پسان،
جڙون جيءَ ۾ جڙيون اباڻن اسان،
قضا ڪوٽ ۾ ڪيو مون ديسين ڪان ڏار.
وساريان نه وسرن مون پاڻر ڀهنوار،
سدا سومرا! سڪ وسن سي سنگهار.

ستين سون نه پايان ۾ هيرا حمير!
تڪيا، طول تنهنجا تراريون ۾ تير،
ڀنولا نه پَرهن، ميان! منجهه ملير،
عمر! اطلسن ڪان اباڻن ڪي عار.

وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

ملائي مون مولا! اٺين ۾ آتي،
جنم جيڏين سان مون جاليو جتي،
ڏنم سومرا! رات سهڻو سُتي،
ڪيا ملڪ مارن جي ميهڻن ملار.
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

نائين نيٽر پيا مون زوراور زنجير،
قابو ڪوٽ ۾ پيا ڪڙا، ڪلف، ڪير،
عمر! ڪيئي اباڻن ڪان آئي آسير،
ڪندم شال قادر سانءِ پيڙي پتار.
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

ڏنا ڏت **ڏهين** جا مون ڏونئين هي ڏس،
وليون وڻ ڦلاريا، نڳيا لُلر لس،
اچي ڪين آمن مان چيڙن جي چس،
پڪا ڳُلر گولون، ڪيون لاليون ليار.
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

يم ياد **يارهين** اباڻا اچي،
سڙي تن جي سورن ۾ ٻس ٻچي،
رڪي ساک سائين سنديم شل سچي،
رسائي مون راحم پهنوارن جي پار.
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

ٻاٻاڻن لاءِ **ٻارهين** تي ٻاڪاريان،
سَڳُر، سانگ، سانگي، سدا ساريان،
هنجهون ان لئي هردم ويٺي هاريان،
ملائي مون مارن سان صاحب ستّار.
وساريان نه وسرن مون ڀائر ڀهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

نه **تيرهين** طلب مون، تَرڪ ڪيم طعام،
سواءِ فڪر فاقي هِتي پيو حرام،
سچو هي سنگهارن سان آهيم انجام،
ته پيئنديس ڀهنوارن سان ڀَر هي ڀيهار.
وساريان نه وسرن مون ڀائر ڀهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

ڀيم سور ساڻيهه جا **چوڏهين** چُري،
هُتي جا آيا هول هينئڙي هُري،
هِتان شل! وڃان پار ڀائر ڀُري،
نِيَرَ ۾ ڪريان نِت آءٌ نڪريو نِهار.
وساريان نه وسرن مون ڀائر ڀهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

پنڌرهين شال! ڀائر ڪان ڀانڌي اچي،
سڻائيم سنڌ ڪا سڳر جي سچي،
سُنگها، سُرت، مکڻيون، ڀيا ڀائر ڀچي،
هٿي ڪا مون هيٺيءَ جي سرتين ۾ سار.
وساريان نه وسرن مون ڀائر ڀهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

سورهين رات ساريم ڀڪا ڀاڪ ڀٽ،
ڪنديس ڪوٽ سان آءٌ ساڻيهه سَٽ،

سجر سومرا! مون لڳا گهاءُ گهڻ،
پيا هول هينئڙي تي آهن هزار.
وساريان نہ وسرن مون ماڻر مهنوار،
سدا سومرا! سک وسن مي سنگهار.

سترهين سومرا! ڏنم خاطو خبر،
ٿيا لٽنب لاٽا، کيون لامون لٿر،
مرينڙن مان موري پڻن پر پٽر،
سڌو سال ٿيو سانگين ۾ سڪار.
وساريان نہ وسرن مون ماڻر مهنوار،
سدا سومرا! سک وسن مي سنگهار.

ملائي مون مارن سان ارڙهين الله!
هينئون هيت نہ وندري، هکن ويو هساه،
پيڻون پهريون هٽ ۾، ٿيا گولاڙا گاهہ،
ڪمن ۽ ڳنڍيرن، ڀنڻون کيون بهار.
وساريان نہ وسرن مون ماڻر مهنوار،
سدا سومرا! سک وسن مي سنگهار.

اباڻن جي اوڻيهين اندر ۾ آکير،
کيان شال ڪنپيون، مُنگها، مَڪ ملير،
پيان شال پرين سان ماڻر ڍنير،
ڀروڪن پڊن ۾ پيئي سا مهنوار.
وساريان نہ وسرن مون ماڻر مهنوار،
سدا سومرا! سک وسن مي سنگهار.

ويهين جي وطن کي ساري ساهہ ڏيان،
تہ سڌ هيءَ سرتين کي منهنجي ڏج ميان!
مقاميائي مارن وچي ٿر ٿيان،
ڪنم ڪانڌ هو ڪائي ڳاڳيون ڳنوار.

وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

ايڪيهين ويا اباڻا، آجهائون آڏي،
ڪاروڙيا ڪٽي ويا ليوءِ ڏي لڏي،
ولهيءَ ڪي ويڙهيچا ويا گوندرن گڏي،
مُجهي ڪانہ سرتين جي تڙ تڙ تنوار.
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

باباڻن سان **ٻاويهين** ٿم روح رهاڻ،
نہ ڪو رنج راحت، نہ ڪو مور ساڻ،
نہ ڪو ڏک ڏيهہ جو، نہ ڪا ڪوٽ ڪاڻ،
نہ ڪو سک ساڻيهہ، نہ ڪو ڏيهہ ڏڪار.
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

ڏيڪان هيت نہ **ٽيويهين** آهي هرگز خمير!
لاهہ مون الله لڳ زبر هي زنجير،
نہ ڪر هٿ هڙو مٿيءَ تي تون مير!
نہ هوندءِ ڪوٽ قائم نہ دائم دوار.
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

چوويهين چوطرف ننال چارو چري،
ڪاروڙيا ڪٽي ويا ’ويڙهي جهپ‘ وري،
ڪنهن آي ڪير ڪان آهي پيس ڪري،
عمر! مون الله لڳ وطن ويڙهہ وار.
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

پري **پنجوڏهين** ڪان جا ٻائر ٻيھ،
اچي ڪوٽ ۾ ڪوڙين ڪُوڪون ڪيھ،
ميٺي سومرا! نہ سنگهارن سيھ،
پهتي ڪانہ ٻائر ڪا مٺيءَ جي پڪار.
وساريان نہ وسرن مون ٻائر ڀنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

ڏٺم ڇڄ نہ ڇيلا **چوڏهين** رات چَنَ،
والله عمر! هرگز نہ وسري وطن،
ماڙيچن لئي ماندو هي ماڙين ۾ من،
وطن ڪان ويڙهيچي نہ وڇڙي ويهار.
وساريان نہ وسرن مون ٻائر ڀنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

نہ مانيين سواء مون **ستاويهين** سري،
ڏيهاڻين سواء ڏيل منهنجو ڏري،
قادر ڪوٽ مان شال! جي قسمت ڪري،
ڏسان سگهر ساٿيھ ۽ ويڙهيون ولهار.
وساريان نہ وسرن مون ٻائر ڀنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

اباڻن **اٺاويهين** عمر! مون آماڻ،
پنُھن پر پسان پنهنجا ڀاڳيا ۽ ڀاڻ،
وسن شل ويڙهيچن جا واڌيون وٿاڻ،
الله جاڻي ان جو اٿم انتظار.
وساريان نہ وسرن مون ٻائر ڀنوار،
سدا سومرا! سک وسن سي سنگهار.

عمر **اوڻٽيهين** ڏي موڪل ميان!
نباهي نسنگ ننگ ناتو نيان،

ويڙهيچن جا ”صاحبڏنا“ وچ ويهان،
چوان حمد هر وقت ليل و نهار-
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سڪ وسن مي سنگهار.

ڏيهين ڪين ڏڪنديس هيتي آءُ حمير!
سيڪي ڏو سنگهارن لئي سارو سرير،
ڏي موڪل، ڏسان ملڪ مارن ملير،
پڙهان ڪوڏ ڪلمون آءُ هردم هزار-
وساريان نہ وسرن مون پائر پهنوار،
سدا سومرا! سڪ وسن مي سنگهار.

لا اله الا الله محمد رسول الله

ٽيهه راتيون: مارئي*

(محمد خان "غني")

[محمد خان "غني" ولد قاضي محمد دائود ميمڻ، سنه ١٣٢٠هه/٣- مارچ ١٩٠٣ع ۾ ٽکڙ تعلقي گوني ۾ ڄائو. هي مشهور شاعر حافظ حاجي حامد جو پوٽو آهي. سنڌ مدرسي ۾ چار درجا انگريزي پڙهي، "مخلص" ڪيس نپايو. فارسي ۽ قرآن شريف جي تعليم حافظ عبدالله "بسمل" وٽان حاصل ڪيائين، جو شاعريءَ ۾ به سندس استاد هو. ڪجهه وقت تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪرڻ بعد تپيداري جو امتحان پاس ڪيائين. ١٩٢٤ع کان 'مسلمان' اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو. نثر ۽ نظم تي کيس ڪافي دسترس حاصل آهي.]

الله! اٿين ٽياس، پهرين پيم راتڙي،
چيتا ڏڻ ڏرازيون، ڪرين ايئن ڪياس،
"قدرناه في ڪتاب مبين" حڪم اڳ هياس(١)،
"قلنا اهبطو" جي ڪهڻ سان، مالڪ هت مڪياس(٢)،
ڇڄي ويڙهه وطن ڪان، اچي هت پياس،
ڪري مان قياس، موٽائي ملير ڏي.

ٻاڪاريندي ٻيءَ، ويئي وهامي راتڙي،
"قتل اخيه فقتله" ڪار نه انهي ريءَ(٣)،
ڏسي ڏسي ڪيترا، هاڃا هتي هيءَ،

* "بادل ۽ بوندون" مطبوع جمالي پريس حيدرآباد، سنه ١٩٦٠ع تان ورتل.

(١) هر هڪ شيءِ جو ڳاڻيٽو اسان پڌري ڪتاب ۾ رکيو آهي. (٢) چيوسين ته هيٺ لهو (آدم جو لڪرڻ). (٣) (قابيل) جي نفس ۾ آيو پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪري. پوءِ ان کي قتل ڪيائين.

موٽاءِ مارن ڏي، عمر! امانت ايءَ،
اڇي جميعت جيءَ، وڃان ملڪ ملير ڏي.

ٽيون ۾ ٽڪن واريون، ٻوليون ٻوليان ڪيئن؟
"ثم الينا ترجعون" مار اها ماريون (۱)،
اسين پر پريت جي، پڪن ۾ پاريون،
ويهان وساري ور ڪي، ڏاٽان ڪيئن ڏاريون؟
ڪچيون هي ڪاريون، مرڪ نه آهي مارئين.

عمر! جو آيم، چوٿين ياد چڙن جي،
روئندي روئندي راتڙي، ويهي وهايم،
"ومالحيٰوة الدنيا" سبق پڙهايم (۲)،
اڳيان پر پڇن جي، ڪهور هتي کهايم،
مڙيئي بار بدين جا، مر تي سهسايم،
ڏانوڻ ڪنهن ڏانيم، نه ته ويهان ڪيئن وطن ري!

پنجين پور پيام، وطن ويڙهيچن جا،
ڪيئن جو پورا ڏينهڙا، منجهان تر تيام،
هنڌ هتي ميان سومرا! هڏهين ڪونه هيام،
"وبشرالمؤمنين بان لهم من الله فضلاً ڪبيرا"
وسري ڪونه ويام (۳)،
ڪڙن ۽ ڪوٽن ۾، ڏيهه ڏي نيڻ نميام،
قسمت هيئن ڪيام، جو آيس عمرڪوٽ ۾.

ڇهين ۾ ڇاڇول، آئي عمرڪوٽ ۾
"رب انّ من اهلي" پڌءِ نه اتي ٻول (۴)،

(۱) پوءِ اسان ڏي موٽايا ويندؤ. (۲) ۽ ڇا آهي زندگي دنيا جي؟ (۳) ۽ مومنن کي مبارڪ ڏي ته بيشڪ انهن جي لاءِ الله جي طرفان وڏو فضل آهي. (۴) اي منهنجا رب! منهنجو پٽ ته منهنجي قبيلي مان آهي.

سڀئي ساوا ڳڙيا، ٻُڏا منجھ ٻوڙ ولَ (١)،
راڄا تنهنجون راتيون، رُنيون منجھ وتولَ،
ويهي تان ورهيه ٿيا، تن ٽڪائا ٽولَ؛
"و غيض الماءُ" کان، هر ڪنهن لڌا هولَ (٢)،
جن جي الله اول، سي ئي ٻيڙي پار ٿيا.

ڪوجو لڳو واءُ، ستين رات منيران،
"فارسلنا عليهم ريحاً صرصراً" ٻين ڪون سماءُ (٣)،
سڀئا سوٽ سري ٿيا، پيڙو نيون نه پاءُ،
"قسمت قيد الماءُ"، آئي وڏو ڪوٽ ۾ (٤)؛

اٺين منجھ عمرا سين تون منهنجي ڳالهڙي،
"و نجينا الذين آمنوا و ڪانوا يتقون" جي ڪا
توڪي آهي ڪر؟ (٥)،
ڏُڄ عذابئون ان جي، ئي جيڪا نار سقر،
حق جي سمجھين هڪڙو، سي ڪيئن وڃائين ور؟
الله جي آڌر، ستيون آهن سٽ تي.

نائين نياپو، آيو رات انهن کان،
جنهن ۾ جوءِ ڏيٿي (٦) هيئن، ڏنو ڏورانهو،
تنهنجو ڪوڙو ڪوٽ، ۾ ڪَجل ۽ ڪاپو،
اتي تنهنجو نام، ڪو سنگ ۽ سياپو،
"فاما من ثقلت موازينه" ٻڌو تو ماپو (٧)،
ڪري ڏس ڪاپو، مهند سيائي مرڪنديون.

اتي موٽون اڌ رات، ڏنو ڏهين راتڙ جو،

(١) ٻڙ ڏولُ = حادثو. (٢) ۽ پاڻي لهي ويو. (٣) پوءِ اسان انهن تي سخت طوفان موڪليو. (٤) پاڻيءَ جو بند ۽ ڇڪ. (٥) ۽ ايماندارن ۽ پرهيزگارن کي بچايوسون. (٦) جوءِ ڏيٿين = ملڪ جي مالڪ (الله تعاليٰ)؛ ڪجل = ڪجهڙ؛ ڪاپو = محنت. (٧) پوءِ جنهن جي نيڪ عملن جو وزن زياده ٿيو.

هت جي مثل مامرو، ته هُت پڻ هئي هيهات،
تڙ وڃايم تڪڙو، ته ٻه ٿي منهنجي تات،
"اولائڪ هم المفلحون" وائي آهن وات(١)،
منهنجي ملاقات، آخر ٿيندي ان سان.

عمر! ڏٿ ڏراڙيون، يارهين آيم ياد،
حيف تنين کي هوءِ، جن وساريون واڙيون،
تنهنجا پلنگ پٽراٽيون، سوڙيون سڀ ماڙيون،
مون کي وٽن ڪينڪي، محل اهي ماڙيون،
"اولائڪ علىٰ هدًى من ربهم" تن اتم تاڙيون(٢)،
پهنوارن پاڙيون، محلاتون نه مٽيءَ سان.

ٻارهين ٻُڌائون، ته مارئي هئي مامري،
اهي ياثر ان جا، جا نيئرين نيائون،
"يجعلوه في غيٰبت الجب" ويهي رٿيائون(٣)،
چائي جا چارين جي، کوهه تان ڪنيائون،
وٺي وڃي قيد ۾، قابو ڪيائون،
جڏهن ويئي وطن مان، سُڌ سڻائون،
ڳاڙي لڙڪ ڳلن تان، هئي ٿي رُنائون،
سارو نُور اکين جو، ڏک ۾ ڏنائون،
لوئيءَ ليڙون آڏريون، ڏورئون ڏنائون،
"فصبرٌ جميلٌ" آتو آتائون(٤)،
ٻرينءَ پچائون، ڪيون پاڻ پهنور جون.

ٽيرهين تکو تاب، عمر ڪري آئيو،
ڪل هيم هيءَ ڪاڻ ڪا، دل ۾ ٿيس دولاب،

(١) اهي ئي فلاح پائڻ وارا آهن. (٢) اهي ماڻهو پنهنجي رب جي رستي تي آهن. (٣) (متفق فيصلو ڪيائون) ته هن کي انڌيري کوهه ۾ وجهي ڇڏيون. (٤) صبر سهڻو آهي (يا) عمدو صبر ڪريان ٿو.

"وما ادراڪ ما يوم الدين" سمجهيئين ڪونه
حساب(١)،
ڏيٺو آهي جواب، جيت ڇڄا ٿيندي پڌري.

چوڏهين ۾ چمڪات، ڏٺم حقي حقّ جا،
ڀڳا ڪوٽ ڪفر جا، ٿُنڀي ويا ٿڪسات،
"ورفعنا فوقكم الطور" نڪي گهٽ پيا گهات(٢)،
ڪاڻين لڳندا ڪات، سٽيون رهنديون سٽ تي.

پندرهين پڇائون، پيون رات ڀنور جون،
قاصد ڪڍي قرب سان، مون ڏي مُڪائون،
متان ٿي ملول تون، چيٺو چيائون،
مارئي ملڪ وري ڪيئن؟ سيڻون سڏيائون،
"ليجمعنكم الى يوم القيامة" جو سبق ڏنائون(٣)،
ان ڪان پوءِ ايترو، آتو آتائون:
لهين تون لائون، متان عمرڪوٽ ۾.

سورهين ساريا مون، پيريون، پير، پاڙيون،
پيرون، پُسيون پٽ جا، پيم ياد پيُون،
"فروح وريحان وجنت نعيم" وسري ڪونه ويون(٤)،
وندڻيو وراهين پاٽ ۾، مُرت اهي مڪٽيون،
ڳاڳين سندي ڳنڍ هيئَ، ڏنم ڳاراڙيون،
مڙهي منجهان سوٽيون، ڪن ڀُڪر ۾ ڀيون،
چيلن جون چانگون، اچي چڙهيم چيت تي.

سترهين سوريءَ سڏ، پينر! مون ٿي پانئيو،
ويندس پنهنجي ويڙهه ۾، هيت نه رهنديس هڏ،

(١) ۽ توکي ڪيئن پروڙ پوي ته فيصلي جو ڏينهن ڇا آهي. (٢) ۽ اسان توهان جي متان طور کي کنيو. (٣) ته اوهان کي قيامت جي ڏينهن جمع ڪريون. (٤) (انهن جي لاءِ) راحتن، خوشين ۽ نعمتن جا باغ آهن.

"آيدّه بروح القدس" گهرڻ ندڙن مان ڳڏ(۱)،
ستيا واري! ست ڪي، هيت نه هٽان چڏ،
پوءِ آتي پڏ، جت هڏري هيڙ هنجا ٿئي.

ارڙهين مانَ اچن، سٺي سڏ ستيءَ جا،
بند يانيءَ تي بند ۾، من کو پيرو ڪن!
ڏرئون ڏراڙي آهيان، پيران منجهه پئن،
ڪڪيون، ڪونجون، ڪاريون، پيڙيون جت پئن،
"فاذڪروني واذڪرڪم" شل سانگي سڏسٽن(۲)،
وڻي ويڙهه وچن، اچي ڪاري ڪوٽ مان.

اوڻيهين اندوڪار، آيو عمر ڪوٽ ۾،
مرم ويو ماٺهن مان، پريا بري پهار،
ٽيو نفس نجس جو، هرڪو تابعدار،
عيب نه آهي انهن کي، سر تي بديءَ بار،
"انه عليم بذات الصدور" واريئون نه ويچار(۳)،
چاٽي چاٽڻهار، نه لنگهيا حد حياءَ جي.

هاچا هيڪاري، وڏي ويا **ويهين** ۾،
کنهن جي قلب ڪينڪي، توبهه تنواري،
ظلم ضعيفن تي، جام ٽيو جاري،
جهيڙن ۽ جنگين جون، چڙگون چوڏاري،
عمر آمارو هڪڙو، مهڻن پيو ماري،
پيٽن کي بچڙو ڪيئون، ڏيءَ نه تن ڏاري،
"لايزنين ولايقتلن اولادهن" جن اچي آچاري(۴)،
انهن تي به انهن جو، جور ٽيو جاري،

(۱) اسان هنن جي مدد روح القدس سان ڪئي. (۲) توهان مونکي ياد ڪريو، مان توهان کي ياد ڪريان. (۳) بيشڪ اهو دل جي رازن کي ڄاڻي ٿو. (۴) نه زنا ڪن ۽ نه پنهنجي اولاد کي قتل ڪن.

سوڍي صفا وات ڪان، آماءَ ٿيا عاري،
مار نه تن ساري، عورت جي اخلاق جي.

اڪيهين رات اچي، پيم پهنوارين پور،
ڪو جو منهنجي من تي، ويڙو مچ مچي،
"فتربصوا حتيٰ ياتي الله بامره" سان ويڙم
روح رچي(١)،
ڪنديس ڪانه ڪچي، سيل ڇڏي ميان سومرا!

ٻاويهين ٻاڏائي ٿي، آزيءَ ساڻ عمر ڪي،
سبق جيڪي سيل جا، سي ٿي سمجهائي،
"آليس الله باحڪم الحاڪمين" جي پٽي پڙهائي(٢)،
ٿي چيٽو چوائي، ويندس ملڪ ملير ڏي.

ٽيويهين نڪائي، ڪلفن ۾ قابو ڪري،
پنهنجي رضا ڪينڪي، آوءَ آتي آئي،
نه ڪي تڪيئين تيل ڪي، نه هنڌن هيرائي،
شربت، شيرا، چاشنيون، نه ڪاچ ڏئين ڪائي،
"انّ الابرار لفي نعيم" جي وات رکيئين وائي(٣)،
جا چارين ۾ چائي، سا نه ڇڏيندي سيل ڪي.

چئي **چوويهين** رات جو، ٿي هر هر هٿ ڪٽي:
ته موليٰ منهنجي ذات مان، اچي قاصد ڪو،
"ربنا وابعث فيهم رسولاً منهم" جڙيل هجي جو(٤)،
ثابت اچي سو، لاهي ڏُرت ڏيهن تان.

(١) الله تعاليٰ جي فيصلي اچڻ جو انتظار ڪريو. (٢) ڇا الله سڀني حاڪمن کان زياده حاڪم نه آهي؟ (٣) بيشڪ نيڪ ماڻهو عيش ۾ هوندا. (٤) اي منهنجا رب! انهن ۾ انسان مان ئي رسول مبعوث فرماءِ (اها دعا حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت محمد صلعم مصطفيٰ جن جي اچڻ لاءِ گهري هئي).

پلر **پنجويهن** رات، ساريم، سڻ ميان سومرا!
مونکي بکون بند، ۽ هٿي ڏونرا ڏات،
ڪير مٿائي قيد ۾، پنهنجي ذات ذمات؟
"مما خطيئاتهم آغرقوا" تن ۾ رک ايءَ تات(١)،
مارن ملاقات، سائين ڪري شل ٿئي.

ڇويهين چنا ڪئين؟ آءٌ آگاڻيو آن جو،
عمر! عمرڪوٽ ۾، جاڙون ڪنديـن جيئن،
ميخون مارن سن ۾، تڪيـون لڳندم تيئن،
اڄ آس الله ۾ هڏ نہ هوندي هيئن،
"إنّ مع العسر يسراً" پڙهيو آهيم اينءَ(٢)،
ملي سرتين سينءَ، ڪنديس ڳالهيون ڪوٽ جون.

سهڻي **ستاويهين** رات، اوٺي اتان آئيو،
مولي تنهين کي مڙئي، ڏنيون مدارات،
انهيءَ جي اچڻ سان، پرهہ ڦٽي پرڀات،
نڳي پيو نُور، ۽ زور ٽٽو ظلمات،
لٿو ظلم ضعيف تان، ٿي عطا عنايات،
"إنا ارسلناڪ بالحق بشيراً و نذيرا"، وائي آئي
وات(٣)،
سلام و صلواة، پڙهندي پوريون ڪين ٿيون.

قاصد ڪوٺ ڪٺي، آتان **اٺاويهين** آئيو،
سائر تنهنجي سار ٿي، واحد اينءَ وٺي،
آئي آهہ اندر سان، تنهن ڪيو هند هٺي،
"وما عند الله خيرٌ للابرار" عمر ڳالهہ ڳٺي(٤)،

(١) انهن سان جن ڪان ڏوهہ ٿيا اهي ٻوڙيا ويا. (٢) بيشڪ هر تڪليف سان گڏ سک آهي. (٣) تحقيق اسان توکي رسول ڪري موڪليو، حق سان بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ. (٤) چڱن ماڻهن لاءِ الله وٽ خير آهي.

ٿو چاڙي پاڻ ڏٿي، ته ايءَ امانت ان جي.

اوڏنهين رات آٿي، ڪيم سار سفر جي،
"هـٰذا يوم ينفع الصـٰدقين صدقهم" سچي ڳالهه سچي (١)،
موٽي وڃان تن ڏانهن، جن سان جڙيو جي،
ويهي ولڙينديس تن سان، حال هتي جو هي،
مارن کي معلوم ٿي، اها ڳالهه اڪئي،
الله ڪيس آجي، آءٌ ڪاري ڪوٽ مان.

سيئي ظلم زنجير، ٽٽا **ٿيهين** رات جو،
مارن ساڻ ملڻ جي، موڪل ڏني مير،
هاڻ وڃان ٿي ويڙهه ۾، پيئنديس پاڪ پنير،
ڪي ڏينهن آڻي ڪوٽ ۾، قيد ڪيم تقدير،
"والى الله ترجع الامور" اها سڌ سڌ ير (٢)،
قائم ڪيو قدير، "غني" مٽ سٽين جو.

---

(١) هيءَ اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ سچن کي سندن سچائي نفعو ڏيندي. (٢) ۽ سڀ ڪم الله ڏانهن موٽن ٿا.

ٽيھہ راتيون: مارئي*

(پانڌي آريسر)

[پانڌي ولد مانجهي ذات آريسر، ڳوٺ چارڪي تعلقي ٽنڊي الهيار جو رهاڪو آهي. اندازاً سنہ ۱۹۰۵ع ڌاري ڄائو. سندس علمي لياقت فارسيءَ ۾ "ڪريما" ۽ "مامقيما" تائين آهي. هن وقت درس تدريس ۽ حڪمت سندس خاص شغل آهي. سندس ڪلام بيتن، مداحن، مولودن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. هتي سندس چيل ٽيھہ راتيون ڏجن ٿيون.]

پهرين رات پيئي اچي ڪوٽ ۾،
وڇوڙي ولهن جي چڙهي چوٽ ۾.

ٻيءَ رات پاپاتا، ماريا مون سنگهار،
لهن مَن ڏکيءَ جي اچي ڪا سنڀار.

ٽيءَ ڪيئن ٽري جو لکيو لوح ۾؟
آئي جا ڏوٿياڻي ڏکئي ڏوهہ ۾.

چڱي ڳالهہ چوٿين، ادا سڻ عمر!
رکان مارو ئڙن جي خبر پڇ پچر.

پنجين جي پنڌن ۾ ڀنور ٿي ڀڃان،
هُتي جي لوئيارين لئي ٿي لڇان.

ڇهين مون ڇپر ۾، جي ڇيلا ڇڏيا،
پکا جت پهنوارن اوڏا اَڏيا.

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي.

ستين سومرا! ڏي، مارئي کي موڪل،
بندي ڪيڏ بندن مان، نماڻي نہ جهل.

اٺين آءُ نهاريان، سانگيڙا سڄڻ،
اچن شل عجيبا، سانيڙا سڄڻ.

نائين نئون اوسيڙو سنگهارن سندو،
گهڻو غم گوندر ڳنوارن سندو.

ڏهين ڏور ڏوٽي، سانگي ويا سفر،
ڪاهون ڪالهہ ڪاهي، ويا چانگون چپر.

ڪارهين ڪوٽ مان تون ڪڍي ڇڏ عمر!
ڪٿيري ڪاهڙ ۾، گڏي ڇڏ گذر.

ٻارهين ٻور ٻاڻي، چرن ڦر ڦُلي،
منڌاتي ملڪ ۾، وتي ٿر ڪُلهي.

سونکي چال **چوڏهين**، چگي تن وٽي،
هنئين ۾ حبين جي هٿي آڻي.

پيادا ٿيا **پندرهين** پاڙوسي پري،
اڪيان نار نازڪ، ڍارون پيا ڍري.

سورهين سور ساٽيهہ جا جيءَ جهورين،
ٿهري ڪرت ڪهاڙا، واڍا جيئن وڍين.

ستر **سترهين** ڪر، ستيءَ سڏ سٽي،
امن سان آساٽين تہ ڳايان ڳڻ ڳٽي.

آساٽيم **ارڙهين**، عمر! ڪر ڦٽي،
وڃي آءُ وطن ۾ لاهيان مَرَ مِٽي.

Soorih Mirani

اندر منجهہ **اوڻيهين** ٿيو اندوهہ آهہ،
نماڻي رکين ڇو لوهن منجهہ نظر؟

ويهين وار ويچاري، وطن ڏي وري،
ويندس نہ تہ غمن ۾، هتي ئي مري.

ايڪيهين عرض آئي، ڪريان منجهہ رتول،
باباڻن جا پرپر هنئين منجهہ هول.

ٻاويهين ٻاجهہ پريا ٻاجهيند ڙ ڀون،
قبولين تون قادر! سي منهنجون آهون.

ٽيڪو ڪيئن **ٽيويهين**، ڪڙم ڪي لايان،
سلامت وجي سرتيون گڏ گڏايان.

چوويهين اج چڱيون، ونيون تر ٽريون،
مون ڪان هت وهن هاءِ! لُڙڪن لڙيون.

پڇي پٽ **پنجويهين**، ڳاڙها ڳوڪ ٿيا،
مارا ڏيهہ ڏاڏاڻا، سکيا لوڪ ٿيا.

ڇويهين ڇمر، ڇم ڇم ٿا ڇڻڪار ڪن،
ساوا ملڪ منهنجا ٿا گلزار ڪن.

ستاويهين سهڻا ٿيا، ڳاڙها ڳم ڳنڊير،
ڇپن ڇن ساوا، پڪا پٽ پنير.

اٺاويهين آس ڪر، آمانت آماڻ،
ڪڏي تون ڪوڙن مان، ٻارس پنڌ ٻاڻ.

اوڻٽيهين ورائي وطن ڏي ڇڏيو،
سگر جنهن مان آئي، وگر تنهن گڏيو.

ٽيھين رات ٽَريا، لٿا ڏک ڏرت،
”ٻانڊي“ چئي ٿي ڪلمي سان منهنجي ٻرت.
لا اله الا الله محمد رسول الله

ڏيهه راتيون: مارئي*

(طاهر پير)

[طاهر پٽ رتو ذات پير رهندڙ لڳ ٽنڊو الهيار ضلعو حيدرآباد. اندازاً سنه ۱۹۱۶ع ڌاري ڄائو. اصل هوسڙي تعلقي حيدرآباد جو رهاڪو هو. حجام‌ڪو ڏنڊو ڪنڊڙ آهي. دراون ڏورن ۽ ڪچهارتن جو چاڙهو آهي. سندس ڪلام بيتن ۽ ڏورن تي مشتمل آهي. ڪيس پين ٻه ڪيترن ئي سگهڙن جو ڪلام ياد آهي. هتي سندس چيل ڏيهه راتيون ڏجن ٿيون.]

پهرين رات پيرم اچي ڪوٽ ۾،
سڙي من ٿيو ساڻو، اندر اوٽ ۾.

ڪري **ٻيءَ** پڪارون عمر کي سڙان،
ملائيم مارن سان ڪڏي ڪوٽ مان.

ٽمن رات **ٽيءَ** موں، عمر! رت ڦڙا،
سنگهارن کي ساريو راتو ڏينهن رڙان.

ڪٽي قيد قابو **چوٿين** رات ۾،
جلي جيءُ جگر ويو انهيءَ تات ۾.

پنجين جو پڪارون عمر کي ڪيان،
ملان شل مارن سان وڃي ڪوڏ مان.

ڇهين جو ڇنن ۾ ڇيلا جي پدام،
اهي ياد آٿيو، اکيئين رت رنام.

---

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي‌محمد طاهرزادي کان ملي.

Soorih Mirani

ستين جو سُتي مون اچي سڪ ٿي،
سُتن کي سنياريو روئان رت ٿي.

اٺين جو عمر! مون، ڳوڙها پيا ڳڙي،
اکين آب آڻي ويندس هت مري.

نائين جو نه آيو ڪو اوتي آتان،
خبر خوب خاصي تنين جي پڇان.

ڏهين من منهنجو ٿيو قارون قُٽي،
نيا هو نشاني نه مارن مُڪي.

يارهين ياد پيڙا آهي مون اچي،
گولاڙا ۽ ڳُگريون پيا پَٽ پچي.

ٻارهين جو پاپاڙا سگر ساڳ ڪن،
پپُون ۽ پيرون ٻڙ پَڪيو ٿا اچن.

تيرهين جو تياري ڪئي سرتين آتي،
چيڙ چاهون چؤنرا به آندئون سٿي.

چُري چوڏهين جو ڏيو من چتو،
ڪُنيون ڪاچ ڏٽ مونکي وسري نٿو.

آباڻا پري ٿيام پندرهين ادا!
ٿيس بند ۾ بند، جهانگين جدا.

سورهين سرتين سات مون لئي ڪيا،
آديـن وٽ آبتا پَکا مون پيا.

ويو رات سترهين منجهه ساه سڙي،
گهڻن منجهه گهڻي قيد قسمت ڪڙي.

Soorih Mirani

الله! آڻ **ارڙهين** جو مارو ملير،
ملي تن مان هيڪر، پيان ڪليو ڪير.

اوڻيهين اچڻ جي وائي وات ڪن،
جني ڪاڻ جيڏيون! ڏڏي منجهه ڏڪن.

ويهين ناهي ويسهه، نه دل کي قرار،
رکي ويئا مون تي وڏي ڪا ميار.

ايندم رات **ايڪيهين** اباڻا هلي،
محل، موهه، ماڙين کان مون دل پلي.

ٻاويهين رات ٻڪرين جون ٻيڪون ٻُرن،
وٿيو چانگ چيلا ٻِٽن ۾ پُٽن.

ٽيويهين ٽول تکيا هڙئي ٽيم حرام،
نکري نيڻن کان پوان ان جي سام.

چوويهين جو چُڏا ٽيا، واهڙ ويا وُڙهي،
ڪائي ڪاڄ کهڙا ڪُواريان ڪُڙهي.

ٽيا **پنجويهين** جو پَٽن تي، مُنگها،
موٽ، مُٽرت،
چيڙ، چونر، چاهان، کچا ڪين ڪرت.

ڇويهين جو چڪي چيلڙن جي مون چانگ،
کاهوڙين ڪيٽن ۾، توٽائيءَ جي تانگهه.

ستاويهين ستر منهنجو رکجانءِ ستار!
رساڻين آريج ڏي هي ڏيئڙي ڏنار.

اٺاويهين آڪنڊ پڻ اِها ٿم امير!

Soorih Mirani

لوڪ ڏي ليلهائين، پڇي بند امير.

اوڏانهين الله! آءٌ عاجز ٿي آهيان،
پوڳڻ بند پيڙون، نصيبن پانيان.

ٿيهين ٿاڻ ٿوڻا مي ٿوڙي ٿيهار،
صحت سگهه "پهر" کي، پيلي! ڏين پيهار.

—○—

ٽيهه راتيون: مارئي*

(محمود ٽالپر)

[محمود ٽالپور جي عمر هن وقت تقريباً ۶۸ ورهيه آهي، انهيءَ حساب سان سنه ۱۸۹۰ع ڌاري ڄائو هوندو. جهڏي، تعلقي ڏگهڙي ضلعي ٿرپارڪر جو رهاڪو آهي. سندس ڪلام تمام گهڻو آهي، جو غزلن، ڪافين ۽ بيتن تي مشتمل آهي. هتي سندس چيل ٽيهه راتيون ڏجن ٿيون.]

وڃي ڏي تون پانڌي! سنگهارن سلام،
آهيان بـنـد بيوس پيونـد پيام.

ٻهرين پير پرور سنڀاريان سبحان،
ٽوجهي ڪاڻ ڏوٿين مون زاريون زبان،
ٽيءَ جو ٽڪڻ ٿيو مثل مون مقام،
چوٿينءَ چشمن سان وهيا جر جام.
وڃي ڏي تون پانڌي! سنگهارن سلام،
آهيان بـنـد بيوس پيونـد پيام.

پنجين پير پرور! ڏجئين مون پناهه،
ڇهين جو ڇٽي پيو مٺڙون هڏ ماهه،
ستين جو چڙهي ويا ڏکن جا سپاهه،
اٺين آرڊ آڙنگ وڪوڙي ويام.
وڃي ڏي تون پانڌي! سنگهارن سلام،
آهيان بـنـد بيوس پيونـد پيام.

ناٺين مون نماڻيءَ جڏهن نيـٽر پيام،

* هيءَ روايت فقير اميربخش جي زباني قلمبند ڪئي

ٻاري درد ٻرڙڪ **ڏهين** ڏک ڏنام،
ڪارهين ۾ پير قادر وهلو ٿي وريام،
هم هوش گوندر ماري ڪم ڪيام-
وڃي ڏي تون ٻانڌي! سنگهارن سلام،
آهيان بند بيوس پيوند پيام.

ٻڌم ٻول **ٻارهين** مارن سان ملير،
لڳا ڏل ۾ قهري **ٽيرهين** جا سي تير،
چوڏهين ۾ تي چُنيو منهنجو سورن سرير،
ته **پندرهين** ڀينوارن جا آيم پيام-
وڃي ڏي تون ٻانڌي! سنگهارن سلام،
آهيان بند بيوس پيوند پيام.

سورهين رات سُورن ۾ ويس سڙي،
ري سر تين نه **سترهين** سري هڪ گهڙي،
ارڙهين ۽ **اوڻيهين** ڪڙم لئي ڪڙهي،
ويهين جو وطن لڳي ٿيا گوندر گدام-
وڃي ڏي تون پانڌي! سنگهارن سلام،
آهيان بند بيوس پيوند پيام.

ايڪيهين ۽ **ٻاويهين** تي سُتي چڙڪ پٺون،
ٽيويهين ۽ **چوويهين** تي بدن ٿيو زبون،
پنجويهين ۽ **ڇويهين** تي ٿا رت نيڻ رون،
ستاويهين ٿيون مارن جون ماڙيون مقام-
وڃي ڏي تون ٻانڌي! سنگهارن سلام،
آهيان بند بيوس پيوند پيام.

اٺاويهين ابا ٽا! دکن درد دل،
اوڻٽيهين لٿا مون نماڻي جنجل،
ٽيهين ”ٽالپر“ ڇٽي مديني جا مَل،

لاٿو جيلخانو آهي عربي امام.
وڃي ڏي تون پانڌي! سنگهارن سلام،
آهيان بند بيوس پيوند پيام.

ڏيهہ راتيون: مارئي*

ڪيان رات **پهرين** پهنوارن پچار،
دکن درد دونهان، سنڀاليم سنگهار.

ٻاڪاري ٻاڪاري مون **ٻي** رات ڪئي.
سهيليون سنڀالي مون پريات ڪئي.

ٽيمن نين **ٽيءَ** رات ڳوڙها ڳلن،
نعميا نماڻا، اوجاڳا اکين.

چوٿين رات ٿيم چاڪ دل ۾ گهڻا،
ڏسان ڪين ڏوٿي، ڪاڏي ڪند ڪٿان؟

چٽاڪن سان چولو ڦاسايم **پنجي**،
وطن ريءَ مونکي ٻي نہ وائي سجهي.

چوريءَ ڪي چنندي **ڇهين** رات پئي،
پڪاري پڪاري مون پريات ڪئي.

ستين رات سورن جي آيم ڳري،
ويڙهيچن جي ويڙهي، وڃان ٿل وري!

آيم ڪونہ اوٺي، **اٺين** رات ٿي،
بنديءَ جي مٿان برهہ برسات ڪئي.

نائين رات ۾ نيڻهن نروار ٿيو،
پاڙيچن پسڻ جو اڃي پهہ پيو.

---

* هيءَ روايت آتر (تعلقي گنبٽ) مان محمد صالح منگي ڪان ملي.

ڏکيءَ کي ڏکندي ڏهين رات ٿي،
هاريندي هنجهون دل ۾ هيهات ٿي.

يارهين رات پيم ياد مارو ملير،
اندر ۾ تني جي اچي ٿيم آکير.

ٻاڪاري ٻارهين رات روئان زار زار،
ٿيان ڪيت جي خاص خدمتگار.

تکيان ٿي تيرهين رات ۾ گهت گهير،
الائي مارن ڇو ڪئي آ اوير؟

ڇڪيا رات چوڏهين، اندر چاڪ مون،
ڦٽي دل فراقن ڪئي خاڪ مون.

وڃان پنڌ پندرهين ڪري شل پکن،
سهيليون، سانگياڻيون، ڏسان شل اکين!

سورهين رات ۾ سوز سڏڪا پريان،
قابو ڪوت ۾ ٻيٺي ڪُوڪان ڪريان.

آئي رات سترهين، ٿيا سُور سون،
ٻاڙيچن پسڻ جا پيا پور سون.

ٿيا ارڙهين جو دل ۾ اولانبا آٿن،
نه جهانگي، نه جهوپا، نه پيرون پٽن.

اوڻيهين رات اکين ۾ اوجاڳو ٿيو،
لکيو لوح جو نيٺ لوڙڻ پيو.

ويهين رات ويهي ڪڍيم پرت پار،
نه ڏوٿي نه ڏيهي، نه ڪي ڏڻ ڏنار.

ايڪيھين رات اوڪاسيم اباڻي اوطاق،
دکن درد دونهان، ڦوڙائي فراق.

ٻاويھين رات جو حال ڇڻي ڇا چوان؟
دکن درد دونهان، ڀري شل ڀوان!

نہ **ٽيويھين** تِڪان ۽ نہ سُهمان سَهان،
دکن تا اندر ۾ مارن جا دونهان.

ڇَنِيا رات **چوويھين** مون ڳوڙها ڳلن،
اديون! سور سختيون، مون سر تي سهن.

وهن **پنجويھين** تي، نيڻن مان نديون،
پايان پاند، شل منهنجون بخشي بديون!

ڇويھين جو ڇڏائي موتائج ملير،
مونکي بند مان ڪڍ، ڀنوارن جا پير!

ستاويھين سنڀاليم آباڻا ايندا،
ڪڍي بند مان هيءَ نماڻي نيندا.

اٺاويھين وهي تو اکين مان تہ آب،
حڪم آ رباني، لڌو هوم خواب.

وڃون **اوڻٽيھين** ۾ وهہ تيون وسن،
مارو منهنجا مرڪن، پکا جن پَٽن.

ملي شل! **ٽيھين** رات مارن جو پيار،
حسن مير حسين لهندم سنڀار.

پنهنجي مارن لئي ٽي سورن ۾ سڙان،
محمدﷺ مٿي تي ٽي ڪلمون پڙهان.

لا اله الا الله محمد رسول الله

نيهه راتيون: سلوڪ*

(صالح علي شاهه+)

ويهي ويراڳين کئي، **پهرين** رات پچار،
وندڙ يئون ورچيئون پاڻ ۾، وحدت جو واپار،
سيڻون سٽائين سور جون، غم سان ڪن گذار،
ڏوري ڏٺائون ڏک سين، ناهن ڏٺين ڏار،
”صالح علي“ مختيار، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ٻيءَ رات ٻاهر ٿيو، آد يسين اِنصاف،
سور نه سلين عام سان، ٻاهر نه آڻين ٻاڦ،
ڏوهه گناهه تن تان، مولىٰ ڪيا معاف،
رکيئون نينهن نماز سين، سدا صافو صاف،
قرب جنين جو قاف، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ٽين رات ٽمائيئون، نيڻن منجهان نير،
سدا سنياسين کي، اندر منجهه آڪير،
لهر نه لوڏو تن کي، سچي جن جي سير،
سڪايل ”سيّد“ چئي، فهميدا فقير،
جنّت ملين جاگير، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

چوٿين رات چڙهي، راهي ٿيا راهه،
موڪي جي ميدان ۾، ڪيائون ڪاهوڪاهه،
رضا ۾ راضي ٿيا، سانگو لاهي ساهه،
فرض، نفل سجدي ۾، هورا ڪٽن پساهه،
چائي هڪ اللهه، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

---

* هيءَ روايت آتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان ”آصف“ کان ملي.
+ سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو ص ١٠٠

پنجين رات پاڻ ۾، ڪيائون پڪ پڪاڻ،
چڙ يائون سڪن ڪي، ڏڪ ڪنيائون ساڻ،
ٻرن تي ٻيراڳين، وڃي ڪيا وٿاڻ،
اصلي سي اڙٻنگ ھئا، ڪڏن نه ڪنهن جي ڪاڻ،
ڏئي "صالح شاھ" پاڻ، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ڇهين رات ڇيڙيائون، سورن سند و ساز،
قبلہ نما قلب مان، الست ربﷻ آواز،
تاڙي طريقت ڪي، نمي ڪيائون نياز،
سور ڏسي سيد چئي، نانگن ڪيا ناز،
ربﷻ جنين سان راز، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

سهجئون **ستين** رات ۾، سچ ساريائون،
هردم خوف خدا جي، هنجهون هاريائون،
وحدت جي وصال جا، ورق ٻه واريائون،
ترڪ طمع کي ڏيئي، منڪر مارياون،
اندر اوجاريائون، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

اٺين رات آديسين، ٻڌون ٻڌا ٻول،
ڪيائون قرب سين 'قالو بليٰ' جا قول،
ڏهرا دان درويشن، پرجي ملين جهول،
سدائين سيد چئي، وتن اول ۾ گهول،
آھن ڍوليا ڍول، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

نائين رات نشانبر، نڪري ٿيا نروار،
ٻي ٻولي نه ٻاھر ڪڍن، 'ھو ھو' جي ھڪار،
واحد کي ويجها ٿيا، داخل ٿي دربار،
سنياسي "سيد" چئي، آھن باغ بهار،
سر ڏيئي سرڪار، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ڏاتر ڏنن ڏاج، **ڏهين** جن ڏوريو،
انهيءَ توڪل الله جي، آد يسين اوريو،
ڪنيائون خير سان، جانب ڪان جورو،
راضي ڪيائون ربؐ کي، ٻکو ڪري پورهيو،
جن پاڻ مٿئون گهوريو، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

يارهين ڪيائون ياد، ڳوڙها ڳل ڳاڙي،
اندر آد يسين کي، سوز چڏيو ساڙي،
"الفراق اشد من الموت" قول چڏيئون پاڙي،
"انا احمد بلا ميمي" من چڏيائون ماڙهي،
سر تريءَ چاڙهي، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ٻارهين رات ٻڌائيئون، ڪامل قرب ڪلام،
لڳي لاهوتين کي، من ۾ ميخ مدام،
شرابًا طهورا جا، جنت پيتائون جام،
'ڳوٺ مٿي ۾ "سيد" چئي، ملين ملڪ انعام،
ڪري عشق امام، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ٽيرهين رات تڪين ۾، سنياسي سونهن،
ساريائون سڄڻ کي، آنديون آب اکين،
دونهان درويشن جا، دروني دکن،
تسبيح جي توحيد ڪئي، ورد ويراڳين،
'ميم' ڪيائون من، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

چوڏهين رات چاندوڪيءَ ۾، ڏسي رڙهيا رند،
ٻڌا آيا ٻول ۾، لانگوٽيا لنگبند،
هليا حقيقت ۾، ڪاڏي نه ڦيريائون ڪنڌ،
لوچي لڌائون، وڃي هادي انهيءَ هنڌ،
آمين ڪيائون الحمد، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

پنڌرهين رات پرين جي، وائي اٿن وات،
تهدل طريقت جي، طالبن کي تات،
اعليٰ اوّل عشق جي، بيحد آهي بات،
ڏنن ربّ درجات، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

سورهين رات سڄڻ جا، پسن خوب خيال،
سڪ ۾ سنياسين کي، ڪيئي ٿيا سال،
اديون! آديسين جا، هيٺا ٿيا حال،
لٽيائون، لطف ٿين، ملڪ مڏيون ۽ مال،
لاهوتي ٿيا لعل، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

سترهين رات سور ۾ وين ساهه سڙي،
دردن اڇي دل ۾، لاتن ڌم ڌڙي،
ٻنان عشق الله جي، گهاريئون ڪين گهڙي،
ذاتي زهد ذڪر سان، وين جيءُ جڙي،
ٻنا پرت پڙهي، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

اچي **ارڙهين** رات ۾، ريجهايئون رحمان،
شامل شريعت سان، معرفت ڪيائون مڪان،
تڳن تاري تنهن جي، جنهن جوڙيو جڳ جهان،
وڃي آتي "سيّد" چئي، ٿيا موليٰ جا مهمان،
خاصا ڪنئي خان، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

اوڻيهين رات آتي ويا، جتي آمد ناهي عام،
سامي انهيءَ سڄ ۾، نه ڪي طلبين طعام،
ڳڻتي ڳاراٽن ۾، ڪيئون نيڻين ننڊ حرام،
مڃي وين "سيّد" چئي، من اندر ماتام،
عشق سارو اسلام، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ويهين رات وندر ۾، آديسي آهين،

سدائين سڄڻ جا، پيا ڳڻ ڳائين،
گيڙوءَ رتا ڪپڙا، پوشاڪون پائين،
سر ڏيئي "سيّد" چئي، توڙ نباهين،
لاڳاپا لاهين، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ايڪيهين رات عشاقن، ڪئي جا ڳالهه پڌر،
ڪنياڻون خوشيءَ سان، سورن وارو ثمر،
جهولي ۾ جهلي آيو، گلابي گوهر،
گهارياڻون گوندر ۾، واحد سان ويتر،
درسن ڪياڻون دلبر، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ٻاويهين رات پاڄهه ڪئي، دارين ۾ داتا،
ملڻ ريءَ محبوب جي، آديسي آتا،
پڪا پيچ پريت جا، پرين سان پاتا،
نٽرت سڪي نينهن ڪان، ڳنڍياڻون ناتا،
صحيح سڃاتا، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ٽيويهين رات سڄڻ جي، سٺاياڻون ساراهه،
صفت تنهن صاحب جي، ڪئي ڪلام الله،
محبوبن جي مجلس ۾، اتي پاڻ الله،
عاشقن صادقن لاءِ، ڪافي "قل هُوَ الله"،
هادي جن همراهه، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

چوويهين رات چيائون، جانب جيءَ جهونگار،
واحد جي ورونهه ۾، هيڪاري هوشيار،
ميخانن ۾ مستانن جا، الستا آهن آر،
طالبن کي توحيد جي، تن ۾ وڳي تار،
جاما جن جنسار، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

پنجويهين رات پرين جا، پلٽيو پون پور،

عجيبن جي آٿڻ ۾، ماٺ نہ ڪيائون مور،
نئين سر نوان ٿيا، سنهاسهن کي سُور،
نوايائون ناٿ کي، تن ڪيائون تور،
حاصل منجهہ حضور، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

چوويهين رات چنن ۾، مَرڪن مجازي،
وضع جن جي وضوءَ سان، نيتين نمازي،
روزو نہ ڪو ضايع ڪن، ڪامل ڪوازي،
هٿ پڏي "سيد" چئي، ڪيائون آزي،
ڳام هي غازي، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ستاويهين رات سيج ۾، سائين ڪين سبب،
سلڻ لاءِ محبوب کي، طالب ڪن طلب،
جانب لاءِ جفا ڪري، صفا ڪيائون قلب،
اوّل ڪان عطا ٿين، فقيري لقب،
"و نحن" ويجهو ربّ، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

اٺاويهين عاشقن، اوڪيون سر آيون،
ڪڍي چڏيائون من مان، ميريون مدايون،
جُوءِ ۾ جانب جي، جوڙيائون جايون،
عزتون عشاقن جون، واحد وڌايون،
منڙيون تن وايون، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

اوڻٽيهين اوتارن ۾، آيو پرين پيارو،
ڏک ويڳا سک آئيا، وري وين وارو،
عجيبن کي عاشقن جو، ٿي ويو نظارو،
"تجري من تحتہ النهار" سير ڪيائون سارو،
نر هٽي نعرو، وڃي مالڪ ٿيا ملڪ جا.

ٽلي **ٽيهين** رات، ڪيائون ريجهي رهاڻيون،

وٽي ويون واحد کي، قربن کھاٽيون،
مَلِيون سُورن ڳالھيون، نيون ٻراٽيون،
”صالح علي“ سرهيون ٿيون، ڪوجهيون ۽ ڪاٽيون،
موجون تن ماٽيون، وڃي مالڪ ڏيا ملڪ جا.

ڏيهه راتيون: سسئي*

(زمان شاهه "ساقي"+)

پنهون! پهرين رات، ڪيم پنهوران پس،
مٺي آهي سسئي ۾، ٻير آگهاڙا اس،
ناهيان واقف واٽ جي، وڏو ڪنديس وس،
پڇنديس پير پنهون جا، ڏونگر ڏيندم ڏس،
نه ڪا ماءُ مٺي جي، نه ڪا سڳي سس،
هاڙهي وچان ٿي هيڪلي، پينر مان بيوس،
چڙهي ڏونگر چوٽين، پڇان گوندرن گس،
"زمان" جتن جس! سٺي چڏي ويم سڄ ۾.

سسئي ساريو سات کي، ڪري ٻيءَ ٻاڪار،
وڙي پيٺي ونڊر ڪي، رويو زارو زار،
لهندو ساجن سڄ ۾، سسئي! تنهنجي سار،
"زمان" ڪٺي ويا ڪت تان، هوت هنئين جو هار،
موڙيندي مهار، آڏيءَ رات آئي ويا.

ناهيم ڏينءَ نڪاءُ، پينر! هن پنيور ۾،
جهوري مونکي جت ويا، چلن سپ چڪا،
ڪارڻ ور ونڊر ۾، ڪنديس وس واڪا،
"زمان" ڏکيا ڏير هي، مون ڏي ڪنهن مڪا؟
دلبر ڪاڻ ڏکا، سسئي ڪيئندي سڄ ۾.

چوٿين ڪيم چريو، عشق آريءَ تنهنجي،
جتن آئي جيڏيون! سکيو ڏينهن نه سريو،
"زمان" ور ولهي جو، ويو ڪين وريو،

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان محمد طالب لوهار ڪان ملي.
+ سوانح عمر يءَ لاءِ ڏسو ص ٣١٧.

ڪِريو هوي ڪلر ۾، ڪُوڪارون ڪريو،
ڏونگر پوءِ ڏريو، سٽيو سور سسئيءَ جا.

پنجين ڪڍي پار، ويٺي وندر وچ ۾،
ڪنهن جي سام سسئي ڪي، هوت! ڇڏي ويئن هار،
چڙهيو ڏونگر چوٽئين، نيٽين وهايان نار،
ڪيچي ڪاله ڪري ويا، "زمان" ڏارين ڏار،
هي نه پنهونءَ جا پار، ڪنهن چغل آهي چوريو.

ڇهين ويا ڇني، جيڪس سگ سسئي سان،
رئيم جيڪا روح ۾، سا پنهون! ڪانه ٻُني،
قضا ڪاتي آندي، مُٺيءَ لاءِ مُني،
سُورن ڀَري سوڪڙي، ڏيرن آهي ڏني،
راتو ڏينهن رُني، "زمان" ڏيرن ڏک ۾.

ستين ڀانيان سُک، هي سوغاتون سورن،
محب جي ملڻ ري، ٻئي بدن ناهي ٻُک،
ڪيچ ڪڏهن آءٌ پهچندي، وڃهان وڏي وک!
"زمان" ضايع ڪين ٿئي، لکئي منجهان ليک،
کهڙا ڏيرن ڏک! سهيئي ڪم قلم جا.

اٺين وائي وات، اٿم آريءَ جام جي،
سُتيِ ڇڏي ويا سسئي، اديون! آڏيءَ رات،
پنهون! آهيم هٻ ۾، تنهنجي تاري تات،
"زمان شاهه" جتن جي، زوراور آهي ذات،
سور اٿم سوغات، سڄڻ! تنهنجي سڪ ۾.

ڏيرن ڏکيءَ کي ڏنو، **نائين** هي نياڳ،
سمهندي ساعت ۾ ڦٽو، ڀينر! منهنجو ڀاڳ،
نه آيو پسند پنهون کي، سسئيءَ جو سهاڳ،

ڳايان پيئي ڀنهونءَ جو، رندن اندر راڳ،
"زمان" آهي اياڳ، نماڻيءَ جي نصيب ۾.

پيم ڀنهونءَ ڪاڻ، ڏونگرا! تو وٽ **ڏهين**،
ايندي‌س پير پٿون ڪري، تو وٽ ڀنهل! ڀاڻ،
ٻچي ڀيئي ڀڪين ڪان، آريءَ جا اهڃاڻ،
روجهن ساڻ رڃن ۾، ڪري روح رهاڻ،
"زمان" لڳو ڀاڻ، ڀانيڻ ڪي ڀروچ جو.

ڏکيءَ وٽ ڪو ڏير، **ڪارهين** ڪاهي آئيا؟
رکي آئيا روح ۾، وِلهي ساڻ ڪو وير،
ويندي سا نہ سيئي ڪي، هوت وڏي جا هير،
ڪٺان رويو رندن ۾، ڀنهون سندا پير،
"زمان" ڪنڏندي ڪير؟ سدائين سهاڳ تي.

ٻارهين ڪريان ڀاڪارون، چڙهيو چوٽئين،
ڪهڙيءَ ويون وات تان، ڪيچين قطارون؟
حرف نہ آهي هوت تي، سڀ مون تي ميارون،
"زمان" لهندم سيج ۾، سڄڻ هٿ سارون،
ڀلپل ڀوڪارون، ڪريان پيئي ڀنهون لئي.

ٽيرهين تتم ڏينهن، لاهِ ڪاڻ لڪن ۾،
اکين ارتو هاريو، مُند نہ وسن مينهن،
چنا پير چپر ۾، ڪيچ رسندي ڪيئن؟
ڪونہ ڪري ڪنهن ساڻ، ڪٿي جتن مون ساڻ جيئن،
نماڻيءَ جا نينهن، "زمان" ههڙا حال ڪيا.

چوڏهين آءَ چري، ڪيس ڀاڻ ڀروچ جي،
پٿون ٽينديس ڀپ ۾، وينديس ڪين وري،
جيڏري جتن پري ٿيا، ملنديس نيٺ مري،

سڪ رکيو تن سِرَ تي، اهو بار پري،
"زمان" پَتَ پري، پهچان پنهون ڄام کي.

جبل ۾ جتن لاءِ، **پندرهين** اُٿ پيئي،
سور قبوليا سِرَ تي سسئي سهيئي،
پنهون! ڪين پري ٿيان، پر وسان مون ويئي،
وڏيم رُڻن راتيون، "زمان" نينهن نيئي،
ڏير ويا ڏيئي، سور سسئي کي سوکڙيون.

سورهين جن جي سام، هيس سي هليا ويا،
مکو کونہ مُنئيءَ ڏانهن، ساڄن کوہ سلام،
ڪانگا! وڃي ڪيچ، ڏي پنهون کي پيغام،
هوت ڇڏي وئين هيڪلي، هي نماڻي ناڪام،
"زمان" دل کي دام، وڃهي هوت هليو ويو.

سترهين لهہ تون سار، پنهون! منهنجي پٻ ۾،
ڪاڻي لڪئين کوهہ ۾؟ پوريءَ جا پتار،
آهيان ٽڪي ٽر ۾، واڳ ولهي ڏي وار،
جيئڻ مون جاڙ ٿيو، هوت هنئين جا هار،
سيج، اهو سينگار، "زمان" مونکي زهر ٿيو.

ارڙهين آري! اڄ، ساري سورن سسئي،
ساهہ منهنجي سپرين، محبت ٻاريو مچ،
آءُ اٻوجهي آهيان، "زمان" ڪمايم ڪچ،
ڏيرن کي ڏکي لڳي، جي سسئي چوندي سچ،
پيئي پنهون لاءِ پچ، سورن اندر سسئي!

ڏنو عشق عجيب جي، **اوڻيهين** اوجاڳو،
نيڻان ڏاڍو نينهن جو، دوست ٻڌو ڏاڳو،
لکيو انگ الستئون، اديون! اياڳو،

پيـنـر! منهنجو بخت هو، نپٽ نياڳو،
ساڄن جو ساڳو، "زمان" کهڙي وات ويو!

ويهين ويـڙو ورُ، سُتي مون ڪان سيج تان،
ٻاروچي ٻـولي ۾، ڏيرن ڪيو ڏمر،
ناهيان واقف وات جي، پينر! سُڃي ٻر،
ڏسنديس آءُ ڏکي وچي، پنهون ڪهڙي پر؟
"زمان" ساهه ۽ سِر، گهوريندس گهوٽ تان.

ايڪيهين پيو انگ، چوري جو چڱيءَ ۾،
جتن ڏيـکاريم جيڏيون! اهو جبل ۽ جهنگ،
چيڏ يائون لڄ لکن ۾، نه ڪو سڃاڻئون ننگ،
"زمان" آهي اڙانگو، ٻروچن جو ٻنگ،
ٻـرزا ٽيو پلنگ، سڙي سيج مسئي جي.

جيڏيون! مون سان جٽ ڪئي، ٻاويهين ٻروچن،
سُتي ڇڏي ويا مسئي، پيو ترس نه تن،
پيـنـر! بيـوس آهيان، پنهون نيو ٻنهنجن،
"زمان" قهر قضا ڪيو، نه ڪو ڏوهه ڏيرن،
هٿن سان هوتن، گڏي آهيان گوندرين.

ٽيويهين نمـائـي، ويهو نمـاڻي نيڻ،
پڇـيـو گوڏا ٻـر ۾، واري وسائـي،
رويـو ڦـڙا رت جـا، ويـئـي واجهائي،
الله! واري آڻ تـون، ٻنهون ٻرچائي،
ريبي رُسائي، "زمـان" ور وئـي ويـا.

چوويهين چٽ چريو، سرتيون! ڪيو سورن،
ڇُوتا ٽيو ڇپر ۾، وچـان مفت مـريـو،
ويندي وعدو تو ڪيو، سو پنهون! ڪين پريو،

ڏناوَ ڏيج ڏکن جا، سورن سڏ ڪريو،
”زمان“ ور وريو، اچان ڪين ڪنهيءَ جو.

پنجويهين ٿيا پري، اديون! ڏکيءَ کان ڏير،
نه ٿي پر پڇڻ جي، ساعت به ڪين سري،
رويو پنهيان روح ڪي، پيو جيءَ جهُري،
جهوتون ڏيو جبل ۾، ڏيو ور وري،
”زمان“ ڪيئن ڪري؟ سورن هاري مسئي.

ڇويهين منجهه ڇپر، ناهي ڏڍ ڏکيءَ جو،
شينهن، بلائون بڇڙيون، بگهڙ ۽ باندر،
پيلا نيلا نانگ، ٿا وٽن وجهن ور،
پهچان هوند پکيي ٿي، جي پنهون! هوُنم پر،
”زمان“ سورن سر، ڏيکاريا ڏکيءَ کي.

کٽيو پير پنهونءَ جا، **ستاويهين** ساري،
رويو ڇٽي ربّ کي، مونکي ور ڏيو واري،
ڪريو منهن ڪيچ ڏي، سا آيو اوساري،
پنيو طالع پنهنجو، پريو پاڪاري،
نميو نهاري، ”زمان“ پير پنهونءَ جا.

اٺاويهين آيو، پنهون کان پيغام،
سک نه ڇڏج مسئي! پيو سچو رک سعيو،
پير نه هٿائج هٿي، پکو رک پايو،
”زمان“ ”عُسْراً يُسْراً“، معيو سچايو،
پنهون پرچايو، صبر تنهنجي مسئي!

اوڻٽيهين آءَ آسرو، لالن! ڪيئن لاهيان؟
سچ جو پڌيو سندرو، پيئي پڇايان،
ڏيو دلاسا دل کي، ويٺي واجهايان،

اڪيون پڙڇ پرين لاءِ، ويتر وڇايان،
وَتُون ورهايان، ”زمان“ محب ملڻ جون.

ٻيهين ويا ٽري، سيئي ڏينهن ڏکن جا،
ڏاهي آهيان ڏيهه ۾، متان چئوم چري،
پــڌي توڪل ترهو، ويس تار تري،
تيس هيڪاندي هوت سان، ”زمان“ پهت پري،
مليم ور وري، ڪلمي جي ڪلام سان.

لا اله الا الله محمد رسول الله

ٽيهه راتيون: سسئي*

(آچر فقير)

[آچر پٽ جمعو ڦلپوٽو، اورنگ آباد نزديڪ امروٽ شريف، تعلقي کڙهي ياسين جو ويٺل هو. ننڍپڻ ۾ سندس ماءُ پيءُ فوت ٿي ويا، تنهنڪري پنهنجي مامي وٽ شڪارپور جي پرسان اچي رهيو. ماس ڪيس مينهن چارڻ تي چاڙهيو. پر جلدي اتان بيزار ٿي ڳوٺ ڇڏي گهمندو اچي درازن ۾ پهتو، جتي فقيرن جي صحبت وٺي ويس. آخرڪار پاڻ به فقير بڻجي ڪجهه عرصي کان پوءِ ڳوٺ موٽي آيو. ٿورو گهڻو ڪلام چيائين، جنهن مان سندس ٽيهه راتيون هتي ڏجن ٿيون. پاڻ جوانيءَ جي وقت ۾ سنه ١٣٤٩هه/١٩٣٠ع ڌاري وفات ڪيائين.]

پهرين رات پرهه جو، اٿندي ڪيائين آهه،
ڪٽي پير پنهل جو، روئي ورتائين راهه،
"قل هو الله احد الله" تي، تو ۾ آس الله!
منهنجي ڪري واهه، پنهل ميل پنڌ ۾.

ٻي رات ٻاروچل ڏي، وٺي وات هلي،
سورن ساڙيس ساهه ڪي، جيرو ويس جلي،
"ان الذين آمنوا وعملوا الصالحات"، وڃي اهڙي ريت رلي،
ڪري پير پلي، ويجهو نيجانس وات سان.

روئي **ٽين** رات ڪي ورتائين وات،
ڳوڙهن جي ڳلن تي، ڇٽي پيس ڇات،
"الحمد لله رب العالمين الرحمان الرحيم" اهڙي ڏنائينس آت،

* هيءَ روايت آنر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

ويچاريءَ کي واٽ، تون ڄبل ڄالاري ڏين.

چوٿين رات چڙهي هلي، ويئي نه هڪ وار،
گهر گهوريئين گهوٽ تؤن، ٿي پنهورئون بيزار،
"الست بربکم قالوا بلیٰ" هٿئن آريءَ سان اقرار،
سولي کر سردار! ته ٻاڙيان قول پنهل جا.

پنجين رات پنهل جو، اچي پهه پيوس،
پيهي ويئي پنهل ۾، سارو وهم ويوس،
"اهدنا الصراط المستقیم" اچي پکو پيچ پيوس،
محکم من ٿيوس، عشق ته آريءَ ڄام جو.

ڇهين رات شوق منجهان، رمي ورتائين راهه،
کيائين آس الله کي، درد منجهائئون دانهن،
"صم بکم عمي" کيائين کاڏي کين نگاهه،
منهنجي کري واهه، کنڌين ڀار پهاڙ کؤن.

سسئي **ستين** رات کي، هلي واٽ وٺي،
ٻاري ويس ٻاروچل، برهه جي کا ٻٺي،
"الحب لله والبغض لله" خيالئون کين کٺي،
هيکارئون نه هٿي، "آچر" آريءَ ڄام ڏانهن.

اٺين رات اٿي وڃي، هيءَ هنيائين هاڪ،
جهاڳيندي يس جبل ۾، کنديس ترن مٿارئون ٿاڪ،
"ان الله مع الصادقین"، اتي پرور پاڪ،
جيتر سون کان واڪ، تيتر پيرڙيان پاڻ پنهل لئي.

نسري **ناٿين** رات کي، کيچ وڃي ڪرندي،
پنهل وٺي پاڻ سان، پوءِ ڦيرائي ڦرندي،
"الفراق اشد من الموت" منڌ وڃي مرندي،

ٻاروچل جي ٻرندي، هيس اديون! آڳ اندر ۾.

ڏهين رات ڏکن جو، سرتيون جاڳيم سيئي،
پنهل جي پورن جو، کو وري وهايم ويئي،
"الرياءُ اشد من الکفر" کونه رکيائين کو ريئي،
جيڏيون منهنجو جيءُ، جلي جت پروچ لئي.

يارهين رات يقين سان، وات وڃي ورتي،
جيکا جهاڳي ڏي جهنگل ۾، سا تو آ پرتي،
"الخوف اشد من الرحمت" کنيائين کين سرتي،
ويچاريءَ ورتي، داون دستگير جي.

ٻارهين رات ٻاروچل جو، اچي پيس پور،
بيٺي کين پنهور ۾، هن کي محبت کيو مذکور،
"والله بکل شيءٍ محيط" هن کي نظر ڏيو نور،
"آچر" حج حضور، هيس پيشاني پنهل جي.

ٽيرهين رات تکانءُ کري، پاڻ پنهونءَ ڪاڻ،
سرتيون سڀ ڇڏي هلي، کڏي نه کنهن جي ڪاڻ،
"طالب المولیٰ مذکرٌ" هيس اندر منجهه روح رهاڻ،
پنهنجي پنهل ڪاڻ، کنديس کشالا کيچ ڏي.

چوڏهين رات چورُ ڏي، پڙکي ٻريس باهه،
پيس پور پنهل جو، سک نه جهليس ساهه،
"لا مقصود في الدارين الاهو" رندي ورتائين راهه،
محبت کيو هوس ساهه، عشق ته آريءَ ڄام جي.

پندرهين رات پنهل جي، ورهه وڌو هوس ونگ،
خيالن کيري کئي، رمزن لاٿس رنگ،
"و امامن خوف مقام ربه" جهاڳي چڙهندي جهنگ،
نماڻيءَ جو ننگ، پالڻ تنهن پنهل تي.

سڪ ٻه **سورهين** رات ڪي، سور ورتا سنڌ،
پلپل پڪارون ڪري، هئي هئي ڏسي هنڌ،
"ڪل نفس ذائقة الموت" هرڪو مرندو منڌ!
پنهل خاطر پنڌ، اديون! مون ڏولائو آيو.

سترهين رات مانباهو ڪري، سور ڪنيائين ساڻ،
هٿي ويس هوت پنهون، محبت وارو ماڻ،
"إن الله مع الصابرين" صبر ڪيائين ساڻ،
جي پنهل اچي پاڻ، ته "آچر" لک عيدان ڪريان.

اٺي **ارڙهين** رات جو، وري ڪرم ويچار،
ڪَهندي ويندي يس ڪيچ ڏي، حيلا ڪري هزار،
"و في انفسكم افلا تبصرون" تن ۾ لڳن تار،
سونهن پريا سردار، ڪر ويجهي وات وندر جي.

اوڻويهين رات اٺي، ڏوري ٻيئي ڏونگر،
ڪَهندي ويندي يس ڪيچ ڏي، ڪندي هُل حشر،
"الفقراءُ فهو الله" راضي ڪيس رهبر،
پاڪ ڏٺي پرور، ڪندم پرورش پنڌ ۾.

وري **ويهين** رات تي، آٿي ڪيئين ارمان،
ثابت ڪنيائين سر سان، سورن جو سامان،
"جنّٰت عدن تجري من تحتها الانهار" فرمايو فرقان،
تڏ لهندي يندَ ماڻ، جڏهين پنهل کي پنهنجو ڪرين.

ايڪيهين رات اٺي ڪري، ضعف منجهان زاريون،
اديون! آريءَ ڄام ڪي، شل پهچن پڪارون،
"الّٰهم صلى على سيّدنا محمدؐ" سبق پڙهان ساريون،
ڏونگر کي ڏاريون، ڪاهي رسنديس ڪيچ ڏي.

ٻاويهين رات پاروچل ڪاڻ، پٽ ۾ پُڪاري،

سيّد رسنديـن سچ ۾، ساهه گهٽو ماري،
"لن تنالوا البر حتیٰ تنفقوا مما تحبون" پاڻ هيءَ پيٽي ماري،
جيڪا لڳي تو لاري، تنهن کي آري ڏيندم آسرو.

ٽڙي **ٽيويهين** رات کي، دلڙي ڏارون ڏار،
جاڳيس ڦٽ فراق جا، هينئڙي منجهه هزار،
"لا تقنطوا من رحمة الله" آهيان تو آڌار،
ڪيچ سندا ڪلتار، اچي ستت سچ آڪارين.

چڙهي **چوويهين** رات کي، ٻاٽئين جبل ۾ جهاتي،
عشق تہ آريءَ چام جو، اچي ذوق لڳس ذاتي،
"و نحن اقرب اليه من حبل الوريد" پائي ڇاتيءَ ۾ جهاتي،
"آچر" اثباتي، اٿئي پنهل پاڻ سان.

پنجويهين رات پنهل جي، اچي ٻرت ٻيس،
وهنديءَ جا وسيلا، خوديون خيال ويس،
"ان الله علیٰ کل شيءٍ قدير" من ۾ مام پيس،
سچي سِڪ تيس، "آچر" آريءَ چام جي.

ڇويهين رات چوهه منجهان، ڪُوڙها ٻيس ڳڙي،
جدائيءَ ۾ جَت جي، ساهه ويس سڙي،
"خلق الادم علیٰ صورته" ٻکي تيس ٻڙهي،
گهاريان ڪين گهڙي، پينر! ريءَ ٻتار جي.

سسئي **ستاويهين** رات جو، ڇڏي مال متاع،
ڪاهي هلي ڪيچ ڏي، روئي وٺي راهه،
"العشق لا حجاب" هن هيٺيءَ جو حياءُ،
آت آڏو آءٌ، جت هوت ٻسانءِ هيڪلي.

اٺاويهين رات آئي، وڃڙٽ هلي وَرُ،
جي ٿي لعل لهي اچان، سسئي ٿيان سو ٻر،

"ان اوليا لا يموت" منهنجو سچو ٿئي سفر،
ڏونگر سندو ڏر، سسئي کين سنڀاريو.

اوڏنهين رات اٿي، ٿي راه وٺي رهوال،
پنهونءَ پاجهان پاڻ سين، ڪو ڪنئين ڪونہ خيال،
"من عرف نفسه فقد عرف ربه" هي رکيائين حال،
سسئي سندو سوال، پهتو چام پنهونءَ کي.

ٿلي **ڏينهين** رات تي، سسئيءَ لڌي سار،
وسي ٿو وجود ۾، دلبر ناهي ڌار،
"الانسان سري و انا سره" پنهل جا هي پار،
ڪٿ "آچر" تنهنجا آر، ڪاڏي ڦناطون ڪيچ جون؟

ڏيهه راتيون: سارئي*

(صوفي آسورام+)

پهرين رات پرين سان، قابو ڀيج پيوم،
وچن انهيءَ ويڙهه جو، ڪيچيءَ ساڻ ڪيوم،
پاڻي نيڙ نينهن جا، سانپي ساهه ويوم،
ويهي وهه ٿيوم، ور ري هن ڀنيور ۾.

ٻي رات پاروچل سان، پيم نينهن نرت،
ويئي ويچاري وساري، سڀڪا وار ورت،
سڙڻ سڪڻ سوز ۾، ٿيڙي ايءَ ڪرت،
شال سچي پرت، رهجي اچي شاهه سين.

ٽين رات نمايان ٿي، جر جام جاري،
ڪيچي، ڪميڻيءَ جي، ڪئي نه پوئواري،
فاقي، فڪر، فراق ڪان، آهيان ڳنٽين ڳاري،
هوش ۽ هوشياري، برهه بند وڃائيا.

چوٿين رات چريءَ جي، ڪيائون ڪانڌ خبر،
محل ماڙيون نا وڻن، زريون، زر زيور،
پرين بنان پرديس ۾، گهاريان گهنگهر گهر،
وڃي غم گوندر، لاهيان لڪ ڏٺيءَ سين.

پنجين رات پرين جا، پلپل پون پڙور،
سرتيون! سمهڻ نا ٿئي، حاصل هڙا سور،
چوري چڏي هليا، ڪيچي ڪري ڪلور،
انهن جي مذڪور، "آسو" ماري آهيان.

---

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد صالح سپيي کان ملي.
+ سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو ص ٣٧.

جيڏين چـپـر کان جهليو، ڏاڍو رات ڇهين،
مادر مونکي موت جا، دڙکا ڏنا ايئن،
ساري شهر وس ڪيا، لائي روڪ جيئن تيئن،
پر آءٌ تان رهان ڪيئن! جنهن جو سڱ ڇپر ٿيو.

ستين رات سورن ڪيو، ساري سانگهارو،
لـوڪ چـاڙــي ڪينڪي، آسد آسارو،
ڇاتئون هڏ ۾ هـوت ڪـي، مڙنئان موچارو،
وچڻ سون وارو، پينر! ٿيو ويـڙهـه ۾.

اٺين اوتيڙن جا، پيئي پچان پار،
من سو ملي سپرين، جنهن جـي سڪ سنپار،
پانيان ڪاري قيام ٿي، ساجن بنان ڏار،
ڪـر ڪا ور! وَهار، واري واڳ ولهيءَ تي.

نائين نير وهـايـا، روئـي رت اکـيـن،
پيئڙي هتان سون ڪنان، نـاهـه ڏوهـه ڏيرن،
جن کي پچر پرين جي، سي ڪيئن سک سمهن!
سي ٿي مر هلن، جن جو وَرُ وندر ۾.

ڏهين برهه سون ڏنو، ڏيـرن سندو ڏَسُ،
ڏونگر ڏڪـ ڏيـڻ سان، ڪـيـڙو وڏو وس،
جيڪا مـــري محب لئي، هوئي انهي جَسُ،
سا مـيـڻـي نــه مَـسَ، جا "آسو" لکي لوح ۾.

يارهين رهڻ يــار ري، آهـي اجايو،
آهــي بـرهـه مــن تــي، مچڙو مچايو،
هوءَ جـا مـــاري منزلن، سا توڙون رسايو،
پوريءَ پچايو، ٿـوريءَ تــرن جي ڪنان.

ٻارهين ٻـالاپڻ کان، اهڙو انگ لـکيوءِ،

آگلي ميري تو سندي، تنهن کي ڪيئن ڇڏيوءِ!
نا تر ڇڏڻ روهه ۾، ترس نه تر جو پيوءِ،
نيڻ گهُر بو هوءِ، ڪيچي! اچ قطار سين.

تيرهين توڏن پٽ ۾، ڪيڙم تڪ تنوار،
سي تان سٺي لهج تون، سالڪ سچا سار،
ڪريو لڙهه لڳيءَ تي، پنهنجي مهر مٺيار،
مون ڏانهن سڀ ميار، پنهنجو ننگ نهاريو.

چوري سورن ڪيڙو، **چوڏهين** چيت چريو،
اديون! برهه نا لڳووَ، نه ته توکون ڪيئن ڪريو؟
رمنديون انهيءَ راهه ۾، ٻارڻ جن ٻريو،
ڏوهڻ تي ڏريو، پنهل! پاند پناهه جو.

پندرهين پيرين پيادي، پُريس ٻه ٻهاڙ،
هڪڙي ننڍ نڌر ساڻ، ٻي ڪئي جتن جاڙ،
ٽيون تان ڏک ڏونگر جو، ساڙيس انهيءَ ساڙ،
مون ڪان ٿئي نه وَلاڙ، "آسو" هيٺي حال جي.

سورهين سرواڻن کي، ساريم سچي رات،
ٻي نا وائي وات ۾، تنهنجي طلب تات،
پنهنجو ڪر ڪرم ڪو، آهيان ابتر ذات،
ڪهيس ڪيچ قلات، آذر تنهنجي آسري.

ڪين ڪَرهن جا پدم، **سترهين** هُل ڪرڳل،
هيڏي هوت ڪري ويو، ڪانه پيم ڪا ڪَل،
تڏهن تاڻ جبل جي، ساڙي ڪيم سَلؐ،
مون ۾ آهي آلؐ، سجڻ سپاجهو گهٽو.

ارڙهين اديون! سڀ سُور، پانيان سچي سيج،
آهون عاجز جون سٺي، ڏيندا چپر چيچ،

پينرا! پوريءِ پـر ۾، ايندا ڀنيءِ ڀيچ،
رکندا پرين پيچ، ڀھڙي روھ رليءِ ڪان.

پيئڙو پاڳي مون سندي، **اوڻيھين** آئو آندو ھہ،
پھرين پانيم ڏوھ، تيو ڪونھي ڪنھن جوڏو ھہ،
ھاڻي ھِت ھوت ري، ويھي ڪنديس ڪوھ؟
مونکي تنھنجو توھہ، رھبر رسج راھ ۾.

ويھين وينگس ڪيڙا، واڪا وڏيئي،
اڳيان پنڌ پـري تيو، سنيران سنجھيئي،
مونـــو وري پـوئتي، سر تيون! سيئي،
ھلنديون آھيئي، "آسو" سر سڱين جي.

ايڪيھين اچي ڪينڪي، ڀرينءِ ري آرام،
ڪاڻ پيڻ وڃَھُ تيو، نيڻين ننڊ حرام،
ڪـُوڙو ڪچو مـون ڪنان، تيڙو مڙيئي ڪام،
تنھنجو نيلو نام، وتيو ويئي آھيان.

ٻاويھين ٻاجھہ ٻانھيءِ تي، ڪر ڪا آرياڻي،
جاڏي جھنگ جبـل ۾، ڦريس ويڳاڻي،
اصل آھيان آھنجي، پور ھيت ٻاڙياڻي،
نڌر نماڻي، آھـــي آڌر تو سندي.

ٽيويھين ٽڪر ٽوڙھہ ۾، ڀيئي ڀچان تڙَ،
سڏورن جي ثمر جي، ھادي! ڪنيم ھَڙ،
جوڀون لڳي جان ۾، جانب سندي جڙ،
ورا! ڪي ڪجو وڙ، ڪيچي! ڪميٽيءِ تي.

چوويھين چڳي چاھہ سان، ڪاھيم ڪيچين ڪاڻ،
دل جو چڏي دُور ڀيو، ھاڙھي ھليس ھاڻ،
ٻاري ٻول ٻروچ سان، ڪنھن ڀر لاھيان ڪاڻ،

من ڪا روح رهاڻ، ڇُلي ڪريان ڇپرين!

پنجويهين پرڀاتي، پيئي تو پناري،
راتو ڏينهن روح سان، پيئي ٿـي پڪاري،
سا تان نيو پاڻ سين، اوکي آکاري،
گڏجي گذاري، "آسو" ڀويان ڏينهڙا.

توري **ڇويهين** سپ، ڇڏيم لوڪن جو ليھو،
ويھڻ واٽڙين تي، ڪيچين ري ڪيھو؟
تنھنجي رحم جو رهيو، مونکي پرم اھو،
تو سان سڪ سيھو، آهي ازل ڪان اڳي.

ساري **ستاويهين** جو، ڪيئين مون مُڪا پانڌي،
ڪانهي پهچ پُرڻ جي، ڪئي دردن دل ماندي،
ڪريو ڪنل ڪوهه ۾، هيڪر هيڪاندي،
اچي ٿي ڪاندي، پيرو ڪر پرم جو.

آهون **اٺاويهين** ڪيم، جوش منجهان جال،
سي تان سڄڻ رسيون، ڪيائين سار سنڀال،
بيڪس مٿي ٻيال ٿيا، ههڙا ٻسي حال،
لائق ڪري لعل! اونايون عريض جون.

ڇوري ڇنل جو ڪيئون، **اونٽيهين** ڳانڍاپو،
آندو ڪٿي قرب مان، قاصد نياپو،
لاهي ڇڏيم لوڪ جو، جيڏيون! لاڳاپو،
جـيءَ جو جياپو، ٽيئڙو نذر نار جو.

وريون وصل سنديون، **ٽيهين** رات وايون،
ويڙا ڪس قلوب تان، ٽيئڙيون سرهايون،
من جون سپ مرادڙيون، پرور پڄايون،
مليون واڏايون، "آسو" مليو محب سين.

ٽيهہ راتيون پوريون ٿيون، سڀ ملي ٽي سڀ،
پڌر ٿـــي پيئڙي، ليڪن منجهان لڪ،
ننهون ٽيئڙس ٻـــاٺهي، لٿـي هينئڙي هڪ،
چٽي پي سڀ چڪ، ”آسو“ آنند آئيو.

ڏيهه راتيون: سورٺ*

(ملان بخش سومرو+)

ماڙيءَ آيو منگتو، ٻُري ٻهرين رات،
قابل ڪڍي ڪيترو، واهه واڪاڻو وات!
تنهن ظاهر زباني ڪئي ملوڪي ميرات،
هڪڙو ٽهڪ تندن کي، ٻي لنوءَ مچائي لات،
انهيءَ جي آلاپ جي، هر هنڌ ٿئي هيهات،
پرهه ڦٽي پرڀات، صدا ڪيائين سِرَ جي.

پيچل کي ٻي رات جو، صاحب سڏايو،
مثل تنهنجي منگتا! اڳ نه ڪو آيو،
گام سچو گرنار جو، تنهنجي تندن تپايو،
اپر آهي اسان جو، تو ڏي راز گهڻو رايو،
سالڪ! ڪر سعيو، مال وٺ جو منگتا!

ٽري ٽيجهي رات تي، پيچل هنيس ٻاڻ،
اصل هئا اسرار جا، ساز تنهن کي ساڻ،
آتاهين آواز م، ڪري واهه واڪاڻ!
مال نه آڇ ملوڪ تون، پيارو ڪر نه پاڻ!
ذات اهائي ڏاڻ، مدا مچيندس سِرَ جي.

چيو چوٿين رات تي، صاحب سُرت سڃاڻ،
ڪوڏون قابل ڪيرتيا! پلي آئين پاڻ!
تنهنجي قدم قدم تؤن، پدم ڏيان خوب خزان،
خوش ٿي خاطر پنهنجي، داتا وٺي دان،

---

* هيءَ روايت آتر (تعلقي ميروخان) مان غلام قادر کان ۽ آتر (تعلقي ڏوڪري) مان غلام نبي کان ملي.

+ سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو ص ٣٢.

موتي مهربان، ڀڳين ڀول ڀُڏاءِ تون.

ڀَرئين پنجين رات تي، ڳَنڍِيءِ اِها ڳفتار،
ڪنيو خزانا ڏئين، هيرا لعل جَوهار،
ماڻڪ موتي ملڪ جا، آڻي اڪيچار،
داتا! وٺاءِ نہ دان ۾، جوڙ اهي جنسار،
ڏينم سِري ڏاتار! تہ ڏيڪاريان ڏيهن ڪي.

راڳ ڀڏي راجا ٿيو، ڇهين رات ڇَڪن،
انهيءَ جي آلاپ ڏي، قابل ڍاريو ڪن،
ڪرڙي ڪڪر جانُ، ٿو ڳُڙِي ڳوڙ ڳگن،
جاجڪ! جوڙيتون ڏياءِ، ڏيهہ ڳهٽيرو ڏن،
يان! ڦٽو ڪر ٻِن، دعوىٰ انهيءَ دان جي.

سالڪ سُر سنوان ڪيا، ستين رات سهي،
مِرون مستانا ٿيا، ڳِڙهہ ڀاس ڳِهي،
ڀڪي آيا ڀَٽ تي، منجهئون لاڏ لهي،
ريجهايائين راو ڪي، انهيءَ ريت رهي،
قابل ڪوڏَ ڪَهي، سِرَ جي وائي سُرَ ۾.

مير ڪيو سان منگتي، رات اٺين انجام،
تون سَرهو ٿي سرير ۾، طرحين ڪائي طعام،
هاٿي هنبارن سان ڏيان، ٻيا سونهري سرانجام،
تازي طويلن مؤن، تون عاقل! وٺ انعام،
ڪَهہ ڪهڙو آئي ڪام، مٽي منجهہ ملوڪ جي؟

ناميا! ذائين رات تي، صاحب! سڻ سوال،
راجا رُوءِ زمين جا، ويا ميڙيندا مال،
ظاهر تنهنجي زور جو، ايڏو هو اقبال،
سي ٻِيِي هيٺئون هليا ويا هيڪلا، ڇڏي مير محال،

ڪنهن سان نيهه نہ ٿئي، اهو جوڙ جمال،
جي ڪُسين نام ڪلتارجي، تہ لعل وري ٿئين لال،
ڪر پلائي پال، سِرُ ڪُهي سلطان ڏي.

رات **ڏهين** تنهن ڏوم جي، راڳ ريجهايو راءِ،
چارڻ ڏاڍو چنگ ڪئي، ڪو تپي ڏنو تاءِ،
مير مقابل منگتو، سڏايو سهجاءِ،
تنهنجي سُر سَرير ۾، ڏنو سُڌ سماءِ،
مُڙي وچ مهاءِ، انهيءَ باني تئون "بخش" چئي.

يارهين رات تيار ڪري، ساز ڪيائين سال،
تار وڄائي طرح سان، وڏو بيڪ بتال،
آلاپڻ ائين ڪيو، حاڪم ههڙو حال،
ويهه تنهين ڪي ويجهڙو، مسڪين مثال،
انهيءَ پالئون پال، مير! مدامي منگتو.

ٻارهين رات ٻَڌي هلي، سورٺ هيءَ صلاح،
انبوهي اچي ڪٺي، آتي اهڙي آهہ،
راڙي روئي رنج مؤن، هيءَ ڳالهائي ڳاهہ:
مڱڻهار! مٺان ڪرين، ستم هن جي ساهہ،
سٽي پوندا سوز ۾، ٻَرِيُوين جا پاتشاهہ،
ٿو قابل! آچين ڪهڙي، رناڻ جي راهہ؟
دارون ڪر داناهہ! سالڪ! انهيءَ سور جو.

تيرهين جنهن کي تن ۾، هو سند و خون خلل،
منٺانُ مجي نہ منڌ جون، جيڏو ڪري جل،
جاجڪ سندي جيءَ ۾، جاڳيو زور زحل،
مٺي ڪارڻ مل! ٿو مونيو ڪرين مامراء.

ڪو حيلو ڪجي هن سان، **چوڏهين** چيائين،

خزاني جي ڪاڻ مؤن، ماڻڪ ميائين،
جاجڪ سنڌي جيءَ ڏي، خوشيون ڪنيائين،
منٿون مڱڻهار ڪي، ڪوڙين ڪيائين،
سدا هي سائين! ڏات ونج ڏاتار ڪؤن.

مڱڻهار مٿي ويو، پنڌرهين رات پري،
ويٺو محل ملوڪ جي، ڪٺي ساز سري،
ڪا جا لات لقاءَ جي، منجهؤن چنگ چري،
اندر آهوڙين ڪي، گهائي گهور گهري،
ساهه وڃي سڌ سالڪان، اچانڪ آسري،
چيو تنهن پڙلاوَ ڪون، جهونا ڳڙهه جهري،
اچي گهوٽ گهري، سري تنهن سلطان ڪؤن.

صاحب سالڪ جو ڪيو، سورهين رات سلام،
آئين آت الله جو، ناميا! وڃي نام،
پيجل! پيائي رکي، دانهه! آڏ نه دام،
لائن چڪ چڱن ڪي، حاذق آهي حرام،
نيڪيءَ مون نيڪ ٿئي، بديءَ مون بدنام،
هيءَ مايا ملڪ مدام، وڃي پنهنجي هٿ هلاءِ تون.

اچي الاهن مؤن، سترهين سياندو،
ڪڍي قابل ڪينرو، ڳڙهه پاسي ڳاندو،
ڏوم اچي ڏاتار ڪي، ڏنو هنر هيڪاندو،
جو آس وڏيءَ آندو، سو ڪيئن سر ٻنان سگهو وڃي!

سچو سورٺ ڪي ٿيو، ارڙهين رات آداس،
ڀان سنڌي ني ڀو جو، هيءَ ٿيس هيراس،
ڏسي ڏوم! نٿو ڏرين، سنڌو لوڪ لباس،
اول ڪندين اهڙي، پوءِ ڪندين وسواس،
ٿو سالڪ! وڃين ساس، مرم نه پوئي ٿو منگتا!

موٽي مـگـٽـهار ڪيو، **اوڏوهين** تي آر،
داتا ڏيسن ۾ گهٽا، آهن سُـنگ وڏي سرڪار،
هڪل حاذق هن جي، آهي پُـرس! پراهين پار،
تيلاهون آيس تو مٿي، ڏوڙي هن دربار،
ناميا! ڪـيم نهار، ڪات سندي کهڪاءُ ڏي.

ويهين رات وڏو ٿيو، ڪات سندو کهڪاءُ،
ڪانئر انهيءَ ڪم جو، تاب نہ جهلي تاءُ،
هي سُـڙي ڪـين مٽانگرو، پـهس نہ ڏيندو پاءُ،
آئين پراهين پنڌ ٿؤن، دورئون ڪٽي داءُ،
گهوٽ اهوئي گهاءُ، برسر باسيو "بخش" چئي.

مٿيون مگـٽهار ڪي، ٿيون **ايڪيهين** آچن،
تنهن الايو عاقل سان، وڏي وير وچن،
جي ڏين سـِر ڏاتار کي، سي رنگي راو رچن،
مرڪن مهتابن جـيـان، پتنگ پـرت پچن،
ڏنو سـِر سچن، آجرا ٿيا آفتاب ڪؤن.

ڪچيو قـابـل ڪينڪي، **ٻاويهين** رات پيو،
ٻولي پيچل جي پڌي، ٿيو خوب ڪـيو،
ڏاتر پڇهن ڏيهه ۾، تـن جـو پري ڏور ڏيو،
هن پٽي لاٿو لعل ليو، صاحب سانگو سر جو.

سالڪ سازن کـي ڪئي، **ٽيويهين** ٽڪور،
تنهن جي تال تمام ڪيا، ضعيف مڙيئي زور،
وڻـــي واسنگين کي، آڌو تين جي اور،
مرڪي مرليءَ تي وڃي، ڪئي ڪاريهر ڪڪور،
جوڳين جـــي جنسار جي، نرت نہ رکن نور،
اجان آرس ٿو ڪرين، گهوٽ! انهيءَ ۾ گهور،
سگهو ڪر سرپور، سالڪ! سر ڏيڻ جي.

ڪيو سعيو سِر ڏيڻ جو، **چوويهين** چالاڪ،
وائي ورائي ڪئي، اها ڪوڏ قزاق،
ڏهيسر جان ڏهه سِسيون، جي درس هجن ديماڪ،
هڪ هڪ ڏهاڙي ڏيان، جي اچين سر اوطاق،
پر حاضر سِري هيڪڙي، جي سهت لهي مشتاق،
وس ڏيڻ هن واڪَ، آهي پيش پرين جي.

جاجڪ رکي نه جيءَ، بنا **پنجويهين** پاهت،
چارڻ چتائي چيو، ڪري سالڪ سَت،
ته چاريون موت متانگرو، وجهي ڪاري ڪَت،
ڇڏي ويندين پڙ ۾، طبوقا ۽ تخت؟
لڪين لوهين لاڏ ڪا، ڪري اونگهه اپت،
وهائي "وادو" چئي، روئي هلندين رت،
عاقل! اگهين نه ڪرين، متي ڏاتر ڏت،
ههڙي ويل وقت، ڪڏهن ايندءِ ڪو نه ڪو.

ڇنڪيو **ڇويهين** تي، ڪري آر آليل،
ڪڍي ڪات ڪمر مؤن، آڏو ڪيو اٽڪيل،
سورهيه پنهنجي سِر تي، **پهس** ڪيائين پيل،
ڪاٽيائين ڪاپار ڪي، خوب خنجر جي ڪيل،
ڌَڙ ڪري پيس ڌوڙ ۾، رت ڪيو رؤ ريل،
ڏاتر ڏني ڏوم ڪي، واهه سِري تنهن ويل!
اهڙا بانڪا بيل، ٽا پانوَ ڪوڙين پاڻ ڪي.

ستاويهين سِڪو تو، هاء ڪري هر هر!
سورٺ ڪي سوز ٿيو، ٻوڙي متي در،
رنائين رت ڳاڏئون، ڪري هُل حشر،
ڏاهي ڏاڳهه جوڙايو، آڏايو اپسر،
چڙهي تنهن جي چوٽئين، ويٺي پاسي ور،

آتلي پس ازل جا، مٿي مچ مڱر،
بام جلايو باھہ ۾، جيئري جان جگر،
ڪئي ڪامڻ ڳالھ ڪٿر، مت ست تي تنهن مرد جي.

نيڪي ڪن تنهن نر جي، اڻاويھين عام،
جس تنهين جي ماءُ کي، جس نامي پدر نام،
جنهن ڏنو سر سوال تي، حاذق هٿي هام،
اهڙي وِڪَ وريام! ڪروڙن ۾ ڪو ڏسان.

عجب تنهنجي عشق جو، منجھ اوڻٽيھين آءِ،
هرڪو دانهه دل سان، ڳالھ اها پيو ڳاءِ،
سورٺ سِرُ چون تا، سِيکنهين سيباءِ،
راڳن ساڻ رفيق ٿي، اچا تند تنواءِ،
جنهن کي نينهن نواءِ، سو ريت رکي هن راڳ جي.

ٽيھين ٽڪندو ڪو نہ ڪو، سچ بنا سبحان،
ڪي افلاطون عقل جا، ڪي لائق سر لقمان،
سي راوت رهيا ڪينڪي، جيڏا منجھہ جهان،
تون بہ ويندين تيڏهين، ڪا رکج سرت سجان!
بلڪل تنهن ڏانهن ”بخش“ چئي، ڪي آهي ڪانہ،
لنگهائيندو لکيون، آڳو سان احسان،
ڪلمون راس روان، پڙهو مرڪي مرسل مير تي.

لا اله الا الله محمد رسول الله

چهه مهينا: مارئي*

("مونس" هالائي)

آهه **محرم** منهنجي لاءِ مارن سوا،
ڏينهن توڙي رات بس ماتم بپا،
ناهه ڪو غمخوار يا غم آشنا،
پوءِ به تون خاموش آهين اي خدا!
چا ڪريان، ڪيڏانهن وڃان مان دل جلي؟
هاءِ منهنجي بيڪسي بيچارگي!

سور سختيون آنديون قسمت ۾ **صفر**،
ٿي ڪجي حسرت وڃان هرڪا نظر،
دل ٿي ڳوڙها ڳاڙي، آهي چشم تر،
آهه مشڪل ڪان ٻه مشڪل ٿيو گذر-
زهر ٿي وئي آهه منهنجي زندگي،
هاءِ منهنجي بيڪسي بيچارگي!

ربيع الاول آيو سڄ صدا تون سيدا!
ڪر مدد اي بيڪسن جا پرجهلا!
مون نماڻيءَ نار تي ڪر مهر ڪا،
چا نه ٿو منهنجي ٻڌين آهه و بڪا!
ظلم ڪيڏو ڪن ٿا تنهنجا اُمتي!
هاءِ منهنجي بيڪسي بيچارگي!

سڏ ڪيم **يارهين** ۾ يارهينءَ واري کي،
پر خفا تقدير ڪيئن بنجي اچي؟

---

* "نئين زندگي" سپٽمبر ١٩٥٦ع ڪراچي تان ورتل.

ڪير قسمت جو لکيو ميٽي سگهي!
مرڏو پوندو قيد ڪافر جو ڪٽي.
لاش منهنجو شل ڪٽن مارو اچي،
هاءِ منهنجي بيڪسي بيچارگي!

خواب هڪڙو خالي پورئين ۾ لڌم،
ڪيت ڪي مارن سان گڏ روئندو ڏٺم،
ويو اچي نڪرڻ تي دم، رب جو قسم،
رڙ ڪري، ڪول اکيون هن ڪي سڏيم.
پر وئي ڪومائجي دل جي ڪلي،
هاءِ منهنجي بيڪسي بيچارگي!

خالي پٽي ۾ مونکي آيو هڪ خيال،
هي ته چو مارو پچڻ آيا نه حال؟
چو نه ڏو منهنجي پڏي ڪا ذوالجلال!
سوچيندي ويڙهي ويو مونکي ڪوئي ملال.
لڙڪ لاڙي ويئي منهنجي عاجزي،
هاءِ منهنجي بيڪسي بيچارگي!

——○——

ٻارهن مهينا: لولي*

(رمضان واڍو+)

ڏينهن جمعي ڪيئي لنگهيا، ڏٺم ماهہ **محرم**،
ماٺهن ياد حسين، مونکي پنهنجو ماتم،
نينهن جو نيزو هٽ ۾، ڏاڍو غصو ۽ غم،
هٿان ارهہ ٽــي هٽ، ڪڏهن ايندم پرين؟
لَنءِ ڪانگا! مٿي لات.

مٿان مونـــي آئيو، ماهہ **صفر** سارو،
آرهـــڙ ويـو عشق ۾، پيو آ سيارو،
ڏکان پنهنجي ڏيل کان، پــريـن ٽيو پارو،
سڪان ٽـي سڪرات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لَنءِ ڪانگا! مٿي لات.

ماهہ **عرس** ۾ عيش ٿيا، ڪيا ڍَوَ ماٺهن،
خاصا طعام تاهريون، ڪيرٽيون تـــہ ڪائين،
مونکي طلب نہ طعام جي، اکئين آب وهن،
ڏکي اتي ساعت، ڪڏهن ايندم پرين؟
لَنءِ ڪانگا! مٿي لات.

ٻارهين واري ماهہ ۾، يارهين باسي مون،
وڏا پير پرين کـــي، هتي آٽين تون،
محي الدين! ميلائين، محبوبن کي مون،
ڏاترا بخشين ذات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لَنءِ ڪانگا! مٿي لات.

---

* هيءَ روايت آتر (تعلقي وارهہ) مان غلام رسول جتوئي کان ملي.
+ سوانح عمر يءَ لاءِ ڏسو ص ٥٠.

جمادالاول ۾، جايون ڀاريون مون،
هند وچائي هيج سان، چندن تا هاريون،
عطر عنبر جي بوءِ سان، بدن ٻهاريون،
خيران ڏيان خيرات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٿي لات.

جمادالثاني جو ڏئو ماهه چڱو،
دعا پنهنجي ڏٺيءِ ڪان، ويٺا ئي مڱو،
جيئن سوالي مڱڻو، اسين ٻه تنهن وانگو،
فهم ناهي فرحات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٿي لات.

رجب مبارڪ ماهه ۾، ٿيو هو معراج،
جهڙو ئي ٿئي اسان سين، اچڻ جو علاج،
اڪانو لڪ لٿيا، سڙي ڪل جو ڪاج،
روح اچيم راحت، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٿي لات.

پهلي عيد برات جي، مهينو **شعبان**،
شادي ٿئي شهباز جي، شروع ٿيو شادمان،
ڪٿي قلندر جي ڏيان، ڏهرو ڪيان دان،
پرڙ ڏيان پريات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٿي لات.

چنڊ ڏٺو **رمضان** جو، روزا ٿيئي ٿيا،
مون تہ ڏهاڪا ڪانيا، مٿان ڀهہ پيا،
مون ڪان عيد نہ آچهي، ماٺهن شغل ڪيا،
پوڙ رڏائون پاٺئون پات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٿي لات.

Soorih Mirani

شال **شوال** مهيني ۾، موراڻئي موٽن،
لائون وچي ڏينهڙا، پراهين هوتن،
درد جي درياءَ ۾، گهيري آهيان غوطن،
عشق لهر آفات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٺي لات.

ظاهر **ذوالقعد** ۾، خبر مون پوندي،
آيا آهن اوڏڙا، اجها مون ملندي،
بيماري بدن جي، ساري سڀ لهندي،
غيبي ٿئي هاجات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٺي لات.

مهيني ۾ **ذوالحج** جي، نائينءَ حج ٿيو،
ڏهين عيد جي اضحيٰ، مون ڪُهي قلب ڪيو،
ماهه ڪاراڻم عشق کي، باقي ساهه رهيو،
ڪُنو نيڻن جي ڪات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٺي لات.

پورو سارو **سال** ٿيو، اچا نه به اچن،
سارينديءِ مون لنگهيا، تيرهن مؤ وَرهن،
بيا جيڪي بچيا، ورهيه ماهه لِڪن،
ان ۾ ناهه حرڪات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٺي لات.

اٿئون جنهن ۾ آسرو، ڏونگر جيڏو ڏي،
ڏک ڏوراپا تن ڪي، ڪاٽيائي نه ڪي،
جوڳيڙا تنهن جي جيءَ ڪي، هٽي ويڙا منڊ،
ڪاهيان ڪيچ قلات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لنءُ ڪانگا! مٺي لات.

ورهيہ هن ۾ اسان کي، اميد جا آهي،
خلاف ان ڳالهہ جي، ڪو شڪ شبهو ناهي،
پارس ٿيندو پڙرو، ڪوٽ ڪفر ڍاهي،
جنهن تي آهي صلوات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لَنۡءُ ڪانگا! مٿي لات.

"وادي" سان وسيلو، قادر ڪيو بہ ڪرم،
جيڪي ڏورينديون، سي ڏسنديون پنهنجو پرين سَم،
رات چڱي "رمضان" ڪي، مليو يار محرم،
ٿيم ڪم ڪُلات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لَنۡءُ ڪانگا! مٿي لات.

آغا! ڪر اسان سان، اڳ جي عنايت،
مير محمد ﷺ ڪارڻي، شافي شفاعت،
سچي سڪ اوهان ڏانهن، هوئي شال محبت،
ڪلمي جي برڪات، ڪڏهن ايندم پرين؟
لَنۡءُ ڪانگا! مٿي لات.

لا اله الا الله محمد رسول الله

ٻارهن مهينا: نصيحت*

(صوفي آسورام+)

پنهنجي ٻني پوک، جاچي ٻوڌ سوک،
پنهنجو پاڻ موک، جيڏين وچ جهان ۾.

آيو مهينو **چيٽ** جو، آرس جو ڇڏ انگ،
تو سان ويريءَ جو وڏو، آهي ضرور زنگ،
ڪڻ ڪهاڙيون ڪوڏريون، وڍ جوڏئون جهنگ،
تون دڙا دِڪيون، دڙي ڪيج دنگ،
پرور! ٻيو ننگ، آهي آدم تو مٿي.

گهر ڳوڙا ڇڏ، جڻ وريو **ويساکي** ماهه،
سندري ڀُون سٺين ڪري، ڀڙ پڙوهي جو ٿاهه،
چاڙهي نار نينهن جو، هلت ڪر همراهه،
وٺ گُروءَ جي گس ڪي، وچن ڪر ويساهه،
چوويهه هزار ڀساهه، ويهي وڃاءِ نه وسيلو.

چُلي آيو **جيٺ** اٿئي، جام چڙهيو آ جَر،
ٻارا ٻنا، اڏون ٿاهه، وٺ وسيلو ٻر،
ريج روٽي ري شڪي ڪر، حُب جو ڏينس هَر،
وِجهه خاصيءَ ڪيٽر ۾، سالم ٻج سڌر،
تنهنجو ڪي قدر، تر توائي نه ٿئي.

آيو مهينو **آکاڙ** جو، ڪر الله توهار،
واهر وڏي پير جي، وجهه **واڙ** چوڌار،
صوفي شاهه شهيد جي، اجهي لڳ آڌار،

---

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد صالح سپيي کان ملي.
+ سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو ص ۳۷

سالم سبزا ساوڪون، ڦُڙ رينگٽ ڦون نار،
نڪري سلا نروار، آيا ڏيڍي چونڪ تي.

ساڏوڻ سڪي آئيو، ڦوڪون ٽيون تار،
ڪيرو آيون سنگ ۾، ڦيها وڃهج چار،
ڪڻ ڪانياٺي، ڪر هڪل، ڦُڙ جي جهرڪي جهار،
ڏليون ڄاڻيون جڳديش کي، ساسئون ساس سنيار،
نئڙي نرت نهار، ڪانهي ڪنڌي نياز ري.

ٻڊو ٻنجي آئيو، ٽيون چڻيون چڻائون،
انّ پچي راس ٿيو، ڏاڻا جوڙيائون،
مولا پنهنجي مهر سان، ٽاريون ٻلائون،
سڦل ڦل ڪمائين، جو پنهنجو پاتائون،
خوش ٿي ڪنيائون، "آسو" ڪلي خير سان.

آيو **اسو** آسروند، هلر ٻڌائون،
وائري انّ صاف ڪري، ڀانڊا ڀريائون،
ٿمر سياري لاءِ، پڻ ڦٽيون چونڊيائون،
ٿاهي سوڙ مڇ جي، ٻي ڪٽ نه ڪٽيائون،
انهن سان آءٌ، شل! گڏ گذاريان ڏينهڙا.

سعيو ڪر ربيع جو، آئي جا **ڪتي**،
ڪڙڪ ڦوڪج قرب جي، ڪيڏي ڪلپت ڪتي،
صبر، رضا، شڪر کي، لڳي ڪانه رتي،
ڪانڌ! ڪرپا ٿي مڱيان، طاقت ناهي رتي،
پرڏو رکب پتي! سونهان سرتئين وچ ۾.

ڦوڪ ڦوءِ ڦاچاٽي ٿي، آئي جا **نهري**،
هڪڙو سيءُ سڙون ڏئي، ٻاز تنهنجي ٻحري،
وهيءَ واري ويل ۾، آيم نند گهري،

نہ موُن پَل پاڻهن ۾، پوشاڪ نہ پَهري،
سڄڻ! سُنهَري، تنهنجي فقط تي مڳان.

ڪيم وَرلاپون وَرَ ڪي، پهي آيم **پوهہ**،
ڏڪج ڏکڻ ڏول تون، ڏاڍو ڪيم ڏوهہ،
جڳ ۾ جياپو اٿم، تنهنجو تڪيو توهہ،
ڦِنڊڪ سَهي نہ سگهان، آهہ رنجاڙو روهہ،
آءٌ ڪنديس ڪوهہ؟ تنهنجي سک سهاڳ ري.

آگهي دانهن درد جي، مهيني اندر **ماڱهہ**،
ڪنڊا سڀ ڪفر جا، چانگي ڪيم چانگ،
قاصد ڪوڏئون قرب مان، آيو چڙهي چانگ،
نڪري ويا وجود مان، سنسا مڙيئي سانگ،
ٻي سڀ لٿي تانگهہ، ٽيڙو غور غريب جو.

ڦڳڻ ڦُوهہ ڦلاريو، گل ٽڙيا گلزار،
بهاري رت بسنت جي، سڀ تي سرس سينگار،
سيٺيون سڀ سدايون، لٿو غم غبار،
آيو اڱڻ آڪنڊ مان، پاڄهہ منجهان پاڄهار،
”آسوءَ“ تي اپار، پلايون پتار ڪيون.

ٻي **ٻارهن ماسي** پوري، جاڳُو! اٿي جاڳ،
مايا جي منڊل جو، ڪوڙو مڙيئي ماڳ،
ڏرم ويا وسري، جن جو سٺئون پاڳ،
سير تي شبد جو رکن، اندر منجهہ ويراڳ،
ڪاٽو پيو ڪتراڳ، درشن ڏاران دوست جي.

ٻارهن مهينا: مجازي*

(هدايت علي "تارڪ")

[هدايت علي پٽ تراب علي عرف فقير الله داد تنيو، ڳوٺ لعلو رانئڪ ضلعي لاڙڪاڻي جو رهاڪو هو. هي سنه ١٢٧٧ھ/١٨٦٠ع ۾ ڄائو، ۽ سنه ١٩٤٢ع ۾ وفات ڪيائين. درويش صفت انسان ٿي گذريو آهي، ۽ نهايت پرهيزگار شخص هو، ايتري قدر جو شادي به ڪانه ڪيائين، ۽ سڄي عمر ڪنوارو رهيو. سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي، عربي ۽ پشتو ٻولين ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس. پنهنجي ڪلام ۾ پهرِيائين "نجفي" ۽ پوءِ "تارڪ" تخلص ڪم آڻيندو هو. سندس ڪلام مان "ٻارهن مهينا" هتي ڏجن ٿا.]

تون **چيٽ** دي وچ، **ويساک** دي وچ،
تون **چيتر** دي وچ اظهار صنم،
تون **هاڑھ** دي وچ، **ساوڻ** دي اندر،
تون **ٻادون** دي آثار صنم،
تون آپ **اسوج**، **ڪتي** وچ هويا،
آپ **ماگھ** دي ڪار صنم،
وچ **پوھ** تون هين، وچ **ماگھ** تون هين،
وچ **ڦڳڻ** دي تار صنم.

اڄ **چيٽ** ڏٺا، دلبر نه مليا،
عشق اندوهه مچايا هي،
گلزار کليا، سڀ ميوي پڪي،
پر يار نه حسن ويکايا هي،

* هيءَ روايت آتر (تعلقي وارهه) مان غلام رسول جتوئي کان ملي.

سڀ ملڪ چمن، موسن تي سمن،
وچ صحن چمن دي سمايا هي،
شب روز روئان، وچ هجر اهين،
جو ”تارڪ“ يار نه آيا هي.

ڏتي **ويساک**، بساکي دا ميلا،
لوکان آڻ لگايا جي،
اسان ڦيرون وچ درد الم دي،
سهڻا يار نه آيا جي،
جنهن دي هجر وچ حال اهڙا،
مين ڏاڍا زار بنايا جي،
”تارڪ“ جنهن وي کيتي حيران،
جلدي ميل خدايا جي.

جيٺ دا ماهه ول آيا،
ليکن دلبر نون ڪٿ پاوان مئين،
ليڙ ڪتيڙ ٻڌي سڀ ڪپڙي،
ڪيئون کر سينڌ ڳنڍاوان مئين،
رو رو حال ضعيف ٿيا هڻ،
کنهن کئون درد سناوان مئين،
جي گهر ميڏي يار آوي،
وهه ”تارڪ“ عيد مناوان مئين.

هاڙهه دا ماهه ڏتا مئين،
ليکن دلبر پاس نه آندا هي،
آتش عشق دي پڙکا کيتا،
هجر دي وچ من ماندا هي،
قاصد! کل ڏي يار سڄڻ دي،
جنهن بن کجهه نهين پاندا هي،

"تارک" دا خط جلدي پڄا،
دلدار ساڏا خواندا هي.

ساؤڻ آيا ميان رل مل،
ويڙهي اهني ميل کيتا،
پينگهان پائيان پٽ دي پوشاکين،
ڀوڙکي خاصا کيل کيتا،
نياڻ تي وچ ڏاوڻ کيتي،
تيار مٺي تي تيل کيتا،
وچ آوڻ دي "تارک" دي،
دلدار عجيب ته سيل کيتا.

ڀادون وه دلدار کيتي،
شب روز ميڏي دل جلدي هي،
باه برهه دي درسن کيتي،
سيني دي وچ ٻلدي هي،
دم دم وچ دل ماندي ٿي،
تي تانگهه لڳي ٻلپل دي هي،
"تارک" عشق دي آگ اندر وچ،
ٻلدي روز ازل دي هي.

آکي **اسوج** اسان کون؟ هردم،
برهه ٻاڻ مريندا هي،
بار برهه دا اوکا ڀاري،
ساڏي سر ٻي ڌريندا هي،
بيخود بيوس، بي سر بيحد،
تيڏا سوز کريندا هي،
"تارک" عشق عشاقان دي سر،
سڀ کجهه کر گذريندا هي.

ماهه **ڪتڪ** آ مَيِنُون يارو!
مستو مست بنايا جي،
ڦير نظر چوڌاران پاران،
ياران چڻ نهين آيا جي،
سوز فراق اندر هي ڏاڍا،
ڪنهن ڪُون مئين نه منايا جي،
"تارڪ" يار سڄڻ دي سڪ وچ،
اپنا هوش گنوايا جي.

ماهه **مگهر** دي آکي مينون،
بيخود بي سر ڪيتا هي،
جوڳي بن ڪي، مُندران پا ڪي،
جيئڙا ميڏا جيتا هي،
ڀڳوان ويس بنايم اپنا،
نينهن شرع تون نيتا هي،
"تارڪ" دلبر جي، دلبر
دي دامن اندر سيتا هي.

پوهه مهينا آکي ميڏي،
دل وچ پالا مار گيا،
ڪانگ اڏاوان، فالان پاوان،
دلبر مَيِنُون وسار گيا،
هجر صنم وچ هار گيا،
سينگار گيا، سنسار گيا،
ڪنهن ڏينهن يار نه ايوين پڇيا،
"تارڪ" کهڙي پار گيا!

ماگهه دي وچ مئن مانگهه چٽاوان،
ليڪن هجر دي ماري هان؛

سنگيان وچ سينگار کران،
کيون اپني يار وساري هان،
سر کيان نال سجڻ رل وسردا،
ليکن مئن تان ذاري هان،
"تارک" آ جي محب ملي،
وچ ويڙهي سڀ دي پياري هان.

ماهه ڦگڻ دا وُهه ڦولاريا،
آپڻا يار نه پايا مئن،
لوکان گل ڦل چننندي پاتين،
درد فراق کمايا مئن،
سجڻ نه آيا ويڙهي ميڏي،
رو رو پاند ڀِسايا مئن،
"تارک" يار ملڻ دي کيتي،
وَل وَل کانگ اڏايا مئن.

ٻارهن مهينا: مجاز*

(مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ")

[مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" ولد مخدوم غلام محمد، هالن نون جي مشهور درويش مخدوم نوح رحه جي خاندان مان آهي. سندس ڄمڻ جي تاريخ محرم ۱۳۳۸هه/۲۶-سيپٽمبر ۱۹۱۹ع آهي. ديني خواهه دنيوي تعليم حاصل ڪيائين. اردو ۽ فارسيءَ تي ڪافي دسترس اٿس. سندس ڪلام سنڌي، فارسي، اردو ۽ سرائڪي ٻولين ۾ ڇپيل آهي، جو بهار طالب، رباعيات طالب ۽ ڪچڪول وغيره مجموعن جي صورت ۾ ڇپيل آهي. علم ادب جي ترقيءَ ۾ سندس ڪوششون قابل تعريف آهن. بزم طالب المولىٰ کان سواءِ ڪيترين ئي ادبي انجمنون سندس همت افزائي جون مرهونِ منت آهن.]

نئون سال آيو، نوان رنگ لائي،
نويدِ مسرّت سنڌو غل مچائي،
۽ هڪ دوست ٻئي دوست سان هٿ ملائي،
مليو ٿي مبارڪ جي وائي ورائي،
هي مهجور ئي لڙڪ ويٺو وهائي،
ويا ڏينهن گذري ڪئين تنهنجي آئي-
اڃا هي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي.

جدائيءَ ۾ وئي **جنوري** يار گذري،
عجب جهڙي موسم اچي هيءَ ٻه نڪري،
نه آئين، ويس توکي محبوب! وسري،
خبر ٿئي، گهڙيءَ تي گهڙي ڪيئن ٽڙي نبري!
مٺا! توکان گهٽ آهه ماڪي ۽ مصري،

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان اسد الله شاهه حسيني "بيخود" کان مليي.

ڇڏيئي سُرڪ سڪ جي چرٽي کي چڪائي-
اڃهو ھي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي.

ڦلهاريا سوين ڇانيا سرهون ڀٽن تي،
وڻ واس آيا ڀري ڀؤنر تن تي،
چمبون مٽڪب ڏيون ٽي گلن جي ڇپن تي،
ڀرهه وقت شبنم هئي ڀڪڙيل ڀنن تي،
هئا چٽڪ موتي ڪري پيا ڪکن تي،
ڏسي تن کي، ويا چرڪ مون ڪان ڇڏائي-
اڃهو ھي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي.

خـزان آئي **فيبروري** ۾ پيارا!
ڏنا جنهن اداسي جا آيندي اشارا،
اميدن ۾ گذريا اهي ڏينهن سارا،
مون ڳوڙها ٽي ڳاڙيا، پرين پرت وارا!
سڄي رات مون تي ڪيليا پي ستارا،
مگر ڪونه آئين، سڄڻ! وڪ وڌائي-
اڃهو ھي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي.

هوائن ۾ هڪدم اداسائي آئي،
فضا بيمزي ٿي، نہ لذّت هئي ڪائي،
گلن ۾ رهي ڪانہ رنگت اهائي،
وڻن جي پنن ۾ ٻہ آئي ڦڪائي،
پکي ٿيا پکڙ سڀ تنوائي تنوائي،
اچين ها، يا مونکي وٺين ها گهرائي-
اڃهو ھي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي.

مٿان **مارچ** آيو تہ آئي بهاري،
گلن ٿيا ڦلن جي ٽي موسم پياري،
مون چاندوڪي ساري ٽي سک ۾ گذاري،

پوءِ گذري سنڌ ۾ ڪيئن ٿي هر رات ڪاري!
وڌي ڪينڪي مون وٽان بيقراري،
اڇين ها ته سڀڪجهه چوان ها چِٽائي-
اجهو هي ته ٿو سال اڄ موڪلائي.

ٿي حيران، تو لاءِ نرگس نهاريو،
۽ سنبل به وارن کي هر هر سنواريو،
گلن هڪبئي کي کليو ٿي ڪيڪاريو،
ڪري پيشوا سروَ کي تن ٻيهاريو،
اجهو ٿو اچين پاڻ سهڻل سينگاريو،
نه آئين ته ويئا هڏو ماتم مچائي-
اجهو هي ته ٿو سال اڄ موڪلائي.

هيون مونکي **اپريل** ۾ ڪئين اميدون،
ته گهر ويٺي ملندم اچي خوش نويدون،
ملي توسان دلبر! ڪندس روز عيدون،
۽ ٿينديون اسان جون سي عيدون سعيدون،
ملهيون ڪين محبوب، ديدن سان ديدون،
تون ويهي رهين پاڻ لالڻ لڪائي-
اجهو هي ته ٿو سال اڄ موڪلائي.

چيو دل، ته آهن موافق فضائون،
لڳن ٿيون اچا تائين ٿڌڙيون هوائون،
وساريون نه هونديئي سنڌ ۾ التجائون،
ڪندين ڪين هرگز جفا تي جفائون،
۽ مولي ڪندو پوريون سڀ مدعائون!
نه ورئين، ڏٺا سڀ مون حيلا هلائي-
اجهو هي ته ٿو سال اڄ موڪلائي.

مون ڄاڻيو مٺا محب! تون **مئي** ۾ ايندين،

۽ وچڙيل سان هيڪر هم آغوش ٿيندين،
ڦٽيل دل وري ڪين ڀيهر ڦٽيندين،
جي ايندين ته هرگز وري ڪين ويندين،
مون سمجهيو نٿي، هيئن ڪو هڪدم مڃيندين!
اچا عقل منهنجو عجب هي ڀيو ڪائي-
اجهو هي به ٿو سال اڄ موڪلائي.

هيون سڀ جهنجهيل يار ڀيرن سان چاريون،
مرڙهيل سون ۾ چڻ ليارن جون ٽاريون،
پڪن سانڍ چڻ ڪرڙ ڳاڙهيون ڪنواريون،
اچن ها ته چونڊي ڪريون ها بهاريون،
مون تنهنجون سڄڻ! روز راهون نهاريون،
مگر هيءَ به موسم تون ويئين وڃائي-
اجهو هي به ٿو سال اڄ موڪلائي.

چيم **جون** جي گرمين ۾ اچين ٿو،
ڇڏي رنج وغم، خوب خوش ٿي ڪيلين ٿو،
وجهي پيٽا پاڪر تون منڙا! ملين ٿو،
منڊم صحن تي هيج مان ٿي هلين ٿو،
۽ مون سانڍ سڀ مور منهنجا ملين ٿو،
ڇڏيو جان منهنجيءَ کي جهولن جلائي-
اجهو هي به ٿو سال اڄ موڪلائي.

وريا محب منڙا! ڪري جوش جهولا،
غضب واري گرمي ڪيا رنگ رولا،
هيم هر گهڙي تنهنجي ڳولا ۽ ڦولا،
رکي ياد تنهنجي هٿي چاڙهي ٿو مولا،
چيم، اڄ ته پياريئين پرين! ڪوڪاڪولا(۱)،

(۱) ڪوڪاڪولا = Coco Cola

ڪريان ڪرنشون تنهنجون ويتر ورائي -
اجهو هي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي ۔

مون قسمت ڪي **جولاءِ** ۾ آزمايو،
ڪتابت ڇا، پيغام ئي ڪونه آيو،
سندءِ سوز سيني ۾ سهڻا! سمايو،
مونکي پهرين پيارا تو پنهنجو بنايو،
وري ڌار ڪيئي، ڇو جو سمجهيئي پرايو،
ٽئي ڇا ها جاني! جي نينهن ها نڀائي -
اجهو هي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي ۔

وري محب! مهراڻ ۾ جوش جاڳيا،
وري موٽيا سانگ جا ڏينهن ساڳيا،
ڪيڏي سال پيلن مان ٻاهر ٽيا ڀاڳيا،
سچاٽپ جي لئي ڏور ڪن ڌار داڳيا،
وڃي پنهنجي ورونهن سان واڳيا،
متان مينهن ماندا ٿا ڪيا پَت پُسائي -
اجهو هي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي ۔

جو **آگسٽ** آيو ته بادل ٻه آيا،
۽ ساونڻ اچي نت نوان رنگ لايا،
ٻڌي گوڙ ٽيا سور منهنجا سوايا،
وسي بوند ڦوڙائي جا ڦٽ چڪايا،
اچي وڏڦڙي جوش جذبا جاڳايا،
ورئين ڪونه، ڇڏيئي متان ڪنهن رسائي -
اجهو هي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي ۔

هئو ڪوئل جون پُرسوز پلپل پڪارون،
هئو تاڙي طلب مان ڪيون ٽي تنوارون،
هومورن جي مستيءَ منجهان ڪئين ڪوڪارون،

لڏيئي ڇو نہ ساونڻ ۾ ساروڻ سنڀاروڻ،
اڃين ها تہ لاهي ڇڏيان ها سڀاروڻ،
سڀان ڪنهن ڇڏيئي واٽ تان ٿي ورائي-
اڃهو هي بہ ٿو سال اڄ موڪلائي.

سپٽمبر جي ڇيٽ پڻ وري موٽي آئي،
ڏنيئي پنهنجي سهڻا! خبر ڪانہ ڪائي،
سوا تنهنجي هو هي سنڌ جان فدائي،
اڪيلو اڪيلو تـوائـــي تـوائـــي،
نہ تو وصل جـي واڳ ويتر ورائـــي،
ڇڏيم ياد ۾ راتيون ويهي وهائـــي-
اڃهو هي بہ ٿو سال اڄ موڪلائي.

ڦٽين ڦوٽ ڪاڏي، جهليو ٻور ٻاجهر،
مڪائي مڇي سنگ ڪڍيا ٿي ٻاهر،
ڳنا، ڇيڙ، ڇاهاڻ ۽ ريڙ سراسر،
سڀيئي ڏينهن تـوڏي نهاريم برابر،
مڙئي مٺڙ وڃايم اي دلدار دلبر!
ڇيم نيٺ ايندين ستائي ستائي-
اڃهو هي بہ ٿو سال اڄ موڪلائي.

ڏکيو **آڪٽوبر** بہ ڏاڍو گذاريم،
سچو ساهہ محبوب! توڏي نهاريم،
پيارا ڀريـن! توکي ڀلڀل ڀڪاريم،
اکين سان سنڌ ياد ۾ لڙڪ هاريم،
ڇري دل کي ٿي صبر ويٺي سيڪاريم،
مگر ڪين سگهيس مٺڙي کي مڃائي-
اڃهو هي بہ ٿو سال اڄ موڪلائي.

لهڻ وارا دلبر! هٿا پيا بہ وارا،

سڄڻ! ان ۾ رُت جا لڳا ها لاڙارا،
ڪٿي هئين سڄڻ جاني مٺڙا موچارا!
ڪٿي هئين پرين، منهنجي جيءَ جا جيارا!
اچي ٿي سگهئين ڪين دلبر دلارا!
ڪنهين منهنجي دشمن ڇڏيئي ورغلائي-
اڃا هي ۾ ٿو سال اڄ موڪلائي۔

سڄڻ! سيءَ اچي ڪجهه **نومبر** جا نڪريا،
ذري گهٽ سڄي سال جا ڏينهن گذريا،
مِٺا نُوري نِرمل! سيئي سَر ۾ نِسريا،
ڪڏهوڪا پرين پيارا! ٽيڙو ۾ اپڙيا،
مگر توکي پنهنجا سيئي واعدا وسريا،
متان منهنجي عيبن ڇڏيئي ڪاوڙائي!
اڃا هي ۾ ٿو سال اڄ موڪلائي۔

وِلاتان؟ مسافر پکي ڪيئي آيا،
قطارن ۾ ڪونجن وڏا رنگ رچايا،
پپا ڪَن تسي، پاتيهڙن هُلَ مچايا،
تَنڌُورن اچي ساڳيا پَٽ وسايا،
ڏسي تن کي ٿيا سور منهنجا سوايا،
مگر تون ٿي پرديس ويٺين وسائي-
اڃا هي ۾ ٿو سال اڄ موڪلائي۔

جبل جيڏيون سهڻا! **ڊسمبر** جون راتيون،
گذاريم سڄڻ! در تي پائيندي جهاتيون،
اميدون اهي ٿي رهيون يار! آتيون،
مليون ڪين سردين ۾ ڇاتين سان ڇاتيون،
اداسيون، پرين مون ڳري ويئي لاتيون،
مان پانيان ٿو وهمن ڇڏيو ٿئي پلائي!

اجھو ھي ٻہ ڏو سال اڄ موڪلائي.

ٻيلا ڇا ڪان رنجيدگيءَ ۾ گذاريئي؟
نگاهہ ڪرم سان نہ نازڪ نهاريئي،
اچي يار! مون وٽ گهڙي ڪانہ گهاريئي،
سڄڻ سائين! سختيون اهي ڪنهن سيکاريئي؟
سڄو سال ڏي دور ويهي وساريئي،
اسين پنهنجو ويندا سون وارو وڃائي-
اجھو ھي ٻہ ڏو سال اڄ موڪلائي.

گهڻا ڏينهن گذريا تڏهن شرم اچئي ڏو؟
يا هيڏانهن ايندي ڪو طعنا هڻئي ڏو؟
مٺان محب! ماڳهن وڇوڙو وڻئي ڏو؟
اچا ايترو ڪيئن تڪلف پڇئي ڏو!
قسم ڏئي سندءِ سرجو، پيو ڪو جهلئي ڏو؟
ٻيهي ڪين رهبو، ٻرين! لَنَ لڳائي-
اجھو ھي ٻہ ڏو سال اڄ موڪلائي.

هميشه ٿي تنهنجون رکيون مون رضائون،
تون منهنجو ٿي مون سان ڪرين ڏو جفائون،
تو وعدا ڪيا هئا، ڪندين پيو وفائون،
وساري ڇڏيئي سڀ ڪيل التجائون،
اسان وٽ تہ آهن رکي ٿي دعائون،
نگاهہ محبت ڇڏيئي ڇو هٽائي؟
اجھو ھي ٻہ ڏو سال اڄ موڪلائي.

مان سمجهان ڏو هاڻي پريشان آهين،
جدائيءَ ۾ جاني! تون حيران آهين،
۽ پنهنجي ڪئي تي پشيمان آهين،
خطا ٿي ويئي، ڇو تہ انسان آهين،

انهي هوندي پڻ منهنجو جانان آهين،
تون منهنجي وفائن کي ڏس آزمائي -
اڄهو هي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي.

وري اڄ ته جاني! نئون نينهن لايون،
وري قلب سان قرب ويهي ڪمايون،
محبت سندا ڪي نوان پيچ پايون،
نئين سر اکين سان اکيون ٻئي ملايون،
نئين سر ملياسون، ڪٿي اينهين ڀانيون،
ڀلي ڀيو زمانو سڄڻ! خـــار کائي -
اڄهو هي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي.

ٽون ويهي رهين ڇو، ڀلا ٽاهه ٽاهي؟
جا گذري سا گذري ۽ ڪو فڪر ناهي،
مجيئي جي ڪٿي، دلربا ان ۾ ڇاهي!
هلي آ اي جاني! مڙئي خير آهـــي،
هي "طالب" ۽ تو ماڻ سيني کي ساهي؟
وڃي هن کي پيغام هي ڪو پڄائي -
اڄهو هي ٻه ٽو سال اڄ موڪلائي.

ٻارهن مهينا: متفرقه*

(رستم فقير رند+)

اول نالو الله جو، پيارو پلن،
مال ته آهي سوپارو، پر مليو مان مهينن،
ڏنو چنڊ **رمضان** جو، روزا ٿيه رکن،
ٻيو مهينو **شهباز** جو، جنهن ۾ مينديون موڙ ڪيڏن،
ٽيو مهينو **عبدالضحيٰ**، جنهن ۾ حاجي حج ڀرن،
چوٿون مهينو **عرس** جو، جنهن ۾ مومن ٿا مرڪن،
پنجون مهينو **محرم** جو، جنهن ۾ ريلا رت وهن،
ڇهون مهينو ڇڇڪا ڪيو، ٿا محبت مينهن وسن،
ستون مهينو سوپ جو، آهي اصل امان،
اٺون مهينو اهو آ، جنهن ۾ عاشق عيدون ڪن،
نائون مهينو نروار آ، جنهن کي خالي ٿا چون،
ڏهون مهينو ڏاڍو آ، جنهن ۾ ٻورا ٻٽ چمن،
يارهون مهينو **يارهين** جو، جنهن ۾ ديڳيون دس لهن،
ٻارهون مهينو ٻاجهه جو، آهي جڙيو مٿان جن،
جنهن ۾ دوزخ در بند ٿيا، ٿا بهشتي باغ کلن،
پر مند نه آهي موت جي، نه ڪو ڪڪر ڪن،
جڏهن اچي تڏهن آڪرو، سٿي سنجهه صفن،
وجهي والوڙو ٻٽ ۾، ڏو هاڃو ... هڏن،
رحم ڪجان "رستم" چئي، اتي اکيان اٺارن،
ويندي ويچارن، ٻارت نه ڪٿي ڀوڻي.

---

* هيءَ روايت وڇولي (تعلقي سنجهوري) مان جمال رند کان ملي.
+ سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو ص ٣٢٨

اڻوکن لفظن جي پٽي

نوٽ: ڏنگين ۾ ڏنل انگ متن جا صفحا ڏيکارين ٿا. فعل جي اصلي صيغي کي ڏنگين ۾ رکيو ويو آهي.

الف

آٽ (٣٧٩) : اشارو. بهانو.

آٽڻ (آٽان ٣٠٥): اندر ۾ ڪرڻ - جهيڙڻ.

آجڙين (١٦٩): ٻڪرارڻ - ٻهنوارڻ.

آڏوٽيو (٤٧): آڏوتي فقير.

آڏتُ (٤٥): سيج.

آڙيڪا (١٠٦): پيچدار. آڻانڪا.

آنڌهن (٣١٩): آهه - دانڌهن.

آهوڙي (٣٩٤): ڳولائو - طالب.

آپاڪُ (١٣): اوپاڪي.

آپوڏ (٢١٥): اپوجهه.

آتڙ (٣٤٤): چوڻ.

آجهور (١٨٧): پوچاڙي - مال جي مونڻ جي هل.

آدماتُ (٧): جوش - جذبو.

آرتو (٣٧٤): رت ڪاڏنون - ڳاڙهو.

آريج (٣٠٦): ٻنان ريج - ڏٽر.

آرڊ (١٠١): لشڪر - فوج.

اِڪارهين (٢٥): يارهين.

آڪاسڻ (آڪاسين ٢٥، ٩٦): اوسيڙو ڪرڻ - اِنتظار ڪرڻ.

آڳاءِ (١٤١): اڳيان - اڳتي.

آلَ (٣٨٧): عيب. نُقص.

الغارَ (٨١): ڪاهه.

آلولَ (٢٢): خوشي - موج.

آلي (٣٢٥): ٻاهه.

آليلَ (آليلون ١٦٧): آدمو.

آمارو (٨٠، ٢٨٧): ڪاهه - حملو.

آمنا مڃڻ (١١٤): قبول ڪرڻ. تابع ٿيڻ.

آنيءِ (٩٧): آنهن ڪي.

آنڪيل (٣٩٦): مريض. بهادر.

آنيءِ (٤٧): چُهنب - نوڪَ.

اوٻڻ (اوٻي ٣٨): سٽ اوٻڻي تي ويڙهڻ.

اوٻارا (٦٩): ٺهڪا - ٻڙڪا.

اوٻر (١٣): ٺهڪو - اوٻارو.

اوراسو (٦٢): غم.

اوکهه (٣١٦): انبار - ڍڳ.

اولُ (٢٧٨): ضامن.

اولانبو (٦٥): آماڙي. آلو. ٻاهه.

اولاڻڻ (اولاڻ ٣٩): آ ڪوڙڻ - ڪولڻ.

اولون ڪرڻ (۱۰۸): پڌڪائڻ - رولڻ .

اوپڙي (۱۰۱): آوپلي - ڏکئي وقت .

آئين (۱۵۲): اوهين .

ايتري (۲۷۶): اونتري - ڪيچلي .

ايل (۱۲۰): پڪرار. ڳنوار.

اِيل (۲۳۰): ڪاٺ. تابع - زيردست.

ب

بانَ (۵۷): رنگ .

بتري (۱۳): زناني چولي ۾ چاتيءَ وٽان آستر طور آيل ڪپڙو - ڪيسو.

بورائو (۷۶، ۱۵۳): رهبر - سونهون .

ٻپٽ (۹۶): چيلھ .

ٻيرون (۱۱۸): حيران - پريشان .

ٻيک (۳۹۳): ويس . ڍنگ - نمونو .

ڀ

ڀاڻ (۴۷۳): تير.

ڀڙڏڪ (۳۵۹): آزار - واويلا .

ڀُڪر (۳۴۵): ڀُڪل (ڀوتيءَ جو).

ڀنگ (۳۷۶): ڀيچ - وَڪڙ .

ڀوڪاڻي (۱۲۸): جهنڊ- ڀٽ .

ڀهڪڻ (۳): کهٽن کٽڻ وارو - ڳٺوان.

ڀهُون (۳۱۶): ڪهٽو .

پ

پارَ (۱۲۱): پاڻُر .

پاروڙو (۱۷۳): ريلدار .

پانُ (۳۹۱): منگتو .

پانُ (۸۷، ۳۳۹): ماڳ - آستان .

پڙرڻ (پران ۳۴۶): هلڻ - ڦِرڻ .

پڙو (پڙوا ۳۷): سٽ ۾ ڳنڍيل .

پڪليا (۸۷): پريل - هاڻا (مٽيءَ).

پڳوان (۱۰۴): ڳيڙو .

پنَ (۳۹۲): چار.

پول (۲۲): وَهم.

پهيرڻ (پهيري ۲۳۲): ڦيرڻ .

ت

تاتارڻ (تاتاريو ۱۶۱): ڌاڌرائڻ. برغلائڻ.

تاسَ (۴۹): تؤنسَ - گرمي . تڪليف .

تانگو (۱۴۷): سڪايل - آڪاسيل .

تنڌڻ (تنڌي ۱۴۶، ۲۰۶): ڌِڪڻ .

تُرم (۳۱۳): جيل .

تساڻيو (۱۳۹): سِڪيو - آڪنڊيو .

تڪانُ (۳۸۱): نگاهه - جانچ .

تلي (تلين ۱۳۰): پِٽن جي وچ وارو نليڙو ٿلهو .

تنبڻ (تنبي ۴۰۵): ڌڪڻ . نچڻ .

تنٽڻ (تنٽي ۳۳): چِڪڻ - تاڻڻ .

تُوسو (تُوسا ۱۲۴): هڪ قسم جو رنگ.

توڙائي (۳۰۶): ڪاڏو خوراڪ . ويلو .

توهه (۳۸۸): ڌَڌ - آسرو - آڌار .

تُونتر (۱۲۸): آناج جو هڪ قسم.

تيئي (۱۸۱): ڪاوڙ . سختي .

ٿپر ٿپر (۴۸): ذري پُرزي .

ٿپڙيو (۱۲۶): پکيڙيو - ڪيٺڊيريو .

ٿپهڙي (۱۵۶): ٿهڙي .

ٽ

ٽاڪُ (۱۳): سخت (زمين).

ٽاڪرو (۳۹): سخت پورهيو.

ٽاڻَ (۲۱): آڪڙ - ڦونڊَ.

ٽنگا (۱۴۶): پراڻا چنل ڪپڙا.

ٽوٽُ (۳۱۴): نقصان. مصيبت.

ٽوڙهه (۳۸۸): جبل.

ٽيلو (۲۹۳): تخت.

پ

پابوڻ (پابوهيو ۸۸): خوش ڪرڻ - پيار ڪرڻ.

پارانئيو (۲۲۵): نياپو.

پاساڙن (۸۶): پٽ جي پاسن.

پانو (۱۵۳): پهلوان. پناهه ڏيندڙ.

پانڌون (۴۱۱): پٺتي - پوئتي.

پائر (۴۰۳): ٽرپارڪر جو حصو.

پٿُون (۳۷۴): ڏَ ريون.

پنَوا (۱۴): پٽ جهڙا. نرم. نازڪ.

پڇاڻَن (پڇاڻ ۳۹): سڃاڻڻ.

پرڀُونئيو (پرڀونئين ۳۹۳): ٻئي ملڪ وارو - ڏورانهين ملڪ وارو.

پرٽَڻُ (پرٽي ۷۸، ۸۰): پلٽڻ.

پرٽيائي (۳۸۹): ڏوهڻ.

پرڪارَ (۲۷۶): افعال - ارڪان.

پرڻ (پرِيا ۳۴۶): وڃڻ.

پرو (۳۱۱): پتو - خبر.

پرُونجهڻ (پرُونجهي ۴۹): پروڙڻ.

پرهڻ (پرهين ۹۷): پهرڻ - پائڻ.

پرياڻ (۸۸): نشان - آهڃاڻ.

پڙوهي (۴۰۴): ڏوهاڙو.

پسُوري (۳۸): هٽ. بانئور.

پسارو (۱۶۱): نظارو - ڏيکاءُ. سير.

پوٽ پوٽ (۳۱۰): ٽڪر ٽڪر.

پهيس (۳۹۵): اوچتو.

پهُون (۲۱۲): ٻڪريون.

پهي (۳۰۵): قاصد.

پيچُ (۱۳): رَبَ.

پيل (۳۹۶): حملو - ڪاهه.

ج

جارُ (۷، ۱۵۱): ظلم. عذاب. ماتم.

جاڳوٽا (۸۷): فقيراڻا ڏاڳا.

جائي (۳): پڪ. سچ.

جنّڻ (جنّي ۴۰۲): جنّاءُ ڪرڻ.

جڙتون (۲۱۳): آتڪلون - ٿاهه.

جڪَس (۱۵۵): شايد.

جُڪڙ (جُڪن ۱۴۳): جهڄڻ. سڙڻ. هُرڻ. ياد پوڻ.

جيم (۳۸): ڪڏهن - هرگز.

جنجار (۲۳۹): جنجال - آزار.

جنجيرو (۱۴۴): زنجير.

جوبُ (۴۲): مضبوط. سگهاريون.

جوڀُون (۳۸۸): زور مان.

جوراڻو (۷۷، ۲۳۱): ظلم. زبردستي.

جوڙيتُون (۳۹۲): جوڙا (تحفي طور).

جُوف (۲۳۶): لالچ.

جيهو (۱۵۲): جهڙو - وانگر.

ڄ

ڄمناءَ (ڄمائون ۸۷): ڄڳڻون. وار.

ڄري (۲۷۳): باهه - ڄر.

جهه

جهات (۴۷): جهاتي.

جهاتَ (۷): سٽ - جهوٽ.

جهاڪو (جهاڪا ۷۶): ڏاڪو.

جهڪور (۳۱۲): سينهن جو لاڳيتو وسڪارو.

جهمڙ (جهمن ۹۶): ٽمڙ.

جهنو (۹۷): جهونو - پراڻو.

جهوڪَ (۱۵۵): وِيهڪَ.

جهيرُ (۲۹۹): چيرُ - ويڙُ.

چ

چاٽ (۱۰۶): دشمني.

چاڙيڪا (۱۰۶): ڏاڪا.

چاسي (۹۴): چسڪي وارو.

چاڻ (چاءِ ۱۴۴): ڪٿڻ.

چمڪلي (۱۶۴): هڪ قسم جو زيور - چمپاڪلي.

چسي (۲۲۲): چشڪو - لذت.

چٽڪڻ (چٽڪن ۱۳، ۱۲۱): چٻڻ.

چونگهار (۸۶): آواز.

چيتارڻ (چيتاري ۲۰۲): چيتائڻ. سمجهائڻ.

چيٽڻ (چيٽ ۹۶): صاف ڪرڻ.

ڇ

ڇڄَ (۳۳۹): لسي - ڏڌ.

ڇرَ (۲۶۳): پاڻيءَ جي آڇ.

ڇلڻ (ڇلي ۱): هلڻ.

ڇنڇري (۲۰۴): نياڻپ.

ڇڄَ (۳۸۷): خوشي.

د

داڳيو (داڳيا ۱۶۴): داڳ وارو - ڏنپ ڏنل.

دُرس (۳۹۶): درست - برابر.

دورني (۳۶۷): اندرين.

دُز (۲۳۵): چور.

دُنگ (۱۱۲): مٽُ (شراب جو).

دؤنڪڻ (دؤنڪن ۵۷): چمڪڻ - جهرڪڻ.

دهداري (۲۰۸): امير.

ديماڪ (۳۹۶): دماغ. وڏائي.

ديهي (۱۵۶): جثو - جسم.

ڊ

ڊاوَڻ (۹۰۴): وهنجڻ.

ڊڳُ (۱۷۲): ٿلهو - متارو. پهلوان.

ڊَنڊاڳيرُ (۱۵۱): رعب وارو.

ڊُٽڻ (ڊُٽان ۳۴۲): چوندڻ.

ڊَڙولي (۲۳۱): ڊَڙ واري.

ڏ

ڏاهڻ (۹۷): آهڃاڻ - نشاني.

ڏجهڻ (۱۷): ڏک. عذاب.

ڏَرُ (۳۸۴): خوف - ڊپ.

ڏُرت (۳۱۶): ڏڪار. ڏولائو.

ڏُرڻ (ڏُري ۱۲۵): ڏارڻ - رلڻ.

ڏَڙو (۱۳۰): ڏَڙهو - ڪينهون.

ڏِڪَ ڏيا (٨٨): سينگاريا.

ڏَڪو (٢٢١): دڙڪو - تاب.

ڏُلڻ (ڏُلي ١١، ٣٢٤): تڪليف ۾ پوڻ. راڻ . وڇڙڻ .

ڏولُ (١١٩): ڏولائو. مشڪلات.

ڏوم (٣٩٣): منگتو.

ڏَهر (ڏَهرن ٢٠): ٻن ٻنن جي وچ واري زمين.

ڏُهيرو (ڏُهيرا ٣): ڏُ ڏيو.

ڏَهيون ڏيڻ (٣١٣): غم ڏان اندر ۾ ڦرڻ.

ڏِيهائي (ڏِيهاين ٣٠٥): ڏيهه جو ڏيهي

ر

راهَڪُ (١٦٦): رهاڪو - وسندڙ.

راهو (١٧٢): راهي - روانو.

رُڃايو (٥٢): رُڃ - سُڃ.

رُسڪڻ (١٨١): ڏُسڪڻ.

رَني (١٢٤): رَنڙي.

روٺي (٤٠٤): سيرَ.

رَهه (٢٢٢): هير.

رَهوالُ (٣٨٤): راهي - رَوانُ.

ريءَ (٧٧، ٣٨١): رِياءَ.

ريهڪَ (٨٠): نشان.

ريهڻ (ريهي ٤٥): ريٻڻ - پنهلائڻ.

س

سارَپَ (١٠٨): سارَ - سُجاڳي.

ساسُ (٣٩٤): ساهُ.

ساڱو (٣٧٦): ڏڻ جي قطار. قطار. وڳ.

سال ڪرڻ (٣٩٣): تيار ڪرڻ.

سانئي (سانئين ٣٣٩): ساڻي - هڪجهڙا.

سانگهارو (٣٨٦): لاٽ - ڪي.

ستوهه (١٩٦): ظلم.

سِڏائڻ (سڏايو ٥٢): روانو ڏيڻ - آسهڻ.

سُرپور (٣٩٥): سُرپر. تياري.

سَروانُ (٣٨٧): اڳوان.

سُڪاج (٩١): ڪمائتو.

سِڱي (سِڱيون ٩١): ننڍو سِڱُ.

سڱيني (٣٣٣): سڱ ۾ - عزازت ۾.

سَلتڻ (سلتائين ٢١٣): سلڻ - ٻڌائڻ.

سماڻا (٨٩): سُکيا.

سُمَهري (٤٠٦): مهرباني - عنايت.

سَنرو (سنرا ٩٣): خوش - سَرهو.

سُنڪ (٣٩٥): محصول.

سُهائڻ (سُهائي ٢٠١): ڏيکارڻ. ٻڌائڻ.

سُهمانُ (١٧١): طعنا - مهڻا.

سُهڻو (٣٢٢): خواب.

سهو (٣٨٩): سبب.

سيايو (٣٤٣): عزازت.

سيار (١٢٢): گدڙ.

سياڪو (سياڪا ٧٥): لاڳاپو. عزازت.

سيانڊو (٣٩٤): سياڻو - ڏپ.

سيباڻڻ (سيباڻا ٩): وڻڻ.

سِيڏائڻ (سيڏاءِ ٧٤): دانهڻ - افسوس ڪرڻ.

سيراڻي (٦٤): ڏنل - خوفزده.

سيراهي (٧٧): سَل ڪيڻ جو هڪ اوزار.

سيلي (سيليون ٤٩): آها نوڙي جا جوڳي فقير مٿي ڪي ٻڌن.

ش

شَتَ (٤٢٢): شايد.

شيڪو (٢١٧): ڊپ - هولُ.

ق

قِڪَ (٢٢٦): ٻچڙي - مَدِري.

قُلي پَدَڻ (٤٢١): هُشي ڏيڻ.

قِنڊڪَ (٤٠٦): ڏُونگو - معمولي ڌَڪُ.

قوڙائو (٢٢٢): جُدائي - فراق.

قولڻ (قوليَ ٤٢١): پڪيڙڻ - ڪولڻ.

ڪ

ڪاپو (٣٤٣): پورهيو.

ڪاٽيائي (٤٠٢): گهٽتائي. پرواهه.

ڪاڻ (٤٨): ڪي.

ڪَبَتُ (١٧١): ڪَوَت. نظم.

ڪَٽڪار (٨١): ڏندن جي ڪرٽي جو آواز.

ڪَچُ (٣٦): ڪچائي. سَٽُ. ڪُوڙ.

ڪَرٽ (٢٨٤): سختي - ڪاوڙ.

ڪَڙچُ (٨٧): ڪِن ڪچرو. ڪاٺين جا چِنيا.

ڪڙول (٢٢): ڪڙا - زنجير.

ڪُڙهي (٣٥٦): ڪُٽنب.

ڪلابا (٩٤): ڪنگڻ.

ڪُلات (٣٠٤): ڪُل - سڀ.

ڪُلپت (٤٠٥): ڪلفت - پيائي.

ڪَنجري (١٢٨): گچُ. لاوڻي.

ڪُوارڻ (ڪواريان ٣٥٦): گلا ڪرڻ. عيب جوئي ڪرڻ.

ڪَوازِي (٣٧٠): قاعدي وارا.

ڪورا (٢٢٧): ٽُڪرا- ٽُڪرا- ڀاڱا.

ڪوڪڙ (١٦٥): سُڪل ڀيرون.

ڪُونڊ (١٣٩): کهوٽ.

ڪِهو (ڪِها ٨٧): ڪهڙو.

ڪِيرُ (٣٣٥): ڪِيلُ- ڪِلو.

ڪِيرَت (٣٩): ساراهه.

ڪيرتيو (٣٩١): ساراهه ڪندڙ فقير.

ڪهيڙو (٤٢): ڪهڙو.

ڪِينرو (٣٩٤): هڪ قسم جو ساز.

ک

کاڻ (٨٠): کان؟.

کِجلَ (٣٤٣): وِجهل- ڳاراٿو- ڳتي.

کِجڻ (کجان؟ ٣٠٤): وِجهلڻ- جهِجڻ.

کَڙيو (کَڙئي ١٢٧): کُرزين.

کِنبڻ (کِنبي ٤٧): پکڙڻ.

کَهڻ (کَهن ١٣٣): کونسڙ.

کيرِي (٣٨١): بي حِس.

کهڻُ (٣١٠): کاڌو - طعام.

کِيو (٣١، ٣٩٥): خوش. خماريل.

کهه (٣١٩): مٽي.

گ

گار ڪرڻ (١٣٣): غرق ڪرڻ.

گَبري (گبرين ٩٣): جهولي- ڳوڏري (فقيرن جي).

گُجر (١٣٨): عورت.

گُڙهڻ (گُڙهين ١٢٨): گُڙڻ - گُجڻ.

گَنئِي (۸۸) : وٺي - ويٺي .
گَنڍِيَر (۱۵۲): هاٿي .

ڳ

ڳارائو (۱۴۴): ڳڻتي - فڪر .
ڳانڍو (۳۹۴): ڳايو .
ڳاٺو (۲۰۳): فڪر - ڳڻتي .
ڳاهه (۳۹۳) : اشارو . بيت .
ڳوڌو (ڳوڌن ۹۸): پهلوان - سورهيه .

گهه

گهُلَڻ (گهُلي ۱۱) : ڪُلاڻ (هَوا).
گهُوني (۱۱۸): گوني - ٿيلهي .

ل

لاڏڪو (لاڏڪا ۳۹۶): لاڏلو .
لَڙَهه لڳي (۳۸۷): دامن لڳل - پناهه ۾ آيل.
ليڪ (۳۷۲) : ذري .
لَڪَڻ (لڪي ۹۵): سهي ڪرڻ .
لَنگُبَنَد (۳۶۷): لانگوٽو ٻڌندڙ .
لوچڻ (لوچي ۲): ڳولڻ - ووڙڻ .
لوهڻ (لوهان؟ ۸۰): جهوٽ - گهٽ .
لوهيون (۳۹۶): لُوهي- لوساٽي . ساري .
لوڏڻ (۲۸۱): عيب لائڻ . گهٽ وڌ چوڻ .
لوئياري (۱۸۶): لوئي ۽ واري - لوئي اوڍيندڙ .
ليها (۱۴۵) : پراڻا ڦاٽل ڪپڙا.
ليهو (۳۸۹) : واسطو - تعلق .

م

ماد (۱۴۵) : مات .
مارڳ (۲۳۹): رستو . منزل .
مانکهه (۱۰۴): سينڌ .
مٿانڍُگرو (۳۹۵): مٿانهون . مٿان .
مجهيجي (۲۲۰): ڄاڻي جو ڪان واقف.
مَڏُ (۳۲۰): مَڏي - پَري .
مُر (۱۳۸): هڪ خوشبودار وَڪر .
مُرٽ (۲۰۲): مَروڙ- تڪليف .
مُزرائي (۲۳۹): شاباس - آفرين .
مَل (۲۳): مَلهه - پهلوان .
مَلام (۲۳۲): مَلامت .
مُندرا (۱۰۴): والا (ڪنن جا).
مَنڊري (۹): مدائي - بُرائي .
مُند (۸۰): عورت .
مَنگر (۳۹۷): باهه .
مَنڻ (منيائين ۷): مڃڻ - قبول ڪرڻ .
مَنياڻون (۹۴): روانا ٿيا- آسهيا.
موڪڻ (موڪ۴۰۴): ملهائڻ . سرخرو ڪرڻ.
موڪهي (۲۲۵): موڳي .
مُهٽ (۴۴): مانُ- عزت .
ميس مارڻ (۱۱۷): هستي مارڻ .

ن

ناهه (۳۶) : نيستي .
نياڻي (۲۵۶): جنهن کي ٻانُر نه هجن.
نجهرو (۹۰): جهوپڙو - پونگي .
نيراهه (۱۶۸): محروم . نااميد .

نشانبر (٣٦٦): ظاهر.

نِڪيڙڻ (نڪيڙي ١٠١): جدا ڪرڻ.

نِگهڻ (نگهيندام ١٤٦): نهارڻ - ڏسڻ.

نِگَرڻ (نگيا ٣٣٥): نڪرڻ - ايرڻ.

نِلو (٣٨٨): فقط - صرف.

نيٽُ (١١٩): چمڙي جي وڏي.

و

وادارا (١٢٣): وڏيندڙ.

وانڊي (وانڊيون ٣٣٩): لانڊي- جهوپڙو.

وانگي (١٣٠): قاصد.

واهان (٣): واهون - گس.

وَتائڻ (وتايا ٢٣٦): فائدو وٺڻ. ڪوٽ پرڻ.

وِچائون (٢١٩): جلوا.

وِجهل (٣٠٢): جهوري - ڏک.

وَڏاندرا (١٧٥): آڇا- قيمتي.

وِرهڻ (ورهي ٧): خوش ٿيڻ.

ورهاتُ (١١٩): ورهاڱو.

وُڙدڻ (وڙهي ٣٥٦): وَهڻ (پاڻي).

وسُوڙجڻ (وسوڙياس ١٤٦): ويساهجڻ - پتيلجڻ.

وِسُوڙل (١٥): پورڙو - ٻالو ڀولو.

وڪار (٣٨): خرابي.

وڪر (١٠٩): فڪر. گاراٽو.

وَلاڙ (٣٨٧): گولا.

وماس (٥٨): گهٽي - فڪر.

وڏاهڻ (٢٨٥): دشمني. انبٽ.

وڙڻ (وڙي ٣٧٢): گولڻ.

وَهسڻ (وهسن ١٠٥): خوش ٿيڻ.

وهلو (وهلا ١٣٠): جلد.

ويسانڌ (٣٨): وڇوٽي - ويساهي.

وينگس (٦): سهڻي عورت.

هه

هاگام (٩٥): هُل - هنگامو.

هَبَ (١٣): هبڪار- خوشبوءِ.

هِچڻ (هچي ٣٩): ٿڪي اچڻ. ور.

هَڏهين (٢٠٧): سُور- ٻنهي - بلڪل.

هِڪَ (٣٩٠): سِڪَ.

هَلت (١٣٠): هُرلو. هاري جي ڪم جو سمورو سامان.

هنبار (هنبارئين ١٧١): انبار.

هورو (٢١٣): فڪر - آن تَرڻ.

هوري ڪوري (٣٣): آرڌ مانڌ - بيقراري.

هول (٢٢): ڊپ.

هيرَڪُ (١٦٠): هيراڪ.

هيروان (١٦٥): هيرڪل - هيراڪ.

صحت نامون

صفحو/سٽ	غلط	صحيح
(و) فهرست/٢١	ڏهہ راتيون : سسئي شيخ سنگر ٩٩	ڇهہ راتيون: سورٺ شاهہ جو رسالو٩٩
(و) فهرست/٢٢	ڏهہ راتيون: ڪيڏارو صالح علي شاهہ ١٠٠	ڏهہ راتيون: سسئي شيخ سنگر ١٠٢
١٠/٥	ايندم	ايندم پرين
١٩/٧	ور ٻر	ورسي
٢٠/١٦	وسارو	وساريو
٢/٢٠	ٻلي	ڀِلي
٦/٣١	پسڻ	پرين
١٥/٣٨	حا	جا
٤/٧٣	رمبا	رميا
٩/٧٤	وز	روز
٢٢/٧٨	وٽيس	ويس
٤/٨٥	زور	روز
٥/٨٥	ڏوٽ	ڏوٽي
١٣/٩٤	سليون	سيليون
٢٠/٩٤	تگ	تنگ
١٢/١٠٥	تاش	تابش
٦/١٠٩	ڪنڏ	ڪنڌ
٩/١١٣	ڪربن	ڪربن
٤/١٣١	ڏيهرا	ڏبرا
١٠/١٣٣	مخفہ	مخفي
١٢/١٥٩	پانڌڻيون	پانڌڻيون
٦/١٧٦	جہ	جا

١٦/٢١١	١٩٤٠ع	١٩٤٤ع
١٣/٢١٢	پارۃ	پار
٢١/٢١٣	ٿي	ٿي
٢٠/٢٣٧	ڪو واجبي	ڪواجبي
١٣/٢٤١	مهند	مهندار
١/٢٩٩	جنهن	جنهن
٩/٣٠١	آڏي	اڏي
١/٣٦٤	پنهنجي سارن ٿي سورن لئي ۾ سڙان	پنهنجي سارن لئي ٿي سورن ۾ سڙان
٣٦٥/حاشيه	سوانح عمري ڪانهي	ڏسو هيٺ حاشيه *
٢١/٣٦٨	طلبين	طلبين
٣٨٥/عنوان	ٿيهه راتيون : سارئي	ٿيهه راتيون: سسئي
٢٢/٣٩٥	واسنگين	واسينگن
٨/٣٩٩	ڪولہ	ڪولي
١٠/٤٠٦	چانڪ	چانگ
١١/٤٠٩	وچہ	وچ

* صالح علي شاهہ پٽ سلطان شاهہ جيلاني، سنہ ١٣٤٥ھ/١٩٢٦ع ڌاري ڄائو. اصل ڳوٺ ميرو جو پٽ هئس، پر ١٩٤٢ع واري ٻوڏ کان پوءِ لڏي اچي پنهنجي مريدن وٽ، ڳوٺ مٺو ٻبر تعلقي ڪڪڙ ۾ رهيو. سندس وڏا درويش ٿي گذريا آهن ۽ پاڻ بہ مجذوبانہ طبيعت رکندڙ آهي. ننڍپڻ جي بيماريءَ سببان هڪ پاڻهن ۽ ٽنگ کان معذور ٿي پيو. اڻ پڙهيل هوندي بہ سهڻو ڪلام چيو اٿس.

the name of a month. Thus, a set of poems composed after the names of the week-days came to be called the *Hafta* (Per. week) or the 'Week-day poems'. The poems beginning with the mention of the first, the second, the third and so on to the thirtieth day of the month, in numerical order, were known as the *Deenhan* or 'the Day poems'. Similarly, the poems beginning with the mention of the first, the second and so on to the thirtieth night of the month were called the *Ratiyoon* (sing. *rat*=night) or 'the Night poems'. And the poems beginning with the mention of the names of the months of the year in succeeding order were called the *Baranh Maheena* (twelve months) or 'the Twelve-Month poems'.

This book comprises in order, these four categories of poems—the *Hafta* or the Week-day poems, the *Deenhan* or the Day poems, the *Ratiyoon* or the Night poems and the *Baranh Maheena* or the Twelve-Month poems.

The 'Twelve Months' form is common to Sindhi, Bengali and Punjabi poetry in Pakistan. Qadi Daulat, the renowned poet of East Pakistan who flourished during the Moghul period, was probably the first to compose *Bara Masha* (Twelve Months) in Bengali. In Punjabi, besides the *Bara Manh* (Twelve Months), *Athh Waras* also have been composed which are akin to the *Hafta* poems in Sindhi. The *Days* and the *Nights* poems with their internal scheme of numerical reference and the technique of varying rhyme and metre are unique in Sindhi poetry.

This collection includes 31 headings of the Week-day poems, 8 of the Day poems, 37 of the Night poems and 6 of the Month poems. Of these, poems under five different headings only have been hitherto published. In all, 62 poets are represented, of whom 47 have been identified and their biographical notes given. Shah Abdul Latif (1689-1752) is the earliest of these all, whose poems composed after the thirty days of the month are included. This would indicate that these types of poems in Sindhi have been in vogue for more than two hundred years.

Sind University,
Hyderabad,
July 10, 1961.

N. A. BALOCH
Director

PREFACE

This is the Seventh book compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project. In 1956, the Board had approved this 5-year research project (1957-1961) for the collection, compilation and publication of Sindhi folklore and literature. The work was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of material. The compilation and publication work commenced from 1959. The material for the project has been collected both from the oral tradition of the village folk and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of the field-workers, one stationed in each taluka.

The project aims at publishing representative works pertaining to the following selected segments of Sindhi folklore and literature: (*a*) Fables and Fairy-tales, (*b*) Pseudo-historical Romances, (*c*) Tales of historical nature, (*d*) Folk-poetry, (*e*) Folk-songs, (*f*) Marriage-songs, (*g*) Poems pertaining to wars and other events, (*h*) Riddles, (*i*) Proverbs, (*j*) Wit and humour, and (*k*) Folk Customs and Superstitions. It is expected that forty basic works will be compiled under the above categories by the end of 1961.

The scheme has been deliberately named as 'Folklore and Literature Project'. At the present stage, a considerable body of verse and tales is current through oral tradition among the village folk with which the educated and the intellectuals are not familiar. All this material in verse and prose is 'folklore' in the sense that it is popular and preserved with the village folk; yet, a considerable part of it is 'standard literature', and will be recognised as such after it is published.

In this work are collected poems which technically represent certain forms of composition. In substance, they are mostly lyrical, and a few are narrative and didactic.

It seems these forms originated in lyrical poems representing a continuous yearning of the lover for the beloved—say every Sunday, Monday and so on for all the week days, every day and night for the whole month, and every month over the whole year. To express their feelings of separation more precisely and symbolically, the poets eventually composed poems each beginning with the name of a week day, a given day or night of the month, or

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

—

All Rights Reserved

1st Edition August, 1961 2000 Copies

[To be had from
THE SINDHI ADABI BOARD BOOK STALL,
STATION ROAD, HYDERABAD SIND,
PAKISTAN].

Price: Rs. 5.00

The English pages printed by Aijaz Mohammed Siddiqui at the Sind University Press, Hyderabad, and the Sindhi Part at the Sind Printing Press, Hyderabad, and published by the Secretary, Sindhi Adabi Board, from the Board's Press, Tilak Incline, Hyderabad.

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK—VII

HAFTA, DEENHAN, RATIYOON, MAHEENA

(POEMS ENTITLED WEEKS, DAYS, NIGHTS & MONTHS)

Compiled & Edited
by
N. A. BALOCH
M.A., LL.B. (Alig.), M.A., Ed.D. (Columbia)
Dean, Faculty of Arts, University of Sind.
Hyderabad Sind
And
Director, Sindhi Folklore and Literature Project.

SINDHI ADABI BOARD
HYDERABAD/KARACHI
PAKISTAN
1961

Soorih Mirani

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورھ· ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488